# سنڌي ٻوليءَ

# جو آڳاٽو

# منظوم ذخيرو

تحقيق ۽ ترتيب:

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد، سنڌ

# سنڌي ٻوليءَ جو
# آڳاٽو منظوم ذخيرو

# سنڌي ٻوليءَ جو
# آڳاٽو منظوم ذخيرو

تحقيق ۽ ترتيب

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد سنڌ، پاڪستان
١٤١٤هه/ ١٩٩٣ع

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

ڇاپو پهريون سال ١٤١٤هه/ ١٩٩٣ع
تعداد هڪ هزار

قيمت: اوچو شمارو =/120 رپيا
عام شمارو =/80 رپيا

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
سنڌ صوبائي ميوزيم نيشنل هاءِ وي
حيدرآباد ، سنڌ

۽

مرڪزي ڪتاب گهر نمبر ٩٧٢
گل شاهه محلو، گاڏي کاتو
حيدرآباد ، سنڌ
پاڪستان

هي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ۾ ڪلاسڪ ڪمپوزرس جي ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيو ۽ اداري جي سيڪريٽري عنايت الله جوڻيجي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# مهاڳ

هن ڪتاب جو مواد، لکيت ۾، سنڌي ٻوليءَ جو آڳاٽي ۾ آڳاٽو دستاويز آهي. هيءُ سڄو مواد عزت بن سليمان نالي ڪاتب ١٠٦٧-١٠٦٩ هه (١٦٠٠-١٦٥٧ع) وارن سالن ۾ اتاريو. انهن سالن کان اڳ جو لکيت ۾ سنڌي ٻولي جو ايڏو وڏو ذخيرو دستياب نه ٿيو آهي ۽ شايد هن کان پوءِ به نه ٿئي. انهي ڪري سنڌي تحرير، املاء ۽ سنڌي ٻوليءَ جي مطالعي لاءِ هيءُ مواد تاريخي حيثيت رکي ٿو.

هيءُ مواد اوڻيتاليهن جدا جدا موضوعن تي تعليمي مقصدن خاطر سنڌي ۾ تصنيف ڪيل آهي، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته ڪم از ڪم ساڍا ٽي سؤ سال اڳ سنڌ جي سڄاڻ عالمن ۽ استادن مادري زبان سنڌي ذريعي ابتدآئي مڪتبي تعليم ڏيڻ جو نظريو قائم ڪيو ۽ سنڌي ۾ درسي مواد مهيا ڪري ان نظريي کي پڪو پختو ڪيو.

ٽيون ته هي سڄو ذخيرو منظوم آهي جنهن ۾ سنڌي نظم جون ٻه صنفون يعني "سنڌي بيت" ۽ "سنڌي منظوم بند" شامل آهن. "سنڌي بيت" جون اُهي سڀ سٽائون جيڪي اُن کان اڳ قاضي قادن جي بيتن ۾ ملن ٿيون سي سڀ هن ذخيري ۾ موجود آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي هن تعليمي، علمي ۽ ادبي ذخيري جي اهميت تي مقدمي ۾ وڌيڪ تفصيل سان روشني وڌي وئي آهي. اهو تفصيل پهريون ڀيرو ڪتاب "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ" (ٽيون ايڊيشن ١٩٩٠ع) جي باب ستين ۾ ڏنو ويو جتي هن ذخيري جي تحقيقي مطالعي جا ڪي وڌيڪ رخ روشن ڪيل آهن.

ڪاتب عزت بن سليمان وارو اصل قلمي مسودو ڪي سال اڳ بنا جلد جي جدا ٿيل وکريل ورقن جي ستي جي صورت ۾ پهريون ڀيرو خيرپور ۾ سچلؒ (سيمينار) جي موقعي تي لڳايل ڪتابن جي نمايش ۾ منهنجي نظر تي چڙهيو ۽ معلوم ٿيو ته اهو

محترم ڊاڪٽر عباس علي گهمري جي ذاتي ڪتابن مان آهي. ان بعد ڊاڪٽر محترم مهرباني ڪري اهو مسودو وڪريل ورقن جي ستي جي صورت ۾ مونکي مطالعي لاءِ ڏنو. ڪجھ عرصو انهن جدا جدا ورقن کي مضمون وار ترتيب ڏئي رکڻ ۾ لڳو، جنهن بعد سڄي ذخيري جو 'فوٽو اسٽيٽ' ڪرائي اصل ڪتاب ترتيب وار ورقن سان محترم ڊاڪٽر گهمري جي حوالي ڪيو ويو ته ان تي جلد ٻڌائي ان کي محفوظ ڪري. ان بعد ٽي چار سال ان مسودي جي مشڪل صورتخطي کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ لڳا. فوٽي واري صورت ايترو صاف نه هئي جنهن ڪري صحيح پڙهڻين قائم ڪرڻ ۾ وڏو ڪشالو ڪرڻو پيو. انهيءَ ابتدائي مشڪل مشق ۾ خاص طرح منهنجي ٻن ساٿين محترم عابد جتوئي (پهرئين مرحلي تي) ۽ ان بعد سڄي مواد ۾ محترم محمد اسماعيل شيخ وڏي مدد ڪئي.

هن آڳاٽي سنڌي مسودي کي جيڪو عربي الف- بي ۾ لکيل آهي پڙهڻ هڪ نهايت ڏکيو ڪم هو، جنهن کي گهڻي حد تائين راس ڪيو ويو آهي، پر ان جي تڪميل تڏهن ٿيندي جڏهن ٻئي ايڊيشن ۾ هن ڇپيل مواد کي اصل قلمي مسودي سان ڀيٽي پڙهيو ويندو.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان سنڌي ٻوليءَ جي هن آڳاٽي تعليمي ۽ ادبي ذخيري جو شايع ٿيڻ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي مطالعي لاءِ هڪ نيڪ فال آهي. اميد ته سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ تي تحقيق ڪندڙن لاءِ هيءُ ذخيرو هڪ وڏو قيمتي سرمايو ثابت ٿيندو.

خادم العلم

نبي بخش

(ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

وزير تعليم، زراعت ۽ وائيلڊلائيف)

ڪراچي

٢٣ ربيع الثاني ١٤١٤هه

١٠ - آڪٽوبر ١٩٩٣ع

# عنوانن جي فهرست


| عنوان | صفحا |
|---|---|
| مقدمو | ١١ |
| [خالق جي هيڪڙائي، ڪائنات جي تخليق ۽ انسان جي پيدايش] | ٣١ |
| ١. جباري صفت خدائي | ٣٣ |
| ٢. آغاز أيا جي آدمي | ٤٢ |
| ٣. صفت جوهر آفرينَش ءِ عالم ومهتر آدم عليہ السلام | ٤٣ |
| ۴ نورنامو حضرت رسالت پناه | ٤٧ |
| [حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جي سوانح] | |
| ٥. حضرت نبي ڪريم جي سوانح | ٥٧ |
| ٦. مدح رسول الله صلي الله عليہ وسلم | ١١١ |
| ٧. معراج نامو | ١٥١ |
| ٨. وفات پيغمبر عليہ السلام | ١٨٥ |
| ٩. معجزو ڳيرو ۽ باز | ١٩٧ |
| ١٠. صفت ماهي و درياءَ | ٢٠٣ |
| [تعليمي سلسلو: درسي ۽ علمي ڪتاب ۽ موضوعاتي سمجهاڻيون] | |
| (الف) توحيد جو اقرار ۽ ايمان ۽ ڪفر کان بچڻ | ٢٠٧ |
| ١١. اَللهُمّ اِنّي: توحيد جو اقرار | ٢٠٩ |
| ١٢. ايمان مفصل – ١ | ٢١١ |
| ١٣. ايمان مفصل – ٢ | ٢٣٣ |

| | |
|---|---|
| ۱۴. ايمان مفصل - ۳ | ۲۳۷ |
| ۱۵. الله ربي: عقيدي جو اقرار | ۲۳۹ |
| ۱٦. كلمات كفر : حرام ۽ حلال | ۲۴۳ |
| ۱۷. كلمات كفر دربانگ نماز | ۲۴۸ |
| (ب) اسلامي شريعت جي سکيا لاءِ ڪتاب | ۲۴۹ |
| ۱۸. ڪتاب شريعت | ۲۵۱ |
| ۱۹. چار علم | ۲۵۹ |
| ۲۰. ساڍيون ڇهه ويهون فرض | ۲۷۹ |
| ۲۱. آب ده درده ( ڏهه گز چورس) | ۲۸۹ |
| (ج) فقه بابت علمي تحقيقي ڪتاب | |
| ۲۲. ڪتاب اساس المُصلي | ۲۹۷ |
| ۲۳. ڪتاب نظامي از ڪيداني | ۳۳۹ |
| [اخلاقــي تعليم] | ۳٦۱ |
| (الف) نصيحت ۽ هدايت | ۳٦۳ |
| ۲۴. چند بيت پنديات سنڌي | ۳٦۳ |
| ۲۵. ترپه اڪري-۱ | ۳٦۵ |
| ۲٦. ترپه اڪري-۲ | ۳٦۹ |
| ۲۷. ڳهٽا ڪوڙ - زيور ڪوڙ | ۳۸۱ |
| ۲۸. قصو عتاب زنان بدڪاران | ۳۸۷ |
| ۲۹. مستزاد صنعت وارو نظم | ۳۹۰ |
| (ب) موت، قبر، ۽ قيامت جي سختي جو بيان | ۳۹۷ |
| ۳۰. مناجات موت نامو | ۳۹۹ |
| ۳۱. قصو ڳور (قبر) جو | ۴۰۴ |
| ۳۲. حشر نامو | ۴۰۷ |
| ۳۳. قيامت نامو | ۴۱۵ |

(ج) سزا ۽ جزا بابت مثالي قصا ۴۱۷

۳۴. قصو جمجما بادشاه ۴۱۷

۳۵. قصو ابوشحم ۴۲۳

[عام مطالعو: نبين جي تاريخ ۽ قصا] ۴۳۳

۳٦. تاريخون آدم کان وٺي حضرت محمد صلعم تائين ۴۳۵

۳۷. مصيبت نامہ پيغمبران ۴۳٦

۳۷. قصو مهتر يوسف عليہ السلام ۴۴۰

۳۹. قصو پيغمبر اسماعيل عليہ السلام ۵۵۳

# مقدمو

هند جي ٻين سيني صوبن کان اڳ سنڌ ۾ هڪ باقاعدي تعليمي نظام جو سلسلو عرب ـ اسلامي دور ۾ شروع ٿيو. منصوره، ديبل ۽ ٻين شهرن جي درسگاهن جي عالمن ۽ استادن جي تربيت وڏا محقق ۽ مصنف پيدا ڪيا جن جو ذڪر مشهور عربي ڪتابن ۾ موجود آهي. انهيءَ آڳاٽي تاريخي تعليمي پس منظر جو ئي نتيجو هو، جو وقت گذرڻ سان، سنڌ جي درسگاهن جي سڄاڻ استادن تعليمي نظام، تعليمي طريقن ۽ استادن جي تربيت تي سوچڻ شروع ڪيو. ڏهين صدي هجري ۾ سنڌ جي وڏي محقق عالم ۽ استاد مخدوم جعفر بوبڪائي عربيءَ ۾ هڪ تفصيلي ڪتاب "نهج التعلم" (سکيا جو طريقو) لکيو، جنهن ۾ نصاب جي تنظيم، پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي طريقن ، شاگردن ۽ استادن جي ذهني ۽ نفسياتي صلاحيتن ۽ ذميدارين توڙي استاد ـ شاگرد جي تعليمي تدريسي ناتن کي تفصيل سان سمجهايائين. تعليمي طريقن بابت سڄي هندوستان ۾ هيءُ پهريون ڪتاب هو جيڪو ايترو آڳاٽو لکيو ويو.*

مخدوم جعفر جو والد مخدوم يعقوب عرف مخدوم ميران پاڻ به هڪ وڏي لياقت وارو عالم ۽ استاد هو، جنهن مرزا شاهه حسن ارغون ۽ پڻ پنهنجي فرزند مخدوم جعفر ۽ ٻين کي ننڍي ۾ پڙهايو، جنتي پوءِ سنه ٩٤٩ هجري (١٥٤٣ع) ۾ هن وفات ڪئي. انهيءَ سال جي مناسبت سان، ۽ پڻ انهيءَ حوالي جي اعتبار سان تہ مخدوم جعفر سنه ٩٥٨هه ۾ حج ڪيو، چئي سگهجي ٿو تہ

* موجوده ڄاڻ موجب، پوري وچ ايشيا، يعني ان وقت جي ايران، ترڪستان ۽ هندستان ۾ فن تعليم بابت هي پيو ڪتاب هو جيڪو تصنيف ٿيو. پهريون ڪتاب (تَعلِيم المتعَلم طريقتہ التَعَلم) جي عنوان سان برهان الدين زرنُوجِي ١٢ـ صدي عيسوي جي خاتمي ڌاري تصنيف ڪيو.

مخدوم جعفر سنہ ۹۳۰ھہ (۱۵۲۴ع) ڌاري ڄائو. پنهنجي والد جي رهنمائي هيٺ تعليم پوري ڪيائين ۽ غالباً پوءِ مڪي ۾ (۹۵۸ـ محرم ۹۵۹ھہ) وڌيڪ تعليم حاصل ڪيائين. هو جڏهن سنڌ موٽي آيو تہ پنهنجي والد وانگر هڪ وڏي ڄاڻو استاد جي حيثيت ۾ ٺٽي ۾ تعليم ڏيڻ شروع ڪيائين. مرزا عيسيٰ ترخان (وفات ۹۷۳ھہ) وٽ سندس وڏي عزت هئي، ۽ هو ساڻس گڏريل تاريخي دور جا احوال ڪندو هو.غالباً مرزا عيسيٰ بہ مخدوم جعفرجا ليڪچر ٻڌا، ۽ سندس فرزند ۽ ٻيا مخدوم جعفر جي مدرسي ۾ پڙهندا رهيا. پنهنجي علمي ڄاڻ ۽ تجربي جي روشني ۾ مخدوم جعفر تعليم ۽ تدريس جي طور طريقي جي اهميت محسوس ڪئي ۽ سنہ ۹۷۳ھہ (۱۵٦۵ھہ) ڌاري ان موضوع تي ڪتاب "نهج التعلم" لکيائين. اهو ڪتاب عربي ۾ هو، وڌيڪ تفصيلي هو، ۽ تعليمي ماهرن لاءِ لکيو ويو هو. ان کان پوءِ مخدوم جعفر عام استادن جي رهنمائي خاطر پنهنجي ان عربي ڪتاب کي فارسيءَ ۾ مختصر ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪئي، ۽ مهيني صفر سنہ ۹۷٦ھہ (آگسٽ ۱۵٦۸ع) ۾ نهج التعلم جو فارسيءَ ۾ هڪ خلاصو يا مختصر "حاصلُ النهج" جي عنوان سان لکي پورو ڪيائين (۱).

شروع واري عرب ـ اسلامي دور توڙي غالباً سومرن جي دور ۾ تعليمي ذريعو عربي هئي پر سمن جي دور کان وٺي فارسي ۾ شروع ٿي. انهيءَ ڪري ئي مخدوم جعفر پڻ عام استادن جي رهنمائي لاءِ فارسيءَ ۾ "حاصل النهج" تيار ڪيو. سندس هن وڌيڪ سولي ڪتاب، سنڌ جي عالمن ۽ استادن جي تربيت تي وڏو اثر وڌو جو هنن پڙهڻ ـ پڙهائڻ جي طريقن تي سوچڻ شروع ڪيو.

---

(۱) حاصل النهج (فارسي متن) ـ انگريزي ۾ ان جي خلاصي، مقدمي ۽ مصنف جي سوانح ۽ تصنيفن سميت، راقم جي تحقيق ۽ تصحيح سان سنہ ۱۹٦۹ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان شايع ٿيو. مٿين بيان لاءِ ڏسو "حاصل النهج" جو مقدمو.

ايتري قدر جو ايندڙ ٽيهن چاليهن سالن ۾ سنڌ جي درسگاهن جا تجربيڪار ۽ ڄاڻو استاد انهيءَ نتيجي تي پهتا ته ٻارن لاءِ تعليم جي شروعات فارسي بدران سندن مادري زبان سنڌي ۾ ڪئي وڃي ته جيئن هو سَولائي ۽ سهنجائي سان مڪتبي تعليم پوري ڪن ۽ پڻ مَنجهن اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جي وڏيڪ صلاحيت پيدا ٿئي.

## مادري زبان ذريعي بنيادي تعليم ڏيڻ جو نظريو

سنڌ ۾ هن نئين تعليمي نظريي ۽ تجربي بلڪ انقلابي تعليمي تحريڪ جا سن سال لکيت ۾ موجود ناهن، پر اها تخميناً مخدوم جعفر جي تعليمي ڪتاب "حاصل النهج" کان پوءِ ٽيهن چاليهن سالن اندر يارهين صدي هجري (١٦ صدي عيسوي) کان وٺي شروع ٿي. مادري زبان (سنڌي) ۾ مڪتبي تعليم ڏيڻ واري نظريي جي اوسر جو هڪ مکيه ڪارڻ اهو به هو جو سنڌي ۾ اعليٰ فهم ۽ فڪر وارو مواد قاضي قادن ۽ ميين شاهه ڪريم جي بي بها بيتن ذريعي پيدا ٿي چڪو هو، ۽ اهو فڪر ايترو ته معياري هو جو ١٠٢٢هه / ١٦١٣ع کان اڳ هندوستان جي عالم محمد غوثي گواليياري قاضي قادن جي ڪن بيتن جو فارسي ۾ ترجمو ڪيو. سنڌ اندر محمد رضا ٺٽوي سنه ١٠٣٨هه ۾ ميين شاهه ڪريم جي سنڌي بيتن ۾ سمايل فڪر کي ڪتاب "بيان العارفين" ۾ فارسي ذريعي سمجهايو. سنڌي ۾ اهڙي اعليٰ فهم ۽ فڪر جي موجودگي ۽ ان جي عام اشاعت ۽ افاديت سنڌي کي فارسي جي برابر بنائي ڇڏيو. اهوئي سبب هو جو يارهين صدي هجري (١٧ صدي عيسوي) کان وٺي مادري زبان سنڌي ۾ بنيادي مڪتبي تعليم ڏيڻ لاءِ حالات سازگار ٿيا.

اچ تائين ائين سمجهيو ويو آهي ته ٺٽي جي عالم ميان ابوالحسن ٺٽي سنڌي ۾ پهريون درسي ڪتاب "ابوالحسن جي سنڌي" لکيو. اهو گمان انهيءَ ڪري پيدا ٿيو جو ان ڪتاب کان

اڳ جو پيو ڪو سنڌيءَ ۾ لکيل ڪتاب ڪونہ ٿي نظر آيو. پر هاڻي سنڌي ۾ هڪ آڳاٽي قلمي ڪتابي ذخيري جي دستياب ٿيڻ سان ثابت ٿئي ٿو تہ مادري زبان سنڌي ذريعي تعليم ڏيڻ جي تحريڪ ۽ سنڌي ۾ درسي ۽ تعليمي مواد جي تياري جي شروعات، "ابوالحسن جي سنڌي" کان اڳ ٿي چڪي هئي. ميان ابوالحسن وڏو عالم ۽ استاد هو ۽ هو بہ هن نئين تعليمي تحريڪ جي پٺي دور جو سرواڻ هو، پر اها تحريڪ توڙي ان تحريڪ هيٺ سنڌي درسي ڪتابن لکجڻ جي شروعات غالباً سندس استادن جي دور (۱۰۰۰- ۱۰۵۰هـ) ۾ ٿي، جن جي تعليمي نظرين ۽ درسي ڪتابن کان متاثر ٿي پاڻ بہ سنڌيءَ ۾ هڪ بهترين درسي ڪتاب تصنيف ڪيائين جيڪو پوءِ " ابوالحسن جي سنڌي" جي نالي سان مشهور ٿيو.

جن سڄاڻ سنڌي عالمن ۽ استادن فارسي بدران مادري زبان سنڌي ذريعي مڪتبي تعليم ڏيڻ جو نظريو قائم ڪيو ۽ سنڌي ۾ درسي ڪتاب لکي عملي طور تي ان نظريي کي پڪو ڪيو، تن جي اوائلي رتن ۽ ڪوششن بابت جيتوڻيڪ ان وقت جا ڪي لکت ۾ حوالا موجود ناهن مگر اهڙي تبديل جي ڪري پوءِ مختلف موضوعن ۽ عنوانن تي سنڌي ۾ پڙهڻ پڙهائڻ لاءِ جيڪي درسي ۽ پيا ڪتابڙا لکيا ويا، ۽ جيڪي هاڻ هڪ ضخيم قلمي ذخيري جي صورت ۾ دستياب ٿيا آهن، سي هن نئين تعليمي تحريڪ ۽ تبديل تي پڪا پختا شاهد آهن.

جدا جدا عنوانن تي اهڙن اوڻيتاليهن منظوم موضوعن جو هڪ آڳاٽو ذخيرو هن وقت تائين سلامت رهيو آهي جيڪو عزت بن سليمان نالي ڪاتب، ۱۰۶۷-۱۰۶۹هـ (۱۶۵۵- ۱۶۵۷ع) وارن ٽن سالن ۾ اُتاري پورو ڪيو. مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ ان وقت جي سنڌي عالمن ۽ استادن اهي موضوع، تعليمي مقصد خاطر، ان وقت جي عام رائج سنڌي ٻوليءَ ۾ منظوم ڪيا تہ جئن

اهي سولائيءَ سان سيکاري پڙهائي سگهجن. سنڌيءَ ۾ ايڏي وڏي آڳاٽي ذخيري جي تصنيف ۽ تاليف جا بنيادي مقصد ۽ انهن جي تڪميل لاءِ ورتل اُپاءُ هيٺين طرح هئا:

- مادري ٻولي سنڌي ذريعي بنيادي تعليم ڏيڻ
- اهڙي تعليم لاءِ سنڌي ۾ درسي مواد مُهيا ڪرڻ
- سکندڙن جي ذوق وڏائڻ ۽ سندن واسطي آساني پيدا ڪرڻ لاءِ، درسي توڙي مطالعاتي مواد کي روز مره واري عام سولي ٻولي ۾ منظوم ڪرڻ.

منڍ ۾ ڏنل عنوانن جي فهرست مان معلوم ٿيندو ته پهرين ڇئن ڀاڱن هيٺ ڏنل ٣٥ موضوع نصابي ۽ درسي مقصدن خاطر تصنيف ڪيل آهن، ۽ آخري پنجين ڀاڱي وارا ٿي موضوع عام معلومات ۽ مطالعي جي ذوق وڏائڻ لاءِ جوڙيل آهن.

ٽئين ڀاڱي هيٺ جملي ٣١ موضوع خاص طرح بنيادي تعليمي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ درسي ڪتابن طور تيار ڪيا ويا. ان جي تصديق انهيءَ مان ٿئي ٿي جو اڳتي هلي انهن موضوعن کي درسي سلسلي ۾ شامل ڪيو ويو ۽ پڻ ڪن کي وڏيڪ سڌاريو سنواريو ويو. ان وقت جي سڄاڻ عالمن ۽ استادن نه فقط انهيءَ درسي مواد کي عربيءَ مان ڪڍي سولي سنڌي ۾ مهيا ڪيو پر ان کي منظوم صورت ۾ آندو، انهيءَ لاءِ ته شاگرد درسي مواد کي مادري زبان ۽ منظوم صورت ۾ سولائي ۽ دلچسپي سان سگهو سکي پڙهي سگهن. هيٺيان مثال ان وقت جي سنڌي عالمن استادن جي انهيءَ نظريي کي روشن ڪن ٿا، ۽ خاص طرح حاجي نالي عالم جي ڪيل وضاحت مان ان جي تصديق ٿئي ٿي ته: ”پانهجي واءِ پروڙي سگهائي سڪن“ (يعني ”پنهنجي ٻولي“ ۾ سولائي سان سمجهي ڪري سکها سکي سگهن).

- (عنوان ــ ٢٠ ). ”ساڍيون ڇهه ويهون فرضن“ جون بيان ڪندي وڏي عالم عثمان ڄاڻايو ته علم پڙهڻ سيني لاءِ ضروري آهي، پر عام سمجهه وارن لاءِ (عربي بدران) سنڌي ۾ پڙهڻ

وڌيڪ سولو آهي:

عثمان چوءِ علم رءِ، عقل مور نه ڪوءِ
سنڌي ابوجهن ڪي گهڻو سُهلي هوءِ

• ( عنوان– ١٣) هيٺ حاجي نالي عالم "ايمان مفصل" جي سڄي عربي عبارت کي "سنڌي بيتن" ۾ آندو، انهي لاءِ ته مادري زبان ذريعي پڙهندڙ سولائي سان سکي ۽ سمجهي سگهن:

عربياءِ سنڌي ڪئي "حاجي" بيت ڪري
ته سکڻ سَهڪي ٿئي ابوجهن وري
سنڌي آهي سَهڪي سکڻ ابوجهن
پانهنجي واءِ پروڙي سگهائي سکن.

[ يعني: 'ايمان مفصل جي عبارت' کي حاجي عربيءَ مان سنڌي بيتن ۾ آندو انهيءَ لاءِ ته عام سمجهه وارن لاءِ سنڌي سکڻ ۾ سولي آهي، جو هو پنهنجي ٻولي ۾ سگهو ٿا سکن].

• (عنوان–١۴) "سَگر ڏني" نالي ٻئي عالم پڻ ايمان مفصل جي عبارت کي ساڳئي مقصد خاطر سنڌي بيتن ۾ آندو:

"سگر ڏني" سنڌي ڪئي صفت هي ايمان
تن سيئي پنيون، جي ني ڪلمي سان

"مادري زبان ۾، مادري زبان ذريعي بنيادي تعليم ڏيڻ" واري نظريي کي عملي طور ڪامياب بنائڻ لاءِ سڄاڻ عالمن ۽ استادن نه فقط پاڻ پنهنجي طرفان نصابي مواد مرتب ۽ منظوم ڪيو، پر ساڳئي وقت عربي ۽ فارسي درسي ڪتابن مان مواد چونڊي سنڌيءَ ۾ آندو. ان سلسلي ۾خاص طرح فقهه جا مسئلا مشهور عربي ڪتابن مان ڪڍي سنڌيءَ ۾ سمجهايائون.

• (عنوان–٢٢) عربي ڪتابڙو آساس المُصلي پهريائين فارسي ۾ ترجمو ٿيو جنهن کي پوءِ سنڌي عالم ٻُستي سنڌي ۾ ڪيو:

آساس المصلي ڪتيب مُتقيا، مون سنڌي ڳالهاءِ
يا رب! ڏيءُ سيکين نماز سندو ساءِ

عربي ڦرَ فارسي، فارسيَ سنڌي ڦرَ هوءِ
سائين سڀاجهـا مون ڏٺي سکي سيوکوءِ

يعني اساس المصلي ڪتابڙو اصل عربيءَ ۾ هو جنهن کي مون سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيو. اهڙي طرح عربي، پوءِ فارسي، ۽ وري پوءِ فارسيءَ مان سنڌي ۾ آندو ويو، انهيءَ لاءِ ته سيکو ٿي ان کي سولائي سان سکي سمجهي سگهي.

• (عنوان –٢٣). موسي نالي عالم، ڪيداني جي لکيل عربي ڪتاب نظامي کي (جنهن ۾ ١٥ باب هئا) سنڌيءَ ۾ مختصر ڪري ان کي اٺن بابن ۾ مرتب ڪيو ۽ باوجود اختصار جي سڀ مسئلا سنڌي ۾ سولا ڪري سمجهايائين:

باب پيو بيان واجبين سندو منجهه جهين
سنڌيَ ۾ سَهُڪا ٿيا سکڻ سَيڪهين
مُفسد پنج نماز ۾ ڪيداني ڏنام
عربياءَ عامن کي سنڌي سهل ڪيام

• (عنوان– ٢١) کي فقهي مسئلا، هڪ کان وڌيڪ عربي ڪتاب ڏسي، پوريءَ تحقيق سان سنڌي ۾ بيان ڪيا ويا. ”ڏهه گز مربع پاڻي“ جي پاڪائي يا پليتي جو مسئلو بيان ڪندي، سڄاڻ سنڌي عالم سمجهايو ته:

فتاويٰ سراجي ۾ لکي هيءَ نه يَت
مجموع ـ خاني آب باب مون هي ڏٺو تت

يعني ته ڪَتاب ”فتاويٰ سراجي“ ۾ هي سمجهاڻي ڏنل ڪانه هئي، مون اها ڪتاب ”مجموع خاني“ جي باب ”آب“ ۾ ڏٺي.

• (عنوان–۴ ) نورنامه حضرت رسالت پناه جي مصنف آرادين ڄاڻايو ته:

نور نامي منجهاءِ سا لکي سنڌي ڪيو پاڪا
سڀ پرياءَ پاڙهي پاتا پاتشاهه
عربيا ۽ فارسيا سنڌي وا ڪسيام
اربعا آرادين چوءِ لکي پُڄيام

(يعني: نور نامي بابت اصل مواد مان، مون هيءَ پاڪ صاف سنڌي لکي. ان جي لکڻ ۽ پوري ڪرڻ لاءِ ڌٽي منهنجي ذهن ۽ دل تي اهڃاڻ روشن ڪيا. عربي فارسي تان مون هي بيان سنڌي وائي (ٻولي) ۾ آندا. آرادين ٿو چوي تہ: اربعا جي ڏينهن مون هي لکي پورا ڪيا).

راقم هن ڪان اڳ سنہ ١٩٦٨ع ۾ شاهہ لطف الله قادري جي سنڌي رسالي جي آڌار تي مادري زبان سنڌي ذريعي تعليم جي شروعات بابت جيڪو هيٺيون نظريو قائم ڪيو هو سو مٿين حوالن جي روشني ۾ بدلائڻو پوندو:

"شاهہ لطف الله ڪان اڳ سنڌي عالمن يا شاعرن جون نظم خواه نثر ۾ جيڪي تصنيفون ملن ٿيون سي عربي يا فارسي ۾ آهن ۽ شاهہ لطف الله قادري غالباً پهريون عالم ۽ عارف هو جنهن محسوس ڪيو تہ سنڌ جي عوام جن جي مادري ٻولي سنڌي آهي، ۽ جي فقط سنڌي ۾ ئي آسانيءَ سان ڪنهن ڳالهہ کي سمجهي سگهندا، تن جي سهوليت خاطر ضروري آهي تہ علمي مسئلا سندن پنهنجي مادري زبان ۾ بيان ڪيا وڃن جيئن هو نہ فقط سولائي سان مگر ذوق شوق سان پڙهن ۽ سمجهن ... ... انهيءَ تعليمي مقصد خاطر هن عوام جي مادري ٻولي سنڌي ۾ رسالو تاليف ڪرڻ ضروي ڄاتو، ڇاڪاڻ تہ سندس نظريي موجب مادري زبان ۾ ماڻهو سولائي سان، سگهو ۽ چاهہ سان سکي سگهندا. اهڙيءَ طرح شاهہ لطف الله قادري پنهنجي "رسالي"جي مقدمي ۾ سنڌ جي عوام کي سندن مادري زبان سنڌي ۾ تعليم ڏيڻ جي نظريي جو بنياد وڌو" (١).

مٿيون نتيجو انهيءَ بناء تي ڪڍيو ويو هو جو ان وقت شاهہ لطف الله قادري جو "سنڌي رسالو" پهريون ڪتاب هو جيڪو

---

(١) "سنڌي رسالو"، تصنيف شاهہ لطف الله قادري، راقم جي تصحيح ۽ تحقيق سان شايع ڪيل، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، سنہ ١٣٨٨هہ /١٩٦٨ع،مقدمو صفحا ٢٥-٢٦.

دستياب ٿيو هو ۽ جنهن ۾ انهيءَ نظريي جي پنيرائي ٿيل هئي. پر هاڻي معلوم ٿيو تہ مادري ٻولي سنڌيءَ ۾ بنيادي تعليم ڏيڻ جو نظريو شاهہ لطف الله قادري کان اڳ ڪيترن ئي عالمن ۽ استادن (آرادين، عثمان، جمعو، مُلو، آدم ڪناد، حاجي، سگر ڏنو، صادق، پُسئو،موسو، گهُرئو پٽ عمر جو، ڪنڙ، سيد، نورو، ٻبر) قائم ڪيو جن ايترا سارا تعليميءَ درسي موضوع منظوم ڪيا. انهن مان حاجي نالي عالم اهو تعليمي نظريو صاف لفظن ۾ نسروار ڪيو تہ:

سنڌي آهي سَهُڪي سڪڻ ابوجهن
پانهنجي واءِ پروڙي سگهائي سڪن

شاهہ لطف الله قادري جي آڏو غالبا ڪانئس اڳ وارو اهو تعليمي نظريو موجود هو (١) جو هن (۽ پڻ ٻين) ان جي وضاحت بالڪل عالم حاجي وارن ساڳين لفظن ۾ ڪئي تہ:

"پانهنجي ٻولي ڪري سگهائي اي سڪن"

## سنڌي ۾ هڪ وڏي علمي ادبي ذخيري جو لکيت ۾ مهيا ٿيڻ :

سنڌ جي سچاڻ عالمن جي هن ترقي پذير تعليمي نظريي تي عمل سان سنڌي ۾ پڙهڻ پڙهائڻ لاءِ ڪافي درسي مواد پيدا ٿيو جيڪو ساڳئي وقت وڏي ادبي اهميت وارو پڻ هو. سڪندڙن ۽ پڙهندڙن جي ذوق وڌائڻ خاطر سيني عالمن ۽ استادن هيءَ مواد منظوم صورت ۾ مهيا ڪيو. اهڙيءَ طرح سناءِ جي لحاظ سان هن ذخيري ۾ شامل اوڻيتاليهہ ئي موضوع منظوم آهن جن کي "منظوميا" سڏڻ مناسب ٿيندو. انهن جا جوڙيندڙ، جن مان پنڌرهن جا نالا معلوم آهن، جيتوڻيڪ شاعر نہ هئا تہ بہ نظم-گو ضرور

(١) شاهہ لطف الله اندازً = ١٠٧٨ ـ ١٠٨٣ هہ وارن سالن ۾ پنهنجو سنڌي رسالو جوڙيو. ان کان ڏهہ پنڌرهن سال کن اڳ ڪاتب عزت بن سليمان اڳين عالمن ۽ استادن وارو ذخيرو اُتاريو جن اهو ڪم از ڪم پنجاهہ سٺ سال کن اڳ واري عرصي ۾ منظوم ڪيو هوندو.

هئا ۽ ڪين منظوم ڪلام، ۽ بيتن ۽ قافين جي ڄاڻ هئي. منجهائن ڪي،ڪنهن حد تائين، شاعرانه شعور رکندڙ هئا جنهن ڪري سندن جوڙيل منظومين ۾ شعري صنعتون به اچي ويون آهن. انهيءَ ڪري هيءُ ذخيرو تعليمي طريقن ۽ ترجمن جي لحاظ سان هڪ علمي ذخيرو آهي، پر منظومين جي لحاظ سان هڪ اهم ادبي ذخيرو آهي.

## سنڌي نظم جون ٻه مکيه صنفون:

هن ذخيري ۾ شامل اوڻيتاليهن منظومين ۾ سنڌي نظم جون ٻه مکيه صنفون شامل آهن: (الف) سنڌي منظوم- بند، ۽ (ب) سنڌي بيت.

(الف) سنڌي منظوم بند: ترڪيب جي لحاظ سان، سنڌي منظوم بند اهو نظم آهي جنهن ۾ ٻن کان وڌيڪ هم - قافيي سٽون هجن، ۽ قافيا سيني سٽن جي آخر ۾ آندل هجن. هن ذخيري ۾، گهڻائي ڪي منظوم بند آهن، جن مان ڪي ٽن کان ڏهن سٽن وارا ننڍا، ۽ ٻيا ڪي چوڏهن، ارڙهن، ٻاويهن، اناويهن ۽ ٽيهن سٽن وارا ڊگها بند آهن. (عنوان - ٦ ) هيٺ مدح رسول صلعم وارو منظوميو ڊگهي ۾ ڊگهو بند آهي جنهن ۾ ( 'او' قافيي تي) انهٺ سٽون آهن. هن ذخيري وارا اهي ايترا سارا ننڍا توڙي ڊگها بند آڳاٽي ۾ آڳاٽا آهن، ڇاڪاڻ جو انهن کان اڳ جا ڪي به اهڙا سنڌي منظوم بند دستياب نه ٿيا آهن.

(ب) سنڌي بيت: هن ذخيري ۾، سنڌي بيتن جو به هڪ تمام وڏو تعداد شامل آهي جن ۾، سٽاءَ جي لحاظ سان، سنڌي بيت جون اهي سڀ صورتون موجود آهن جيڪي اسان کي پهريائين قاضي قادن جي بيتن م ملن ٿيون. پر فني سٽاءَ جي لحاظ سان، قاضي قادن جا بيت فقط ٻن مصراعن يا ٻن سٽن وارا هئا. ان وقت جي ٻئي هڪ شاعر پرهياڙ جوهڪ ٽن سٽن واروبيت ملي ٿو، ۽ ميين علي شيرازي جو هڪ بيت چئن سٽن وارو ملي ٿو. ان بعد ميين شاهه ڪريم جي ڪلام ۾ به فقط ٽي بيت ٽن سٽن وارا

صنعت" سان سينگاريل آهي : يعني تہ ان جي هر بند جي پويان وڌيڪ سهڻائي خاطر ساڳين قافين وارو هڪ ننڍو (وڌيڪ) فقرو آندل آهي.

جنهن جيُون ڪَن وماسون وير
سو پنڌُ مٿي مون حقير
صباح سنجهہ ٿيندو سيرَ - الله تو اهارَ
نہ تنهہ سَمَرُ نہ ساندارو
پار پريسان جي هَليو بارو
اڳيان ڏسي ڏيہ پَواريو - نڪا تنت توارَ
تُهنجو پانهو تو دَر آيو
پَسي پاهنجا ڏوهہ لڇايو
رَحَمت مگّي پلئہ پايو - سباجها ستار
* نہ سو نَڪُ جو آمي ڦار
نہ سي نيڻ ڪنوري ڪار
نہ سا پرن ڪاري بار- نہ سي پريس لهنُون سارَ
* نہ سي اهُر اَرَتي ونُ (١)
نہ سي پاتا ڳَلَ پرِبَنَ
نہ سي ڏندجها مُڪرين- نہ سي سجڻ ڪن سنيار
هو حالُ جهين جو جين
ڪَيئن ڪَرئين مَنجها تون ڪينَ
يا الرحم الراحمين - پاجهان پانهي کي اُڪار.
پَرور سيا تو اَپايو
دوس تُهنجو سچو آيو
محمد رسول اسان کي شفيع پايو - ميڙهو محمد کي مختارَ
ويندا سي ايمان سين جن ڪلمي سارَ
لا الہ الا الله محمد رسول الله

(١) آهَرَ = چَپَ . ارتي ون = ڳاڙهي رنگ

منظوم 'ڊگها بند' آهن (ص ٢٥).
- شاهه لطف الله قادري کان اڳ سنڌي بيت ٻن ٽن يا ڇهن سٽن وارا هئا: سندس ڪلام ۾ پهريون ڀيرو ڇهن ۽ ستن سٽن وارا بيت ملن ٿا (صفحا ٢٣- ٢٤ ).
- فن شاعري جي لحاظ سان، بيتن ۾ تڪرار يا وراڻ جي صنعت جو باني مباني شاهه لطف الله قادري آهي (صفحو ٢٩)

هاڻي هن اڳاٽي ذخيري جي دستياب ٿيڻ سان معلوم ٿيو ته 'ڊگها بند' توڙي 'ڊگها بيت' شاهه لطف الله قادري کان اڳ منظوم ٿي چڪا هئا، ۽ پڻ بيتن ۾ اندروني 'وراڻ' يا 'تڪرار' واري صنعت شاهه لطف الله قادري کان اڳ جي سياڻن سگهاڻن پهريائين استعمال ڪئي. هن ذخيري ۾ سنڌي بيت جي سٽاء جون پڻ سيئي صورتون موجود آهن. اهڙيءَ طرح سنڌي شعر جي تاريخ ۾ اهي رجحان گهڻو اڳاٽا نظر اچن ٿا جنهن جي تصديق هن ذخيري ۾ شامل اڪثر منظومين جي ٻولي ۽ سٽاء مان ٿئي ٿي.

بولي جي سٽاءَ ۽ قدامت:

هن ذخيري ۾ شامل گهڻن سيني منظومين ۾ آندل ٻولي ڪافي اڳاٽي آهي، ۽ ڪي لفظ ۽ بياني ترڪيبون قاضي قادن (وفات ٩٥٨هه) ۽ ميين شاهه ڪريم (وفات ١٠٣٢هه) جي بيتن ۾ استعمال ٿيل لفظن ۽ ترڪيبن جهڙيون، يا اجان به وڌيڪ اڻوکيون ۽ اڳاٽيون لڳن ٿيون (١). ڪي منظوميا سنڌ جي ٿئي ۽ لاڙ واري ڀاڱي جي ڪن عالمن ۽ سگهاڻن تصنيف ڪيا ۽ ٻيا سنڌ جي اُڀرندين ڀاڱي (ٿرپاڪر، سانگهڙ، خيرپور ضلعن جي اُڀرندين ڀاڱي) جي عالمن سگهاڻن تاليف ڪيا ڇاڪاڻ جو ٻولي توڙي لغات انهن پاسن جي معلوم ٿئي ٿي. ٻيو ته اندروني بيان جي لحاظ سان، سيني منظومين مر لفظن جي فراواني ۽ بيان جي رواني بدران لفظن جي ٿورائي ۽ عبارت ۾ هيڪ آهي. مجموعي طور سان هنن

(١) تفصيل لاءِ ڏسو راقم جي تصنيف ڪيل "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ" .

منظومين ۾ آندل ٻولي ٿور ـ لفظي آهي، ۽ نظم بہ نثر جهڙو آهي. ان مان ظاهر آهي تہ گهڻن منظومين جي ٻولي ڪافي اڳاٽي آهي، ۽ اهي موضوع اڳاٽو منظوم ڪيا ويا. جيتوڻيڪ ڪاتب عزت بن سليمان هن مواد کي ١٠٦٧-١٠٦٩هہ (١٦٥٥- ١٦٥٧ع) وارن سالن ۾ اتاريو، پر يقيني طور گهٽي ڀاڱي اهومواد ڪافي اڳ موجود هو. ڪيترو اڳ موجود هو، سو چٽي نٿو سگهجي، پر ايترو سارو مواد ڪم از ڪم سؤ کن سال اڳ جو لکيل ٿو ۽ ٿي سگهي ٿو تہ ڏهين صدي کان وٺي سنڌي ۾ اهڙي مواد مهيا ڪرڻ جي شروعات ٿي هجي.

ڪاتب سليمان جي اُتاري وارو مواد بہ سڄو سالم نہ بچيو آهي ۽ ڪجهہ ڀاڱو ضايع ٿي ويو آهي. هڪ تہ اهو اُتاريل مواد بہ اجان وڏيڪ هو ۽ ٻيو تہ ايترو مواد هڪ ڪاتب پنهنجي ذوق ۽ ضرورت خاطر هڪ جلدجيترو اُتاريو. ان کان سواءِ سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن ۾ ٻيو بہ اهڙو مواد موجود هوندو، ڇاڪاڻ جو گهڻن ئي عالمن ۽ استادن ان وقت مختلف موضوعن تي سنڌيءَ ۾ مواد پئي منظوم ڪيو، جنهن جي تصديق تيرهن جدا جدا عالمن ۽ سڄاڻن جي تاليف ڪيل منظومين مان ٿئي ٿي جيڪي هن ذخيري ۾ شامل آهن. ان مان اندازو ٿئي ٿو تہ ڏهين- يارهين صدي جي وچ ( ٩٥٠ - ١٠٥٠هہ)ڌاري سنڌيءَ ۾ هڪ وڏو تعليمي، علمي ۽ ادبي مواد لکت ۾ موجود ٿي چڪو هو.

اوڻيتاليهن مختلف موضوعن بابت سنڌي منظومين جو هيءُ ذخيرو جيتوڻيڪ بنيادي طور تي تعليمي ۽ تدريسي آهي مگر ساڳئي وقت اهو هڪ قيمتي علمي ۽ ادبي سرمايو آهي، جنهن جي مطالعي مان پهريون پيرو هيٺيان اهم نتيجا نڪرن ٿا: (١) هتي منظومين ۾ سنڌي بيت جون اهي سڀ سٽائون جيڪي قاضي قادن جي بيتن ۾ ملن ٿيون سي موجود آهن. (٢) بيتن کان سواءِ هن ذخيري ۾ ڏگهن منظوم بندن جو هڪ وڏو تعداد شامل آهن: ڏگها سنڌي

منظوم- بند پهريون پيرو هن ذخيري ۾ ملن ٿا. (٣) جيتوڻيڪ شعر شاعري بدران بنيادي طور تي هيءَ هڪ منظوم ذخيرو آهي تہ بہ ڪي شعري صنعتون پهريون پيرو هن منظومين ۾ ملن ٿيون، جيئن تہ بيتن ۾ وَراڻ يا تڪرار جي صنعت ۽ چوٿي بحر مستزاد واري صنعت. (۴) معنوي تمثيل جي لحاظ سان، سامونڊين جي موضوع جو هڪ بيت بہ وڏي اهميت وارو آهي. (۵) گهڻن منظومين جي ٻولي آڳاٽي آهي ۽ ممڪن آهي تہ اهي ڏهين صدي هجري يا ان بہ اڳ تصنيف ٿيا هجن.

**ن.ب**

## [خالق جي هيڪڙائي، ڪائنات جي تخليق ۽ انسان جي پيدايش]

تنلاجي لکا سيي سکن سدي تات لستنو مرستو کري جنو جھا مت کاريا
دماھنائي کجي برکت سرو جوري ڪھي ستي نويا مستحب بائي تمام شد

جبا ري بسم الله الرحمن الرحيم

جن باڃي ھو ذي ابا ئي کلين تده ملک سدو تھي دتو بي کھين
باڃي ھو را مينو باڃي ھو راءِ باجي ملک تھي بابن لدائي با
بان کيا راجبي بالجي جا ناءِ ستو ھاڃي ستو تدھي سدو ملک جبار
اونوا کرنتي کتت کيني وار کون ھو تدھي جنو جلدي جنو نو
ھو دي سکب نيي نکو نئو نئو کون ھو تدھي جيکو کي کالاءِ
ھو ذي سکب نيي کاان ھئي جاءِ کون ھو تدھي جيکو جوري مت
ھو دي سکب نيي جيئي ھيئي مرکبت نھو جبا ڏکو نکو ھو راک
ھو ذي سکب نيي نکو وري ونا نکي اجو تدھي نکي کالو ور
سا جرکين برجبو کالعکين ابن ھو ذي سکب نيي نکلو ورن
نھو اھائي کي نھي اوداءِ نکي ودبر سو جرو ناکم نباره
ھو دي سکب نيي سايا سو سارا نتي ککر نکال کال انبي لا عيد
ھو دي سکب نيي نيشاق ندين جرحن نھو تدھي نھي جرغات

## [۱]

## جباري صفت خدائي

جِينءَ پاڻ هِي هُئو ڏِٺي، اُپاياِئينءَ ڪِي نہ
تَڏِهِ مُلڪُ سَندو تِهِين ڏُنو پِٽي ڪَهِين نہ.
پاڻ هي هُئو راجِيو، پاڻ هي هُئو راءِ
پاڻِ جي مُلڪَ تِهِينءَ پاڻ لَڌائين پاءُ (۱)
پاڻِ ڪِياِئين راڄٿي، پاڻِ جي جاٺاءُ (۲)
سو هاٺي، سو تَڏِهِين سَندو مُلڪُ جَبّارَ
اُوٺو آڳِرِ نہ تِٺي، گهَٽِ نہ ڪِيٺِي وارَ. (۳)
ڪونہ هُئو تَڏِهِين جو چُنڊِي چُوٺو (۴)
هُئو ڏِٺي سَگهِپَ سِين، نَہ ڪِو نِمُوٺو (۵)
ڪو نہ هُئو تَڏِهِين جيڪو ڪِي ڳالهاءِ
هُئو ڏِٺي سَگهِپَ سِين ڪاءِ نہ هُنئِي جاءِ.
ڪوءِ نہ هُئو تَڏِهِين جيڪو جوڙِي مَتِ
هُئو ڏِٺي سَگهِپَ سِين،هُيَهِي نہ هِيئِي پَتِ.
نہ هُئو جِياڏُ ڪو، نہ ڪو هُئو راڳُ (۶)
هُئو ڏِٺي سَگهِپَ سِين، نہ ڪو وَرِي وَٺاڳُ (۷)

---

(۱) پاءُ= پاءِ، پاڻ ڪِي (۲) راڄٿي= حڪمراني (۳) اُوٺو= گهٽ. آڳِر= وڌيڪ.زياده. ڪيٺي وار= وار جيترو، ڪنهن طرح ذرو بہ (۴) چُنڊِي= چِٽي . چُوٺو= ڏوت.( ڪوبہ ساهوارو ڪونہ هو) (۵) سگهپ= طاقت، قدرت، نموٺو= صورت، مثل. (٦) جياڏ = جيئڻ، ساهوارو (۷)وٺاڳ= ولڪار

تَڪِي آچو تَڏهِين، تَڪِي ڪارو وَنُ (١)
ساٿو ڪِينَ سِرجيو، ڳاڙهو ڪِينَ آيِنُ
هُئو ڏِٺي سَگهِپَ سِين، نہ گَڪِلو وَرَنُ (٢)
نہ هُئو آهاءَ ڪِي، نہ هُئِي اُونداهِ
تَڪِي وِچُ سوجَهرو، نہ ماٺِڪُ، نہ باهِ
هُئو ڏِٺي سَگهِپَ سين، سائِين سو ساراهِ.
نہ تِينَ ڪَڪَرَ، نہ گُڙال تِينَ، نہ تِينَ ڳَڙا نہ مِينهُ (٣)
هُئو ڏِٺي سَگهِپَ سين، نہ مِيثاقُ نہ ڏِينهُ.
حِرصُ نہ هُئو تَڏهِين، نہ هُئِي حَرڦاتِ
هُئو ڏِٺي سَگهِپَ سِين، نہ وِهاڳ نہ راتِ (٤)
نہ اونهارو تَڏهِين، نہ سِيارو تِينَ
هُئو ڏِٺي سَگهِپَ سِن پِئو نہ هُئو ڪِينَ.
نہ سِيارو نہ واهَنڊو. تَڪا مُندَ نہ رُتِ (٥)
هُئو ڏِٺي سَگهِپَ سِين، مَلڪَ نہ تَنہِ مُهُتِ (٦)
نہ تِينَ گهڙِيُون، نہ پَهَرَ تِينَ، نہ تِينَ وَرِہَ نہ ماہَ
هُئو ڏِٺي سَگهِپَ سِين، نہ ناحَقُ نہ داٺہَ.
نہ تِينَ جِنَ دِيوَ پَرِي، نہ جادُوِي سِحرَ نہ شَرُ هُئو
ڏِٺي سَگهِپَ سِين، تَڪِي بَحرُ نہ بَرَ.

---

(١) وَنُ= ورن، رنگ (٢) اصل اِئين (٣) گڙال= گوڙ، گجگوڙ ڪڪرن جي (٤) وهاڳ= صبح، پرڀات (٥) واهنڊو = هوا ۽ واءُ (٦) مُهت= ماڻ شان سان،

نہ اَعراف اُپايا، نہ تِين بحر نہ واءُ
تہ هُئو سلطانُ سو قادِرُ قديمُ راءُ
اَرڙه سَهسَ عالَمَنِ اُپايائين پُوئاءُ (١)
پهرو عِشقُ اُپايو رازقُ رَبَ جَليلَ
پاڻُ ڪِيائين پَڌرو هِيَهِين پَرِ جميلَ
قادرَ نُورُ جُدا ڪِيو پاڻِ جِي نُوراءُ
نُور مُحمَدَ مُصطفيٰ پيدا ٿيو تتاءُ
وَنديِ لَڌي وِتبرِي تِينِي حَضَرَ تاءُ (٢)
سائينءَ سَڀ سِرجيا تهِين جي نُوراءُ
عَرشُ ڪُرسِي لوحُ قَلَمُ جِينْ بِهشتَ دوزخ اُپايا
پُونْ رُوپِي ۽ سونَئِي سِرپِنْ اَعرافَ بنايا (٣)
حَوضَ ڪَوثَرُ ٻِيرِ شَجَرَةَ المنتَهيٰ طُوبا وِرڪُ وَڏايا (٤)
سَهسَ اَياَرَه ٿِيا پيدا پُويُون آيَ وِچايا (٥)
سِجُ چَندُر تارا پِڻ خَلقي وارَنَ تي سِر واهيا (٦)
ڏُونگَرَ بَحرُ سَمُوندَر سِرجيا، پاڻِي پَٽِ لوڙاهيا
بَحراءُ مارڳَ متي خَلقي تِتهين ڪري وَهايا
ڪَڪَرَ هِيَهين هيٺِ ٻهانو، مَتان مِينهَ وَسايا
مَلڪَ مانُڙهو جِنَ اُپنا، پُونْ ۾ اويڙَ جايا

(١) پوئاءُ = پُهاءُ، نسل (٢) ونديِ= ورچ، ياڳو (٣) سونيه روپيه سِرُنْ سان (۴) ورڪ= وڻ(۵) سهس اياراه =سهس اٺاره، ارڙهن هزار (٦) پنهنجي پنهنجي واري سان هلايا

ڪري پڙاڏو قياسُ ڪيو، جا جَهين حوالي
آيو اِسرافيلَ کي فرمانوسِ وري
تَنهِ ساجي صُورَ هَٿ ڪيئي، اُيو واتِ ڪري (١)
رَبُ سَندي فرمانَ ۾ اُيو آهي اِيئن
هُوندو تَنهِ تَرتيبَ ۾ ڏينهِ قيامَتَ سِيئن
جَبرئيلُ پَيغَمبَرين ريبسارو هُئو
گهَٽو آيو مُحمدَ کي جو قادِرَ اٿِ ڏٺو (٢)
ڏه پيرا مِهتر آدمَ کي ڏنا جَبرَئيل مَلڪَ
آنڊائين فرمانَ سي جي مُڪا رَبَ لَڪَ (٣)
ٻَٽريهَ پِرڪا مِهترِ نُوحَ کي ڏنا جَبرَئيلَ (٤)
آنڊائين فرمانَ سي جي مُڪا رَبَ جَليلَ
آئيو مِهتر اِبراهيمَ کي اٺَ سَوُ چارِ پِرڪا
آنڊائين فَرمانَ سي جي قادِرَ قُدرَ تا مُڪا
چارِ سَئَ پِرڪا مِهتر مُوسيٰ کي پُٺِ مَلڪُ آئيو
آنڊائين فَرمانَ سو جو الله فَرمائيو
چارِ سَؤُ ويه پِرِڪا مهتر يُوسُف کي آئيو مَلڪ وَٺيُ
آنڊائين ڳالهاءُ سو جو مُڪو رَبَّ صَحيُ (٥)
ٻَٽريهَ پِرِڪا مِهترِ عيسيٰ کي مُڪو جَبرئيلُ رَبَ

(١) ايو وات ڪري= وات ۾ جهلي بيٺو (٢) ڏٺو= ڏٺيو، چونڊيو(٣) مُڪا= موڪليا (٤) پرڪا= پيرا (٥) ڳالهاءُ= چيو، فرمان، پيغام

نہ جَهَنَمَ تاءِ ڪِي، نَڪِي جَنَهَراءِ (١)
تَنِ ڏِناٺِين نِمنُو مَرڻَ سَندو ڪَهڪاءِ
قَنلمُ اڳِي ڪَٽِيٺو، پاڙِينٺدَسِ پُواءِ (٢)
خَيرَ خَبرَ ڪونَ لَهِي شَرُ نہ لَهِي پاءِ
پَيغامبَر سَيِ جُمِلي سِريا سي نُوراءِ
مَحِيٺائون قَرمانَ سو جو قادِرَ چَيو
تَنِ اَسان جِيئِ نہ ڪِٺو ڳالهاءِ آمَيو (٣)
ڏُهلايون ۽ ڏاڪڙا تَنِ بُکَ سُهاٽي (٤)
تَنِي سين تيلان تِٺِي رَحمَتَ رَباني
ڪِينِ قادِرَ اُپِينِي پاٺِهِي جاٽِي (٥)
نہ ڪِنِي سيکارِٺو نہ ڪِينِي سو سَنجِهہ (٦)
اِنَ پَرِ آدِيٺو ڪِيو رَبَ اُپِٺي گنج (٧)
تسِينِي سَندِيءَ گنج تَنہِ نہ ڪو آٽُ نہ پارُ
هُٺو هُوندوِٺي ڏِٺِي خالِقُ خَلقٺهارُ.
تِينِي سَندِي راجِٺِي سَرَحَدَ نہ سِيَ (٨)
آءِ ڪِيِيَنْ چُوندو اِيِيَنْ جَہ ڪَرْهي پانْدُ لَهانْ (٩)
وَجُون تہ اِيمانَ سين ڪَلِمو چَيو هِيَنْ.

لا اِلہَ اِلا الله محمد رسول الله

---

(١) تاءِ= سيڪ، تپش(٢) پُواءِ= پٺيان، پوءِ (٣) آميو= اڻ ميو، بي انداز(۴) سُهاٽي= سامهون آئي، وٺي(٥) اُپيني= اُپائي، خلقي(٦) ڪيني= ڪنهن (٧) آديٺو= رزاق، آڌار(٨)راجٺي= بادشاهي(٩) اصل اٺين

## آغاز أيا جي آدمي

آغــاز أيــا جــي آدمــي پــهــرو منــيءَ مَنــجهاءَ
"وَبَداءَ خَلـقَ الإنســانَ مِــن طِيــنٍ" اَصُل تيو تتاءَ (١)
تــاءَ پــوءِ ويــاءَ آدَمــي كـيو نُـطـفَ پـاٹـيـاءَ (٢)
"ثُمّ جَعَلَ نَســلَهُ مِن سُلالَةٍ مِنْ مَاءٍ مَهِينٍ" جو پُجڙو پُجڙاءَ (٣)
تانْ ٿي پوءِ راسِ كــري رَكِٿـو مَنـجِـهـسِ رُوحُ
"ثُمَّ سَوايَهِ وَنَفخَ فِيه مِن رُوحِهٖ" كيو كيٹاسِ وُجُوهُ (۴)
سَنِــدي تَــنـهِ ســاراهَ كَــرِ جِــيني أيــايُهِ ايـيَـنْ (۵)
فَسَبِّحْ بِحَمدَ رَبِّكَ وَاسـتَغـفِرهُ" دُوهُ كَـرين كـيـنْ
پـڑهـ كَـلِـمو سَـچِـٿُـون تـه تــون جَـلِ مَرهِين.
لا اِلـهَ اَلا الله محمد رسول اللهِ

---

(١) اصل تتاءَ (٢) تاءَ= تانءَ(٣) پُجڙو پَجڙاءَ= هڪ ٻئي جي پنيان (۴) ڪيٹاس= ڪيس (۵) اَياڻه= اَياڻي

## صفت جوهر آفرينش عالم و مهتر آدم عليه السلام

کيهين ۽ چيو آگئين عالمين علماء (١)
ڏٺي مائڪ اپائيو اڳي سڀڪنهياء
ڏٺي ۽ چهاسترِ توکهن جو هئو اپائيو (٢)
چئين توکنئون خالق پهرو نه سئو (٣)
چئنئون قدرت هيڪڙي، ٻي رحمت، نِروُ نورُ
جوئين هيبت تنِ سين مائڪ سندو مُورُ
پنجين ورنين رنگ ٻنه هئو م مائڪ (۴)
سڀڪنهين ۽ توک اڳي هئي تِتهين آهڪ (۵)
ڀهري آچي تنِ، ٻئي سائي، زردي ٽري ۽
چوٿين ڳاڙهي، پنجين کيائين کاري ونِ
تاءِ پوءِ نظر تنه ڏونهُ کياءِ هيبت منجهاءِ
ڦٽي ٻاره لِگو تنه ويرَ ٿيو تتاءِ (٦)
قادرَ عَرشُ ڪُرسي کيا تنئون هيڪڙ ياءِ
لوحُ ۽ قلمُ ٿيا تتائين پياءِ (٧)
ٽري ۽ منجهاءِ آپَ کيا ستئي رِءَ ٽنين

---

(١) کيهين ۽ = کنهين (٢) چهاستر= جاهتر (٣) يعني چارئي گڏ خلقيا، انهن مان، کو اڳي پوءِ نه هو (۴) مائڪ م پنجن ورنن جو رنگ هو (۵) آهڪ اصل ائين (٦) اصل. باره لِکو (٧) پياءِ = ٻئي مان

چوٿين منجهان پوءِ ٿيين سنڌي سترا ڪئي ستن

پنجيئان ملڪ ٿيا سيئي سنداس (۱)

ڇهين منجهان رات ڏينهن مڃيا فرمانس

ستياءِ سج چنڊ تارا تنهن ۾ وروٺه

آٺين منجهان جنهن ڪيا سين پاڻهنجيءَ سونهن

نوئين منجهان مگر ڪيا ڏمر ڏهارين

ڏهياءِ جن ڪيا پوٽ جي پوئن

اِڪارهياءِ آدم حوا سين سڀيئي ويا (۲)

ٻارهياءِ نور محمد ۽ نبيءَ پيا ڪيا

عالم ۽ اُمت محمد جي سي پڻ ٿيا

ايءَ سڀڪي سائينءَ تنهن ماٺڪ منجهاءِ ڪيا

آدم اُپائيو ڏٺيءَ مٽيءَ تهين منجهاءِ

مٽي جا اڳي تنهئون اُپائي گجاءِ (۳)

گج لهرنئون ٿئي، لهر سڀڪي واءِ

واءِ بحراءِ اُپائيو، بحر ماٺڪ منجهاءِ (۴)

ماٺڪ گهريءَ آڳي ٿيو، گهريءَ قدرت ڏٺياءِ

اُپائيو پر ايهي آدم پاجهه منجهاءِ

متي ۾ ملڪ مقرب آئي روح ڏنوس

(۱) پنجيئان= پنجين مان (۲) ويا=ويا، اولاد(۳) گجاءِ= گج مان، ڦين مان، جهگ مان (۴) گهريءَ= مرضي، منشاء

سَؤ وَرِهيَنِ فرمانَ ۾ تِتهِين هُئوسِ
آڪِينْ اُگهاڙِيائِيَن، واتُ اُپٽِيائِين وِ يرَ تِهاءُ (۱)
تَڪاءُ ڳَنڍُ، ڄِيانْ ساءُ، ڪَٿي سَنيُ سُواءُ (۲)
هِجي خَلقِ تِيوئَسِ، رُوحُ مَتي منجها ڳهي (۳)
نَظروئي سَندوسِ، لڳو عَرشِ لَنگهي آيَ.
ڪَلمِو توحِيدَ عَرشَ اُتي لِڌو ڏِنائِين (۴)
نامِ مُحمّدَ ڏٺيءَ ڳراءُ خَبَرَ پُڇيائِين (۵)
تالو پاسي نالي تُنهِجي پِيو جو ڏِٺومِ
ڏِيهِين ساجاءِ مُون تَهِين، پَسِي عَجبُ ٿِيومِ.
فَرمانُ ٿِيسو آدمَ کي اِيهُ سَندوءِ وِياءُ
آگِهِينْ تُنهاءُ اُپايوسِين نُورُ نَجِيباءُ
وِياءُ تُنهجي وِياءَ ۾ جي اِيهُ نه هُئو
عَرشُ نه ڪَرسِي، آبَ نه پُونْ، لوحُ نه قلمُ ڪِئو
هُوند نه هُئو وِياءَ ۾ تُنهجي اِيهُ وِياءُ
جَنَّ نه مڪَرَ نه تُون، نه هَوا تُهاءُ (٦)
سَيوئي ڪارَڻِ اِنَ جيڪي اُپائِيومِ
پِيو سَئو وَرِهيَهِ اَرَهَ ۾ هُئو رُوحُ سَندوسِ
ٻِئو سَئو وَرِهيَهِ پيٽَ ۾ ، چوٿون پُٺ ٿِيوسِ

(۱)اکيِن= اکيون(۲) ڳنڌ= ٻُوء، واس= سواءُ: سواد،ذائقو (۳) هِجي= آواز اُچارڻ وارو(۴) لِڌو= لکيو(۵) ڳراءُ= ڪان، ڪنان(٦) اصل اٿين

• سَٺُو وَرِهيَهِ آرويَهِ ۾، سَٺو ٻَڪِيِنْ هٿو (١)
سَتون سَٺو پيرَنِ ۾ اِٿي سَنٿوَن ٿيو.
جِينْءَ اِتي آيو تِيو نَظَرُ ڪِيو مَلڪَنِ
ڏِيل ڏناؤن آدَمُ جو آچو رُٻي وَنِ
الله جو مَلڪَنِ کي فَرمانُ آئِيو اِيهُ
سڀئي سَجَدَهَ مِڙي آدَمَ کي ڪَرِيهُ
پِهرو سَجِدو ڏِنْ ڪِيو مَلڪَ مُقرَّبَ جِنَّنْ
سي پَسي سَيَهِيِنْ ڪِيو رَءِ اِبليسَ تِنَّنْ
جُمعي ڏِينهِ مَٿاءِ لُهِرِهَي آئِيو اِيهُ فَرمانُ (٢)
وِچِينْءَ سين وِرَمَ تِئِي اِتاءِ اِئينْ جانُ (٣)
جُمعو عِيدَ آدَمَ تِيو ءِ سَنڌِهِسِ وِيا
ڏِٿي دعا قَبولُ ڪري تَنهِ ڏِينهِ ڪِجي جا
وَچون تہ ايمانَ سِين ڪَلمو چَئو مُهَا
لا اِلٰهَ اِلا الله محمد رسولُ اللهِ

---

(١) اصل اثين. (٢) لُهِرهي= شايد اُلهي، مثان لهي (٣) وِرم= ويرم

# نور نامہ حضرت رسالت پناہ

[۴]

## نورْ نامہ حضرت رسالت پناہ

بسم الله الرحمٰن الرحیم

جَڏهِ جَڳُ خَلقِئو مَ ِيڙي مَلڪَ راۓ
پِهرائِين پَيدا ڪري آنڌو ڪيرُ الله؟
ساري سُوالُ پُڇاۓ سو نِڱيو جو نُوراۓ
سو وِيچاري وِنُ چِٽو پِٽو جو پَرَياۓ
ڪينۓ قادِرَ دَريا ڪِيا پِهرُوئي پَرياۓ (١)
مَلڪَ خَلقي مُن ڏَٽيۓ مُڪا ڪَنه ماڳاۓ
پيغَمبَر پَيدا ڪري مُرسَلَ ڪِيا مُڪاۓ (٢)
عَرشُ ڪُرسِي لَوحُ قَلَمُ جوڙُ ڪِيهِي جُڙياۓ
آٺَ جَنَّتُون آڳي ڪِيُون ڪَنهِ ماڳاۓ
تارا سِجُ چَندرُ ڪري نِڱِيا ڪَنهِ نُوراۓ
ڏاٿُ خَلقِي، وِٿجَ وَٿَ، مِيوا ڪِيا مُڪاۓ
صَبْرُ سُورُ سَچا ڏَٽي مُحبَ ڪِيا ڪِٿاۓ
ڪَوثَرُ قُدسُ قِبلَة مُندرَيۓ ڪَنهِ ماڳاۓ (٣)
عَصالَتَ آدَمَ ڪي پَيدا ٿِئي ڪُواۓ (۴)
جِيسرو پاٿِي واۓ پَنِ خَلقِئي خاڪِ ڪَهِياۓ (۵)
لَهُ سوئِي لِڪيو ڪري پِيسو جو پَرِياۓ.

(١) پهروئي= پهريائين، اول کان ئي (٢) ڪيا= ڪٿان (٣) منبريۓ= آڏيائين
(۴) ڪُواۓ= ڪهڙي هنڌان، ڪيئن (۵) ڪهياۓ= ڪهڙي طرح، ڪهڙيۓ شيۓ مان

آپَ خَلقِي آسمانَ پُونِي بَحَر ڪِياءِ
ڏُونگرَ ڏِيهَ ڏِسين ڪري ڪَنهِ پَرِ پَٽرِ ياءِ (١)
اُپِيئي آدَمِي سڀِي پيدا ٿِئي ڪُنواءِ (٢)
آسان ڪي آڇو ڪَٿِي ساري سَڀُوجهاءِ (٣)
آسان "آرادِيسنُ" چيو جنوٽِيا ڏه جَوابَ
جِينِي سو صَحِيُ ڪري سَڀِنِ تِيانُ ثوابَ (۴)
تَڏهِ سچُ نہ چَنڊُر نہ تارا، هُئو هيڪُ خُداءِ
جهوڳِياٽِين جَهڳَ ڪي آڳي عَرشَنِ لاءِ
نُورَ نَبِيءَ جو نَمِيو پهرو قُدرَتاءِ
اُپِينِي تِٿائين پُونءِ پَيدا ڪِئِي خُداءِ (٥)
وِرِهاڱا وَڏِي ڏَٿِيءَ نَميا نُورَ مَنجهاءِ
سَڀِئِي صَحِيُ تِيا فَرمايو ڏَٿِياءِ.
سَچو ڪِياٽِين سَجِدَهو وَرَهَ سَتَرِ سَهسَ
تا فَرمايو مون ڏَٿِي جَهجِهي ڪِئِي ڪَسَ
آڳي سَتَ سَٿَباهِيا جي دَرِيا دُرسَ
ڏهڏه سَهسَ سَيڪَهِين مَنجهہ ڏِنائِين ڏَسَ
هيڪَڙو عِلمُ حِلمُ بيو، ٽِرئو صَبرُ سَيِنِ
چوٿون عَقلُ آدَمِيءَ، پَنجِوُن فَقَرُ تَنِ

(١) ڏِسين= ڏِسيون، طرف(٢) ماڻهن سميت پيني آهي سا ڪتاه پيدا ٿي(٣) آچو ڪٿي= صلاح ڪريو، ٻڌايو (۴) تيانِ= تن ڪي (٥) اُپيني= اُپائي

ڇَھِين رحَمت رَبَ جِي، سَتؤن نُورُ پَسَنِ
سَدَ سُڻايو نُورَ کي مَنجھا پِرتِ پِرَينِ
اِتيو نُورُ سَدَ سُڻي تَنه ويرَ تَنهِ ماڳاءِ
سِڌو صَحِيُ سَهَند هُو فَرمايو ڏِٺياءِ (۱)
مُناجات مَڳانُ ڏِٺي قادِرَ ڪَريان ڪِينءَ
جُنبان پانِ جَهتَ ۾ جيڪِي ڏيکارِينءَ
چورِيائِين چيتانُ ڪري جِينُ پِهِرو پانُ
چوهِيءَ سَهسَ لکَ قُرَنِ پِيا پاڻو آنُ (۲)
جي پِيا پاڻيءَ قُرا نَبِيءَ جي نُوراءِ
پَيغمَبرِ پيدا ٿِيا مُرسَلُ تِهِين مَنجهاءِ
ميڙي مُڪا ۾ دُنِيءَ سِينِ ڏيئي ساءِ (۳)
پَيدا ٿِئي پِروٽِي آدَمَ پُٽِ مَنجهاءِ (۴)
پِهرو پِيا ٻه قُرا جِيٽِي اڪِ مَنجهاءِ
جَبرَئِيلُ مَلڪُ جو مِڪائِيلُ تِتاءِ
ٻه ڏاياءِ ڏاتِ ڪري ڪِيري قُرا وِڏاءِ (۵)
اِسرافِيلُ مَلڪُ جو عِزرائِيلُ ڪِياءِ
پاڻيءَ پِيا ٻه قُرا جِيٽِي ڪَناءِ
قَلَمُ تَتائِينُ ڪَيڏؤ لوحُ پَٽِ تِهِين لِکَياءِ

(۱) سهند= سولو (۲) چوهيءَ= چوويهه (۳) دنيءَ= دنيا (۴) پروٽي= ترتي
(۵) ڏاياءِ= ڏاڍي اڪ

پاڻيءَ پيا ٻه ڦُڙا جي ڏاڍي ڪَنَ مَنجهاءِ
عَرشُ اُپايو مُون ڏِٺي ڪُرسِي ڪِياءِ تِتاءِ
جي پِيا آٺَ ڦُڙا سَندڻي نُورَ تَنڪاءِ
جَنهَرِي جوڙَ ڪِئي قادِرَ ڪَدِي تاءِ (١)
ڏَنَدنِئا ڏاتِ ڪري جي قَطرا ڪِياءِ
آيَنپِينُ جو آپِرَنُ تارا تِيا تِستاءِ (٢)
پاڻيءَ پِيا ٻه ڦُڙا هارِيا جِيَ مَنجهاءِ
چَندرُ ڪِياٽِين چانڊرڻو، سَجِي سِجُ تِتاءِ (٣)
پُٺِ پِيا پَنجَ ڦُڙا جي جِيڻِي هَتاءِ
پِهرو جَرُ نَمِيو، ميوا تَسنه پُسوڻاءِ (۴)
راڌِ خَلقِي راڄِئِي، واهِيءَ وَٽِجَ ڪِياءِ (۵)
قُدسُ تان ٿِي قِبلو، پَنجَئِينُ صُورَ مُڪاءِ.
پُٺِ پِيا پَنجَ ڦُڙا ڏاياءِ ڏاتِ ڪَري
طُوبِي تَتائِين تِئِي، حَوضُ ڪَوثَرُ وَرِي
روڪِ خَلقِي راڄِئِي چوتِين آپِ چَوَنِ (٦)
ماڳِهِين مَرِهُ تِئِي تانُ اِيءَ پَٻي پَنَنِ
مُندرِي مَنجها ٿِي ڪِئي سائِينءَ ڪي سَلمانَ
جِيني جِنَ جَهلِيا آگر پايِئي آنَ.

---

(١) جنهري= جواهر (٢) آيرن= زيور، گهٽا (٣) چاندرڻو= چاندوڪي (۴) پوڻاء= پنيان (۵) راڌ= پوک (٦) روک= پيرَ جو وڻ

اِئي جانْ آدمَ کي عَصالتَ اِتاءُ (١)
شعُيبَ کي صَحِبيٌ ٿِئي، مُوسيٰ تَنهِ مُلاءُ (٢)
پاڻيءَ پيا چارِ ڦُڙا چُري چيلِ مَنجهاءُ (٣)
مُحِبَ مَتِ مُکا ڏِئي صادِقَ سُڏاتاءُ.
پاڻيءَ پيا ٻہ ڦُڙا مُونهِ پِينْ منجهاءُ (۴)
ڦُوَّةَ ٿَتائِين ٿِئي پَهَڻَ تَنهِ هَنڌاءُ
پاڻيءَ پيا ٻہ ڦُڙا پيرِهِ پِينْ مَنجهاءُ (۵)
گهَٽو اِبراهِيمَ جو، اُٿِ صالِحَ جِي تساءُ
جيکي ٿوکَ خَلقِيا سڀيئي اِياءُ
سو ٿورِوئي ناهِ کو جيکو رِءَ نُوراءُ
جيرو، پاڻي، واءُ ٻِئِ خَلقِئي خاکِ خُداءُ
آٿي آندَرِ رَکِئي وَٿُ ڪِي جيکاءِ
فرمانْ ٿِيو نُورَ کي دوسَ سُونهارا مُونْ
جيني چَٽِئَوُن هيکَڙو کِهڙو ڏِئينْ تُونْ.
پهرو واءَ سِر وِڙُ نُورْ وَري
سلامُ ڏِنائِين سڀگهَہ مِ اُيو ڳالِ ڳري
پُڇيائِين واءُ وَرِي ڪِها ڪَمَ ڪَرِينْ
تُون پانِهو ٻانِهپَ کي اُيو نہ آهِينْ

---

(١)عَصالت= اصليت، خاصيت، بزرگي(٢)؛ مُلاءُ= وٺان، کان(٣) چيل= چيلهہ (۴) مونِہ= مُونن، گوڏن(۵) پيرہ= پيرہ

آؤنْ آجو آهيان پاڻَ مُرادي مَنِ
عَيبُ نہ هَتِي اَنگَ ۾ ، مُون پِرِ پَگَ پَونِ (١)
جو عَيبُ تو اَنگَ ۾ پُڇِين سو نہ سُڃاڻَ
دِيارِئِينْ دُورِ ٿِيا ڪِهَا ڪَرِيِين تَراڻَ (٢)
آؤنْ ٻانهو آهيان مُون ڪَرِ مُسلِمانُ
تِتِ اَبِينو سيگهہَ ۾ رَبَ پَرِنِي پاڻُ.
وِيو نُورُ نِسوهِرو پاڻِيءَ اُٿِي پاڻِ
ڪِ تون آجو آهِئِين، ڪِ ڪَنا هَتِي ڪاڻِ؟ (٣)
آؤنْ آجو آهِيانْ پاڻَ مُرادي مَنِ
عَيبُ نہ هَتِي اَنگَ ۾، مُون پِرِ پَگَ پَونِ
ميرا مَٿا مَنجهہ تو پُرِيِ وِجَهندا پاڻَ
آؤن ٻانهون آهِيان مُون ڪَرِ مُسلِمانُ
سِڪِي اَبِينو سيگهہ ۾ رَبَ پَرِنبِي پاڻُ.
وِئو نُورُ نِسوهُرو آتَشِ اُٿِي جَتِ (٤)
ڪِهَا ڪَرِئِينْ ڪَمَ تُون تَنهِ ڪي ڇَپاءِ تَتِ
آتَشِ اُپِيهي ڪيو تَنهِ وِيرِ هِيءَ آواجُ (٥)
لَڳِي لُوهانْ لِڪَ سين سَپِ مُنهِجو ڪاجُ (٦)
پاڻِي پاڪُ خَلِقئو سَترائو ٿُهاءُ (٧)

---

(١) هتي ۽ هن ڪان پوءِ ٻي پڙهڻي= مون پَرِ پڳ پون(٢) دريائين= ديار ڪان، ملڪ ڪان. ترِاڻ= نڪاڻا. ڻاڻا(٣) هَتِي= اتي(٤) جت= تـرت (٥) آواج= آواز (٦) لوهان= لٽان، ألا (٧) سَترائو= سخت

جِتـــي جُهولو جَنَـــتِي جه ســــو پَـــسئون ڏيهُ
وڃون ته اِيمـــانَ سيـــن كـــلـــمو پـــاكُ پَڙيهُ

لا اِلـه الا لله محمد رسول الله

---

# [حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جي سوانح]

هني هنكي امينا جي جباو محمد بكر سنو ري ابر ودعوخن تيق تهد
بار جحيت يتغبري يبقي اويت كوكدي رسولكي كلر نتربيت
فحسارا مريم جوتي حنوو لالكني ايعوتو كم هي جاري منسطو را
فر حواهت كبلا اندر طبو تور هسار اهث ترجا يو تار مشكر كا غور ر
كور عو بري كوتنر كيو صعوز افت جلبيجي مريم كني ايعو جي تهت
ر هجاري رسوركي حلا دنا ووه سرها يو سكو ر بجي لا ابويا
كيو جيب امينا سغر سيتي ديه هبر جو سناو جهي نبا يو تيه نبيه
بفر و كبر رسولكي ودو تو بيا بو بكر كي ابو لبعو جي منوا قدي جود
كنو كا مي كرين مكي اندر اوا شهر باهراع دو كري ندا اي ونراكه
بهوا ري اعراب نو مكي اندر ابت بوزي جيبو كبر و نبع نبا ابت
داي كبنر ودا تيا تهو ير انيو دين لنو سعا لتحطي هي مكي دار
حليما سهنو الهرستي مو ديا رنكو رجي بيني اسا اتي خومت
بيي كا وجتيا با هر بيا جلي جو سعديا تكيو بفو لبي بالي
بي نبا يه كبرو لي حكا دا اي جري جليو وهتري بنو سعد يا د
تما بن علي تن سيري تا وحليما جو دير يو هو مو جهو وري

## [۵]

### حضرت نبي ڪريم صلعم جي سوانح

هِتي هيڪلي ايمِنا جِينَ ڄاؤ مُحمّدُ
ڪَنِ سُورَج اُڀرؤ روشَنُ ٿيو هَندُ
چارِ جوئِينَ بيخبرِي پيهي آيُون تَتِ (۱)
گهورِئِينَ رَسُولَ جي ڪارَڻِ تَربِيَتِ (۲)
حَوا، سارا، مَريَمَ، چوٿِين صَفُورا
ڳِنهِي آيُون ٽوڪَهِينَ چارِئي مَستُورا (۳)
هُوئِا حَوا هَتِ ڪَپِڙا اَندَرِ طَبَقَ نُورَ
سارا هَتِ سُرِهايُون تارَ مُشڪِ ڪافُورَ (۴)
ڪَوِنرو پَري ڪَوثَرا ڪِيو صَفُورا هَتِ
چِليپِچي مَريَمَ ڪَنئِي، آيون مَنجهہ جَهتِ
وِهنجارِي رَسُولَ کِي حُلا ڏِنائُون (۵)
سَرهايُون سَڳورِئِي لِڳِينَ لويائُون.
ڪِيو بِيبيءَ ايمِنا سَفرُ سَتِين ڏِينهِ (۶)
سِرجِئو سَاءِ جَهِين، نِپايو تَنهِ نِينهِ
پِهرو ڪِيرُ رسولَ کي ڏِنو ٿويِيا جوءِ
ڪَنيزَڪِ اَبُولَهَبَ جي، واقِدِي چوءِ (۷)

---

(۱) جوئين= جوئُون (۲) گهورِئين = گهوريون، ڪلبينديون، قربان ٿينديون (۳) ڳنهي آيون ٽوڪهين= ٽوڪ ڪئي آيون (۴) تار مشڪ= تاتار جي مشڪ (۵) حُلا= حُليا، ڪپڙا (۶) سفر ڪيو= گذاري ويئي، وفات ڪئي (۷) واقدي چوءِ= واقدي پنهنجي لکيل ڪتاب ۾ چيو

گهَڻُوڪوسائِي گَرَمِي مَڪي آندرِ آهِ
شهرَ ٻاهَرانْءَ ڏُونگرين ٿَڌائِي وَٺراهِ
پَهُوئارِينْ اعرابِيُوْن مَڪي آندرِ اِينِ (١)
پوربِي ٻُچيو ڳَيَروْ نِيوُ نِپائِينِ
ڌائِپِي ڪِيرُ وَڌا ٿِيا تَنهِ وِيرَ آئِٿو ڏِينِ.
گهڻو سَترائِي قَحطِي هُئِي مَڪي ڌارَ (٢)
حَلِيما سُهڻو لَڌو سُنِيءَ مَنجهِ ڏِيارَ؛
”ڳَجُورَ پَچِي پِيئِي آسان اُتي خُرمَنِ
سي ڪِئَهُونْ مَنجِهه، تِيانْ ٻاهَر ٻِيا جُهلَنِ“.
بَنُو سَعدِيان نِڳِيون پَهُوئارِينْ پائِهي
تہ نِيئِي نِپائِهونْ ڳَيَرُو ڪي مَڪاءَ هائِني
چَڙهِي چَلِيُون وَهِتِرِينْ بَنُو سَعدِياءَ
حَلِيما پُٺِ هَلئِي، تِنِي سين تِبِي تاءَ
حَلِيما جو ڏُٻِرو هُئو وَهِتَرُ وَرِي
پُرِي نہ پُڄي تَنِ سين هَرِي پَنڌُ ڪري
سي پَهُتارِينْ مِڙِيو حَلِيما تاءَ رڪَنِ
عبداللهِ حارِثَ-ڌِيءَ اُپِيُون سَڌَ مُڪَنِ (٣)
مَڪي آندرِ آيُون پَهُوئارِينْ پُرِي

(١) پنهواريون اعرابڻيون مکي ۾ اچن (٢) سترائي قحطي= سخت ڏکار
ڌار= ڌاري (٣) سڌ مُڪن= سڌ موڪلين، سڏ ڪن.

پُـچَـنَ لـڳِيُـون ڳِـيَـرُو ســـيراءُ سـيرَ سِـري (١)
سَينِـي عَـنِيَـنِ جـا پـورهِـي پُــچَـتـا پــارَ
نِـيائُون نِـپــانَ كـي مَـكِـي مـنـجـهــاءُ دارَ
مُحَمدَ كي كــاءِ نہ كَئَـي كِـيو يَتيـمُ چَـڏيــنِ
پُورو نہ پَســنِ پورِهـئـو، ويـيُـون وَرِئَـو وَجِيـنِ
حَـلِـيمــا غَنِيَـنِ جـو كـــوءِ نہ لَـدو بـــارُ
كــنـيــاثِيـن مُـحـمــدَ كـــي جـــو اُمَـــتَ آڌارُ
رہ ڳِـنِـيَـرُو سَـــكَـئِـي وري جــي وِيـنـدِيـاسِ
هــاٿـي هِـنَ يَـتـيـمَ كـي مُـورِ نہ چَـڏيـنـدِياسِ
جـي آڻُن وَجان سَكَـئِـي، ڳِـيَـرَوُ كـوءِ نہ كـنـان
خــالِـي پَـهُـوئارِيَـنِ سيـن وِيـندي لَـجَ مَـــران
هـــاٿـــي هِـــنَ يـتـيـمَ كـي نِـيـئي نِـپـايـان
اللهَ كـسـارَنِ اِنَ پُــنِ كَــئِـيـــو كِـيـرُ ڏِيـان.
حَـلِيـمـا حـضـرتَ كـي كَئي نِـكَـتِي تـاءُ
وِهـارِيـاثِـسِ وَهِـنَـرَ اُتي كِــئِـي پـانَ اَڳِـيـاءُ
سِـري سَـئـائِـي هـلِـيـو كِـي تِـكـو تـازِيـاءُ
پَهُوئارِينْ پــوءِ ئـيــونِ جُـنبيُون سـي سَـهـجـاءُ
حَـلِيمـا سَـدَ كِـيـو پـچـن پَـهُـوئـارِينْ جـوءِ

---

(١) سيراءسير = گهٽيون ڳليون هلي

ڪاهي ڇُريِنءَ اڳِ ۾ اسان ڇڏي پوءِ
جِينْ مَڪي مَنِ نِڱيُون اسين سَعديَاءَ (١)
وَهِنُر ٽُنهجو ڏِيرو پوءِ پِيو پساٿياءَ (٢)
هاڻي آساهانْءَ آڳِئي وَجِينْ وَڏيءَ وِڪَ!
”اِيءَ بَرڪاتَ صَغيرَ جِي جَنهِ مُنهَ ۾ ڏِڪَ“ (٣)
حَليما حَضرتَ ڪي کَڻيو آئِي ڇِتِ (٤)
مُرِسْ ڏِنائِين هيڪَلو اِيندو پِليءَ پِتِ
مُنهَ پَسي مُحمدَ جو ڪِئَئِين ڪِٿي نِهارِ
........ يَتِيمَ کي پِليءَ پَت ڪري
ڪنداسين خِدمَت تو اسين صَحِيْ وَري
حَليما وِيَر تَهِين وَري تَنِ ڇَياءِ
نِپايان بالڪَ کي آؤُن الله نانْءِ
آؤُن نہ پُڇان پورهِئو، مَڱانْ نہ مَزُورِي
خِدمَتَ هِنَ يَتيمَ جِي سَپ ڪَنديُس پُورِي
حَليما حضرتَ کي آنداڻين پيهاُر (٥)
نِپايائِس نِعمَتين آنواعِينْ موچارَ (٦)
کِيرِ جَهجهي، کِيئَنِ چڱي، انوا عِينْ نِعَمتَ
حَليما اِخلاصِ ٿي نِپايائين حضرتَ

(١) مَنِ= وت (مڪي منِ= مڪي وت) (٢). پوءِ پيو = پوئتي رهجي ويو (٣) ڏِڪَ= ڏيان، تجلو
(٤) ڇِتَ= جلدي، تڪڙو (٥) پيهاُر = مڪي کان ٻاهر (٦) انواعين= جدا جدا نمونن سان

هِيئِيِنْ مُقابِلِ پيتَ ۾ هيڪُ ڏِناٿُس ڇيرُ
پِتو پيتَ مَنجها ڪَڍِي ڪَري ٻَهارِ آنداٿُس
نُورِ مَغرِفَتَ ماڳُ سو پاٿِي پَرِياٿُس
وَحدانِيتَ خُداءِ جي .................. (١)
پاٿِي مُحمدَ پيتَ ۾ سِبٿاؤن سو چاڪُ
نِينگرَا پَسِي حالُ سو پِڳا سَٻِ.......... (١)
چَيياؤن دائَهَ ڪري اچِي مُحمدَ ماءُ
حَلِيما حضرتَ کي دَسِي پِينْ مُڙسَنِ
پِتو پيتَ مَنجهاءُ ڪَڍِي ڪري ماڙي وِڌو تَنِ
ڊِرناسُون ڊَرپَ گَهڻي جَڏهِ......... (١)
حَلِيما وِيرَ تَهِين اُٿِي دائَهَ ڪري
ڪَنِ مارِئو مُحمدَ کي هُوئا ڪيرِ وَڙي
ڪَنِ مارِئو مُحمدَ کي ۽ سي ڪيرِ هُوئا
اِهو ڪَمُ ڪري وَڙي کِهڙي پارِ وِئا
مُنِينْ مارِيندِي اُٿِي، آرِهِ هَٿندي هَتَ (٢)
تَنهِ سِين اِيئن ڪَنهِ ڪِيو جو سُونهي ۾ سَتَ
جانْ وِڃي تا پاڇوئِيي مُحمَدُ وِيٺو آهِ (٣)
سائو سِبيو وِيتَ ۾ وِسِئا جِٺن واجهاءِ (٤)

---

(١) ورق زيون (٢) مُنِين= مُنيون (٣) پاڇويو= پاڇولو، سايو (٤) وِسِئا = هيسيل

مُٺهُ آڪينْ مُحمدَ ڪي چُمِي چُورِ ڪِئا
سَيانْ نَبِيانْ بادِشاهُ ڳِنهِي گهَرِ نِئا
آڱُنْ اُتان تو گهورِئِيي، ڏِنِيَسِ تو قُربانُ
توسيسن هِنِ ڪوهُ ڪِيو، هُونِ ڪيرُ پَريانُ
مونکي ٻُجهي هيڪَلو ڏِسِئو پِينْ مُترسَنِ
چَياؤُن مَلڪَ آسِينِ، ٿُون سِرُ نَبِيئَنِ
پِتو پِيتَ مَنجهاءِ تو پِيلانْ ڪَدايسو
وِيڙَ چُوٺدا آڳِرا تُنهِجا مائِٺَرِ تو
متان پِتي اُتي پوئِي وِيڙُ تَنِي جو تَتِ
ڪِجي ڪانڌِ ڪَرنِ سِينِ مُحمدَ مَنجهاءِ مَتِ.
حَلِيما حضرتَ ڌانهُ جَنه وِيرَ اينءِ سُوئاءِ
وِيرا وِيرَ رَسُولَ جي خِذمتَ خُوبُ ڪِئاءِ
پَنجينْ وَرهين عُمُرَ جي رَسِئو رَسُولُ اللهِ
اُڪَندَ تِيَسِ آڳِرِي شَهرَ مَڪَةُ اللهِ (١)

.........................................

.......... پَرِئو اڳِي هُئبو بَصِيرُ (٢)
خَدِيجا ڪي خوابَ جو ڏِنائِين تَعبِيرُ
خَدِيجا خوابُ تو لِنڌو يَتِ ڪَهِينْ

---

(١) هن بعد ڪي ورق ضايع ٿيل آهن (٢) پريو = پوڙهو

جانْ سو لَهانْ سُپَرِين سُوجهي ۾ سَونسارَ.
جِينْ ماءُ هُئو پيتَ ۾ تہ پِيءُ گذرِيوسِ
جائي پڄاڻاءِ سَتين ڏِينهِ ماءُ پُڻ سَفرَ ڪِيوسِ
يَتِيمُ آهي هيڪَلو، گهڻو غُربَتَ حالِ
ناهِس دِرَمُ مِلڪَ ۾ مَنجها دُنيائِي مالِ.
پُڻ پُڄاءِ وَرْتِيو سَلْ سَندسِ سِينگارَ
سَندي خَتمِ انبياءِ رَسُولَ ڪِيها پارَ
وَرَتِئي چَيو سو تَبيءِ نہ ڪوتَه نہ دَرازْ
اِيئي جُهبيرَنِ وِچ ۾ سِرَ اُتاهون سازْ (١)
ڳاڙها ڪَهُوءَ وَڻْ جِتَن صافِي لِڳَ سَنداسِ
مُنهُ سَيوئي موڪِرو.....................
پِرُونْ يَوَّنر وَرَنيُون گهڻو ڪُشادِيءَ ڪارِ (٢)
مُنهُ موتِيارو مُصطفيٰ جِينِي چَندَرِ نِهارِ (٣)
اَکِينْ هَتِسِ اُجَرِيُون پوچَڙِيارا پاندَ
ڪِيا اوجاڳي سَڄَڻين، ڪَڪورِيا تو ڪانڌ
رِءَ سوئيري سُوهَڻا، ڪارائي نِيڻَنِ
گهڻو آڇائي اُجَرِي ڏارِي جا تارَنِ
تيني سُونهَنِ مُنهَ ۾ تارا ڪارِيءَ ڪورَ

---

(١) جُهبيرو = جُبيرن، جُبا پائيندڙ ماروئڙن (٢)پرون= گهاٽا ڪارا(٣) موتيارو= موتين جهڙو اڇو چمڪندڙ، موچارو

ڪِي پُنِ پوءِ آڪينِ ۾ ڳاڙهائيءَ جيءَ مورَ (١)
سُونهَنِ سُپِيرِينِ ڪي سِرِ رُخسارِهِ خالَ
پِنبِٽيُون پُوچَ تَهِينْ چَپَرَ جوڙَ جَمالَ
ڪَنڌُ ڪياڙِي اُجَرِي پُورا پانڌَ ڪَنَنِ
ڳِچِي تَنَهِ رَسُولَ جي سُونهي مَنجهِ سَيَنِ
ڏاڙهيءَ ڏنڌين سُونهَٽُو ۽ اُتاهِينْ نَڪَ
ڳَهاٽي ڳِليِڻ ريهَ تِئِي مُنهَ ۾ مُبارَڪَ
ڏَندَ مُبارَڪَ مُڪِرِيُون تِرورِ آيا اَنتَ (٢)
موهِينِ پِرِيانْ موڳرا ڏاڙهون جي جُهِ ڪَٿَ
موتِيارا موتِيَنِ جِتَن جَڻْ ماڻِڪَ آوِنڌَ (٣)
ڪالَمان ٿي اُجَرا سُونهارا تَنهءِ سَنڌَ (٤)
پُورِي مَتي موڪِري، پورِي پُٺِ سَنڌِياسِ
سِر اُتي سُونهَنِ جي سُونهارا واراسِ (٥)
نه ڪوتَهِ دَرازَ سي پُورا رَبَ ڏناسِ
ٻانهُون هَٿِسِ ڊِرگهِيُون، ڪُلها ڪُشاداسِ
مُهرَ نَبُوَةَ پُٺِ ۾ قُٽِسي پِسڻْ تِياسِ
رَسَنِ سَرورَ انبِيا مُونِينْ هَٽَ سَنداسِ
هَٿِينْ تَرِيُون موڪِريون، ڊِرگهِيُون آڱرِياسِ

---

(١) ڳاڙهائي جي مور= ڳاڙهاڻ مائل (٢) ترور= چمڪندڙ (٣) آوند= اڻ ونڌيل
(٤) تنهن جا عضوا سڀي عالم کان اجرا (٥) واراس= سندس وار

سخاوَتَ رَسُولَ جي چَٺِينْ پَچيراسِ (۱)
زائو هَتِس زِينَتِي، کوتَہَ سُکُنداسِ (۲)
پُورا ڳِريا بُکِيُون، پُورا پيرَ سَنداسِ

*....................................

بُزرگ زادَنِ جي مُورِ نہ جائي کارِ (۳)
بانهو آڃيو اِنَ کي هيڪاهِينءَ نِهارِ (۴)
موکلائي موتِيا پَقِي ۽ چاچوءِ
تَنهِ خبَر کونہ لَهي جِيکي ٿِيندو پوءِ
مَکي مَنجها نِکِري ساتَ ڏِناٺُون پُٺِ
خَدِيجا جي خاصَکِي مَيسرِي آندي اُٺِ
سونَ مَحافو سِرِ تَهِينْ مُرَصَعَ سِينگارِياءِ
چارِ وِهٺا چَئِين ڦِرين پَٺَرنِ پَٽُ وِڇاءِ (۵)
چوڪُنڍِينْ چوٽُ کري ناٺو تَنهِ ڏِرِياءِ
پَٽُ پَرَهائي مُصطَفي مَٿي پاڳَ بَڌاءِ
زَر کَمربند چيلِ ۾، موزاپيرِ ڏِنَاءِ
سُلطانِي سِينگارَ سين اُٺِ اُتي چڙهياءِ
اَبُوبَکر صديقَ بَل مُحمدَ يارَ غارَ
ڳَرِلڳِي کي مَيسرَي کِياٺين اُٺِ سُوارَ

---

(۱) چٺِين پچيراس= گذريل چٺن پيڙهين کان(۲) اصل ائين * هن بعد کي ورق ضايع ٿيل آهن(۳) بزرگ زادن= اعليٰ خاندان جي اولاد (۴) هيڪاهين نهار= هيڪاندي نظرداري (۵) چٺين ڦرين= چٺني طرفن

مَيسَرا اسين تُنهجا آيُهون مِنتَ دارَ
جُه تون بُزرگ زادِه ڏونهُ مِهر شَفَق نِظارَ
ابوبڪرؓ هِن-پيءُ تون پاڻهي جاڻي (١)
مون سين هُئي ياري مَحبتَ سَٽراڻي
تيلاڻيڻ تَنهِ-پُٽَر کي هِها توکَ ڏِنامِ (٢)
احسانَ عَبدالله جا آچي چِتِ پِيامِ
پانهنجي مالَ مَنجها مُحمدَ نوازِئُمِ
خَديجا جو هِتِ مُون خَرچُ ڪِينَ ڪِيومِ
خَديجا جي مالَ ۾ آئُن آمينُ آهِيان
مَنجها وَجَهَ تَنهِ جي خَرچُ ڪِينَ ڪَريان (٣)
آبُوجهلُ وِجَهلِٽو پَسِي اِهو حالُ (٤)
خَديجا جو خَرچِئِين مَيسِرا ڪوهُ [نہ] مالُ
آبُوجَهلَؓ مالُ مون سَڀِي پانهِجو ناهِ
آئُن اِتِ خَرچِيان خَديجا جو ڪاهِ (٥)
وِهُ وَجي ماتِ ڪري، مَيسَر چَئُس تِيسَّن
آبُوبڪر تِتَن اُتو ساتَ سَڀنهِي اِيتَّن
مَيسَرو مُحمدَ کي جِينُ نوازي هينءُ
ڪوهُ وِجهَلِين ايتَرو، ريسُون ڪَرِين ڪينءُ

---

(١) هِن- پيءُ= هن (نبي سڳوري) جي پيءُ (٢) تنه-پُٽَر= تنهن(عبدالله) جي پُٽَر (يعني نبي سڳورو) (٣) وجه= وکر، واپار جي وڙ (٤)وجهلٺو= وڦليو، بڪيو (٥) ڪاهه= ڪوه، ڪيئن، ڇو

آبُوبڪر مَيسَره ۾ آچي اُتائين
آبُوجَهل دُشمَن آهي توڙا ٿين
غافِلُ ٿيِ مَ ڪَنُهين، هيڪَلي ڪِيج مَ اُٺ
جمَ پُٺاڙُ ٿِي دُشمَن ڪيانُ هٿيس پُٺ (١)
محمد مَهندا هَلُ تون پُٺاؤن آؤن ٿِياءِ
قافِلي سالارُ جو اڳهُون ڪِيو نِياءِ (٢)
اڳي هُئو مَيسَرو قافِلي سالارُ
هاڻي ڪِيوءِ ڪارِوانُ مُحمدُ مَهندارُ
جتِ اُلهي مُصطفيٰ تِٿِ رهي ڪارِوانُ
نَبيُ سَيِهي سات جو آڳَهُ آڳُوڻانُ
مُحمدَ کي اِقبالَ اِنَ پَسي پُڄي نه سَگهنِ
ڏُجهُ ڏورائِينُ ٿيو پايو وِچ وَجَنِ (٣)
هَلڻُ رَهڻُ پُوءِ ۾ ساٿي سَيِي گَڏ
هُو هيڪَڙو ڏورِ ٿيو پايو وِچي سَڏ (٤)
مَٿي سَگِرَ ساٿيَهِ هُئو نِيرَ نِياڻُ
پاٺي تِرنِ ڏِينهَنِ جو ڪِٿاؤن ڪري پَرياڻ
آبُوجَهلُ، وَلِيدُ پُٽ مُغِيرو دشمنُ
مِڙي پاٺو آهَ ۾ گَرهياؤن هِيءَ فَنُ

(١) پُٺائون= پوياه ، پٺيان (٢) نياء= نبيرو، فيصلو (٣) وچ پائڻ = وير رکڻ (٤) پايو وجي سڏ =سڏ پنڌ تي هلي

هِنَ پَنڌَ پاڻي ناهِ ڪِي، اوڏو ڏِينها پَنجَ
دُشمَنَ دغاؤن ڪري سَڀ وِڌا ۾ رَنجَ
رُوئَڻَ لڳو قافِلو قُريشِي ڪارِوانُ
اَبُوبَڪرِ، عُمَرُ بَل عَلِي ۽ عُثمانُ
آهڙو پَنڌُ پَسي ڪري سَڀ ٿيا حَيرانُ
مَهَندا وِيا مُصطفيٰ جو نَبِياء سُلطانُ
نَبيءَ چَيو تَنِ کي رُئو ڪُجَاڙَاءِ
حالُ سَيوئِي ڪَيفِيَتِ ٻَرَهِياڻِس اڳِياءِ
نحافي مَنجها اُلهي وينو هيٺِ وِرِڪَ
سُونهارو سو چانڊَرُئو، مُنهُ موتِيارِي ڏِڪَ
وَڻَ سيٺِس ٻالهيو: يا رَسُول اَللهَ (١)
سَتَ وِڪون وِجُهه قِبلي کُوهُ پاڻيءَ جو آهِ
تو مائِٽرِنِ لَئِيو مَنجها عَڪسَ ڪاهِ
لاتاؤن سُهجائِيُون وَڍِياؤن وَڪراهِ
پيئِي ڪامَ ڪَرَنِ کي پسي تو عِزتاهِ
ڪوٺِي سو کوه لهو سندي نِيهَ اِلاهِ
ڪوٺِي لڌاؤن کوهُ سو وِڪن پَري سَت
تيني آچِي رَسئِي نبيءَ جي بَرڪَت

---

(١) سيٺس =سائس

ڪوٺري ڪوهُ لهي ڪري پاٺي ڪَڍياؤن
سَنڌَرِ سانڌارا پانهِجا سَنيي پَريساؤن
ٽري ڏِينهَ تِتِ رَهِي ڪري قرارَ ڪِياؤن
(۱) دُشمَن ڳري اندوهَ ۾ وِيهَينْ وِڏاؤن
ٽري ڏِينهَ تِتِ رهي ڪري نِڳڻو ڪارِوانُ
سَيا ساتَ مَهندَ ۾ مُحمد آڳوٺانُ
وَڏيو پِٽي واٽَ ۾ هُٿو ڳوٺَ نِڌانُ
راهِبُ وينو تَنِ ۾ تائِبُ تَورِيتُ خوانُ
مُجاوِرُ ڏِيوَّرَنِ جو عاقِل اڳيون جانُ
(۲) هُٿو عِزتَ اڳِيءَ پُورو پَهَروانُ
ٽري سَٿُ سَٽِ مَنجهه تَهِين وَڏا بُتَ ڪِياءِ
پَڙَ پَٿَٿانْ زَرَيانَ جا مَٿي تَنِ ڏِناءِ
ايندا وِيندا آدِمي مَنِها تَنهِ مَڪانَ
ڏِٺو ڪِياؤن زِيارَتون اُٺَ، گهوڙا ڪِيڪانَ
(۳) دَرَمَ دُنيا ءِ دَولَتون ميڙيو پَهجاڻ
(۴) سو دُنيا تَرڪَ ٿي وينو هُٿو تَنهِ ٿاڻَ
بُتَ سيٿي پَٽَ سين سونهي سينگارياءِ
(۵) صِفُون ڪري سَراءِ ۾ زِيارَت لَڳِ رڪياءِ

(۱) ويهين وِڏائون = ويهه ييرا وڌيڪ (۲) پهرواڻ= پهرو ڏيندو، محافظ (۳) پهجاڻ= گهڻي علم وارو (۴) ٿاڻ= ٿاڻو، جاءِ، جوءِ (۵) لڳ= لاءِ، واسطي

تانْ ٿِي آچي نِڳِٿو ڦُريشِي ڪارِوانُ
مُحَمّدُ جِيني ساتَ سين اَڳُهُ اَڳُوئانُ
پِيا بُتَ مُنهِ ڀَرِ ڪِري ڏِينؤَري سانُ
اِيءَ پَرِپَسِي پاڻَ تَنِ راهِبُ ٿيو حَيرانُ
جِينْ جِينْ بُتَ اُيا ڪري مَنجها خاڪِ ڪَٿي
اُماتا مُنهِ ڀَرِ پِيا سَڀِ جَٿي (١)
اُتِي پِتِ بُتَنِ جِي چَڙهي نِهارِياءِ
دِمَشَقَ وِينِدو قافِلو مَڪي ڏُونهُ ڏِناءِ
جانْ رَهْبانَ نَظَرُ ڪِيو قافِلي چودارَ (٢)
ڏِٺائين جانءِ ڪَکَرِ جي ڪِيڙي جي مِقدارَ (٣)
چَيائين تَورَيتَ ۾ تانْ مُون پَڙهَئو آهِ
صَحَيُ آهي اِنَ ساتَ ۾ خَتَمُ رُسلِ اللهِ
ٿِريهَ وَرِهَ ٿِيَسِ جانِي مُحمدِ بِن عبداللهِ
تيلانْ بُتَ ڏِرهي پِيا، ٻيو نَتِيجو ناهِ
مِنتَ ڪري ڪارِوانُ رَهبانَ رَهاياءِ
مِهمانِيُون موتِيارِيُون ڪارَڻِ تَن ڪِياءِ
مانَ سو پَسان مُصطفيٰ آؤُن اِهين ڏاءُ
جَنهِ لَڳِ پُوئِينْ آسمانَ خالقَ خَلِقياءِ

---

(١) اُماتا =اُونڌا ٿيا (٢) رهبان= راهب (٣) ڪيڙي= ڍال، سپر

ماڙهُو مُئي ڪوٺيا ساٿي سَبِ وَري (۱)
اسانهِجي ڪيئَن مَٿي آڇو پيرَ پَري (۲)
مِڙي مِهمانيِنْ پاڻَ ۾ فتويٰ ڏِنائون
مُحمدُ اُتِ اَمينُ ڪري واهِي ڇڏيائون (۳)
محمد جِئن مَتاعَ ۾ ڇڏي سَبِ وِيا
پيئا ڪَلِيسانَ ۾ ڏِيوِار جِت تِيا (۴)
راهِبَ بُتَ اُيا ڪِيا ڏَرهي سي نه پيا
سيٺِن سُون آيو نَظَرُ جَهِين نيا (۵)
چَيائِين هِنِءَ آئِبي تِيو بُتَنِ قرارُ
آئِيو سون، سَندِي جَهِين نَظرَ نگهُوسارُ
پُڇيائين مَيسَرو ۽ اَبُو جَهلوءِ (۶)
ڪو ماڙهُو رَخْتَ ۾ ڇڏيو آهِيانْ پوءِ (۷)
چيائون يَتِيمُ هيڪَڙو آهي مَنجِهه رَخْتَ
پيا سيٺي آئِيا، آسِين تو خِذمَتَ
پُڇيائِينْ اِسمُ تَهين؛ چَيائُون مُحمدُ
تان ڪِلي رَهبانُ سو لوڏِئُ لڳو ڪَندُ (۸)
چيائين هيءَ ڪيئَن مون ڪارَڻِ تنهِ ڪِيا
جَيلانْ ايندو اُوِيَلُ تِيئَنْ ڪِيندا پِيا

---

(۱) مُئي (مٿي ۽ مِن بعد) = مُنجي، موڪلي (۲) ڪيئن مٿي =ڪاڏي وٺ. ڪاٿ لاءِ (۳) واهِي= رکوالو (۴) ڏِيوِرا =ديوتا ديوتائن جا بُت (۵) سيٺن =سائن (۶) ابوجهلوءِ= ابوجهل کان (۷) رخت= سامان. پوءِ پٺيان (۸) رهبان= راهب، عيسائي عالم

جانْ سو اچي آدَمِي تانْ وِهي سَيِّڪوءِ
اُنَ رِءَ ڪِينَ نہ ڪائِبو هرگز هَنّڍِين پوءِ
ماڙهُو مُٺِي سوڪوٺهو نَبِي مُحمدُ جامُ
جانْ سو اچي نہ وِهي تِئانْ ڪِيَنُ حرامُ
ماڙهُو مُٺِي مصطفيٰ ڪوٺي آنداٺون
اَبُوجهلِ اڳَرو اُدويءَ ڏنائون (١)
جانْ نَظَرُ رَسُولَ جو پيو سِر بُتَنِ
تانْ ڊِرَهِي سَڀِ مُنْہَ پَر پيا سِنءَ ڏِيوُّرَنِ
تَڏِي چانْ ڪَڪَرَ جي مَتاڻُسِ ڏِناءِ
تَسِنہِ مُعجِزي مصطفيٰ سَچو سُڃاتاءِ
هَٽِ بُجهي حُرمَتَ سِين مَتي وِهارياءِ (٢)
اُيِنو اَدبُ ڪري تعظِيمَ گهَڻي ڪِياءِ
پُڇيائِين رسولَ جو ڪِهڙو دشمنُ دوسُ
ڪَنهِ سُهاءِ ڪي مصطفيٰ ۽ ڪَنهِ سِيڻُسِ روسُ (٣)
چَيائُون اَبُوجَهلُ، جو دشمنُ نَبِيءَ آهِ
اَبُوبَڪرُ مَيَسَرو دوسُ رسولُ اللهِ
اَبُوجهَلُ ڊِرِنو گهڻو جِتَن چَيائُون اِيئَن
سَيِي دوسَ رسولَ جا آڙُن ڪندو ڪِيئَن

(١) اصل ائين (٢) هٽ بُجهي = هٺ کان جهلي(٣) سيڻس روس= سالس رسامو، وير، يعني نبي سڳوري کي ڪير پسند ڪري ۽ ڪنهن کي وير آهي

ڪبيڻ ڪائي نِڳيا اِجازت ڪري
ميَسَرِي مُحمّد کي اُپياريا ءِ وري
پريتي جي پاڻ ۾ ڳجهي ڳالِ ڳري
پسانءُ پٺِ مُحمدَ جي جيڪر اُگهاڙي
چَيائين مُحمدَ کي هيڪرَ پُٺِ اُگهاڙِ
مُهرَ نَبُوةَ جا پسَان نُورانِي نِظارِ
پُٺِ پانهِجي مصطفيٰ تَهِ ويرَ اُگهاڙِياءِ
مُهرَ نَبُوةَ ڪُلهي وِچ ۾ پَسِي سا چُمياءِ
چَيائِين: رسولَ کي هِسيرَ مَ نِهو هاڻِ
هيءَ اَجوکي راتڙي گهارِهو آسان ساڻِ
بَچايوهُسِ بَرُ مَٿِي پَڪِي ڪَنَهَ پريانِ
(١) مستان ڏيٺِ ڏُڃَڻِ تئي آڏي تِئِي آناڻِ
ڪيسرُ رَساڻي سگهندو مَدِي مُحمدَ ساڻِ
راهِبُ مُسلمانُ ٿيو ڪلمو پڙهي پاڻِ

لااله الاالله محمد رسول الله

---

(١) آناڻ = مشڪلات، ڏکيائي، مصيبت

تيان دمشق شهرَ مَنجي ۾ واٺون وڃن
ڏهين ڏينهين هيڪڙي، ٻني جيئن ماهِ رسن
چَيائون مَيسَري جَنه رَهِ لڳي ماهُ
تيلاهين کي ساٿيين آهي پاٺي گاهُ
ڏهين ڏيهين واٺَ جا سا سَيائي سُڄَ
نہ تَسنه پاٺي گاهُ کي، مانڙهو مَرنِ اُڄَ
۽ پُٺِ اُٺَ رَحمتي گهٽو ڪنائي ڳندِ (١)
پيو آهي واٺ مُنه، اڳيان اُني پَندِ
تِريٺ ڏينهَ تيني اُٺَ جي اچي بُوءِ ڳري
تان ٿي ڪبوءِ نہ نکري پَڳي واٺَ وَري
مٿي سَڳُرَ ساٿيين پيو پُٺِ سُڄي سَبُ
اوڏي پَندِ پارِ گهٽو وَڃَنِ واٺَ نَہ مَتِ
ڪارِوانٺ ڪون وچي قافلو اِنَ پَتِ
مِڙئي مَصلحَت ۾ پيا آچي مَيسَر وَتِ
مَيسَر اُتو تَنِ کي پُڇان جانٺ مُحمَدُ
آؤن ويندو واٺَ تَهين جو آچيندُمِ پَندُ
اَبُوجَهلُ وِجَهليئو: تانٺ تو ڪئوءِ نہ پَندُ
ڪَناءِ ڪالُهوٽي ڳيُري وَڃئو پُڇين پَندُ (٢)

---

(١) ڪنائي ڳندِ= ڪني ڌپ، بدبوءِ (٢) ڳيُرو= جوان، نوجوان

ساٿُ رسيَءُ تنهِ جُوءِ ۾ جتي سَڀُ هُئو
سُٺي سَوُنچو ساٿي ڀُري پيدا ٿئو (١)
مارُهو مِڙيا سَڀَ سِرِ، آچو تہ ماريهُس
متان ڏاڙهي ڪُنه کي ڪُٺي دفن ڪَريهُس
مُنهُ پَسي مُحمدَ جو ڏنو سَڀَ سلامُ
ڏِني ايءَ سَيڪَهين نِٿي گِيڙائِسِ نامُ (٢)
سَتَ وَرِهَ ٽِيَمِ جي ويٺي ٽيهين
پُڌو هوم پَسندُسِ توکي هِتيهين
مولي مون تي مِهرَ ڪِئي، جَهجِهي ٻاجهہَ ڪِياءِ
آخِرِ زماني جو نَبِيءُ مون هِتِ ڏيکارِياءِ
ساٿُ رَسيٺو ٽَنه جُوءِ ۾ اُٺُ هُئو جَنهِ هَنڌِ
جَتَ ڪَٿُورِي اُپِڙِي سُرهي سَهِي پَنڌِ
آڳَ آڳاٽري ٻُجَڙِي جَتَ ٽِرينُ ڏِينهين پوءِ (٣)
آڳاٺِجِهي ٽَنهِ جُوءِ ۾ ڪِي ڪَٿُورِي هوءِ
ساٿِ سَنِهِي پيلِئو جِتي اُٺُ هُئو
جَتَ ڪِنائِي نہ آهِ ڪا سَيِهينُ سو مُٺو (٤)
جِينُ جِينُ اوڏا اُٺَ تِيَهين ڪَرِ ڪٿوريءَ بارَ
مُعجِزا رَسُولَ جا قافِلي سَالارَ

---

(١) سوُنچو = ڊپ. ساٿي = ساٿ جو. قافلي جو. (٢) نمي نالو ورتائين (٣) اُٺ ڪان ٽن ڏينهن پنڌ تي جت اچي (٤) مُٺو =سرهاڻ

جانْ اَچِهِن اُتَ رَحمتِي پِئو آهي تت
ڪٿوريءَ ڪِيرَ مون تَرسَ ۾ گُلِخِي نہ مَتِ (١)

اُتَ رَحمتِي اکَينِ سين جانْ نَبِيءَ ڏِٺاءِ
ڏيئي سلامَ رَسُولَ کي اِيهِين لالاياءِ
چَيو اُتَ رَحمتِي شَفِيعُ الاُمتَ
پِنيي حُضورين، ٻُجَرِي مون ڪارِين رَحمتَ
اَچِي گُذَرُ جانْ ڪِيوءِ شَفا ڏِيهِمِ صِحَتَ
لاتِقْ سُواريءَ تو تيان نَبِيَ تُہ بَرڪَتَ
مَحافي مَنجها مصطفيٰ اُلَهِي دعا ڪِياءِ
هَتَ مُبارَڪَ اُتَ کي لِگين سيّن لوياءِ (٢)

اُتُ رَحمتِي ماڳِ تَنہِ شَفا صِحَتَ لَڌاءِ
سُرهَو تِيو سَيِي پَرِين ڪِني چَتَ چَڌياءِ
اُتِي اُتَ عَرضُ ڪِئو يا رَسُولَ اللهِ
مونکي مالِڪَ مُنهجي آجو ڪِئو آهِ
سَيِڪَهِينْ کي جا وَڻي دُنيءَ اَندرِ خاوِندُ (٣)

خاوِندُ مُنهجو مصطفيٰ تون سَچوءَ مُحَمدُ
مَندِر مَحافو مصطفيٰ، مون سِر چَڙهَ رَسُولَ
مَرڪَانْ پانهِجيءَ ذاتِ ۾نَبِيءَ جامَ قَبُولَ

---

(١) اصل اٿين (٢) لوياءِ= لوياٿين، مهٽياٿين (٣) دنيا ۾ سڀڪنهن کي پنهنجي پسند ڏناٿين

سَين سَهَنگو وِکيو، مَهَنگو گِيَڙاؤن
مَيسَري مُحمدَ کي مِنَتَ کياؤن
ڏَہ ڏِينہَ اسان جي رکو، مِڙيِ هَلَہ مانَ
وَٺِج وِکِٺِي نِکَرَهُونْ مَنجهاءِ هِنَ مَکانَ
مَيسَري رَسُولَ کي أيِي عرضْ کِياءِ
هُئو سو رَحِيمْ دِل سَيِائِي مَجِياءِ
وَٺِجْ وِکِٺِي نِگِٺو قُريشِي کارِوانْ
مُحمدْ جِيني ساٿَ سين آگِہْ اگُوانْ
مَکِي مَٺِي نِگِيا رِجِي پَندْ کَرِينِ (۱)
ويران وير رسول کي کُورُو گهٽو ڏِينِ (۲)
اوڏا آچِي رَسِيا ٽري ڏِينہَ مَکو پَندْ
لاهِسي وڏو قافِلي خوش رکِي سو هَندْ
مَيسَري مارگِ تَهِينْ مَسْ قَسَلمْ گهَرياءِ
کَيفِيَتِ کاروانَ جِي مَکِي مَٿِ لِکياءِ
هوئِهُون حُکمْ مَکِي مَٺِي تہ آچِهُون سَيِئي
کِ قافِلو لاهُيِهُون مِطِبَرِ مِ نيئي
بَندو کاروانَ سين رَسِيوءِ سَلامَتَ
شَهزادِي داناهِ ڏُرِ فَرماءِ اِشارَتَ!

---

(۱) اصل ائين(۲) اصل ائين

آيوءِ جَبرئيلَ کي رَبَ سَندو فرمانُ
پَکُڙَ هَٿي هيڪَڙي تَڙي موٽي آهُ (١)
ڪيهي مَجالَ لعينَ کي جَہ هوءِ حَبيبَنِ سانُ
جَهين ڪارڻِ اُپائيو عالمُ جِنَ اِنسانُ
يونْ کي چَوڙَڪو ڪري ڪوٺي جَهلِ پانُ (٢)
تہ تَهين دَمِ مَڪي رَسي نَبِيينْ سُلطانُ
بيبي خَديجا بادشاهِ سگهڙِ سُرتِ سُڄاڻِ
اڄَڻَ ساتيڙَنِ جو مَهَلُ لَهي پَهچاڻَ (٣)
ڏيهاڻيءَ تَنه ڏيہَ ڏي چَڙهي نِهاري پاڻِ
الله! رَسُولُ اللهِ کي آڻِ اُڪَندِي هاڻِ
سَجَڻُ منهجو سُپرين مِيان مَحمدُ آهِ
سِڪي هِنيو سَريرَ ۾ سَنديءَ جَنه رِهاڻِ
خِذمَتگارِي خاصِيُون چالِيہَ چَٽيُون هُيونسِ
هَمسِر حُرمَتَ ڳَالهِ ڳُجهہُ وِروَنُهُ واتِ ٽِيونُسِ
مُندَ ڏيهاڙي تَنِ سين چَڙهي نِهاري
سُپيريان جِي ڳالڙي مَنَ اَندرِ ماري
نيڻَنؤن نِڪُون ڪيو، رويو جَرُ هاري
حضرتَ رسُولُ اللهِ کي سِڪَ گهڻي ساري

---

(١) هڪڙي ڪنيزاڻي هٿي شيطان کي تڙي اُن کي موٽائي گس تي آڻ (٢) چوڙ ڪو ڪري چٽني ڪنڍ ڪان جهلي. ڪوٺي= سُڏائي، سوڙهو ڪري (٣) سات جي اچڻ مهل جو اندازو ڪري

رُوندي هُئي رات ڏينهَ مُحمدَ کي مُشتاقَ
ماڙيءَ سِر مُنڌَ چڙهي آکينُ ڪٿي فِراقَ
جِتي هِينُ مونُ مصطفيٰ لَڳُ تَتائينُ واءُ
سِيبائِيي لِڳينُ لَڳو مُعطر عنبيراءُ
ڏِيهائِي قَصَر سِرِ اُپِئي اِشتياقاءُ
نِهاري نِيڻَنِ سين مُحمدُ اُميراءُ
نِيسوَ تِرمائي مِينهُ جِيئنءَ اُڪنڊي اُکيراءُ
مانَ ڪو پانڌي پِيدا ٿِئي پريَنِ جي پاراءُ
نِهاري نِيڻَنِ سين مَٿِ دِمِشقَ شامَ
وارِئين واءُ وَڏاندِري مٿان مُحمدَ جامَ
نِهارِيائِين نِيڻَنِ سين مَٿِ دِمِشقِ ڏِيهَ
تان تيڏاهِين اُبِرِئي پسهرِئين پَهرِڪيهَ
اُتي اُٿِ رسولَ کي اِيندو تنه واتاءُ
ڏِنائين ڏِيهَ ڏَٿِي مُحمدُ مَڪي راءُ
چَيائِين ڪنيزِڪيءَ اوڻِي اِيندو آهِ
هِنيو گُواهِي جِئن ڏي هِيءُ سو رسولُ اللهِ
ڪوڏِ ڪنيزِڪيءَ کِلنو تِني بيبيءَ ساڻُ
هِيءُ مُحمدُ جي هوءِ تہ ڏِينديئينءَ ڪِي شُڪرانُ

جي هِتي هوءِ سو مصطفيٰ مُحمدُ مَڪي جامُ
تہ مون سَنئيي پُنيُون مُرادون مُدامُ
سَهسين سونَ ٿي سَيڪَهين آڻُن ڏيندِي اِنعامُ
آزادُ ڪري سَڀنِ ڪي ٻَرڻايان تمامُ
جِين جِينْ اوڏو مصطفيٰ اچي مَڪي پاسِ
نُورُ عِريانا نِڪري وَڃي لڳو آڪاس (١)
شهَزادِي تَختَ سِرِ لاٿي ويٺي پارُ
تَرَسي تاسويَنِ جِينْ نيڻين ڪري نِظارُ (٢)
خِدمَتَ مَنجهہ ڪَنيزَڪِينِ چاليهَئِي چَوڌارُ
مُسنَدَ مُرادُون پُنيئُون تِيئُسِ ڪُترِهہ قرارُ (٣)
شِهَزادِي سَرِهي ٿِئِي جِينْ تَحقِيقُ ڪِيائِين
سَرورِ سچو واعِدو سَپِينْ سين پاڙِيائِين
سُجاتائِين رَسُولَ کي ٿِئِي شهزادِي شادُ
چاليهَئِي ڪَنيزَڪِينْ ڪِيائِين آزادُ
آچي رَسِئو دَرَ سِرِ ڪاغَذُ ڪَڍيائِين
تاريخُ لِکئو تَنهِ ۾ پَڙهي پَروُڙيائِين
بيبيءَ سَبيَ فَهمِئِي ڪاغَذِ ڪيفيَتَ
لِکئو آهي آجُ هِيءَ هاڻي هِنَ ساعَتَ

---

(١) عريانا= پَڌَرُ مان، جاريءَ مان (٢) تاسوين= أجايلن، سڪايلن (٣) ڪڙهہ= دل، جگر

اِي مُعجِزا ڪَرامتُون نَبِيءَ جِي بَرڪَتَ
حَيرتَ ۾ پُڇِٿاءِ تُه نِگِيهُون ڪَنهِ وَقتَ
سِجُ نه هُٿو اُڀَرِئو تِنهُس اُٿِ سُوارُ
سوئِي ڏِينهُ ساعَتَ سا ڏِنمِ تو دَر بارُ
ڪاغذَ ۾ مُحمدَ ڪَيفِيَتُون مَيسَري لِکِياءِ
مُندَ مُرادون پُنِيُون پَڙهي پَروڙِياءِ
بِيبِي ڪمالِ عَقلَ هُئِي سَروَرُ سُڃاتائِين
مَقصودُ مُدعَا حاصُلِ تِئِي تَنهِ ويرَ چَيائِين
مقصودُ مُدعا حاصُلِ تِئِي پُڇاٿاءِ فِراقَ
نه آرامُ قَرارُ مُون سَندي جَنهِ اِشتياقَ.
پُڌو بِيبِي عاتِڪا تہ مُحمدُ بِن عبداللهِ
خَديجا کي خَبَرون کِنهِي آئِيو آهِ
اَبُوطالِبَ کي چيو عاتِڪا سَردارِ
ياترو آيسو وَرِي خَديجا دَربارِ
وِچڙئو جيئنُ ڪاروانَ سين رُناٿين زارِ زارِ
دِلگيري ماءَ پِيءَ جي پِيو پَريهئِنُ پارِ
هِنِيانُ هُونِ تَنديَرا سَندا پَر ڏِيهيَنِ
دائِمُ دِل شِڪستَ سي پاسي پِرينُ نه جَنِ

ڪوني آءُ رَسُولَ کي سِگهو وَڃي پاڻَ
ڪَڏهين هُونِ پُڇيُون چاچا مِهربانَ
اَبُوطالِبَ ياتِريي کي سَنَيتِ دوسُ رکِياءِ
پُٽَر پانهِجا رَسُولَ اُتان سَڀِ فِداءُ ڪِياءِ
عَلِي آندو اِيمانُ جينْ پُڄي نہ پاياءِ (۱)
خَسَتو ٿِيو نہ ڪَڏهِين بہ مُحمدُ کوهُ مَچياءِ
اَبُو طالِبُ موڪَلِئو ماڙهُو مصطفيٰ پارِ
سَڀِ عَزِيز مُنتظِر تون آچِي مُنهِ ڏيکارِ
اُتائِين عَزِيزَن کي پِئي پيري اِيندوسِ
ڪاغَذُ ڪارِوانَ جو آجُ ڪِٿي وِيندوسِ
پورِهئو پَرائو پاڻِ ڏي اَرهَدو نہ ڪندوسِ (۲)
ڏاڏي اِبراهِيمَ جي شَرعَ پارِيندوسِ
تَڪرِّائِي ڪاغذَ جي شَهزاديءِ ڪِياءِ
خَطُ لِکي جَهْتَ ۾ نَبِيءَ کي ڏِناءِ (۳)
'مِڙياٽِي مَکي آچو' قافِلو ڪونِياءِ
ڄَنهِ مُعجزي آيو تَهِين پِيرِ مُڪاءِ (۴)
جِيائِين نَبِيءُ آيو مَٽِيائِين سو هَندُ
تانْ پُونْ رکو پيڙيو جِينئِي سُتَڙُ پَندُ

---

(۱) پاياءِ= پيءُ کان (۲) اَرهدو = علحدو (۳) جهت= جهٽ، جلد (۴) پير= طرح، نموني

ٽرينْ ڏِينهين جو مصطفيٰ، ساعَتَ ڪِئو پَندُ
مُعجزي رَسُولَ جي، ڪيرُ ڪندو قَدُ
جِينْ مُحمدُ مصطفيٰ ٿِيئو دائِ سُوئارُ
نيڻَ نبيءَ جا ٿِندَرِ ۾ ڪَرِنِ ٿِيا قرارُ
آڪِينْ ڪِٿائين اُتاهِيُون، ڏِٺائين ڪارِوانُ
سُوئي ڏِينهُ ساعَتَ اِيءَ سَبِ ٿِيا حَيرانُ
هِيءُ ڪوهُ ڪِيائين، هيڪلو ٻِرنو ڪِيائين (۱)
سَيِّي مُنجهِي موٽِيو، پَندُ نہ سوٽائين (۲)
اَبُوجُهل هَربَرٿو اُتَ ڳَرو ڳالهاءِ (۳)
مون ٿي چَيو هيڪلو ڪِيَهِينْ........ ڪاءِ
مَيَسَر نِيئي آسمانَ رَسائِئو هُوئاءِ
اِجهو ٻِرجِي موٽِيو ڪَمُ نہ ڪو ڪِياءِ
مَيَسَرُ شِرمِندو ٿِيو چَياءِ جِينْ اَڌَتُ
ڳِنهي آئِيو مصطفيٰ خَدِيجا جو خَطُ
مَيسر چيو: مصطفيٰ، موٽِيهِينْ ڪُجاڙاءِ
جانْ پوءِ وِچِي نہ سگهيُهِينْ هُوندَ مَهلَ هِتاءِ
تَبِيءَ چيو خَطُ هِيءُ خَدِيجا جو جَهلِ
شِرمِندو ڪوهُ ٿِيَين اُٿي ڏُجَڻَ پَلِ

(۱) متان هيڪلو ٻِنو تہ نہ آهي (۲) وائون منجهي موٽيو ۽ اڳتي وڃڻ جو ڏمو نہ ڪيائين (۳) اصل، هَربرڙ اُٿڪرو ڳالاءِ

خَـديـجـا جـو خَـطُ سـو كَـڍي تَنـه ڏِنـاءِ
آكَـرَ سُـڃاتـا مـيَـسَـري پَڙهِـي پَـرُوڙِيـاءِ
مَـيسَرَ چَـيـو مصطفيٰ تـون سـچـو آهِيـنءَ
سـوئِي ڏيـنهُ ساعَتَ سا، آيُهِين وِيُـهِيـنْ سيـنءَ (١)
خوابَ غَلبو مـون ٿِيـو هِتـان جِيـنْ هَليـوسِ
آكـيِـنْ كڻان اُتاهِيُون مَكـي مَنجهِ رَسيـوسِ
مَـكـي مَنجها نِكِري كَرِهِـي كامَ كِيـامِ
خـوابَ غَـلبو مـون ٿِيـو نـيٺيـن نِنـدَر ٿِيامِ
آكيـنْ كـڻان مَـتاهِيُـون آنْ كــي هِـت ڏِنامِ
كـا سـاعَتَ نـہ سَنيَران تـہ كـا گُذرِيـامِ.
آبُــوجَهلَ جَهْلُ كِيو مُورِ نـہ كا مَـڃِيـاءِ
مُــعــجــزي ڏُونهَ مصطفيٰ ويساهُ نـہ آنداءِ
چَـيـائـيـن ويرَ تَـهِـيـن آؤن اِيءَ نـہ رِيـاءِ (٢)
جـانْ خَـديجـا نـہ چَـيو تان چـوڙي اُٺِ نياءِ
ٿِـري ڏِينهَ پَندُ، سُجَ گهـٽـي، واهنّـدِ نـاهِ وِچـاءِ (٣)
هِـنَ دَمِ هَليو مَكـي مَٿـي ................ (۴)
سُڃاتـائُـون خَـطُ جـو سَنـدو خَديجـا
آبُوجَـهـلَ نـہ مَڃئـي، ڏِي آجـائِـي ڏُكـا

(١) آيهين ويهين سين = آئين وٺي سين (٢) نہ رياءِ =نہ قبوليان (٣) واهند= وسندي، گوٺ (۴) ورق زبون

ڪارِوانُ ڪُوچُ ڪِئو تَبِهين مَنزِ اءِ
آچِي مَڪِي رَسِيا ٻَرِي ڏِينهِ پُڄائاءِ
اُلهِي عَزِيزَنِ سان گَڏِيا اُڪِيراءِ
اَبُوجَهلَ پُڇئو آچِي ٻِيبِيءَ کاءِ
آئِيو هُئو مصطفيٰ سَلِئو سَچَ مَنجهاءِ
ڇَئِي تنهجي وِسَهان،مالِڪُ ڪَهُ مُهاءِ
ٻِيبِيءَ چَيو؛ مصطفيٰ آئِيو هِتِ هُئو
تَنهِ دَمِ موڪَلَ مون ڪِيَس لِکسي رُقُوعو
اُتائِين مَيسَر کي خَطُ نہ سُڃاتوءِ
جِينَ آچِيو پُڇئي مون اَبُوجَهلوءِ
چَيائِين اَبُوجَهلَ جو ٻولُ نہ مَڃِي ڪوءِ
پائِئي وَجَهلِيو اُوٺو آڪرَ ڇوءِ (١)
شَهزادي ڏمرِئي چَيائِيس سَختُ
ڪوهُ وِجَهلِين اِيتَرو اَبُوجَهلَ بدبَختُ
اَبُوجَهلُ رَسُولَ کي پَسِئو ڪامِينُ ڪوهُ
جِينَ وِجَهلِين اِيترو ڪِ ڪو ڪِنياءِ ڏوهُ
وِسُوڙو وِيڙِ تَهِين جَنهِ وِيرَ سو شُوئاءِ
ڪاهِي اُتِ رسولَ کي چوڙي گهَرِ مُڪاءِ

(١) اُٺو اکر چوءِ= گهٽ وڌ ڳالهائي

ٽورا ڏينهِ گُذريا آئي مصطفيٰ
ڇَٽِس پيءُ عاتِڪا ڪَڍيئي گهٽي جَفا
خَديجا ڪي وَڃُ ڇَٽِو وَعدو ڪَر وَفا
هاٿي ڏينهِم ڊِرمَ سي جان ٿي ٽِيَٽي نَفعا
پَنجَ سَئَہ سُرخ دِينارَ جي سونا سِگهو آڻِ
تہ توکي پَرٽايُهُون نبيءَ وَڏي ڏاڻِ (۱)
تہ توکي پَرٽايُهُون پَلِيءَ پَستِ ڪري
پِجاٿي گَهَرنِ ۾ بارِ چِراغُ وَري (۲)
مُحمدَ پِيءُ نہ ماياءُ، مِحنَتَ آندوهاءُ
گَهرِ پَسَٽڪي بارِ ڏيو تہ تَتَائِين پوءِ شعاءُ
پُٽِيءَ جسو ٻولُ مَڃي نَبِي نِگِٽو تاءُ
پُجِجِ ڪارَڻِ پورهئو هَلِئو تَنهِ ڪاءُ
شَهزاديءِ جي دَرَسِرِ آچِي رَسِئو ڇَتِ
خَديجا ڪي خَبرُونَ رَسائِياٿُون تَتِ
سونِئو تَختُ سِينگارِياءِ دُرَ جَواهِرَ ساڻُ
لَعلُ فَيروزو ماٿِڪيُون جَنه.............
هِيرو زمُردُ محلَ هندَ مُرصَعَ ڪِنگِريدارَ
مورَ آنبيرَڻِ ۽ ڇَتُون جَنهِ سونا سِينگار (۳)

---

(۱) وڏي ڏاڻ= وڏي ڏانءُ سان، وڏي شان سان (۲) پجاٿي = پياٿي؛ پيءُ جي، ابي جي (۳) مور، آنبيرڻ، ڇتون= گهر جي سينگار لاءِ شڪليون

سُونھِنِ پَکَڻَ سونا تِرورِ تَختَ ڏارَ (١)
پيٽَ تَنِي جا پَريا مُشکَ عَنبيرَ تاتارَ
خوشبوئِيءِ کِيرُو تِئِي لڳي صَبا واءُ
مُشکَ خَطائِي.زَعفرانُ کافُورَ عَنبِيراءُ
سَٿُ ياڳا سُرھو تِيو لائي تَنُ کَٿُورِياءُ
پاڙو اوڙو واسِئو سنديءَ تَنه سِيجاءُ
پِي جِينُ کُرسِي سونَ جي بَرابَرِ تَختَ
پارايائِين رسولَ کي خاتَمَ نَبُوَتَ
سَھجَ سِينگارِياءِ پاڻَ تَنُ حُلِي زيوَرِ ساڻَ (٢)
جِينِي قِيمَتَ نَکُنِي بادشاھِي پَرھاڻَ (٣)
آرڙَہ آيِرَنَ قِيمَتِي ۽ سورَنَہَ سِينگارَ (٤)
کُنگُوءَ کافُورِي موھِيا حُلا زيورَ ھارَ
پَرھِي پَٽُورا پاڻَ تَنِ پِرِينءَ لڳِ پَيدَوارَ (٥)
ڏيکارِينِدِي ڏِکَ کري مُحمدَ کي مختارَ (٦)
دَرسَنُ کري تَختَ سِر وِينِي وڏي پارَ
کوڙِ کونِيائِين کارِئِيءَ اُمتَ جي آڌارَ
پائِبي سونَ کُرسِي رَسُولَ وِھارِياءِ
تَنُ سِينگارِي تَنهِ کي سَبِ سُونَہَ ڏيکارِياءِ

---

(١) پکڻ = پکي. ترور= وڻ، درخت (٢) حُلي= پٽ جا ڪپڙا (٣) اصل اٿين(٤) آيرن= گهڻا، زيور (٥) پٽورا= پٽ جا ڪپڙا (٦) ڏک ڪري= سينگار ڪري

نِقابــو ۽ بُرقــعو لاٿــائِيــن اُتــان مـــونُـهَ
ڏيـڪــارِيائِيــن پانــهجِـي سُپـيرِيان ڪـــي سُونهَ
آپــچَـرَ پَــرِ آدمِـــي، آهــڪَ آعــلــيٰ حُــورَ
چـوڏهِـيـــن ۽ چَـندراءُ آڱـرِي سـونُـهي......
ڳــالهــايائِيـن رَسُـولَ سيـن حــاضِـرُ تِي حُضـورَ
بسلُ تِـي بــارِي ڳـري سِــڪَ سَـــتَرائِي پُـورَ
ڳالهايائِين رســـولَ سيـنِ شهـــزادي ۽ بــي غَـمِ
چَـيــائِيـن اي مصـطـفــيٰ آئُـهِيـــنُ ڪِهـي ڪَمِ
اُجـــورِي ڪـي آئِــيـــو آئُن تـــو دَربـــارِ
پُـڦِـــي ۽ چِـيو آءِ پــورهِئو نہ پَرڻــايُهِي تو ڪُنوارِ
آڪيـــنُ ڪَٿِي اُتاهِيُـــون حضـرت هِيـــن ۽ نِـــهــارِ
نِـــهــاري نِــيڻَنِ سيـــن ڳــالِ ڪِجــي مُنهَ پارِ (١)
نَبِـي نَظَــرُ نہ ڪــري، چِــتَ ۾ ايــن ۽ چَــيــاءِ
اڳَ نِقــابــو ڪَـڍِئو مــون سيـــن ۽ ڳــالهايـــاءِ
هاڻِي حَيــرتَ ۾ پِئُـسِ بُــرقــو جِيــنُ لاٿائِيـــن
سَـجـو شِرمِندو ٿِيـو جِيــنُ هِـي ۽ پَـت ڏِنــائِيـن
يــوسفُ زُليـخــا ٿِـئِي پَسِـي هِـي ۽ ســاعَــتَ
تــو ڪــان مَــڱــان مــاڳِ هِـنَ الــئهِي عِـصَـمتَ

(١) مُنهن پارِ= منهان منهن، روبرو

پُٽِ شهزاديءَ پُڇيو مُحمدَ کي خُلفاءَ
ڪَنڌُ اُتاهون نہ ڪَرين نَبِيءَ کُجاڙاءَ
نيٺِ‍ين نِهارِ ۾ ڪُوه ٿِئي، تان کِي ٻولِ مُنهاءَ
پاتو ڏٿيءَ سَيَنِ کي آکِينِ مَنجهِ اُهاءَ
چَيائِين آکِينِ ڏانہَ فِتنائِي آفتَ
نيڻَنِئُون نِگِئُو پَسِي سو چَڙهي شَهوَتَ
پَهرو پَسِي سَرِ کري پَسڻَ نہ حاجَتَ
پرهيزگارِي نہ ڏي ڏِسڻَ کي رُخصَتَ
تان ئِي ضرورِ شَرعَ ۾ پَسَڻُ رُوءِ رِهاءِ
جِينْ مُنہِ پَسائي چِڱِيءَ جو مومِنَ ڪِينَ جُڳاءِ
چَيائين اي مصطفيٰ ڳَٺِي ڪَنڌُ نِهارِ
جِينْ چَئِين پَرٺايان توکي خوبُ ڪُنوارِ
سا ڪُنوارِ اَصِيلَ جا حَسَبَ نَسَبَ مالَ
اُنانْ چِڱِي ناہِ ڪا صورتَ صاحِبَ جمالَ
(١) عَيبُ جو هَٿِسِ هيڪَڙو خَصْمُ اَڳَ ڪِياءِ
آهي صَحِيُ بِڪرَ يوءِ مُحمدَ ويساهُ پاءِ
حَسَبُ نَسَبُ وڏِي گهراءِ دانہِ دولتدارِ
سُونهارِي سُلِکِٺِي جيهِي ڪوڙ ڪُنوارِ

---

(١) خصم= مڙس

سُونهارِي سُلڪِڻي موتِيارِي مَعقُولَ (١)
اِيهِي ڪُنوارِ قَبُولُ مَنّهُ توکي ڏِيهُون رسولَ
عيبُ جو هَتِسِ هيڪَڙو خَصمُ اَگِ هُئوسِ
آهي صَحِيُ بِڪرَ پوءِ تَنُ مَنُ پاڪَ سَندوسِ (٢)
مَسِيج اِهائِي مصطفيٰ جوءِ پَرَڻِيسن جاءِ
چَيائين جانُ پُجانُ پُڇِيءَ چاچي کاءِ
مونکي اُنِ نِپايو ماءُ پيءُ پُجائَاءُ
خبرَ اِيءَ معلومُ ڪياءِ عاتِڪا کي تاءِ
عاتِڪا رسولَ کانءُ سُڻِي ڳالهه چَياءِ
اِيءَ سَيائِي اُنَ ۾ ڪَهِتِ جا ڪَهِياءِ (٣)
نه جاڻان سَجُ چوي ڪِ تو سِحُر ڪري
اِنَ صِفَتين ايءَ ڏَنَ پِيجِي ڪاءِ نه وَري (٤)
آئيو بِيبيءَ عاتِڪا ڏَمَرُ تِنِي وِيرَ
هِنَ مُنهجي پُٽر کي سِحرُ ڪري ڪيرَ
ڏولِيَ آڻائي ڪري پُڇِي چَڙهِي رسُولَ
وِيئي شَهزاديءَ گهَر عاتِڪا مَعقُولَ
شهزادِي تَختَ اُتانُ اُلهِي آئِي هيٺِ
هَتِ پُڃي حُرمَتَ سين مُرڪِي نِيائِيسِ ميٺِ (٥)

---

(١) سُلڪڻي= سلڇڻي، موتياري =موتين جهڙي، موچاري (٢) بڪر پوءِ = بڪر جهڙي، ڪنواري (٣) ڪهت= ڳالهه (٤) ڏن= ڏنبل، رن زال (٥) هٿ پڃي= هٿ ڏيئي ڪيڪاري

ڪيجيءَ ٻيبي عاتڪا آميرمَڪي ڀينَ
آنجهُ عُمرَ خطابَ گهرِ لائقُ وڏي وينَ
شهزاديءَ ڪي عاتڪا چيو تينيءَ جاءِ
هِنَ منهجي پُٽر ڪسي ڏُتاري مَ ڪاءِ
پُٽر منهجو مصطفيٰ بُزرگُ زادو آهِ
سُونهارو سُلڪٽو دانَهُ هادي راهِ
سُونهارو سلڪٽو پَرهيزگارُ جُوانُ
ڏيکاريهسِ مَ مالُ سُونَهَ شهزادي ڪيٺانُ
هِنَ مُنهجي پُٽر ڪي سِحُر ڪري مَ ڪوءِ
ڏمَر مَنجها عاتڪا وينَ آڻگا چوءِ
شهزادي تخَتَ سِرِ وينِي وَڏيءَ جاءِ
جانُ پَسي تان عاتڪا آڏنگو ڳالاءِ
جانُ پَسي تان عاتڪا هَنڌِ هتان ويٺي
اوڏي تِنِي پيرينُ تَهين مُنهڪوڙي پيٺي
آؤن ڪَنيزڪَ تنهجي ۽ جو وياءَ سَندوءِ
وِينتيوُن ڪي عاتڪا ڪيو اُبينِي روءِ
الله ڪارَڻِ عاتڪا مُحمدَ ڪارَڻِ رَسُولَ
مونکي ڪَنيزڪَ پانهجي پانئِجِ ڪري قبُولَ

جو ڏهين چوڪي سون مَنُ، ٻه مَنَ رُپي جا
پَرٺي پَريي مون ٿِئي، بيبي خَديجا (١)
آئي بيبيءَ عاتڪا آڳيان رڪاياءِ
هيءَ شڪرانو تنهنجو مِنتَ گهڻي ڪياءِ
بيبي پانهنجي پُٽر ڪي سِڱهي رَغبَتَ ڪارِ
حالُ منهنجو مالُ پِي اُتائُس نِثارِ
اِيءَ بَشارَتَ عاتڪا جَنهِ ساعَتَ سُئائين
ماٺي نه ڪَپڙَنِ ۾ شادِي گهڻي ڪيائين
موڪلائي موٽِئي رَضا تَنهِ ڏِناءِ
ڏوليءَ چَڙهي نِڱئي پانهنجو گهَرُ مَٽياءِ
اَبُوطالِبَ ڪي ڪِيو عاتڪا آوازُ
پَروُڙايائين ياءُ ڪي شهزاديءَ جو رازُ
ياتِروُءِ يَتيمُ جو ڏنوءِ اڪِينُ هِي
پَسُ بادشاهِي بادشاهِ طَلبگارُ تَهِي
مَنجهِ ڪَنيزڪيءَ مصطفيٰ اِيءَ ڏِنَ ايندي آهِ
سَرَهو سَيوئي خاندانِ شاديءَ مَنجهه نه ماءِ (٢)
شهزاديءَ جي مالَ ۾ سَيِي اُميدوارَ
تَڏِهِ هُوئا رسولَ جا قُريشَ خيشَ تَه يارَ (٣)

---

(١) پرٺي پريي مون ٿئي= پرٺي جي پر مون سان ٿئي (٢) ماءِ = مايي (٣) خيش تہ يار= مائٽ ۽ يار

قَبا مَٿي مصطفيٰ قيمَتي ڪَدياءِ
لڪ مُهرنِ پَڌرا صَدقو سون ڏِناءِ
ڀيو لڪ هَزارين تَنِڪينِ بَدرَڪا يَرياءِ (١)
مٿان مُحمدَ مصطفيٰ لڪِ نِثارَ مُڪاءِ
چارِ هزارَ ڪَنيزڪينِ سَرورَ سِينگارياءِ
ٽارَ جَواهرينِ پَريا مَٿي ٽَنِ ڏِناءِ (٢)
مُحمدَ منجهي گهَرِ مَٿي جَنهَ ويرَ آچي راهَ
ٽارَ جَواهرينِ اوتِهو اُتانِ نَبيان شاهَ
تان مَرُ عَربَ ٻُڪِيا صَدقو نَبيءَ نينِ
اُميدَ پُنيءَ منهجِي قُريشَ غَنيءَ ٽِينِ
ٽِري هزارَ ڪَنيزِڪينِ ٻيڄها ٽارَ پَري
اُيارِياءِ سَبراءِ پَرِ آڳِياءَ دَرَ ڪري
ڪارَڻِ مُحمدَ مصطفيٰ لڪِ نِثارَ سَري
اوٻي جُ فارغُ ٿِيو آچيجاهَ وَري
سَٺي هزارَ ڪَنيزڪينِ سيئي آڄُونَ
غُلاميءَ جيُون آنْ ڪي لَٿِيُون سَڀِ حاجُون
اَبُوبَڪرِ جينْ ٻُڌو تَ بِيبيءَ خَديجا
مُڪو جامو قِيمَتِي مَٿي مصطفيٰ

---

(١) تنڪين=تنڪا، ريا، تڪا، بدرڪا، بدڙڪا= ڳوتريون، ٿيلهيون (٢) ٽار=ٿالهه

وِڏُوڙو صِديقُ بَلُ تَستِ خَديجا ناءِ
گهَران جامو پانهجِو قِيمَتي کَڍِياءِ
پَنجاهَ هَزارِين بَهاءِ ٽارَ ۾ پاتاءِ
آئي مُحمدَ مصطفيٰءَ آڳِي رکاياءِ
جامو سو صِديقَ جو جَهلائِبي ڏَرياءِ
خَديجا جي خِذمَتَ ۾ موٽائي مُڪاءِ
تانْ مُحمدَ پانِهجو پانئِبي نہ مُحتاجُ
ڪنداسون ڪو ڏِينٿي روحُ رُڃَندو ڪاجُ
پَرڻِيندو شاهُ مصطفيٰ آيانْ پُونئِي تاجُ
سنديءَ جَنهِ صِفَتَ ۾ ماڙهو مَلڪَ راجُ
"قَصَصُ الاَنبِيا" ڪِئِي تَصنِيفَ خُراسانُ
لِکيائِين ايءَ ڪري مَنجِهہ مَلِيحُ بَيانُ
جِينْ خَديجا ڪارَخيرُ سندو رَسُولَ ڪِيئو
ڏاڏو مُحمدَ مصطفيٰ تِينْ حَياتُ هُئو
عبدالمُطِلب مَڪي شرف آنجَہ قُريشئين چامُ
ڏاڏو مُحمدَ مصطفيٰ عَليه السَلامُ
بِيبِي خَديجا بادشاهِ توڙي وڏيءَ پُرسَ
ساڪَنَ مَڪي ۾ هُئِي، پاڙي اُنهيءَ مڙُسَ

چياٺين نہ تو مصطفيٰ مون گهر ايندو جت
ڏاڏي جيءَ موڪل ڏيءِ غيرت نيندو تت
ڏيندو نہ موڪل مون توسين ڪرڻ نڪاح
مون ٻليندو مَ گهر آئي ٻُٽر عبدالله
ٻرهاياٺين قريش ٻڌ قبيلا عرب
لڌاٺين مقصود سو هئي جنهين طلب
ڪوٺاياٺين ڪارٺي منڪي معظم جام
ٻابوٺہ ٻڏرو سنندو جيني نام
قريش قبيلا مڙيا جوٺين ۽ مڙس
آيا ڪاڄ قريب جي گهاٽا لائي گس (۱)
تت ورتهن وترا راڳ سونهارا رس
خوشيءَ جي خلق کي تني ويسگانجهي وس (۲)
گهوريا رسول اُتان سڀ سنداسي مال
ڪٽندا ڪاهيون ٻري در جواهر جال (۳)
نيندا ٻاٺو آڻ ڪي وجه خاص عوام
آوازين تمہ آئيا مارهو مصر شام
چار هزار ڪنيزڪين سونا ٻري تار
در جواهر فيروهيو ماٺڪ موتي هار (۴)

(۱) گهاٽالائي گس= گهٽين واٽن تان، گهٽا ماڻهو گس وٺي آيا (۲) اصل اٺين(۳) ڪاهيون= وٺا ٻوجها (۴) فيروهيو = فيروزو

طبقَ طِلائِي دَرَ أتي آشرفِيون آپارَ
اوتِينديُون سبڻَن ۾ سُلطانِي سِينگارَ
سَبِ خَدِيجا ڪوٺِيا سِين رَسُولَ قُريشَ
مهِمانيءِ ڪي هيتڙا مالِدارَ درَويشَ
گُهمندا سَرگش ۾ عامَ خَلقَ ۽ خيشَ
اِهو ڪاڄُ نہ ڪَڏهِين هوءِ تان نہ هميشَ
خَدِيجا جِي ڪارِ خيرِ مِڙيا ڏِسِينْ ڏيهَ (١)
مِهمانيءَ مُشَهدي ڪارَڻِ مالَ آڄيهَ (٢)
پانڊو پَري پياڪُڙين پُوڄَ پُڄندا مالَ
صَدَقي رَسُولَ جِسي وَجَهُ نِيندا جالَ
سَڌَ-وَنو سِنيگارِئو پَرهِي پَٽِ ڪَتانَ (٣)
مُقَدِمَ عربَ هَليا نَبِيءِ مُحمدَ سانَ
پاتا مُنهَ مَلائِيڪانْ عرشَ ڪُرسي آسِمانَ (٤)
سِيجَ چَڙهندي مصطفيٰ رَسُولانْ سُلطانَ
بَحرَ پُونئِي ظُلمَتُون چَوڏِهيانْ چاندرانَ
أتي سيجَ سَڏايو سِڪَ سُونهاريءَ سانَ أتي
سيجَ سَڏايو خَدِيجا جو ڪانڌُ مارُهو
مِڙيا مالَ ڪي، خَلقَ نہ ڏِسِينْ پاندُ

---

(١) ڏسين= ڏِسيون، طرف (٢) اجيهہ= بي انت، بي انداز (٣) ڪتانَ، ڪتان= ڪپڙي جو هڪ قسم، سٽيءَ جوڪپڙو(٤) پاتامنهن = جهاتيون پاتائون

ڪَنيـزِڪيـنْ هَـتِ ڪِـيا دُرَ جَـواهِـرَ تـارَ
مَڪـي سنـديسون مُـهـرُون ۽ سونـا دِينـارَ
اوتِيـاؤُن اُتان مـصـطفيٰ گهـوري لـکَ هـزارَ
مـيڙيا مـالَ قُريشيـا آگـانـجـهـا اپـارَ
آدَمـاءِ لاتـبـي ڪـري تـا ڏِيـنهٌ قِيـامَـتِ (۱)
نـہ ڪو تِيو نہ ٿِيندو ڪَهِين وياڻهُ ايهـيءَ يَتِ
مَڪـو مُـعـظَمُ گُهمِـيو سِـراسيـر رَسُـولَ (۲)
بازارِيـنْ گشـتُ ڪِـيو نَـبِـي جـامَ قَبُولُ
آچِـي رَسِئو دَرَ سِـرِ شـهـزاديءَ سَـراءِ
تَـري هـزارَ ڪَنـيزِڪِينْ اُبِينـيُون اُنَ جـاءِ
دُرَ جَـواهِـرَ فيـروهِيـو هِيـرو لـعـلُ مَٺـاءِ (۳)
طَبَـقَ طِلائـي تَنـهِ دَرِ ڏِنـيون لـڳِ خُـداءِ
اوتِـياؤُن اُتان مـصطفيٰ تہ قَـقِيرُ فُقـرو ڪـاءِ
اُتِـي اوتاڪِهِنْ ..........جٿن خالي ڪـوءِ مَ جاءِ (۴)
نـيـئِي آهـلَ عَيالَ سيـن سَيِـي ڪَـنِ سُـواءِ (۵)
سَـچُ پَرِئو مصـطفـيٰ اينـدي جَـنه جُـڳـاءِ
اُسَـهِئـو سَـراءِ ۾ يَـري مُبـارَڪَ پـيـرَ
خِيـشَ قُريشَ پَـرهـايـا مـالَ لَڌاؤُن ڍيـرَ

(۲) حضرت آدم کان وٺي ڏينهن قيامت تائين(۴) سيراسير= سيني گسن تان (۳) مَٺاءِ = مٺيا، موتي (۴) جاءِ= وجي (۵) ڪن سواءِ =سواد وٺن

ڤَلبِينْ مالُون بَدِيون موتِياري مُنْهَ رُوءِ
مُشكَ خَطائِي زَعفَرانْ كافُورِي خُوشبُوءِ
پائِبي سونَ كُرسِيُون ڤُريشَ وِهارِياءِ
مِهمانِيُون موتِيارِيُون كارَڻِ تَنِ كِياءِ
ٿِري ماهَ مَكِبي خَلقَ سَبَ كوٺيو كاراياءِ
نَنديِي وَڏِيَ سَيكَهِين سُوجهي سارِ لَڌاءِ
جِينْ گُهرِؤ لَڌو تِينْ پُنَرِياسِ مُرادَ
سِيجَ چَڙهنڊي مصطفيٰ عَرشْ كُرسِي شادَ
جيكي جَنِي سين كِياءِ نَذرَ سكُون بولَ (١)
مُرادَ پُنِيءَ پارِٺا سي شهزاديءَ ڦولَ
لَٿا ڏُكَ سكَ ٿِيا وِيا وِچائِينْ هولَ
سَرهايُون گهرِ سَجَٺِين ڏُجَڻَ ٿيانِ ٽولَ (٢)
عَقدُ نِكاحُ اِيجابُ جي ٿِئي قَبُولِيَتَ
لِڌو لوحَ مَحفُوظَ ۾ ميلو مُلاقَتَ (٣)
سيجَ چَڙهِٺو مصطفيٰ شَفِيعُ الاُمَتَ
عَرشْ كُرسِي سَرَها ٿِيا مَلَكَ مُقَربَ بِهشتَ
حُورُون حِرصِي آيُون مَنجِهه سُونهاريءَ سَتَ
راٺِيؤ تَسنِ رَءِ پَٿِي كانه كِياؤُن كَتَ

---

(١)نذر سكون بول= نذرانا، سكائون ۽ واعدا (٢) ٿيانِ ٽول ٿيلجي ويا، ڏكجي ويا
(٣) لِڌو= لكيو

سو شهزاديءَ رائيو جنو گهرياڻيءَ ۾ حبگ
جَنِي قُربُ ڪَريمَ سين مِڙَئِس پِرين آهگ (١)
سَهج نه پئي ڪا ساهُرا رَسمون راءِ گهرَن
جيڪي جَنِي مَگيئو تُسِئو ڏِنائين تَن
آدما لائِني آئِيا حَرَمَ مُرسَلن (٢)
خَديجا جي ڪارِ خَيرِ ڏِيَڻ واڌايَن
حُورون آيون اَلهي لاءُ ڏِيَڻ لڳ
مُخلِص مُرسَلن جي پُري پَهُتي وڳ
حَرَمَ مُرسَلين اَسَهِيا، حُورُون هَلِيون بِهشتِ
پَرڻائي رَسُولَ کي خاتَمَ نَبُوتِ
وَهُونُ وِرُونهي وِيئُون سَهَجَن سيئي
جَنِي کي جَڳِ سِڪِئو آياسي پيهي
جَهينءِ کي جَڳِ سِڪِئو سيجَ سو آئو شاهُ
سَبِ مُرادون پُنِئُون تہ تون جاءِ اللهُ (٣)
شهزاديءَ دُعا ڪِئي تِئي مُستَجابَ
مَهرِيءَ مِڙِيا سُپِرين جُڙِيا رَحمَتَ بابَ (٤)
دَرُ جوڙِي دَرِ آيو ڪوئِي اَندَر ڪاندُ
مُحمدُ مَنجهِ مَهرِي پَلنگَ اُتي هيڪاندُ

---

(١) مڙئس= مليس، اهگ= ؟ (٢) حضرت آدم کان وٺي (٣) مهري= مهاري، پلنگ جو چاري دار پردو (٤) اصل ائين

شاهُ سينگارِئو ڪَٿَ سِرِ وينو وَنيءَ وَٽِ
ٻَڌِي جا اَللهَ سين سَچِي ٿِيِي سا سَٽِ
سيجَ چَڙهِئو سُرَهو وَنو خَديجا ڪانڌُ
تَشرِيفَ فَرمائِي پَلنگَ سِرِ وجي وينو هيڪاندُ
سيجَ نہ سُهِي مصطفيٰ تَجِڪِي ڳالاٰئِي
خَدِيجا جو وَلهو وينو وِڄُ پاٰئِي (١)
اي منهجا سُپرين مون سين رُٺِهِينْ ڪوهُ
ڪا ڪَراهَتَ مون ڪِئِي، ڪِئو تو خطا ڏوهُ
اي منهجا سُپرين تون منهجو ڍولُ
اوڏو اَچِي نہ وِهِين لاهي هِنيانْ هولُ،
مُحمدَ مُهانْ ٻولِئو خَدِيجا بادشاهِ
آئُن اِبراهِيمَ جِينْ آهيان دِينِ اِللهِ
تون تِيَهِين ڪُفرَ ۾ شَهزادِي سُلطانِ
تو وَٽِ اَچان جي ٿِيَن مومِنِ مُسلمانِ
خَديجا ڪَلِمو پَري مُسلمان ٿِئِي
مَنيا دِينُ خَلِيلَ جو مِيثُ مُطِيعَ ڪِئِي
سَجَنَ گَڏِيا سَجَڻِين وِيو وِيچارو (٢)
سَرَهِي سَيَ پِروئِي، خَرَهِ مُنَہَ ڪارو (٣)

---

(١) وِڄ پائي= وِڄ وجهي، مناصلو رکي (٢) ويچارو = ويڇو، جدائي (٣) خره= کره

سَــرَهِي سَــيَ پِروتَــٿِــي گَــڏِيا پِـــرِين پِرِيَنِ
ڇَيــاؤُن رَسُــولَ ........... گَهــٽِــي قُرِيشَنِ
خَــدِيجا ڪِــيِنَ ڪِـيا مــوتِيــارَ مِـهِـمـانَــنِ
تــانْ تــوُن ڪِــي پِڻِ پانهِــجو ڪِيَڻ ڪاراءِ خَيشَنِ
ڪِينهِي مونکي مــنــهجــو، اُتــو مُـحـمـدَ تــاهِ (١)
خَــدِيــجـا جــيَ مــالَ سيــن تان مــون دَخَلُ ناهِ
خِـــدِيـــجــا ويلَ جَهِين ٻُــدائِيــنْ اِيءَ ڳــالِ
ڪُــڇــاڙي ڪــي مصـطـفيٰ ڪَــهِيَــنْ اِيءَ مَقــالَ
آؤُن تنهجــي، مــــال مَــون، خَــزانا سَنـــدامِ
ٻــانِهــا ٻانِهيُــون، مِلــڪَ گَــهرُ تو لَڳِ فِدا ڪِيامِ
ڏي سَــيِيئِي صَــدَقــو تــوکــي بَــخــشِـــيامِ
جِينِي آؤُن گهــوري هُــــئِي، ٻُئــي اُمِيـــدامِ
صِــفَــتَ سَچِــي رَسُولَ جِــي دَفتَــر لَــکَ هَزارَ
سِــيــــرَ مَــصــابِيــح ۾ مَـطــالِــعُ الاَنــــوارَ
ٻَـــنـــدو ٻـــولِيـــندو ڪــيــتَــرِي پانهجي مِقدارَ
وِجون تہ اِيمانَ سيـــن ڪَــلِمو ڇَئِــو جَــبارَ
لاالہالاالله محمد رسول الله

تمت تمام شد بتاريخ سنہ ١٠٦٨ کاتبہ و مالکہ
حقير فقير عـزت بـن مـرحـوم مـغفـور سليمـان

---

(١) تاهِ = تن کي، انهن کي

هو

بسم مدح الله رسول الرحمن الله ما الرحيم

ساراه جيجن سو ذني جو دواء جو الله جو كي ساراه جا گذ كيم بيع

عجائب آدم ملكن ويندي كيو ما عبدناك حق عبادتك سبحان

منتك صفتو جهو تو كوء نسو توكل جهو نكه جا ربان نكو نه جا ور

جينا وينا باك سو بانغي بان جهو لم يلد ولم يولد بين كني جيو

طي جي فاطمي وجوهي بيو مدح مجا مصطفى جو گو بود و

ياسيف عرادلي ابوبكر وعمر الصر عثمان جو اسا جي جتيع

سو تير نور ريا دنا ه جتكي اولاد ني ذات رسول كي سايي بير كيو

درود آيل مصطفى حولي بان صو نحو رسير حرسلا اتيلا ايح تيبع

ان الله وملائكته يصلون على النبي اندردني كر وصلو سبح جو في بي مجا جو

درود ايم دلي لازم كري بجو ياايها الذين آمنوا صلوا عليه وسلموا تسليما ايا الكريم

جتكي آل رسول جو تهي سهد كو ما ضل باية ايكي بزركي د ع

محمد اصابتكي وبنكو كو لو رو ديب ايكي بر عرمايو

جيكو انبياء مو نبو سو ملراه تيو سنه جي لكني مي الله فرمايو

اكي كو بر يتنو جي اسا مني تيو تبتي لكو مصطفى سي سهد كيو

## [٦]

### مدح رسول الله صلي الله عليه وسلم

ساراهِجي سو ڏِٺي جو هُوندو ۽ هُوءِ
تَهِ جوڳِي ساراهَ ڇا ڪَندو ڪيرُ پِيوءِ
عِجزُ آندو مَلڪنِ وينَتِي ڪِيوءِ
"ماعَبدناکَ حقَ عِبادَتِکَ" سَيَتِ هِينءَ چيوءِ
نہ تَہِ جِهو تُوڪُ ڪوءِ، نہ سو تُوڪُ جِهو
نہ ڪَہِ ڄائو پاڻِ سو، نَڪو تَہِ ڄائو
ڄِيَٽا وِيتَٽا پاڪُ سو، پاڻِهي پاڻِ هوءِ (١)
"لَم يَلدِ وَلَمْ يُولَد" پَسِي ڪِينَ جِيوءِ (٢)
خاطيءَ جي خاطِرِ ۾ وَهمُ هيءُ پِيوءِ (٣)
مَدحَ مَنجهاءِ مُصطفيٰ جيءَ چوهُ ڪو پورو (٤)
وِيَنتِي وڏا ڏِٺِي تون ڪَرِ سو پُورو
اِللهِي "عثمان" چوءِ آسان جِينءَ چَيوءِ
سو ڪر پُورو پادشاهَ جيڪِي أولايئو (٥)
ڏيئي ذاتِ رسولَ کي سائِينءَ پِربنْ ڪِيوءِ
دُرودُ اُتي مُصطفيٰ مولي پاڻِ چَيوءِ
مَنورُ سَينِي مُرسلانْ تيلائِين تِيوءِ

---

(١) جيٽا ويٽا= جيٽِي ۽ ويامن کان (٢) جِيوءِ= جيءُ ، جسم (٣) خاطر= دل (۴) چوهُ= چئو، پورو= تکرو (٥) اولايو= أوناپو، عرض کيو

"اِنَ اللهَ ومَلائِكَتَهٗ يُصَلُون عَليَ النَبِيَ" اِنَ پَرِ ڏٺيءَ گهرِئو
صَلواةَ سچَ صِدقَ سين مَنجها هِئِين چئو
دُرودَ دائِم دلِ ۾ لازمُ كري پُجهوءِ
"يا ايها الذينَ آمنُوا صَلوعَليهِ وَسَلمُو تَسلِيما" اِيءَ اَمُر ٿيوءِ
جيڪي آلُ رسولَ جو تَهِ سين سُهَنڊ كيوءِ (١)
فاضِلُ پانئِهو اِن كي بُزرگي ڏيوءِ
مَجهُون آصحابَنِ كي وَسِيلو كيوءِ
كوڙو ڏيَنُ اِنِ كي نبيءَ فرمايوءِ (٢)
جيڪو اِنسياءُ موتيوءِ سو گُمراهُ ٿيوءِ
سُٺِهو هِئِين كَنِ سين الله فَرمايوءِ
آنُ كي كو پِريَتَٺو اسان سِين ٿيوءِ
تَہ پُنيءَ لِڳو مُصطفيٰ سَچي سُهنڊ كيوءِ
آسانهِجو پِريَتَٺو تَہ آئِينُ سِين كَرِ ٿيو
"قُل آنْ كُنتُم تُحِبُونُ اللهَ فاتَبِعُون يُحبِبكَمُ الله" سَچو قولُ كِيو
ٿَنهِجو پانهو تو اُپايو، تو پَلو كِيو
توهِي ڏِنِيَس ذاتِ اِيءَ سَين سِرُ ٿيو
آسان كِيَ كَريمَ تُون نَبيءَ سين پاڙو
هيءَ صِفتَ حَبِيبَ جي كو پَڙهِي يادِ كيوءِ

(١) سُهندڪيو= پال پلايو، محبتون ڪريو، سچو من لايو (٢) ڪوڙو ڏيڻ =سيني سان لائڻ، هٿين سان هنڊائڻ

اُمِيدَ آهي الله ڏُونهُ تہ سو مَرهاتو (١)
جي ڪو پڙهي هيءَ صِفَتَ ڪِ سُٺي ڪَنُ ڏِيو
مِنَتَ ڪَرهُو تهِ ڪي وينَتِي ڪِيو
فاتِحاءِ فَقِيرَ ڪي تَوهِين نہ وساريوءِ (٢)
مانَ مَرِهيئُون بادشاهُ خَطائُون ڪِيو (٣)
سي ويندا ايمانَ سين ڪَلمو جَنِ چَيو
لاآله اِلا الله محمد رسول الله
عَبدالله گهَرِ گهوتِيو مُحمَّدُ جِينْ جاؤءِ
ٻُتَنِ ڌنا سَجِدا ظاهِرُ حَقُ ٿِيوءِ
ڪافِرَ پِشيمانِيا اوراتا ڪيوءِ (٤)
تَهِرَ پِيو آيِنِ ۾ سَيِن هيءَ واؤءِ (٥)
ساراهِجي سو ڏَٺي جَهِ نِي اُپايو
نَيو نُورُ تَئِنْ ڪري اوتِجي آيو
چِمڪِئو چوڏار تي ڌنائِين ڏيکائو
پِيا مَلڪ مُنهَنِ يَرِ پَسِي سَهائو
هَيبَت هَتان سَيڪو سَجِدي مَنجِهہ پِيو
نِرتو نُورُ تَجلي ڌسي آهي تانْ نہ پِيو
وَحيءَ آچِي اِنِ ڪي تان ٻِي جانُ ڪِيو

---

(١) مرهاتو= رحمت ڪيل، بخش ڪيل (٢) 'فقير' يعني شاعر عثمان (٣) ڪِيو= (ڪمَن) بخش ڪيو(٤) اوراتا= روح رازا، واويلا (٥) تهر= تنهن وير، واٿو= هُل ، اعلان

جو سِرُ سَيانْ نَبِيا سو پيدا ٿِيو
محبتَ مَنجها مُصطفيٰ مولِي اُپايو
چَگِي بَشارَتَ جون واڌائيون آيُونءِ
”فَبَشّرهُ بِمَغفِرَة اَجر كَرِيم“ عالمَ اڳُ ٿِيوءِ
جيڪي اهلُ آينِ جو ۽ ٻُوٿِئِنِ جو هوءِ
سَينِ نَئِي نهارِيو لِياڪا ڪيو
تَهِ نهارِيو بادشاهَ جِينِي اُپايو
اُڪَندِيا جِيَئِي آڳِهِين، نظارو ڪِئوءِ
تان ٻِي جَبرئيلَ کي اِيءُ فرمانُ ٿِيوءُ
وڃِي ڪَنُ حَبِيبَ ڪني، تون سَندُس دايوءُ
جَبَرئيلَ جَهْتَ ۾ هَلِي هَنجَهه ڪِيوءُ (١)
تَهِ اڳانجِهي سِڪَ ۾ ٻيري ڳَرِ لايوءُ (٢)
سَجِدو ڏِناءِ سِيگهه ۾ جَهِ وَقتِ جائو
ساراهِياءِ سو ڏَٿِي جَهِ نِي اُپايوءُ
تان ٻِي مَگِي مُصطفيٰ وينَتِي ڪِيوءُ
”رَبَّ هَب لِي اُمّتِي اُمّتِي“ گهُران ڪِينَ ٻيوءُ
سَلامُ سَبَ عِزَتَ سِين حَضرَتا آيوءُ
اسان مَحِبيو مُصطفيٰ جِينْ تو فَرمايو

(١) جَهت= جلد، جهت (٢) اڳانجهي= تمام گهڻي، ڳرلايو= ڳلي لاتو

سَجدي مَنجها هاشِميءَ تيلان ڪنڌ ڪَيوءِ
تان پِي ڳهَٽِيءَ عِزتَ سين راضي رَبّ ڪِيوءِ
"وَلسِوفَ يُعطِيڪَ رَبّڪَ فَترضيٰ" سَرهو تِين ٿِيوءِ
نہ ڪو اڪِين پُهري اِهو ڪوءِ هوءُ (١)
جيڪَهِين ڏنو سَيڪو ساراهَ منَجهہ تِيوءِ
جِين ساراهي سَيڪوءِ واڪاڻُون ڪِيوءِ
ڪوڙِن منَجها قَطرو ڪَرِ بَيانُ ٿِيوءِ
سَهسين صِفَتُون ڪِيوءِ، جي لکين لالايوءِ (٢)
اوڙاه مَنجها اُجِجي ڪَرِ جِهرڪيءَ واتُ وِڌو
آتِ اُونهائِي تَہِ جي لهي نہ تانگهاوءِ
جَهِين اُپايو تَہِ رِءَ ٻُجهي ڪيرُ پيوءِ
اِها تانُ وِماسَ ڪَرِ، فڪر ڪوءِ ڪيوءِ (٣)
ڪِهو قُربُ ڪَرِيمَ سِين بانهي ڪي ٿِيوءِ
ڳُجهہ ڳُرهي جَنہِ سين ڳُجهاندَرَ ڪِيوءِ (٤)
"يا نُورَ نُورِي يا سِرَ سِرِّي" اِنَ پَرِ واڪاڻوءِ
مولي تَہِ محبوبَ سِين وِيجهاندَرُ ڪِهو (٥)
وِچُ نہ ڏِسي اِتِ ڪو جِهو نہ تِهو
ڪيرُ چُوندو ڪينہَ تي، اِهو ڪُوءِ پيوءُ (٦)

---

(١) اڪِين پُهري= اڪيون پوري (٢) لالايوءِ= ليلايو (٣) وماس= ڳڻتي (٤) ڳجهاندر= ڳجهہ اندر-لڪ (٥) ويجهاندر= ويجهائي (٦) ڪوءِ پيو =ڪوهہ ہہ پيو، خساري ۾ پيو

مِيئَينْ مُورِ نہ ڪَڍِهين تہِ ڪي وساريوءُ (١)
دايمُ تِينِي دوسَ کي ٻاجهاءِ يادِ ڪِيوءُ
ڏُکَندو نبيءُ کي جَهِرَ ڪِي ٿِيوءُ (٢)
ڪَرَ لَهائِي بادشاهُ جَبرئيلُ مُيو (٣)
"تون ڪَينءَ ياپين مصطفيٰ آهِئين آڄُ ڪِهو".
سائِين جائي سَيڪِي ڳُجهو ۽ پَڌَرو
حرمت ڏِيوءُ حَبيبَ کي تيلان پُڄايو
گِهڙِي نِهارِهُ گَهتَ ۾ وِماسو ڪِيوءُ
اِيءَ پَرِ جَنِي پانَ ۾ تَنِي وِجُ ڪِهو
پُنيءَ لَگو هاشِميءَ اُتيو، مَ وِيهو
يَتو يَتِين جَهِ کي سائينءَ ساراهِيو
تَهِ کي سِڪِي سَيڪو جيڪو اُپايو
صِفَتُنِ تَهِ سَنديئين نڪو پاندُ پَرو
جَتِي چُوندو ڪيتَرو ٻانُهو ويچارو
"فَوالله مَااحصِي شَمَائِيلَ فَضلِهِ مِنْ رَبِّهِ" ڳاڄُ نہ ڪَهين لَڌو (٤)
وارَنِ اُتي جَهِ جَنِ سائِينءَ سُنۡهُ ڪِيوءُ
ٻانُهو ساراهَ تَهِ جِي ڪَهِ پَرِ ڪَينْءَ ڪندو
سَيَتِ مَولو جَهِ کي نِهارِي نِهاروءُ

---

(١) ميون= الله تعاليٰ(٢) ڏکندو =تڪليف. جَهِرَ= جنهن وير (٣) ڪَر لهائي= خبر لهڻ لاءِ. مُيو= موڪليو (٤) ڳاڄُ= شمار، ڳاڻيٽو

تَهِ جي صِفَتَ جَهِ پَرِ ڪِبي ڪِينءَ ڪِيوءُ
بَحَر مِڙيائِي مَسُون ڪِجَنِ، وَڻَ قلمَ ڪِيوءُ
ماڙُهو مَلڪَ ۽ پَرِي هيڪاندا ٿِيوءُ
جي لِکَنِ قِيامَ سينءَ سيئي مِڙيوءُ
تہ نہ لهندا پاڻ ڪوءِ ڇڏيندا ڪُهيوءُ (١)
مَسُون کُٽِي وينديون، ۽ قَلمَ پَچيو
نہ لَهندا تيتَرو مَگسرِ ڪوءِ پورو
ڪيرُ نہ لَهندو تَهِ جِيءَ بُزرگيءَ مَٿو
"اِنَّ فَضلَ رَسُولِ اللهِ لَيسَ لَهُ حَدٌ" منجها هِيئن بُڌو
مَدحَ مَنجها مصطفيٰ جِي جيڪِي چَئِي سَگهو
سو جڳاءِ سَيي پَرِينْ جي ڪَهين يَتِ چَيوءُ
رِءَ پاڻَيِي دَرَ جِنِي رِهاءِ سَپ پيوءُ
"وَانسُبْ اِلي ذاتِهِ ماشِئتَ مِن شَرَفِ "پَسِين اِيءَ لِڌو (٢)
مُهتُ سَينِي مرسلانْ سائينءَ پيارو
آساٿِهِجو ڪارَڻِي اِهو يَلارو
ميڙِيهُون باجَه ڪري نَبِي سُونهارو (٣)
آسان تَهِ حَبِيبَ کي لَڳو مَنَ چارو (۴)
اِللهي "عثمان" چوءِ تون مَحِ لالايوءُ (۵)

(١) ڪُهيو= ٿڪجو (٢) لِڌو= لڪيو (٣) ميڙيهون =اسان کي ملائيں (۴) من چاروُ= ويچار
(۵)لالايوءُ= ليلايو

اسان ڪِجِ رَسولَ سين ماهِنڊِ ميڙائوءُ (١)
آسائِتُو سَيڪوءِ ڪَهِينْ مَ ڦوڙائوءُ
پَسَڻَ ڪي سو هاشِمِي وَه ويتَر پِيوءُ
سِڪَ تُنهجِي سُپِرين آندرِ ڏَنْءُ لايوءُ (٢)
مِڙِيهُون محبوبُ سو، جو تو اُپايوءُ
تَنهِ رءَ ڏني نہ تِئِي آسان اوباهو (٣)
باجُهون باتاڙَنِ ڪي ڪندو ڪيرُ پِيوءُ (٤)
اُهِڪِيءَ ۾ آڏو تِئِي پِرِيَنِ پَلائِوءُ
پارِ وِڏائِين پَهيَڙا وينَتِي ڪيوءُ
پِيا جي پاڇولِ ۾ ڇڏي سي نہ وِيوءُ (٥)
گهَٽو سُونهارو سُپِرين پَلو بوراوءُ
تَہِ سين ويندي ناه ڀَئِي، سَيِنْ سَهنجاڻوءُ
سُجْنِ مَنجها ساڻَڙا اُباهِي آيوءُ (٦)
ماهُندُ اوڳي پُورڳو جِيَٽو ۽ ڏاوءُ (٧)
خَبَرَ تِي ڪُهِيَنِ جيءَ ڪَرِ اڳِهِين آيوءُ
سَٿُون ڏيندي شاه ڪي تِيئِي نہ رَنجاوءُ
آتِ آڳانجِهيءَ باجَهہ سين اِهو ڪونَ پٿوءُ
اُهِڪيءَ ۾ آڙَيَنِ ڪي ڪوٺِي جِيءُ ڪِيوءُ

---

(١) ماهند= مهند، اڳ ۾ (٢) ڏنءُ =ساڙ داغ (٣) اوباهو= نجات ، ڇوٽڪارو (۴) باتاڙن = سڪايل (۵) پاڇول= پيڇاڙي، پُٺ (٦) اُباهي آيو= و پار اُڪاري آيو (٧) جيٽو ۽ ڏاٿو =سچو ۽ ڪپو

وِرچَڻُ ناهِ وَريامَ ڪسي تَڪو تَهِ ساڙو
ڏمرِيا جيڻَ ڏونِئو ڪَڏهن نہ هُوءُ (١)
تَهِ هَتان جمارَ ۾ ڪوءِ نہ ڏُڪويوءُ
ڪونِي سَبِ ڪريم ڏُونهُ هَٿِينْ چانْ ڪِيوءُ
مُنهَ ۾ مُرڪِي نُور مُرسلَ پُڇي پابوهيو
پِريِنْ سبو چوڏهِيڻَ چَندُرُ جِيڻَ سَنِينِ سُونهَ تِيو
جِهو نيڙو مصطفيٰ تِهو ڪونہ پِئو
ڪونِي ڪُلاتَنِ ڪي هيجان هَتَ ڪَٽيوءُ (٢)
آپاهَتُو تَهِ ڪي ............ ڪَهِين چيوءُ (٣)
ڏمرُ ناهِسِ ڏِيلَ ۾ مُورِ نہ ڏُڪويوءُ
"الم نَشرَح لکَ صَدرکَ" اِڳهِينْ اِيڻَ ڪِيوءُ
اِهو حِلمُ هاشِمِي تيلائِين تِيوءُ
ڏنِي تَهِ ڏُورِ تيي ڏڪُ ۽ ڏولائوءُ
چَڏِڻُ مُورِ نہ پانيو جُہ ڪَهِين ڳالهايو
مِنايان مِنو گهَٽو، ڪُنِيَنِ ڪَوڙاوءُ
جَنِي مِتي مامِرا اوِيَرُ تَنِ تِيوءُ (٤)
تِڪيءَ لڳِيءَ تار ۾ جِذي تان نہ ويوءُ (٥)
ريڙهِيوءُ سَبِ رَه ڪري، ڪَهِين نہ آهنجاوءُ (٦)

---

(١) ڏمريلن وانگر ڪڏهن ڪونہ ڪاوڙيو (٢) ڪُلاتن =؟ (٣) آپاهتو= اوچتو، نامناسب، اڻ وڻندڙ
(٤) اوير= ڍڪيندڙ (٥) تِڪيءَ لڳيءَ =گهڻي ۽ توري (٦) رَه= راه، وات

ڪـــوءِ نہ هُـئو ڪَــڏهين بــانُــهــو اِهَ پارو (١)
ڪــوئي ڪــاٽِـيارِن ڪــي بــاجـهاءِ بَــرڪِيــوءُ
اِنَ بــانِهـي ڪــي رَبَ ســيــن وڏو اُهــابـــو (٢)
تَــہِ سيــن شــريــڪُ ناهِ ڪو حُرمتَ مَنجهہِ بيوءُ
جَہِ ڪي ڳهٽي لُطـفَ سيــن مولـي هيــنءَ چَيــوءُ
"اســان توسيــن مــصطـفيٰ آهــي ســاءُ هِــهو
جيئِين سِــڪــي سُــجَ ۾ پــائــيءَ ڪــي اُجِيــوءُ
تــو سيــن تَهيائِين ڳهَــٽو اســان ســاءُ پــيو"
جيــئِين سَڌَ صِــحَتَ ڪي پــيو ڪــري جَــڏو
اســان ڪــادو مُصــطفيٰ تو ذاتــہَ تــانءُ وَڏو
ڳُــهـري خُوشِنودِي منهنجِي عــالَمُ سَــبُ مِــڙئــو
آئُن طـــالِــبُ تــنهــجيءَ خُــوشــنوديءَ سنــدو
"كُلُّ شَيءٍ يُطْلَبُ رَضائِي وَأنَا أُطْلُبُ رَضاكَ يا مُحمَّــد"
مولـي هِينءَ چيو
جيــنءَ نِهــاري مُــون ذاتــہَ سَيــڪو سِــڪَ پِيــو
آئُن نِــهـــاريـــــان تـــو ذاتــہَ اِنــائِين آڳــرو
عـــالــم سِــــڪـي مُنهجــي پَسَڻُ ڪـــي ٿِـيو
آســان اِنــائِيءِ ڳــهــٽو تـــو ذاتــہَ نِــظــارو

(١) اِهِ پارو= انهي پارين (٢) اُهابو= مُهابو

جيڪو آهي سڀڪو مون، ڏانهَ نهارِيندو
آءُن نهاريندو تو ڏانهَ تنهِ وقتِ ٿيو
"ڪُلّ مَنْ ڪَانَ مِنَ العَرْشِ اِلي الثّرِيٰ يَنْظُرِ اِلَيّ
و آنَا آنظُرِ اِليهَ يا مُحَمد" مَولي پاڻ چيو
اُپايائسِ آڳهين پنوءِ پيدا ڪيو
آڳهُ آڳينِ اُمتُنِ ۽ پسويَنِ ڪي ٿيو
نامُ تُنهجو مصطفيٰ ڏٿيءَ بُلندُ ڪيو
"وَرَفعْنَالَكَ ذِكْرَكَ" سَينِ تينْ بُڌو
نالو پاهنجي نامَ سين سائينءَ ضَمُ ڪيوءُ
ڪوءِ تو پسي ڪيتهين اِنَ بُزرگيءَ مَتوءُ
تيلان مَٿرءِ مصطفيٰ جيلان رَبَ گُهريوءُ
مَرڪُ سَيني مُرسَلاَنْ تيلائين ٿيوءُ
تڪو ڪُچي اِتِ ڪي ڪَهين ڪي آندازو
خاصاجي خاصَنِ ۾ ماهَنْدُ تَنِ ٿيوءُ
اُڪاريائين اوتَ ري لَڪِشاپُورَ نيوءُ
ڏڙهَ ڏِريا، ڏَرَ ڏِيِثي، هَيبتَ هُلُ ٿيوءُ
وِيرَ ڏُهلي ڏاڪَڙي ڏنو ڏيڪائو (١)
ڪَثِيا سَيِ قَهارَ يَئي، ڊِرنا ڊراءُ ٿيوءُ

(١) هي بيان قيامت ڏينهن بابت آهي .

ڪونہ پُڇي ڪَهِ ڪَر، پاڻاءَ ڌارَ پِيوءُ
ڏهاڙي ڏهڪيا، ڏاڍو ڏِيسنهُ ٿيوءُ
ياري ڏِيندلُ ناهِ ڪو توڙي پِٽَہ سڱو
ڪري بيزاري سَيڪو، ياءُ نہ ياءُ مِڙيوءُ
پُٽُر نہ اوڏو ماءِ ڪي يَڇِي ڌارَ ٿيو
"يَومَ يَفِرُّ المَرءُ مِن اَخيهِ و اُمّهِ اَبيهِ" اِهو پَٽُر پِيو
اُهڪي ٿِيٺي آڙَنِ ڪي ڏسي ڏولاٿو
متي اُتَنِ مامَرا اوهِيرا ڪِيو (۱)
دَوڙيا پَسِي دامَ ۾ پاهِنجو ڪمايو
تَنِ ٿُنهجيءَ باجَهہ رِيءَ ڪِهو اوياهو (۲)
ڏَڪِيئا ڏولائِي پَٿِي، ڏهِٺا ڏاهُ ٿِيوءُ (۳)
اوڏو آئي اِنِ ڪسي مَتان سِڄُ مَندِٿو
گَرمايِٿِي گورِ ڪِٿِي تَپِي تاءُ ٿِيوءُ (۴)
سِيڻُءَ آڳانجهيءَ سَيڪو مُوتَنِ يَرِ پِيوءُ (۵)
"وَتَنري ڪُلّ اُمّةٍ جاثيةً" اِيانُ يَقِينُ ٿِيوءُ
تِتي آڳَهُ مصطفيٰ ڏهارِيَنِ ٿِيوءُ
اُيا ماڙهُو ءِ مَلڪَ يَرِ ۾ صَفُون سَبِ ڪِيو
مِڙِئا نَبِيّ مُرسَلّ هاگامُو ٿِيوءُ

---

(۱) اُتن= انهن تي وُنا (۲) ڪِهو اوياهو = ڪهڙو چوتڪارو (۳) ڏِهٺا ڏاهُ= ؟ (۴) گور= قبر
(۵) آڳانجهي = مشڪلات، سوڙهيءَ گهٽ

اسان کهيءِ نہ ٿيئي تو ريءَ اوباهو
تان پيي مَرکي مُصطفيٰ ماهَندِ تَسنِ تيو
اُپايا آڙيَسنِ کي شَفاعَتَ کيو
پُنيءَ لڳس بادشاه ماهَندِ مَتيرو
تَہ کي جَهلَ نہ پَلَ کا، پَلو ريبارو (۱)
هَيبَتَ ناهِ حَبيبَ کي سائينءَ پيارو
هِتان ٿيي هُتِ گهٽو گهورو جَہ سَندو
حُرمَتَ تَہ حَبيبَ جيءَ اسان پَٿُ کهو
کون پُڌوسين کَڏهين ايهيءَ باجَهہ پيوءُ
ڏهکي ڏهارينِ کي چَڏي تان نہ وِيوءُ
عاصِي پَسي اُسَ ۾ پَتنگُ جينءَ پيوءُ
کارُون کَري کَريمَ کي اُپو نہ وينو
مولي مَچيو سَڀ سنو جيکي تَہ چَيو
کُورَنِ کاني بَکيو، مُوڙهنِ موکُ تيوءُ (۲)
جِتي مولي مصطفيٰ چَئي خُوشنودُ کيو
آءُ کَندُس تيَهين جينءَ تون چُوندو
"اَنا مَولاکَ وَانتَ مَحبُوبِي" توسين وِچُ کهو
ٿهاءُ آدَرِ سُپرين هائي کينِ کبو (۳).

---

(۱) ريبارو= پيغمبر، رسول (۲) اصل ائين (۳) ادر =؟

جيڪي آهي سَيڪي، توڪي سَبُ ڏِبو
"اِن اللهَ لاَ يُخلِفُ المِيعادَ" اِنَ ۾ شڪُ ڪِهو
تَذِهِ تِتي مصطفيٰ ڪِيو سُنْنَهُ هُئو
تانْ تانْ راضِي رَبَّ سين آؤُنْ نہ ٿِيندو
جانْ ڪو مُهِنجو اُمَتي اِهڪِيءَ ۾ هُوندو
"وَاللهِ لاَ اَرضِيْ عَلَيَ رَبّيِ وَلَواحِدٌ مِن اُمَتِي فِي النّارِ"
پيغامبر چيو
راضِي پاهِنجي رَبَّ سين تيلاٺين ٿِيوءُ
ڏِناءِ ڏهارِين کي ڏاتِينْ باجهہَ ڪِيوءُ (١)
عَفُو ڪيئائين عاصِيَنِ کي خَطائُون ڪِيو
باٿهنِ اُتي باجَهہ جو تانْ پِي واءُ وَرِيو
لَتا ڏُکَ سُکَ ٿِيا سَتّرهنو جَڳُ ٿِيوءُ
رَحمَت اُتي مِينهُ جِيئَءِ اوهِيرا ڪيو
موڪَلَ لَدِي مصطفيٰ تِينْ وِداعُ ٿِيو
ڏَڏِنِ ڏاتِينْ ڏِنيون، ڪَرِيمَ ڪُوتايو
پَلنگ پَٿَرِيا پاتشاهَ خِيما ڪوڙيا آئي
پاتيون ڪُرسيُون سَهسِين سينگاريوءُ
آندا نَبِيءَ مُرسَلَ مَتّبي چَتّر ڏِيوءُ
تِتي مَلَءِ مصطفيٰ سَين وَچَ اُيو (٢)

---

(١) ڏاتِين= ڏاتيون (٢) مَلءِ= مَلهي، سرخرو ٿي (؟)

تَنِي هَـــولُ حِســابَ جــو جِــهو نہ تِــهــو
”وَاَمامَن اُوتِيَ كِتابَهٗ بِيَمِينِه فَسَوفَ يُحاسُبَ حِسابَ كَثِيرا“
تَنِ سين توهٗ تِيو
ڏي مَ ڏائـِي هَستَ ۾ كـاغَذُ كَهِيــن سَنــدو
مَـتـان بِـيـنـي پَـئي كـو ڏهـاڳُ ڏولائـو
ڏهـاڳـاءِ ڏائـي جيــنْ رويــو رڪَ گـهــرو
آپــاهَتِيو اُو تَــتِري تَسِرڪِـي پـارِ تِيـو (١)
جَـنِي ڏائـي هَــتَ ۾ كـاغَـذُ پِـڙ پـيـو
ڏُکَــنِ سَـندو ڏِيـلَ ۾ تَـنِي سِـر مِـيـثهٗ اُنــو
اِيـانْ رکُهـونْ راجِـيا پَـرنــدِيءَ پِـيـٺَ كِـيـو
پِــرِيَــنِ سَـندي سـاٿـڙي پُـجون مـانَ پُرئو
تــو پاهِـنـجـي مَـحـبوبَ كــي جَـهِرَ هِينءَ چيو
آســان كــي اُهـكِـيءَ ۾ كــــو آڳَـهَ تِيـو
لِڳـاسُـون تَـه آسَـري هــيءَ اُمــيد كـيو
”وَمَــا كَانَ اللهُ لِيُعد بَهُم وَاَنتَ فِيهِم“ مولـي جاءِ چيو
جَنِــي واهَــرَ مصطـفيٰ تتـــي پَئُ كِـهـو
ســارِئو كــدي سَبِ كي اُهكِيون لَنـگـهايـو
ماهِندِ كِيائِــين اُمَتِّــي پُــنِيءَ پارِ تِــيو
آســانـهِـجـو سُـپرِيـن اِهــو سَـباجـهـو

(١) آپاهتيو= بنان ارادي، بنان تكليف جي

لنگھائين لڪيون رَسيا رَهِ ﭘيو (۱)
صِراطاءِ سُهڪي ٽِٽي، ڏٺيءَ فضلُ ڪِيو
لنگهي وِيو سَيڪو وِچ نہ ڪو رَهيو
تِڪي وِنگي ۽ سَنهِي، هينان اُونداهو
مَتي دَوزخَ مَندِئي ڏِسي ڏاهُ لڳو (۲)
صراط اُتان سَيڪو آچي گُذرَندو
ڏارَ نہ وِينسدو هيڪڙو، چڱو نہ مَدو
"و اِن مِنڪُم الاوارِدها" حڪم اِي وَهيو
ڪي وَهندا وِجُ جيئن، ڪي واءُ جيئن وايو (۳)
ڪي پِيادا جيئن پَٽَ ۾، ڪي تازيءَ جيئن تاڻيوءَ
ڪي پَريا جيئن پَندَ ۾، سِرَنِ سَٽُ ڪِيو (۴)
ڪوءِ هَري ڪوءِ تڪِڙي مومِنُ وَهي وِيندو
ڏِهلو ڏُهارِيَن ڪي هَلنُ تِتِ ٿيندو
ڪافِرِ پُوندا ڪُنَ ۾ سَيئِي ڄَٽيو
لنگهي سي پارِ ٿيا ڪَلِمو جَنِ چَيو
لا اِلٰه اِلاّ الله مُحَمّدٌ رسول الله
سُڪيءَ پيو ساٽو، جِڏي پَٿُ وِيو
لنڌائين ڪِيڪارِيُون، سَرهو جَڳُ ٿِيو

---

(۱) رہ پيو= راہ تي هلي (۲) دوزخ جي مٿان منديل پلصراط ڏسي ڏکئي ولي ويئي (۳) وهندا= هلندا، وايو =واءَ وانگر اُڏامي (۴) پريا= پوڙها، بدا.

رَحمَتَ مَنجهبارا جيهِيءَ دَرِياءُ اُپايو
مِيرا لاتا مومِنِين مَتانءُ غُسلَ ڪِيو
تِيو سُوٿهَ سين سَيڪو چوڏِهينءَ چَندرَ جِهو
جُنبِيا تان جَنَتَ ڏُونهُ مٿي تاجَ ڏِنو
"وَسِيقَ الذِينَ اتَقُو رَبَهُمْ اِلي الجَنةِ زُمَرا" اڳانْ ڊِول ڪيو
اُپِي گهٽو نِهارِيا حُورَنِ هَٿَ ڪَٽِيوءُ
سَنَيُوڙِيُون شاهَنِ ڪي سُرهايُون لويو
آڏيون آيُون مومِنِين سَٽِين سِينگارَ ڪِيو
سِڪِي سَجَنَ گڏيا تَماشو ٿِيوءُ
آيا پاٿا پاٿِيُون هَدِيا هَٿِ ڪِيوءُ
تي آنداٿون اُنِ ڪي جو نہ ڪَهِين ڏٺو
ڳايائُون ڳاجَ سِي جَنِي وَه وِڌو (١)
چورِياٿُون چَنگِنِ ڪي سَٽِين سُرودَ ڪِيوءُ
وَهِ وِڌائون وَلهَا مِٺا راڳَ چَيو
چَٽُداريءَ چَٽيِنْ ڏِسِ تي سسو آوازُ ٿِيو
ڏٺو ساهُ سَيڪَهِين مَرڻُ هُئو
ڈُهلَ دَمباما ڳاهَرُو، لنگهَنِ دَسَ ڏِيوءُ (٢)
نَفِيرِيُون ۽ نَگرا سَهنايُون ڪِيوءُ (٣)

(١) ڳاج= ڳيچ. وه وڌو= سِڪ-وٺائي (٢) ڳاهرو= ڳاٿا. دس ڏيو = واجو ڪيو (٣) نگرا= نغارا

اِنَ پَرِ راڻيو راڄيا آندا ڪوڏايو (١)
جون ٻُڌوسين ڪَڏهين سو ويهانءُ ٿيوءِ
حُرمَتَ سين هَلايا وَرَ واڄائر ڪيو
اَپٽيا دَرَ بِهشتَنِ مَنجهه سينگارُ ٿيو
پَرهايو پِهاريا حُورُنِ هَنجِهه ڪِيوءِ (٢)
پِهو سَپي جَنَتَ ۾ سَرِهايُون ڪِيو
"اُدْخُلُوها بِسَلامِ آمِنِينَ" لتو رِيجلو (٣)
آڏا دَرآنَنِ اِنِ ڪي سلام هِينءَ چيو (۴)
"وَقالَ لَهُمْ خَزَنَتُها سَلامٌ عَلَيكُمْ طِبْتُمْ فَادخُلُوها خالِدِينَ"
هاڻي پَڌُ وِيو
جانڪِيتان جَنَتَ ۾ آنْ ڪَي ماڳُ ٿِيو
پينا سَپي جَنَتَ ۾ ميرايُون لاهِيو
تانْ پِي آنِديون پالِڪِيُون مَنجهانَ سونَ کَٿيوءِ
تَنَي متي ڪَبُتِيُون ڏنيون سينگاريوءِ (۵)
ويڙهياڻِنِ حَرِيرَ ۾ چَوَڪَنْدَ چِترايو
مَاڻِڪَ موتِي تَنِ ۾ جَڙِيا جوڙايو
سِينگارُيون سَهِسِين پَرِينْ آنديون راسِ ڪِيوءِ
لَکين لعلُون اِن ۾ لوڏايُون لايو

(١) ڪوڏايو= ڪوڏ منجهان (٢) پرهايو پهاريا= ويس ڍڪائي جنت ۾ داخل ڪيا (٣) ريجلو= ؟
(۴) درانن= دروانن، دربانن (۵) ڪبتيون= ڪبت ڪندڙ عورتون ؟

ڏاري پاسيں گِهنگهرا ڇڻڪَنِ جهانءِ ڪِيو
تَنِ ڪي پَسِي سَيڪو حيرتَ مَنجهه پِيو
سَهِي نہ سگهي ڏِتِ ڪو چَرٿاٽ جو ٿِيو (١)
جِهنجِهنٿِي جِهينجَهڻِ سين پالِڪيُون آئيو (٢)
جويُون مُڪيون جَنّتِي تَنّي ۾ چاڙهيو
آنسديُون اِيهِيءَ جوڙَ سين مَنگتڻِين ڳايو
مُڪِيُون پاهِنجي مَحلِينْ سَپِنِئِينْ ساريوءِ
ڪَبتِيُون خُورَنِ رانِيُون وَڏايُون ڏِيوءِ
ڪورَنِ سَندا ڪَپَڙا ڳهڻا ڳَلِ پايو
پَرهَڻُ ڪڍيو پاڻَ لَئِي سُرهايُون لويو
تَہِ سُرهايانْ دُنيءَ ۾ اچي جي پورو
جي وِهِي سَيڪو جيڪو مُئو هُئو (٣)
لَڌائُون لڪبين پَرِين پاڙو تَہِ سَندو
چُرَ نہ چائُتِ پاڻَ ۾، لَڳَڻُو نہ ٿِيندو (۴)
اِنَ وِچان ٿِي رِيسَ جو نالوئِي ويندو
پِسهرو وَهمُ رِيسَ جو جوڪَر اُنِ پِيو (۵)
تانِ پِي تُسِي توهَ جو سائِينءَ واءُ مُڪو
هِنيَنِ اُتي اُنِ جَہِ جَهِرَ سو لِڳو

---

(١) ڏت= زور (٢)جهجڻ ساه جهنجهي (٣) يعني: مثل بہ جيئرو ٿي پوي (۴) چُرَ= ڪونس، چائت= وير. لڳڻو= رڳڙو= جهيڙو (۵) جوڪر =جيڪس جيڪڏهن

رِيسُون لَتِيڻ پاڻَ ۾، چائُتِ چَنگَ وِيو
پِيتا سڀِ جَنَّتَ ۾ ڏاتيءَ فَضلُ ڪِيوءِ
مائِيندا مَنَ جيڏوءِ جيڻ ڄاليڻِ تِهو (١)
ٻُوجَ پِيَندا پاڻَ لَڻ تَماشا ڪِيوءِ
سو لَهندو سَيڪو جو جِيءَ گُهرَندو
”وَلَڪُمۡ فِيهَا مَا تَشتَهِيۡ اَنفُسُڪم وَلَڪُم فِيهَا مَا
تَدَّعُون“ ڏِينُدِ ڏاهِ ڪِيو
گهرَ سَيِي سونَ جا، پَرهَڻُ پَٽَ سندو (٢)
”وَلِباسُهُمۡ فِيهَا حَرِيرٌ“ هميشه هوندو
دايَم دولتَ اگِري، نڪو ڪوتائو (٣)
غلامُوئي هيڪَڙو پَرهَڻُ جو ڪندو
ٻَها سَبِهي دُنيءَ جي اِهوئي لهندو
ڪِيو سَيڪو پاتِشاهُ وَڏايُون ڏِيوءِ
مومِنَ مولي سَيڪو هِنَ مَرتبي ڪِيوءِ
جانۡ تَرسي چِستَ ۾، ڏَر مُبنهِ وِٺو وِٺو
مَحشَر نہ تِٿِي مَلڪَنِ يَرنِ ڀِيرا ڏِٺو
ڏاري ٻانِها ٻانِهيون، اُيِيَنِ هَٿَ ٻَڌيوءِ
اوڏا تِيا آمِيرَ ڪي خِدمَتُون ڪِيو

---

(١) اُنهي (٢) سيي= سيئي. پرهڻ= لباس (٣) اگري= زياده. ڪوتائو= ڪمي، گهٽتائي

آسان هَتا نہ تِئي سو بَيانُ ڪيو
خُورِنِ مَنجها هيڪَڙيءَ جي ڏَندُ ڏيڪارِئوءَ
نُورِ تَہِ جو آڳِرو سِجائي ٿيوءَ
آڪِنِ اُتي ءَ پِرِنِ مَتو ماڳَ ٿِروءَ
ناهِنِ وارُ وُجُودَ ۾ اِنيا ڌارَ پيو
نَڪو گُونڊَرُ غَمُ ڪو، نَڪو يَنُ پيو
نَڪو ڏُکُ نہ ڏاڪَڙي نَڪو رَنجائو
نَڪو مَرَضُ اِنِ کي، نَڪو قوڙائو
نَڪا اُسَ نہ سِجُ ڪو، نَڪي اُونداهو
"لاَيَرَوْنَ فِيْهَا شَمْسا وَلاَزَمْهَرِيْرًا" سَيَتْ سَهائو
نَڪا بُکَ نہ اُڃَ ڪا، نَڪو ڏولائو
نہ ميرائِي اِنِ کي، نَڪو اُگهاڙوءَ
نَڪو چانْ ٿِي اِنِ کي، نَڪو تِتي بَروءَ (١)
نَڪو يَءِ نہ يَڳَ ڪو، نَڪو حاداٺو (٢)
ڪونَ سُتِيندو ڪَڏِهين ڳالاءَ بيهُودو
"يَسْمَعُوْنَ فِيْهَا لَغْوًا وَلاَ ڪِذّابا" مَجِئو اِنِ لِڌو (٣)
نَڪا ٿُڪَ نہ سِنگهَہَ ڪا، نَڪو ڪانگهارو
وَتُ نہ هُوندو اِنِ کي، سَنْهو نہ ٿُلهو

(١) چان ٿي= تتائي،برٺو= ڪاڙهو، گرمي (٢) يَڳَ= ياڄ، لوٽ (٣) لِڌو= لِکيو

ڏُکُ نہ هُوندو اِن کي جِهو نہ تِهو
نہ آرَسُ نہ اوجِهرَڻُ، نَڪو نِندَر ڪَندو
نہ روزا نِمَازَ ڪا، نَڪو ڪَمُ ڪِهو
رِهَ عَيشَنِ اُتِهين آهي ڪِيئَنَ پِيو
ڏِيہُ لهندو سِيکو وَڏايءَ وَڏو
"وَاِذارَئَيتَ ثَمَّ رَاَيتَ نَعِيمًا وَ مُلكًا كَبِيرًا" آهي اِينءَ چَيو
ٻاهِيُونُ رُپي سونَ جُون، پَرهَڻُ پَتَ سَندو
"وَحُلُّوا اَسَاوِرَمِنْ فِضَّتہ" وَعْدَہ صَحِي ڏِبو
پِيارِيندُنِ پاتِشاہُ پاڪَ شَرابَ ڪِيوءُ
"وَسَقٰيهُم رَبُّهُمْ شَرَابًا طَهُوْرًا" مُشهَدو ٿِيو
هيٺان وَهَنِ واديُون، مَٿان ڦَرُ پَڪو
"لَهُمْ جَنَّات تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الاَ نْهَارُ" آهي اِينءَ ڪِيو
ڪوڙيِنُ ڪِنارَنِ ۾ صَفُون وَڻَ ڪِيو
رُويا باغَنِ ۾ ؛ ميوا ڏارَ نِيوءُ
ميوا ڏِبا مومِنَنِ بِهِشتَ مَنجِهہ مُيو
"لَهُم فِيهَا فاكِهَة وَلَهُمْ مَا يَدَّعُوْنَ" آهي اِينءُ پِيو
جِني ميوو هيڪَڙو جانْ ڪائِي نِهارِيو
تانْ لَڳو آهي اُتِهي ڪَرِ چِنُو نہ هُوئو

أتِ اُوٺائِي ناهِ ڪا ويرا ويرَ آڳرو
"ڪُلَّمَا رُزِقُوْا مِنْهَا مِنْ ثَمَرةٍ رِزْقًا قَالُوْ هَذَ الذِي رُزِقنا
مِنَ قبلُ" پَسو هِيءَ لِڏوءُ
گهوڙا بيڙا ميوا ماڙيُونْ مَنجهي ماهُ هَرو (١)
ڪِيرُ ڳَڏِئي مَاڪِيُون مَيدا وَهَنِ ٽَئِنْ ڪِيو
آما لِيما ڪوپَرا ڪيٺلا، بِجورو (٢)
ڏاڙُهونْ ڊَراکُونْ کارِکُونْ اِنيا ڏارَ ٻِيو
ڇَٺِي ڇُونڊُسِ ڪيترو اِنِ نہ پاندُ پَرو
جيڪو تُوڪُ بِهِشتَ ۾ سو هِهو مِٺو
هَزارُ وَرِهَنِ واتَ ۾ تَهِ جو ساءُ هَوندو
پاڻي جو ڪَوثَرَ جو سو آهي هِهو
آڇاياءُ آڇو ڳهٽو ۽ ماکِيا مِٺو
پِيارِيندُنِ مُصطفيٰ تِٿائِين رَڃَ پَرِٺو
پِيَندا پرِيَنِ سين جَرْ ڪِيرُو ڪِيو (٣)
مومِنَ ڳَڏِيا مُصطفيٰ ڪِهو ڪوڏُ ٿِيوءُ
مَ وانجِئِين وَڏا ڏَئِي اِيا ڪِي تاروءُ (٤)
بِهشتُ سُونهارو ڳهٽو پَرَ آسان هِيءَ ڳهروءُ
جَهِ ڪي سِڪي سَيڪو سَچَنُ سو ڳَڏئو

(١) منجهي ماه هَرو= منجهن ماسُ تازو (٢) بجورو=؟ (٣) اصل ائِيہ (۴)مَ وانجيئن =محروم نہ ڪرين

تَهِ ڏُونهُ نَظَرُ هيڪَڙو ڀَسِي جو ڪِبو
بِهِشتُ تَهِ سين نہ ڏِٺو ڀِي جا قياسُ ڪِيو
هاڻي ڀُڻِ بِهشتَ جيو ڪِي بَيانُ ڪِبو
غافِلَ مومِنِ مانَ ڪِي تِهِ ڪي لَبِ پِيو
سِرَ هيڪَڙي سونَ جي ڀِٽي رُپاءِ ڪِيو
ڀِٽُونِ جوڙِيُونَ پاڻَ ۾ ڪَٿُوريءَ پايو
راءِ ڪَنَ راسِ ڪِيائِنَ پَرِ آڏايو
قَصرَ ڪارَڻِ مومِنِين رِکيا سَياهو
ڪي آچسا ڳاڙها ڪي، ڪَنِي رَنگُ سائو
مائِٽائُنِ مارَنِ سين آچا اُجارِوءَ
تَنِ ۾ ڏِسي سَيْڪِي باهارَ مَنجُهه ٿِيو
ڪوڙين قَصرَ ماڙِيُونَ پَنڌِ مَ پَلاڻِيوءَ
گهوڙا ڏِبا مومِنِين تازِي سِينگارِوءَ
سينگارُ سَنڌو هيڪَڙي جَان حِسابُ ڪِيو
تَهِ جيءَ قِيمَتَ رَبَ رِءِ لَهي ڪو نہ پَرو
حمامَ خانا حُجِرا صَفا صافَ ڪِيو
مائِڪَ موتِي تَنِ ۾ ياقُوتَ جوڙايو
ڳُتِئائُنِ گهٽي ڀَرِين چَڱا چِترايو

نَہ پالِڪيَنِ پـاٿـدُ ڪـو نہ پَـلنـگـنِ پَـرو
پـــانَ پَـتَّـرَ پَـــٽَ جـا وِڏا وِڇـايـــو
تَــــڪــو حِسـابَ تَــنِ جــو تَڪو ڳاٽيٽرو
بِــهِـشْــتَ ايــڏوئِــي ڪَـري اللهَ اُپـايـو
ڏه يـاڳَــا هِــنَ دُنِــيءَ جــا سَيڪو تـاءِ لَهَندو
گَـــهَـــرنِ سَيِنِي آڳرو اِنــائِيـــنْ هُـــونـــدو
پيــغـامُـبَـر ڳـالَ ڪـِـئِــي جِينْ مِعراجِ هُئو
قَـصْـرُ ڏِنُـمِ هيـڪَـڙو ڳاڙهــي ســونَ سَنــدو
آهـي يــاڳـا ڪـيَـسـتـرا هِــــنَ دُنِـيـاءِ وَڏو
تَــــهِ ۾ آهـي تــوڪُ ســـو جــو نہ سُــو ٻُـڏو (۱)
جَـنِــي فَــرمـانَ پـارِئـا تَــنِـي كَــي ڏِبــو
صِـفَـتَ مَنجها بِـهِشْـتَ جـي آسـانْ جِينْ چَيو
تَـهِـيـا يـاڳـــا ڪـيَـسـتـرا آهـي سُـونـهــارو (۲)
نہ ڪَـــهِ ڏِٺـــو نہ سُو، نہ هِـئِـين ۾ گُـــذِريو
مومِــنِـهيــن كــي بِهِشتَ ۾ اِهــو توكُ ڏِبـــو
اِللـهِي "عُـــثْــمــانُ" چــوءِ وِيـنَـتِي ڪِـــيو
ڏِيـئِـيـــن ڌُهــــارِيَـنِ كـــي ڏاتِـــي ڏوهَ گَــيو
پـَــاڙو ڏِيُــهــــون پاتِشاهَ نَبِيءَ سين ٿئو

(۱) سو نہ ٻڏو = سُو نہ ٻڌو (۲) تهيا = تهن کاھ

"اَللّٰهُمَ اَرْزُقنَا جَوَارَ مُحمَد فِي الْجَنَّةِ" اُميدَ پُڄايو
پَاڙو پرينْ رَسُولَ سين جَنِي کي ٿيو
وَڏيُونْ ڪِنئائِين ويتَرِي تَنِي سين ٿُيوءِ
سائينءِ ڪَهِين نہ تَنِي تَنِئاءِ قسوڙائسو
اِيا يَلو جَنَّتَ ۾ ڪونَهِ ٿوڪُ پِيوءِ
خُشِنُودِي خالِقَ جي نَبيءِ سين پاڙو
مَلڪَ ڪَنْدا خِدَمَتُون لِقاءِ رَبَ سَندو
رَسُولَ جِي رِهاڻِ ڪي عالَمُ آسَ پَريوءِ
پُڄايَهُونْ پَاتِشاهَ اُميدُونْ ساروءِ
گهُرهُون ڪِيهِيءِ لَڄَ سين نَبِيءِ جو پَاڙو
ڪَرَهُ ڪَتَنَ جيترو ڪِلهُونْ ڏوهَ ڪِيو (١)
......... وَنَهُون ويسَرا اُچا ڳاٿر ڪِيو (٢)
آسين پَسهُونْ پاهِنجو ڪو اَياڳُ ٿيو
ايهِي پَرِ پِرِيَنِ سين ياڳِينْ ميڙاوءِ
اللهي "عُثمَانُ" چوءِ بَندي بُوچُ ڪِيو (٣)
هَڏِ نہ هُئو تَڇَ ڪِي پَرَ تو اُپايو
مِهَرَ ڪَرِ مُلڪَ ڏِٺي خَطائُون ڪَيو
آسَان حُجَتَ نساهِ ڪا پورو نہ ڏِرو

(١) اصل اٿيو (٢) ورق زبون(٣) بوچ ڪيو= بيزائي ڪئي، گناھ ڪيا ،

الله تُهنجي پاڄه رِءَ ڪِهو اوياهو
آهينئُون تِينْ آسَرو جِينْ تُونْ سَڀاڄهو
تُنهاءَ آڱرِ ناهِ ڪو مِهريانُ ٻِيو
"أَنتَ أرحَمُ الرّاحِمِيْنَ" تو پاڻاءَ آتو
ڏوهَنِ سَندو ڏِيلَ ۾ آبسان مُوڙهائو (١)
توبَهَ ڏِيهُون پاتِشاهَ مَتيا موٽايو
سَندو ڪِيو سيڻَ گُهرين وِهَ ڏُونهُ واجهايو
اِهُ نه پَهُ پريَنِ جو جو تسو هَتِ ڪِيو (٢)
ڪيهِيءَ پَرِ پاڙو گُهرينْ تو ڪِي آندازو
جِينْ تسو چَيو حَقْ سو پَرَ ڪِي سُڻِ ٻِيو
گِنئُونْ مَرَهُ مُصطفيٰ جو ٻَلو پرجَهلو
ٻُچو ٻَلو اُمَتي چاءَ نه چَڏِيندو
آسانهِين تينْ تو آسَرو جيلائينْ اِهو
چَٽَر ڏَٺِي جُڳَنِ کي باجها گهَٽِيءَ اُيو
ڏي نہ ڏهارِيَنِ کي وِرچي اويالو
وَڏِي مِهْرَ مُصطفيٰ مولي اُپايو
سَڀاڄهو سَبيِنْ پَرِين اِهو ڪو نه ٻِيو
"النَّبِيُّ أَوْلَي بِالْمُؤْمِنِينُ مِنْ أَنْفُسِهِمْ" اِهو ڏَٺِيءَ ڪِيو

---

(١) مُوڙهائو= مونجهارو (٢) اِهُ= ايءُ ، اهو

اِلٰهي ”عُثمانُ“ چوءِ تُنِسي تو چَيو
مُونِهاءِ مَتان ڪَڏهِين نا اُميدُ ٿيو
”لاتَقْنَطُوا مِنْ رَّحْمَتِ اللهِ“ توٽي ڏوهُ وَڏو
آسان جِهَنِ آسَرو تبلاهِين ٿيو
واسِيِئو وَڏو ڏَٿي ٻانَهنِ ٻاجهايو (١)
سَڀِ مُرادُون پُنيُون جيڪِي مَنَ گُهرِئوءِ
ڪَٿي چُٽي ڪِي لَهِي ساري سڀ آيوءِ
ڪِيرُونْ ڏي ڪُهِيَنِ ڪي عُذرَاتِ ڪِيو
پويَنِ ڪي پُڇي گهڻو ٻاجهان ٻُچڪارِوءِ
هاڻي لَتا مامِرا سَيَتِ سُکُ ٿيو
اِللهِي ”عُثمانُ“ چوءِ بي آدَبِي ڪِيو
جَهِ نہ جوڳو ڳالِ ڪِي گُهري سا ٿيو
تو لائقُ نہ مَنگُڻو پَرَ اُميدَ پَرِوءِ
نا اُميدُ نہ ڪَڏهِين ٿُهاءِ ڪو هُئو
آسَرَ پَرِئو سَيِڪو تو ڏانَهَ وِلاڙِئو (٢)
دَرُ ٿُنهِجو دائما آهِيئي جُڙوءِ (٣)
خالِي وِئو نہ ڪَڏهِين پَلئُ جَهِ پاتو
آڏُن پِٺ گُهران تو ڳرا هِنَ اُميدَ پيو

(١) واسِيئو= ؟(٢) ولاڙيو = واجهايو، نهاريو (٣) جُڙُيو = قائم دائم

اِللهِي آڇاءِ مُون لِقاءُ پاڄَهہ ڪِيو
جَهِين پَنانِدَرِ جَنَّتُونْ کَرَ پيبانُ هُئو (١)
"اَللّٰهُمَّ اکْرِمْنَا بِلِقَائِكَ" ديدارُ ديکايو
تانْ پِي آڇي اِنِ کي مَتان سَدْ پِيو
آڇي پَسو پادِشاهُ جَهِ نہ ڪُو جِهو
سَرها ٿِيا سَدْ سُٺِي هَلِيا هُوءِ ڪِيو
وِساريائُون سَڀ سو جِينْ آڳي هُئو
اُڪَنديا جِينءَ اُٿيا واڏايُونْ ڪِيو
لَقا ڪوڏِيو لَکَ مِڙَندا تَماشو ٿِيو (٢)
پاڻَ ڪَرِيندو پَڌَرو اَندَرَ لاهِيندو
مومِنَ مَولو سَڀِ پَسَندا نِظارا ڪِيو
ڏِناؤِءِ ڏِيهَ ڏِٺي مُشهَدو ٿِيو
تَتْ نِهارِينِ نِيهَ سِين سَچِيا سِکَ پِيو
نُو لکَ وَرِهَنِ لَگِ پَسَندا وِچُ نہ ڪو پُوندو (٣)
آهي رِوايَتَ م، هِيءَ هَنْدِ هِينءَ چِيو
لَکَ آرِه لَگِ پَسَندا وِچُ نہ ڪو هُوندو
هيڪَڙو چَپَرُ بي سين تِتِ نہ ڪو هُنَندو
تان ئِي آڇي اِنِ کي پَردو وِچُ پُوندو

---

(١) اصل ائين (٢) اصل ائين (٣) نُولک ورهن لگہ= نو لک ورهين تائين

نہ پائيندا اِينءَ ڪِي تہ پَهَرُ ڪو گُذِرِيءُ
حُورُونْ قَصُرَ ميوا ماڙِيُونْ وِسَرِي سَڀ وِينِدو
سو ڏِنُوسُون پاتِشاهُ جَهِ ڪِي تِي سِڪِيوءُ
جِينْ گِهرِئو لَڌو تِينْ مَولو ڀاڄِهايوءُ
تہ اِينءَ پاهُون مَ تِيئي اِيانْ ڪو چِتِيو
ڪَنِي ڪِتابَنِ ۾ ڏِسِي هينءَ لِکِيوءُ
جوئِنِ جِنَّنِ مَلڪَنِ لِقاءُ نہ هُوندو
ٻِئِين عالِمَنِ جو اختِلافُ وَڏو
ڪَنِي چَيو ڪِيَهِين ڪَنِي ڪِينءَ چَيو
لِڌو رَوايَتَ ۾ آسا هِينءَ ڏِنو
فَرقُ جوئِنِ مُڙسَنِ آهي ڪونَ ڪِيو
ماڙهُو مَلڪَ ۽ پَرِي اَهلُ جَنَّتُنِ جو
سَڀِ پَسَندا سِڪَ سين لِقاءُ رَبَ سَندو
اِنَ نِعمَتاءُ ڪَهِ ڪي ڏَٿِي نَہ وا نُجِيندو (١)
پَسَڻُ سَندو پاتِشاهَ سَيِنِ ڪي هُوندو
پَرَ پارُ پَسَڻَ جو پَڌرو رِهاءِ نہ چَيو
ڪِ هيڏاه ڪہ هِن پارِ ڪِ هِهو ڪِ هِهو
اِيا نہ آهي ڪِيتِهِين تَهِئاءُ تِينْ ڏِسندو

(١) واجيندو= خالي نہ ڇڏيندو

"وَالَّذِيْ لَيْسَ كَمِثْلِهِ شيءٌ وَهُوَ السَّمِيعُ البَصِيْرِ"
ٻُجهي ڪونہ پيو

جائي باهَرَ مَنجِهہ کي جيڪي ٿِيـــو ۽ ٿِيـــندو
"عـالِمُ الغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ" تـهِـيا ڪِيـنَ ڳُجـهو
حُـــورُون هَتَ ڪـتَنـدِيون مُناجاتَ ڪِيـــــو
رَســـائِيـــهُـونْ راڄِـــيــا اِيءَ وَرَ وَرايـــو
تــا پِـي مُـــڪـا مَحَـلـي مـومِـنَ موٽـايـو
جَــرْ کِـيــرُوْ جَـنَّــتَ ۾ کَــلا کُــوڙُ ڪِيــو (١)
هِــنَ پَرِ لِقــاءُ رَبَ جــو تــا پِــي پُــرِ ڏِســندو
کـــي بَــدايُــو ڏِيــنَــهَ ۾ کَـنِ هيــڪُ پيرو (٢)
اِهو فَــضــلُ مومِنَــنِ سيــن چَـيا تــانْ ٿِــيــو
آهــا ڪـِــي نِـــهـــارِ ڪَرِ لطُفُ مَولي جو
سَـــرهـــايُـــون سِپٿِنِ سين گُونـــدَرُ سَـــبُ وِيــو
پَسَـــڻُ لِــقـــاءُ رَبَ جـــو ۽ نَبِـــيءَ سيـــن پـــاڙو
اِيــهِي جـــوڙَ جَـــنَـــتَ ۾ هُونــدي چَـــمارَوءَ
"اللــَّهُمَّ ارْزُقْنَا رُوْيَتَ حَبِيبِکَ" عالِـمُ آسَ پَرِئو
اِلَهي "عُثمــانَ" چــوءِ آســا جــانُ ڪِـــهــو
عـــامي گَهٽو اَبوجَهہ سين نَڪو ڏِنگُ پِيو

---

(١) اصل اٿيو (٢) اصل اٿيو

ڏڏنَ ڪي ڏاتي ڏيئي يَرَ ٿون سَباجهو
ابوجهرِّينِ آسَرو تيلائين تيو
جيڪي اُوٿو آڳرو آسان ڳالايو
اِلٰهي عَفوُ ڪَرِ ٿُسي تَهِ سَندو
آسان ڪسي اِسلامَ ۾ ثابِتُ ٿُون ڪَندو
دُنيءَ مَنجها اِيمان سين هَلَهُون مانَ لَڏَٿو (١)
تو........ دِيَا چَوان تو ڪي لالايو (٢)
هِيا ڪَدِهُونْ پاتِشاهَ مُسلِمانَ ڪِيو (٣)
شيطانُ سَرهو مَ ٿئي جو ويري وڏو
خُدا يا ڪَريمَ تو ٻانهي ٻاڏايو
ڪَڙايا مَوتَ جيءَ آسان ٿُون رڪَندو
پَسرِ سُهڪيءَ ساهُ ڳِنهُون سائينءَ ٻاجههَ ڪِيو
مَرَڻَ وَقتِ ڪَلمُون هَلهُون مانَ چَيو
سَچَ مَنجها اِخلاص تي ڪَلمُون جَنِ چَيو
سي وِيندا جَنَّتَ ۾ رِءَ حِسابِ وَهِيو
شَڪُ نہ آهي اِتِ ڪو نَبِيءَ فَرمايو
"مَنْ قَالَ لاَ اِلٰه اِلاَّ اللهُ مُحمدٌ رَسُوْلُ اللهِ خالِصاً مُخْلصاً
دَخَلَ الجَّنة بِلاَ حِسَابٌ وَلاَ عَذَابٌ" حَدِيثَ مَنجِهه آيو

(١) هَلهون= هلون (٢) ورق زبون (٢) هِيا = هِن هنئان، هِتان

دُرُودُ اڳيــــنءَ پُــهـــــري ڏه يـــــيرا ڇَـيـــو
جيـــڪو پَـڙهـــي هيءَ صِفَـتَ مُنـْـهِ مـانَ ڪِـيو
سائــين ســـاري ڪَـمُ ســو تـــوڙي گهــڻو وَڏو
اَشْـهَدُ اَنْ لَا اِلـهَ اَلاَّ اللهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْڪَ لَهٗ وَاَشْهَدُ اَنَّ
مُحمدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ

**تحريرفي تاريخ سنہ ١٠٦٨**

كاتبہ و مالكہ فقير حقير

**عـــزت بـــن مـــرحـــوم سـلـيـمـان**

## [٧]

# معراج نامو*

بسمہ اللہ الرحمٰن الرحیم

توکــــي مَگَانْ مُونْ ݙِئي جـــــو ٿُون مِهرَبـــــانْ
پَـــرَهـــائـيـــــن پاٽَـــرنِ کي ݙِيئـيـنْ ݙَݙِيـينْ ڏانْ
تَـــڪِـــي پَنڌُ پَـروڙِيان تَـــڪِـــي جـــائـــانْ جاڻْ
سَـــچـا ســـو سَنئـــون ڪَــرين پِڻـمِ جـــو پَـرِيـاڻْ
پـــالَ گهٽائِـــي پـــايـــانْ ســـچـــا ربَّ سَــنداءِ
مُونــڪـــي ٿُـــونْ مُلـــڪَ ݙِئي سائِينْ سَنـــيُونْ پاءِ (١)
صِفَـــتَ سَندي مُصْطَفيٰ جيڪي ڪِـــجي ڪـــاءِ
چَـئِـي چُـونـدو ڪيتَرِي اِتِ تہ "جُــمــي" جـــاءِ
رازِقَ رَبَ خَـــلـــقِـــٿُـــو نِــسُــهـــرِي نُـــوراءُ
ڪـــوءِ مَ وانـــجِـئِي ڪَذِهِيــن مُحمدَ جي مِـيڙاءُ
مُورُ مِڙِيَــنِـــي مُـــصـــطـــفـــيٰ اڳـــي اُپـــايـــاءِ
"جَـــمـــعو" چـــوءِ جَـــهـــانَ مِ پَيدا پوءِ ڪِياءِ.

---

(١) جُمو = جُمعو شاعر

* "معراج نامو" اصل قلمي ڪتاب جي آخر ۾ جن ورقن تي آيل هو، تن مان ڪي ورق زبون ٿي ويل هئا. انهن ورقن مان جيڪي صحيح سلامت الفاظ نقل ڪيا ويا ۽ اهو مواد ساڳي صورت ۾ هت شامل ڪيو ويو آهي (ن-ب)

باجهيندڙ باجهاءُ، مَلڪُ موڪَلِئو مُون ڏِني
جَبرَئِيلَ جَهْتِ ۾ وَجُ وَهِلو آءُ *
جَڏهِ جَبرَئِيل ڪي سَڏُ سُڻايو اِيهُ
مَتِي آئِيهُ مُصطفيٰ جَہ ڏيڪاريَسِ ڏِيهُ
آيِئو وَحْيُ وِري، جَبَرئِيلُ جَهْتِ ۾
مَهَنْدا اُيو مُصطفيٰ سُڏِي سارِئو ڏِي
هَلُ پَيغامبرَ پادشاهَ توکي قادِرُ ڪوٺائي. *
وَحْيَ اُتو تَهِ وارَ، جَبرئيلُ جَهْتِ ۾
هَلُ مُحمدَ مُصطفيٰ تو ڪوٺِيو ڪَلتارَ
عَرشُ ڪُرسِي آسِمانَ سَيِنَ ڪِيا سِينگارُ. *
مَتِي اِيندو مُصطفيٰ مُشهَدو مَلڪَنِ
عَرشَ ڪُرسِي آسِمانَ ڪِيا سِينگارَ سَيِنِ.
پِغامَبَر مَنِ پاڪَ، مَلڪُ موڪَلئو مُون ڏِني
هُئو مُحمدُ مُصطفيٰ بِيبِي اُمَّهانِي اوتاڪَ. *
سَتايَهِين سُومارَ جي، رَجَبَ ماهَ ۾ راتِ
مَتِي وِئو مُصطفيٰ ڏِيهُ لَڌائِين ڏاتِ.
جِينْ پِيغابَرُ پاڪُ، جَنْبِئو جَبَرئِيلَ سِينْ
آندو مَلڪَ الله جي سَنْدو بِهشتَ بُراقُ. *

* تاري جي نشان وارا بيت سناه جي لحاظ کان "آڳاٽي سنڌي بيت" آهن، جيڪي هنن منقولمين ۾ پنجن ڇهن سٽن سان بہ آيل آهن.

بِهشتِ نِياء بُراقُ سو اِنَ پَرِ آندائِينْ
مُحمدَ کي ماڳِ تَهِينْ ڏِکي ڏِنائِينْ.
سُجائاهُ سَيِينْ پَرِينْ سُٺهُ سَنْدا تَهِ پارَ (١)
پِيرَ آسپَ جا أٿَ جِينْ خَلقِيا خَلقَٹهارَ
سُونْهارا شَه گوشَ پَرِ کَنَ ڏِنَسِ کَلتارَ
کنڊُ گهوڙي جِيَنْ کِي تَهِين مَٿهُ ماڙهُوءَ جي کارِ
پُهرا پُڄُ سَندوسِ جو ڏِگي جِيجهِيءَ ڏارِ
هَرَڻَ جِيهِيُبون هَڏِهِين تَهِ جِيُون تَرِيُون نِهارِ
جا پُٺِ خَلقِيَسِ پادشاهَ سا آسْتَرَ جِيءَ آچارِ.
اِيها أهجاٿاسِ، پاڻِ پيغامَبر آچِيا
سُٺِيهُ سَيئي مومِناهُ پيا جي رازِقَ رنگَ ڏِناسِ. *
مُنهُ سُونْهارو سونَ جِينْ آکِينْ گهٹو أهاءَ
پَسَڻِ پاکِيزِيونْ گهٹو ياراهُ يَعقُوتاءَ
سُونْهَنِ کَنَ أنِ کي موتِينِ جا مَتاءَ
قادِرَ کَندُ ڏِنوسِ جو پَسَڻِ فِيروزاءَ
خاصَ کَٿُورِيَ بُتِ تَهِ عَنبَرِ أرُه سَندوسِ
کَرِهُ ساراهَ سَنْدي تَهِين جَهِ ڏِيٹهارَ ڏِنوسِ (٢)
پاکَ پَلاٹي پَنيَئي جُه کيڏو جِنِسارُ

---

(٢) سُجاڻاه = سجاڻو، سُٺه = سُٺو (٢) کره= کريو

مُحمدُ مَتي مُصطفيٰ سَيَدُ ٿِيوءِ سوارُ
جُهه ڪَرَ سَيدَ سِرِي، رَکِيو پيرُ رِڪابَ ۾
تانْ آسپُ آڳاهونْ ٿِيو ڀَلِي ڪاءُ ڀِرِي.
آسپُ آڳاهون ٿِيو ڪَڏي پاڻُ پَري
چوءِ مُحمدَ مَنجهامِسَ جو آئُمِ واسُ وَرِي
جَبرئِيلُ جواب اُتي سيدَ سارِئو پوءِ
مُحمدَ هِن هَتَنِينْ ڪِنا تو نِهارؤءِ
چَؤ آکِينْ جَنِ اوڙکيا گَورَنِ ٻُتِ گَري (١)
لعنَتَ اُتِيُمِ اُنِ کي هَلِي هَتَ ڌرِي
آئِي ٻُوءِ ڀُہ اڳهِي جني سائِينْ صَحُي وَرِي
پِٹِ آسپُ آڳاهونْ، ڪَدي پاڻُ ٻَرِ ۾ ٿِيو
جِينْ پِهرو چَڙهِي مُصطفيٰ مَهَنْدا مَتي مُون
ته آچِي آؤُنْ، پُٺِ جَهلِيان پاهِجي. *
اِيهِينْ آرِ ڪِياءِ، اُيِي اُتِ حَبِيبَ سِينْ
سائِين مَحِيَٺ مصطفيٰ ٻُنِي پوءِ آڏِياءِ *
.جَهِ سِر "جُمو" چوءِ، مُحمدُ چَڙِهؤ مُصطفيٰ
تَعرِيفُون سَنديُون تَهِينْ ڀَتو ٻَتِيمنْ پوءِ
آسِينْ رَسِيا ايستَرِي گِلا ڪري مَ ڪوءِ . *

---

(٢) اصل ائين

وَهُوءُ سُڻهارِيءَ وارَ، جُڻبِي جَبرئيلَ سِينُ
ڏاري مَلڪَ مُصطفيٰ هَلِيا گهڻا هَزار. *
سَتَرِ هَزارِينُ جِيئَبِي سَتَرِ ڏابِي ڏاهُ
سَتَرِ مَهَنڊا مُصطفيٰ سَتَرِ پُرِي پُواءُ
بانهِي بِئُون باجَهہ تَئِي سَيڻون ڪَرِينڊو شاهُ
آڏو آؤُ اُنِ ڪي آچو پَٽُ آگِياءُ
پيرُ پَرُوڙي پُونُ، مُحَمدَ مونِي پُڇئو
ڪِهڙِي پَتِ پَہُ ڪري آسِينَ آياسُونءُ
جَبرئيلَ جَهَتَ ۾ ماهِيَتَ ڏِيئِينُ نہ مُونُ! *
اُتو مَلڪَ الله جي پيغامبرَ ڪي پاڻَ
هِيءَ آگِي آدمَ جي هُئِي پَنِي پَهُچاڻَ
مِڙِي مَلڪَنِ گَڏَ، مُحمدُ مهنداهون ٿِئِي
طُورسينا جو تِتهِينُ آيُنِ ڏُونگرُ آڏَ *
وَحْيُ وڏيري پُڇئو تيڏِيَ وِيرَ وَرِي
مُونُ ڪي هِنَ هَندَ سَنڌي خَبَرَ ڏِيئِينُ نہ ڪَرِي
چوءِ مِهتِر موسيٰ رَبُ سِينُ جَہِ سَرِ ڳالايو
آڏو ڏُونگرُ آيو طُورسينا جو تو.
هِليو اُنَ هَنڌاءُ، جُڻبِي جَبرئيلَ سِين
واسُ وَڏيري آيو پُٺِ موچارو مَهداءُ. *

أتِ پيرُ پَروڙِي پُونْ، مُحمدَ موٽي پُڇئو
ڪِهڙِي پَتِ پَنڌُ ڪري آسِينْ آياسُونْ
جَبرئيلَ جَهْتَ ۾ ماهِيَتُ ڏِيئِينْ نہ مُون *
مَلڪُ اُپو سِينْ مُصطفيٰ ڳُوڙهي ڳالِ ڳَرَهِي
فِرعَونَ ڏاريئي ڏِيءُ ڪي دائُون دُرسُ وَري
سَيَدَ سُڻِ سَندِيءَ تَهِينْ پَيغابَر پچارَ
تَہ ڏَرَ فِرعَونَ ڏِيءُ جا وِينئي ڏوتا وارَ
ڦُٽِي ڦِڳِئي اُنَ ڪي پيئي هَستانْ ڏارَ (١)
بَندِيءَ نُوڙِي سا ڪَنْئِي چوءِ اللهُ تو آهارَ.
بِيبِي بَنْدِيَ ڏاهُ، پُڇي بولي چا ڪِئي
تو بانهي پيو مَنَ ۾ ڪو آهي رِءَ اللهُ؟ *
بَنْدِي بِيبيَ چوءِ، وِيڻُ ورايو وِيرَ تہ
مُون سو صاحِبُ سارِئُو جَہِ نہ جوڳو ڪوءِ. *
تَڏِ ڪَهِي ڪُوارِڙِي پِيءُ سِينْ ڪِئي پَچارَ (٢)
هِنَ بانهِيءَ پيو مَنَ ۾ ڪو ڏَئي ٺُهائِينْ ڏارَ
وِڏوڙو وِيرَ تِهِينْ سَهِي نہ سَگهيائِينْ
بَنْدِي ڪوٺي لَعَنتيَ پَرِ ۾ پُڇيائِينْ
تَانْ هَندِ اُپي ۾ هِڪَڙِيَ پِئي نہ بوليائِينْ

(١) ڦِڳِئي= اُجلِجي ڪري پئي (٢) ڪُوارِڙِي= ڪنواري

اصُلِ اِمامَتَ جي پَرِ پُوري پارِياءِ،
تانْ پِي اُنَ ماڳاءِ، موڪَلَ مڱي نِڳئو
مُقدَسِ وَٽانْ مُصطفيٰ چَڙهِئو چَرِٽياءِ * (١)
پُورا ڏاڪا پَنجَ سَئُہ چَرِٽِيءِ جا چَئجَنِ
جيَٽِيَ پاراءُ جوڙِئي مُقَدسِ کي مَلڪَنِ
مَتي آئي مَنڊِيا شامِهانا سَينِ (٢)
خَلقَئهارَ خَلقِئو ڪونَ ڪَهِينْ جَي وَنِ
بِهِشتَنِ جي بُراقَ کي عَظمَتِ اِيَ ڏِناءِ
مُقَدسِ وَٽان مُصطفيٰ اُتي آيَ تِياءِ
بِهِشتَنِ جو بُراقُ سُو عَظمَتِ مَنجهہ اِهو
وِکَ وِڌائِينْ هيڪَڙِي اُتي آيَ وِئو
کَنِي کِتابَنِ ۾ خَبَر اِيَ ڪَرِي
وِکَ هيڪَڙِيءِ سِينْ وَڏُ چوٽِينْ آيِ چَڙهِي
جو تَرُ نَبِيا راءُ، مُحمدَ چَيو مُصطفيٰ
خالِقَ آيُ خَلقِؤ پِهِرو فِيروزاءُ *
فِيروزَه جو بادِشاهَ اُوچو آيُ کِياءِ
مَتي تَہ مَلڪَ گهٽا خالِقَ خَلقِياءِ
مَلڪَ خَلقِيا مُون ڏَٺِيَ گهاتا ۽ گهَٽا

---

(١) چرٽياءِ= چرٽيءِ تي، ڏاڪڻ تي (٢) شامهانا= شاميانا ، طنبو

تِيــنْ اوڏائـِـي اُن جــي جِيــنءِ ڪُـــمَ ڪَـٺـا (١)
اِيَ عـــبـــارَتَ اِنِ ڪـــي ڏِڪي ڏاتِ ڪِـيـــاءِ
ڪــوڙيــنْ وَرِهَ قِيامَ سيــنءَ تَــنِ ڪِــي اُڀياريــاءِ
قـــادِرُ ڪَـڪَـرُ هيڪَـڙو خـالِــقَ خَلقِـــياءِ
تَحْـتَ ثَـريٰ سِيـن ٻـيرَ تَهِ مَٿو عَـرشِ مُـڪـاءِ
فيـيروزاءِ ٻَڪَڙا ٽِيُونْ سـونَـٽِي ڇُهـنْجَ سَنـدِيـاسِ
اُيــو عِـبـــادَتَ ۾ رازِقَ سَـــنـــدِيءَ راسِ
سَـــدِ اُنِـهِـي جـي ٻـيڪُڙُو ٻِيا جي جَڳِ جِهاسِ
"اُذڪرو اللهَ ياايهّاالغافِلُون" اُنِ جــو ذِڪُـر اِيـــهُ
غـافِـلَ ٽِيـومَ غافِـلاءِ ٻـيٺِـيـنْ نِنـدَر مَ ڏِيـهُ
آٿـو ڀَـهـرَ الله ڪــي سَــدا يـــادِ ڪَـرِيـــهُ
اِيَ حَدِيثَ حبيبَ جِي صَـحِـيُ سَچـوئِي ٻـاءِ
آٻِـيـنْ ڀاراءِ آجِـڪــو رازِقَ رِزقَ ڪِـيـاءِ
رِزقَ ڀـاراءِ راڄِـٻِـي ڪـوءِنَ وِيـسارِيـاءِ
قِسـمَـتَ ڪـري سَڀِنِ ڪي وَٺـڊِي وِرايَـهـاءِ
"وَفِي السَماءِ رِزِقُڪم وَما توعَدوُن" اِنَ ٻَرِ فَـرمايـاءِ
مـوڇـارا مُـلـڪَ ڏَٿِـيَ مـانـدراٿا مَٿَـدِيـاءِ
ٻِيـو آڀُ ٻُـجِـهـي ڪَـري رُڀاءِ ڪِيائِينْ راسِ

---

(١) ڪُمَ ڪٺا= جيئن ڪُمَ ۾ اندر دانا ڳَنيل ۽ گهٽا آهن

پَسو سَگهہَ سَندِياسِ، سونهاري سَيين پَرِينْ .
مَلَڪُ خَلِقوَۇ مُونْ ڏَٺِيَ پاهِجو ڪري پَرِياڻُ
آڌُ بَرفاءَ اُنَ جو، آڌُ جِيرائِي جاڻُ (۱)
"سُبحَانَ مَنْ اَلَّفَ بَينَ الفلج وَالنّارِ" سارِؤ چوءِ سُجاڻُ
واڪاٻِي وَڏو ڏَٺِي اِنَ ٻَرِ پَسِئو پاڻُ
ڏِيئِينْ ربَ رَسُولَ جِيَ اُمَتَ ڪي ايمانُ
پُٺِ مَتاهونْ مُصطَفيٰ سَيَدَ سَيرُ ڪِئو
آڏو آيُ ڏِنّاءِ جو ٽارِنِ ۾ ٽِروُ (۲)
مانْدراٺا مُلَڪِہِ ڏَٺِيءَ مَنْدِيائِين موتِيارَ
سو خالِقَ خَلِقِئو مَنْجِها سونَ سَتارَ .
ٽِيو مَتاهونْ مُصطَفيٰ سَيَدُ سَيرُ ڪَرِي
مَلَڪُ مُحمدَ گَڏِۇ وَڏو گهٽو وَرِي
حِسابوءَ هَتَ سِينْ ڪِيهِي هاجَ ڪَري
جِينْ ڏَمَرِ ڏهارِيَنِ ڪي ڳَٽِي پُونِ ڳَرِي (۳)
مَنْجِها جِيرِي مومِناهُ سِپِئِي سَنْباهِي
دائِما دوزَخ جو اُتِياري آهِي (۴)
آچي پُڇِئو تَہِ ڪي سَيَدَ شاہَ سُجاڻَ
جي تُونْ هِيُ اَپِٽِئِينْ تہ آؤن نہ پَسان پاڻَ

(۱) اڌ برف جو اڌ باهہ جو (۲) تارو = تارين (۱) ڏهارين کي ڏمر جا ڳٽ ڳچيءَ ۾ پون (۲) اُتياري= ڀريدار، درياه

مـالِـڪُ مَلَڪُ اللهَ جـو سَـيَدَ سـارِئـو چوءِ
اُپـتِـيـءِ اُهُـڪـو گـهٽـو ڏِسَـڻِ ڏاڍو هـوءِ
داڻـهِـي دوزَخ سَـڏيءِ ڪَنبـي سَـيو ڪـوءِ
دائِـمـا دوزَخ جِـيُـونْ پَـرِيا پَـچـارونْ ڪَـنِ
سَـنَهـانْ لُوهانْ سَنداسِ جي ڏَمَـرِ وِيـرَ ڏِسَـنِ
جـارِيءَ جِـيدا مومِـنـاهُ جِـيـهِـيءَ آجَ اُتَـنِ (١)
"شرَرَ كاالـنَصرِ كَانَّهُ جِمالَةُ صُفرٌ" دِراءِ دِرجِجي تَنِ
تِـتـي تِـيـهِـسـيَ ڪـارِ آيـؤ اَمُـرُ اللهَ جـو
موڪَـلُ آهـي مُصطَفـيٰ.......... سـي ڏيڪارِ (٢)
اُپٿائي آچِـي ڪـري نَـرَ نَـظَـر ڪِـيـاءِ
تَـهِرَ ڪـامَنْـدا تَـهِ ۾ ڏه تـولا ڏِنـاءِ
مـاهِيَتَ پُـچِـٿي مُصطَـفيٰ تانْ بِي سَـندِي تَـنِ
هِي هائي هِنَ تَكِيئِي تُون ڪَهُ سَـندا ڪَـنِ
مَلَـڪُ اُتو ڪـي مُـصـطَفـيٰ اِيءَ پَـنـرِ پَرُوَرائـي
جَـنِ نَـئِي نِمازونْ نـ ڪِيُون دِرجِـي دَرپِ ڪَـري
رِءَ توبَـهَ اِيءَ تَـڪِـيـو اُنِـي جـو آهـي.
مُـحمدَ مالَ زَڪواةَ جي جَنِ سَيدَ ڪِئِي نـ سـارَ
دائِـمـا دوزَخ ۾ پَـسُ تَنِـي جـا پـارَ

(١) اصل اتيھ (٢) ورق زبون

فَرمايو فُرقانَ ۾ اِيءُ ڳوڙرو ڳالهاءُ
"واَقيموا الصلواةَ وَ آتُوا الزکواةَ" ساري سڀُجاهُ
يارهُ يَتيمَنِ جو جَنِ مُورِ هيِنْ کاڌو مالُ
دائِما دوزَخَ ۾ پَسو تَنِي جو حالُ
جَنِي پيتو پاڻَ رَءِ منجها سِڪ شرابُ
گهڻو ڏُهلو ڏاڪڙو اُني کي عَذابُ
ظالِمَ زَنِي ڪَنِ جي هجينْ حقَ يَجَنِ (١)
چاڙَ چَروءُ ۾ پِيا جَهِ پَرِ خُسوشُ هَرَنِ (٢)
دائِما دوزَخ ۾ سا پَرِ سَنْدي تَنِ
گِلا غِيبَتَ ڪَنِ جي پَرائي پاڻاءُ
ڏَه تولا ڏِناءِ جي اِي پُٺِ اُنِ مَنجهاءُ
جي پاڙي کي پاهِجي آصل اُهکُ ڪَرينِ
اُءِ تولا اُنَ تَکِيِيءِ گهنگهِريا گهارِينِ
جَنِي پاتو پيٽَ ۾ ليکي لابُ وَرِي
مَلکُ تولا اُنَ تَکِيِيءِ کامَهِ کَبِ کَري (٣)
جَنِي رُوحَ رَنجاٺِيا مائِتَرِهِ سَندا مَڏَ
ڏه تولا ڏِناءِ جي اِيُ پُٺِ اُني گڏَ
ايهِيءَ پَرِ اِها مُحمدَ ڏِنا مُصطفيٰ

(١) هيجين= هيج مان، شوق مان (٢) اصل اٿيھ (٣) اصل اٿيھ

آهِين عَورَتُنِ جا ۾ ٽولا پِيا
پَٽَر مَنجِهه پِٽِيسنِ جي اُپِيون اوسارِينِ
اُءِ عورَتُون دوزَخَ ۾ گَهنگهرَيون گهارِينِ
نَظَرِ نا مَحرمَ جي ڏوراءِ ڏِٺائون
تان پاسا پُٺيون پاهِجُون يارَ نه ڏِکياؤن
اُگهاڙِيائُون آنگڙا پيتَ پُٺيونْ ۽ وارَ
دائِما دوزَخ ۾ پَسو تَنِسي جا پارَ
۽ جي اِنِ ڏوهَنِ سِينْ تَرسِي تَوبهَ کَنِ
"ياايُهاالذينَ آمَنواْ تُوبُوا اِلي اللهِ تَوبَةَ نَصُوحا" تانْ پِي تُنسي تَن
پِڻِ مَتاهُون مُصطَفيٰ سَيّدَ سَيرُ کِئو
چَڙهِي چوٽِينْ آيَ اُتبي وَڏِيرو وِئو
چَڙهيو چوٽِين آيَ اُتِي سَيّدُ سُونهارو شاهُ
سو خالِقَ خَلقِؤ يارِاه يَعقُوتاهُ
ياراهُ سو يَعقُوتَ جو اگِي اُپاياءِ
مُلکُ مُحمدَ جامَ کي ڏِکي ڏِيکارِياءِ
چَڙهِي چوٽِين آيَ کي جُنبِي رَسِيؤ جَتِ
بَيتُ المعمُورِ مُصطفَيٰ تانْ پِي ڏِناءِ تَتِ
کِئو پَيدا پادِشاهَ سَباجهي سَتارَ
مَنجها موتِي هيکَڙي خَلقِئو خَلقَتهارَ

سُونهَنِ سونا كُنگِرا تہِ چانڊُوٺا چوڌارَ
بَيتُ المَعمُورِ قِبلو سَنڌو سو مَلڪَنِ
سُونهارا سَنڌا تَهِينْ چارِيسہَ ڏَرَ چَوَنِ (١)
آندرِ اُنَ طوافَ ڪي اَچَنِ مَلڪَ اَپارَ
ڏَرانْ سَيڪَهِينْ دائِما چالِيہَ هَڪہِ هَزارَ
وارو وَرِي نہ آئِيو ٻُجهو اُني ٻِيهارَ.
تانْ ٻِي تہِ ماڳاءِ، نَبِيَ نَظَرُ جانْ ڪِئو
مَنبَرُ ڏِٺو مُصطَفيٰ جِيئِي پاراءِ جاءِ.*
ٻِيڏاهِينْ تَعظِيمَ ٻَئِي ٻيٺِينْ نِهارِياءِ
مِهتَرِ عِيسيٰ اُتِهِينْ وِيٺو وَرِي ڏِٺاءِ
پيغامَبَرَ ڪي پادشاه جُنِبِي گَڏِؤ جَتِ
ڪِبي ٻَچارُونْ پاڻَ ۾ تَهَرَ ڪِياؤنْ تَتِ.
چَيڙهِي چوٿِينْ آبِ، مُحمدَ ٻُڄؤُ مصطفيٰ
پيغامَبرَ ڪي پاهِجنَونْ ڳالِينْ ڳَرِهاءِ سَبِ.
پيغامَبَر ڪي پادِشاهَ اُيي اِيءَ اُتاءِ
جِينْ مون ڪِسي مِعراجَ ڏُونہُ قادِرَ ڪوناياءِ
چاڙهِسي چوٿِينْ آبَ سِينءَ نَوازِي نِياءِ.
تِتي ٻِينِيءَ جاءِ، اُتائِينْ نَبِيءَ ڪي

(١) چارِيہَ = چالِيهہ

هُئِي جُـبِـي ڀِهڪَڙِي مون ڪي سَيَدَ سُوئِي ڪاءِ
مُـحـمـدَ مَـتـي نہ نِـوَّ آوُنْ تِـنِـيَ لاءِ.
مـون ڪـي خَـبَرَ مُـنْ ڏِئِي صـاحِبُ سُـئـايِـئِي
چـوءِ تُون داخِلُ دُنـيءَ سِيـنْ آجـا پُـٹِ آهِئِي.
تـانْ يِـي تائِيـنْ پـوءِ، مُـحـمدُ مـتاهـون تِـيـي
پُنـو پَنجِئِـئن آيَ کي جـو هِـيـرِي جـو هـوءِ.
تـان پِـي تيـڏيَ وَارا، سَيَـدُ مـتانـهون تِـيو
مُحمـدَ ڏِنـي مُـصـطَفيٰ سَنْـدِي ڪَـرَہَ قطارَ (١)
تـان پِـي سَنْدِي تَنِ، ماهيَـتَ پُـچِئِي مُـصـطَفـيٰ
ڪـي جانُـو ڪـيـتِـي تِيا، ڪهڙِي ماڳِ مِـڙَنِ
سُونْـهـاريُون سَـيـنْ پَـرِينْ صَنـدُوقونْ سِـرِ جَـنِ.
اُتـو مَلَـڪَ الله جـي تِـيـنـيَ ويـرَ وَرِي
آصـلِ آسـانْ اِنِ جسي خَـبَـرَ نـاهِ ڪَـرِي
مُـونْ پَـسنْـدِي مُصطفيٰ وِينـدِي وَرِہَ تِـيـانِ
سَـيَـدَ صنـدوقـنِ ۾ قـادِرُ لـهِـي ڪَـرانِ (٢)
ڪـوءِ قـطـاراءُ ڪَرَهو جَـهلـي جهـوڪـايـاءِ
اَمُـرَ سِيـنْ الله جـي آچِـي اُپـتـايـاءِ
اُپـتـائِـي آچِـي ڪـري جُـنْـگَ نِهارِوُ جَـتِ

(١) ڪره = ڪرهن اُٺن (٢) ڪران= سندن ڪَر، سندن خير

سَتَرِ عالمينْ اُنَ ۾ هيڏا هيهِيءَ يَتِ
بَحر مَنْجهِي ٻِيڙِيُو مَنْجهِي نِيرَ نِياڻ
سِجَ مَنْجهي سُوهَٽا ۽ چَنْڊرَهِ چانڊراڻَ
مَلڪُ پاهِجو پادشاهُ پاڻهي جاڻي پارڻ
صَحِيُ تَعريفَ سَنْڌِي تَهِي ڪَهِي نہ پُڄي ڪاءِ
واڪاڻِ جِي واتِ سِينْ تہ ڪا جوڙَ جُڳاءِ.
ڄَهين آيِ ڄڳبينْ مُحمدُ رَسِئو مُصطفيٰ
ايڏِي حُبَ حَبيبَ ڙِءَ پِيو ڪَرِينْدو ڪيرُ.
مِٿينْ مانڊراڻا ڪِيا سَباجهي سَتارَ
مَنْجها موتِيَ هيڪڙي خَلقِئو خَلقَٿهارَ
پاڻِهي جاڻي پادِشاهُ رازِقُ رَبُ جَلِيلُ
مُحمدَ ڏِنو مُصطفيٰ اُتي عِزرائِيلُ
عَظمَتَ عِزرائيلَ ڪي ايڏِي اِيءَ ڏِناءِ
نِيندو ساهُ سَيڪَهين جيڪي عالَمَ اُپاياءِ.
عَظمَتَ عِزرائيلَ جي اِنَ پَرِ ايهِيءَ هوءِ.
جيڪي خالِقَ بحرَ خَلقِيا تہ سِرِ اُوتِي ڪوءِ
اَنَ ڪَپاراءِ ڪَنَ سينءَ ڳاڙو ڳڙي نہ پُوءِ. (١)
اِنَ پَرِ ايهِيءَ ڪارِ رازقَ رَبَ خَلقِئو
آهِينِ عِزرائيلَ جا ڇَه مُنہَ ڇَهينْ پارِ

(١) پوءِ = ڪڏهن بہ نہ

ڪو آجو عَرشَهِ ڏُونهُ، ڪَهِ ٻَسي پاتار
رازِقَ ربَ خَلقِيا ٻيا چَئينِي پارينْ چارِ
سوءَ سُونهار نَبيَهِ.......................... (١)
..................ڪِهِ حَقِ ڪارَڻِ ڪافِرَهِ ڪو
ڏَمرِ ڌُهارِيَنِ ڳَرِ سَيِهي قَضِيءَ لڳَٺهارَ
تاءَ آڄي پُڇِؤ تَهِ ڪي پيغامَبرَ پاڻِهي
مَتّي جَهِ موتُ تِئي سو ڪِيَ سُڃاڻِي
جو واحدَ قُرانُ خَلقِئو مُنْتَهَيٰ مَتاءَ
عالمَ سَندا أنَ ۾ جَمع نالا چاءَ
پَني پَني پاهِجي نالو آهي نِتُ
ڪَڏهِ مارِنْ لِڪِئي اِيءَ سَچِي ثابتُ
پاڻهِي جاڻي پادشاهُ رازِقُ رُوحينْ راءَ
پَناءَ تَهِ پَروڙِيا جو مُحمدَ پونءِ مَتاءَ
سيّدَ صَحيُ سَنْدو جَهِينْ پَنو پسانْ پاڪُ
تانْ ڀِسي تَهِينْ ڪي ڪَريانْ فانِي سينْ فراقُ
اِنَ پَرِ عِزرائيلَ جو جابُ سُوائِينْ جَتِ (٢)
ڪي جاڻِينْ روحُ ڪِهو مُحمدَ پُڇِئو تَتِ
اُتسو مَسلڪَ اللهَ جي سَيّدَ ڪي سُڃاڻَ
مُونْ ڪي مَعلُومُ ناهِ ڪا پاڻِهي جاڻي پاڻَ

(١) ورق زبون (٢) جابُ= جواب

ڪَرِهُ ساراهَ سَنْدي تَهِينْ جَهِ ڪي جَڳِ جڳاءِ
"قُلِ الروحُ مِن اَمْرِ رَبّي" اِتِ ڪَهِينْ جي سگهہ نہ ڪاءِ.
مُحمدَ کي مِعراجَ ڏُونهُ قادِرَ ڪوٺاياءِ
مَلڪُ مُحمد مُصطفيٰ وَڏو ڳهٽو ڏِناءِ
تارَهِ جِينْ سَنْديُون تَهِينْ اکِيُون اُهِجاڻاسِ (١)
وَڻَ پَنَنِ جينءَ وِترا هوئا هَتَ سَنداسِ
مُحمدَ پُڇِئو مصطفيٰ تِيڏيءَ وِيرَ وَرِي
هِيءَ هيڏِي عَظمَتَ سِينْ ڪِيهي جاءِ ڪري
جَبرِئيلُ جَوابُ اِيءَ سارِئو چوءِ سُڄاڻُ
سُڻِ پيغامبرَ پادِشاهَ دَرِگَهَ جو دِيوانُ
وَڻَ پَنا، وارِيءَ ذِها، جيڪي مَنْدينْ مِينْهَ وَسَنِ
خالِقَ رَبَ خَلقِيا بَحرِين ۽ پِيٽِيَنِ
ڪَرسَيَهِينْ قَصِيئي جِي ٻُجَهٽهارَ ٻُجَهنِ
تاءَ ماهيَتَ. ڏِينْدو مُصطفيٰ تانْ پِي سَنْدي تَنِ
مُحمدَ پُڇوءَ مُصطفيٰ وَڏيرِي وَحِيُ
ڪِتِهِينْ ڪَهِينْ حِسابَ ۾ جيڪي آئِينْ اِيهِيُ
ڏَهُ .................................. جُنْبَسِ (٢)
اِکارِهِينْ اِمامَ سِينْ نَئِي نِمازُونْ ڪَنِ مُحمدَ
نِيو مَتّاهونْ مُصطفيٰ ناءَ .......... ڪَرِيمَ

(١) تاره = تارن (٢) هيءَ سٽ ۽ هن بعد ورق زيون

سَيدُ سَتِينْ پَسؤ ..................

مِيينْ ماٺدارٺا ڪِيا سَباجهي سَتارَ

مِينهُ خالِق خَلقِؤ ....................

................ تَت ِچاٺي تو علامَ

توءِ وَهِيٺا تو تِيا پيسدا مَنجهہ.........

توءِ تُنهِجيَ ٻاجَهہ رِءَ تَنِ پيرَّنِ نہ سامَ

نِڪرنٺدا ايمان جِي ڪِهوءِ ڪِي ............

........... آمُر مَجيو تَنِ ۾ لڳي ڪامَ

وَجو تہ ايمانَ سِينْ ڪَلِمُو چَيو مُدامَ

لااله الا الله محمد رسول الله

............ پاتاؤن عامَ کي عُذرَ ڪَيو ڪِيو

ٻُجاءِ مُون نِ پادِشاهُ ڪارَڻِ تہ تِيو

اِنِ پاڻِهِي پاڻَ کي جِيرو نارُ وِڌو

جِينْ لنگهي ءَ پاڻِ کي مَڱَٺهارَنِ ڏيندو

پَسٺو ڦَقيرَن کي مُٺهُ ٻَجَڙا ڪَريندو

پَسٺو فَقيرَنِ کي ڪَرِينِ جي پاسَا

..............ڪمَنِ کي پَسِبا تَماشا

آئي ڏِبَنِ هَٿَ ۾ ڪَمَنِ جا ڪاڳَرَ

تَنِهِ پاڻهي پَڙهنڊا پَهجا هَٿَ اکرَ

رويو ڳَهٺو نِڪَري چُونٺداهِ .............

آسانْ عَمَلَ جي كِيا سي كيڏاهَ وِيا
أءِ ڏِيارِهْ تَنِ كي سَنْدا جَنِ هُوئا
جِينِي كي پايُوه سي عَمَلَ هِيڻَ ٿِيا
آٿي جِينْ مَيدانَ ۾ كوڙِيي جاٿداراهِ
جيكِي پيهَئي سو چَڙِي كَٿِي وجي واءَ
جِهِ هُيَئِي عَمَلَ تَهِڙِي..........
"..........عَلَيها غُدُوًا وَعَشَيًا" ويڃهارا وِڙ
دِسرِياڙن .......... كِيو كِيوءَ
.... اري كي دُنِيَ جي كَٿِي جِتِ........
.......... آٿي هَتَ.......................
پُڄائينْدُنِ پادشاه ..................
نِيو مٿاهُونْ مُصَطفيٰ جِينْ پيغامَبرُ پَنڌِ
جُنْبِي جَبرئِيلَ جي هَلِي رَسِئُو هَنڌِ
سِدرَة سِرِي وِيا مُنْتَهَيٰ جي ماڳِ
أتي مَلَكُ اللهَ جو لاهِي أيو لاڳِ
أتي مَلَكُ اللهَ جي أيِي اِيءَ أتاهِ
هِناءَ مٿي مُصطفَيٰ مُونْ كي موكَلَ ناهِ.
تِتي تِينِيءَ جاءِ، أتائِينْ نَبِيءَ كي
وَجْ مَتاهونْ مُصطَفيٰ قادِرَ لَهِي كَراءِ.

جَبَرِئيلُ ماگُ جَهِينْ جَهلي آيو پاڻَ
تِيو تِتهِينْ مُصطفيٰ هيڪلو حيرانُ
مَلڪُ موڪَلِئو مُونْ ڏِنّي جو مُورِهين موچارُ
تَہِ مُحمدُ مَتاهُونْ نِيو جو ڪَرو خَبَردارُ
پَڪَڙاتِيءَ سِرِ پاهِجِيءَ وَرَتَہُ وِهارِياءِ
گَهڻو مَتاهُونْ مُصطفيٰ تانْ پِي تَہِ نِياءِ
مَلڪَ موڪَلِيا مُونْ ڏِنّيَ گهاتا ۽ گهڻا
ڪوڙِ ڪُرسِيءَ رَسِؤ تانْ پِي تَنِي سا
خالِقَ رَبَ خَلِقِئي ڪُرسِي ڪوڙَ مَنجهاءِ
سِينگارِئي سَيِينْ پَرِينْ سُونهارِي سَهجاءِ
واحِدَ گهڻو وڏِي ڪِئي آڳِسرِ آيِنِياءِ
هيڪُ آيِنِياءِ آڳِرِي وَڏِي گهڻو وَرِي
سِينگارِئي سَيِينْ پَرِينْ قادِرَ وَڏِ ڪَري
مَنجهاهُ تِينْ هيڪَڙِي آصلِ خَلقِئي آڳَ
تارا سُونَہَ سَنڌا تَهِينْ هِي جي مَٿي جَڳَ
...مُلو ڪَ جي لاٽِ مانْ جوڙِينِ
تارا سُونَہَ سَنڌا تَهِينْ پَرِ اِيهِيءَ آهين
......تِياري گهڻو ڏِکِئِي ڏِنائِينْ

تيو مَتاهون مُصطفيٰ تان پي تِتائين
..... تِتهياءِ مُون ڏٺي تِتي تِنيءَ وارَ
جِجابا حبيبَ کي آيا گهڻا آپارَ
هنُدورا حَبِيبَ کي .......... آتِ ڪِياءِ
مَلڪَهِ هَتان مُصطفيٰ اُتي عَرشِ نِياءِ
خالِقَ عَرشُ خَلقِؤ وَڏو گهڻو وَرِي
تعرِيفون سَنديُون تَهِين سگهي ڪِيرُ ڪَري
لَکَ اَنايَهُ اُن جا پايا پاڪَ سُجنِ
ڪِئو جوڙِ هِي مومِناهُ مَتاهون مَلڪَنِ
پاپي پايي پاڻَ ۾ اِيڏو وِڇُ ڪَري
لَکَ آنايَه اُنِ جا آهِينِ وَرِهَ وَرِي
پُوئِينَ آيَ اَللهَ جا ڪوڏِ ڪُرسِياءِ سِيِءَ
جين مُنڊِيري مَيدانَ ۾ ۽ عَرشَ پنا ڏَرايِيءَ
ناهِ قاعِدو ڪُنگرِينُ، پايَهِ پانڌُ نہ ڪوءِ
عَقُل اُتِ آساهِجو جُڙي نہ "جُمعو" چوءِ
ايڏي عَرشَ عَظيمَ کي جُنِبي رَسِئو جَتِ
ڪوءُ سِهي سِينُ ڪِيءَ چَڙهانُ، تَهرَ پايائِينُ تَنتِ
دَرِگَهِ پاراءُ دوسَ کي آؤ آمُرَ نجاءُ

---

(١) لک انايه= اناويهہ لک

مَتان لاهِئِينْ مُصطَفيٰ اِيءَ پاهِجي پِيراءَ
اُتي عَرشَ آساهِجي اِنهِي سِينْ آءَ
پوءِ هلنِدي هيڪَڙو ڪو ڪَتَرُ ڪَفْشَ مَنجهاءَ (۱)
اَصْلِ بَرِڪَتَ اِنَ جِيءَ جُنْبِشَ چَڏي جاءِ
مَچِي چَڙهِئو مُصطَفيٰ پُٺِ ڪِي پيرَ ڪِياءِ
تَڏِهِ عَرشَ اللهَ جي ٿاهَرَ پُڄِتي ٿاءِ
سُڻِيهُ ڳالِ سَنْدِي تَهِينْ جا پيرَهِ ۾ پوءِ
مِهتَرِ موسيٰ کي لاهِرائِءِ طُورُسِينا سِرِ تُوءِ
تہ لَڳِي پُٺِي پيرَنِ ۾ تِيئِي مَرِهِيانْ تو پوءِ
مَرْ جانْ عَرشَ اُتي چڙهي مُحمدَ موڪَلَ هوءِ
حُرمَتَ اِنَ حبيبَ جِيَ پَلئُو پاٺَڻُ نہ ڪوءِ
پاٺِهِي جاٺِي پادِشاهُ سَباجهو سائِينْ
مُحمدُ مَتاهُونْ ٿِيئو تانْ پِسي تَتائِينْ. (۲)

تانْ سو پَنڌُ پَرکُ، عَرشانْ مَٿي جو ٿِيو
سُڪا تَپانَ سُجانِ کي آنْدو اَلتو لَڪُ
صَحِيْ سَيڪَهِينْ مُصطَفيٰ داخِل دُرِسْ ٿِيو
پاٺو آئو سَيَڪو وَرِهي لَڪْ وِيو

(۱) پوءِ= پوي. ڪتر= ذرو. ڪفش= جُتي (۲) اصل اٿيم

گهڻو ڏِنائِينْ ڏِيهُ، تيو مَتاهونْ مُصطَفيٰ
دَرِگَه پاراءِ دوسَ کي آؤ آمْرِ اِيهُ
حُرمَتَ سِينْ حَبِيبَ کي اوڏو اُپيارِيهُ.

تَهِرَ پُڄايو پادِشاه قادِرَ قُدرَتاءِ
......."قابَ قوسَين اَو اَدنيٰ" آهِي اوڏو آءِ
جِينْ کُنڌِيءِ کَمانَ جا ٻَئِي گوشا گَڏجَنِ
اِنائِينْ اوڏو تِيو مَهَنْدا پانَ ڏِٺِيَنِ
دَرِگَهِ ۾ دُرُسْ هُئي جا اوڏِي اِيهِيءِ يَتِ
جِهلِي رَحَمَ رَسُولَ نِئي تان پِي ....... تي تَتِ

تانْ پِي تائِينْ پوءِ، مُحمدَ پُڄيو مُصطَفيٰ
قادِرُ هِيءُ تُوکُ کِهو جو هِهُون اوڏو هوءِ

آئيو آمْرُ اللهُ جو سَيِدَ کي سُجانَ
جِهلِيَ رَحِمَ رسولَ هِيءَ جا تو پُڄيِّي پانَ
آئيو آمْرُ اللهُ جو مُحمدَ کي موتِيارُ
جِهلِي رَحمُ جِنهِ جي آؤنْ اِنياءُ پيزارُ
جِهلِي رَحمُ جِنهِ جي دَراءِ نه دِرجَهِ ما
گَڏِيندِهِ سِين گَڏِيا چِنا چِنَنْدِهِ سا
جِهِلِي رَحَمُ جِنِي گِرِي هِي جي قَطع کَنِ

جاءِ جَنَّتي ناهِ ڪا تانْ پِي سَنڌي تَنِ
"لاتَدخُلُ الجنةَ قاطعَ الصّلٰوة الرَّحِم" عالِمَ اِيءَ چَوَنِ.
تِتي تِهين ڪارِ، آئيو آمُرُ آللهَ جو
هِبيناهُونْ حَبيبَ تان نَظرُ ڪري نِهارِ
هِبيناهؤن حَبيبَ تِينْ ٻيٽينْ نِهاريءِ
تان نُوراني تَدَڙي ڏِيٺي سِينءَ ڏِناءِ
تَهِرَ پُڇائينْ پادِشاهَ پاهِجي پَرِياڻِ
ڪِ جائينْ توڪُ ڪِهو هِيُ جو ڏِنوءِ هاڻِ
مُحمدَ پُڇيئو مُصطفيٰ تِتي ٻيڏيءَ وارَ
مُون ڪي مَعلُومُ ناهِ ڪا تُهجي سگهہ سَتارَ
اِهو اُتاهُونْ مُصطفيٰ سَيَدَ سَيرُ ڪيٺوءِ
هُوندو عَرشُ آساهِجو ڏِيٺي جينءَ ڏِنوءِ
مَلَڪُ اُتوءِ مُصطفيٰ تورِي نَبيَ توءِ
مُحمدَ هِنَ مَڪانَ ۾ ڪَهِرَ نہ آنْدُہ ڪوءِ
...... سَهِينْ پَرِينْ هُوندِ هَڏهِينْ جَنِ
پَهِجا پِيرَ پَري سي مَرْ حَجِ هَلَنِ
مِيڙي مالَ زَڪواةَ جي ڪَڍِي ڪانَ سگهنِ
جوڙَ سونهارِ جَنَتون تانْ پِي ڏِينْدُسِ تَنِ

مَڃي موڙيو مُصطفيٰ اِنَ پَرِ ايهيءَ ڀَتِ
مِهتَر مُوسيٰ مومِناهُ تانْ ڀي گَڏيُسِ تَتِ
مَهتَر مُوسيٰ ٻُڇِئو اُتي اُڀي اِيئَن
اُمَتَ سَنڌِي اِنَ پَرِتاڪَهُ ڪِئَئِي ڪِيَنْ
سَيَدُ سَنياڻي وِيو ڳُؤڙِي ڳالِهه ڳَڙي
مِهتَر مُوسيٰ ماڳِهِينْ وَرايو وَري
تُون وَڄُ موڙي مُصطفيٰ وَڏيرا وَرِي
اِيءَ اُمَتَ ڪي اِنَ پَرِ ٿِيندي ڳالِهه ڳَرِي
وِيندي ڪانِ ڪَرِيمَ ڏُونهُ مَتانْ ڪَرِئِينْ ڪاءِ
.... بادِشاهُ آڄُ سَيَدَ سَڀَ سَنڌِياءِ
مَڃي موڙيو مُصطفيٰ اُمَتَ جو آڌارُ
جيڪا محمد ........ چائي سَڀَ سَتارُ.

وَرِيو سُونهارِيءَ وارَ، اُبِينو عَرِضُ ڪَري
عِبادَتَ............... سُهْلِي ڪَرِ سَتارَ.

تانْ ڀي تائِينْ پوءِ، اُبِينو عَرِضُ ڪري
عِبادَتَ..................سُهِلي هوءِ
پَنجاهِيا پَنجَ ڪِيا ڀَرَ ڀيرا ڏيئي
مُحمدَ ڪِئو مُصطفيٰ سُهڪوءِ سيئي

أتي ڏوٽُـهُ اوتـاکَ، مُحمـدَ کـي مَـيلُ ٿـيو
سَـنڌو پـاڻيءَ پاکَ، اُتـو مَـلکَ الله جـي*
پـيـغامبرُ پـاڻـي گُـهري سَـباجها سَتـارَ
آئـو آمـرُ الله جــو تِـنِـي تـيـهيءَ کـارِ
کَـري پُسام پيهارَ، جُنبي رَسِئو مُصطفيٰ*
........................مـوتيءَ مَـجهاءِ
پَنجينُ سَئينُ جـي پَـنڌَ ۾ دَرَ بـاهِيُون پـيئي
جـنِ مُحـمـدُ مَـجِئـو پَـسَنـدا سـيئي
جُنـبـي مَـتـي جنتـيـنُ آچـي اُپـو جَـتِ
سَئينُ شامِـهانا مُصطفيٰ....... ڏئـاءِ تَـتِ
مُـحمدَ ڏِئـا مُصطفيٰ شامِـهانـا سُـجـانَ
هُـوئا رکِـنَ هِـيـکَـڙي پَـسَنِ پاڻـو آنَ
کِـبا سـاٿـرُ سَـيِنِ کي هلي حُورِينُ سانَ
مُـئـيبا ۾ قصرِينُ کائـي کـاجَ گهڻـا
موتِـيارِيُونُ مـومِنَـنِ جيـونءَ نَيُونُ چـارِ چَـوَنِ
آهينِ صَـحِيُ سَيکَهِـن وِيـري تـارَ وَهَـنِ
کـا ماکِيَ جـي مومِناهُ، کا سَنڌي صَحِيُ شـرابُ
کا پُڻِ خاصِي کِيرَ جِيَ ءِ کا سَنڌِي آبُ

يَري جامُ جَهتِ ۾ منجها خاصي ڪِيرَ
اُتو مَلڪَ الله جي اُيي پِيءُ اَميرَ
پيغامَبرَ پُڄي ڪَري مُحمدَ مُنهِ ڪِياءِ
ڪِي پيتائِنْ پاڻَ رَءِ ۽ ڪِي اُبارِياءِ (١)
اُيو مَلڪُ الله جو اِيءُ سَنيارِؤُ چوءِ
جي مِڙوئِي مُصَطفيٰ پيغامبرَ پيتوءِ
تہ اُمَتَ ويئِي اُبهِي ڪيهِي آڙئو نہ ڪوءِ
مُورِ نہ پيتوءِ مُصطفيٰ ساڙي سَبُ سُجاڻَ
آجا ڏهارِيَنِ ڪي ڪا پُڻِ آهِي آڻَ
اُيو ماڳِ مَلڪَ ڪي سَيَدُ سَارِئو چوءِ
جِينِي سَيوئِي پيانْ جي مُونْ موڪَلَ هوءِ
مَلڪُ اُيو سِينْ مُصَطفيٰ اِنَ پَرِ عَرضُ ڪَري
تانْ ٿي پوءِ نَبِيءَ نَظَرُ جانْ ڪِيو (٢)
رويو گهٽو نِڪَرِي چُونْدا تِيانْ هِيٺِيءَ
فَضلِ جُنهُون بادِشاهُ عَدلِ ڪَرِ مَ اِيءَ
آسان طاقتَ ناهِ ڪا هاٿِي ڪَرِيُه ڪِييءَ
آسين بَنْدا تُهجا مِنَتَ ڪَرِيُه هِييءِ
ڏوهَنِ مَتو ناهِ ڪو ڪرايُهُ شَيطانَ

---

(١) رَءِ= پاڻ لٿ (٢) هن کان پوءِ ورق زيون

آسانْ کي اُتاءِ هِيءَ هُونٿدي ڏِٺي مُدامَ.
تَهِرَ ڪوٺائي بادِشاهه ٻُڌايو شَيطانَ
تو ڏوهَ ڪيوهُ ڪارايا هُئيَه مِلڪَنِ جامَ
......رَحْمَتَ ٿُهَجِي وِيئي مُونْ مَٿاءِ
ڏِٺُهُ لَوحُ مَحفُوظَ ۾ لِکِئو ڪَنِي لاءِ
۽ ڏِٺُهُ لَوحَ مَحفُوظَ ۾سَجِدو ٻِي نَہ ڪَهِينْ
اِعتبارُ ڪِيئُهُ تَهِ اُتي وَڃي وِيرَ تَهِين
.... پُڇِٿيءَ پاتِشاهُ هِنَ پَرِ هِيءَ ڇيو
جِينْ ڏِٺوءِ لوحُ مَحفُوظَ ۾ توءِ نِي آمُرُ ٿِيو
..... ڪي وَقتِ جَهِينْ لَفظُ هِيءَ ڇَيو
پِئَنِ سُٺي سَجِدو ڪِيؤ تو ڪوهِ نَہ ڪِيئو
ٿُون تَهِ وِيرَ تَہ پوؤُ لَعَنَتِي ٿِيو
ڪوهِ نہ ڪِيئوءِ سَيِنِ سِينْ آدَمَ کي سَجِدو
تہ نہ ٿِئَبوءِ سارو اِهَڙِي ڏَمَرِ نہ پِيوءُ
ڪَرِيان سَجِدو ڪِيَ ڪَرِي مون جَبِهِيَ هوءُ (١)
هيڪَڙو گُناهُ اِيْ ڪِئوءِ ٻِئو تو هِيُ ڪِيوءِ
شَرِيڪُ ٿِينْ اسانْ سِينْ آڪابِرُ ٿِيوءِ
ڏِٺوءِ لَوحَ مَحفُوظَ ۾ تَڙِبو هِيڪُ هِتاءِ

---

(١) اصل ائيه

وَهَمْ آئي هَـــتَ ۾ تَـــهِـــرَ ڪِـــيوءِ ڪـــاءِ
پِسايـوئـيئِي هُوئـدو ڪـو پيو مُونْ نہ تَرِيئدا تاءِ.
ڪِيـينْ ڪَريانْ سَجِــدو آدَمَ كـــي آڳِـــياءِ
.........خَـلـقِـيو هـو مِـنـي مَـنْجهــاءِ (١)
"قـــالَ اَنـــا خَـــير مُعَنِهُخَلَقْنِي مِنَ النّار وَخَلَقْتَهُ"
.............................. هـتـاءِ (١)
ڪَـــمَ سَيِـيئِي پاڻهي ڪاريـئـينْ ڏِيئنْ ڏوهَ پِٺَنِ
.................. اناءِ اِيُ ڳالهاءِ ڪِيوءِ جِينْ (١)
شَيطــانْ ڪَــري مُــونْ ڪِـي پُڃِتــوءِ كي ماڙُنِ (٢)
"قـالَ فَـخْرجْ مِنهَا فَاِنکَ رَجِيم وَاِنکَ عَليکَ لَعْنَتِي اِلَي
يَومِ الدينْ" حُكَمَ اِيءَ وَهَنِ
مُـونْ وَجَـايـو اِن ڪـي هـو ڪُـوڙو شَـيـطانْ
ڏوهُ ڪَـرائــي ڏِيــهَ ڪـي گهَـنْـگَـهِرِ وِڏِمِ پساڻُ
جَوابْ ڪَـرِ تَنِ جـو جـبـي ڪـارائيـنِ ڏوهُ
لـيـكـا چَـنْدِ پاهِـنْـجا سَـيَرْ ڪِيـمَ سـوهَ
جِيـنْ تـو پسانيو نہ رُوحَ ۾ تہ آڦُنْ ڪَرايانْ ڪِيـنءَ
مَـتـانْ سـو پُـڇِيـنْ مُونْ سَنـدو ڏيهَ ڏِئـيءَ
جـبي كِي ڳُـهـري سـبي رکـي پيا ڪارائـي ...

---

(١) ورق زبون (٢) پچتوءِ =موڪليوئي

مَتَنِ مَتڀي مامَرا هُونِ آڳِهِينْ اِيئَنْ
حُڪُمُ ٿِيو مالِڪَ کي ڪِي دوزَخُ تَپاءِ
تہ وَرَنَ ڪري وِيهِينْ ٻَٽِينْ واءِ اُنِي کي واءِ
ڳاڙهو ڳاڙهو ٿِي جَهِرَ .................... (١)
سُفِيتُ ٿِيَئي سَيِينْ پَرِينْ وَڃِي نہ قِياسُ ڪوءِ
پِڻِ حُڪُمُ ٿِيو مالِڪَ کي .......... (١)
جَہ مُنافِقِ ظالِمِ تِيئِي سَيِنِي سارَ
ڄِيُون ڄيري سَنديُون آيہ ٻُوئِينْ وارَ
ٻيڙي نِيائِينْ سَڀ سي حُڪُمُ ڪِيو جَبارَ
وَڃِي پينا تہ ۾ آسْفَلَ جَهِينْ جو ناءُ
آوازُ آؤ اِنِ کي اهڙجو اِهوئِي ٿاءُ
تَڏِهِ. پُوريا دَرَ آسْفَلَ دوزخ جا مَلڪَ ڏمر مَجهاءُ
گُرجُ وِڌائِسِ هيڪڙو ڏمَرِ جي قَهراءُ (٢)
هائِسِ نِڪِري هِنَ پَرَ آها گَرِ اُڀي ٿاءُ (٣)
ڇُڄِئي مالِڪَ تِينِي گهٽي ڏمَرَ مَجهاءُ
چوءِ ڪوهُ ڪِيا ٿي دُنِيءَ ۾ جِينْ هِهو آيا ساءُ
تَڪِي ڪُنِيتَا تِتهِينْ تَڪِي آڏَ آتاءُ
مِڙنِي مُناجاتَ ڪِئي هَٿَ کَڻِي تہ وارِ

(١) ورق زيون (٢) گُرج= گُرز (٣) اصل اٿيہ

اِلـلهـي عـبـد كـي الـعـاصـي أتـبـانْ كـسارِ
”سـقـرا بـالـذنـوب ........................*
...........كـيـوءِ چـارِي پـَهـَرَ دايمـ پـايـو دامَ
ڦُـرِوْ ڦَـقِـيـرَنِ كـي ويـنـا كـِـٿَـ.........
............ ظـالِمِـي مـيـڙِي مـالَ حـرامـ
ڏاءِ نـَ ڍراپَنِ كـِيـِهي هِـيـئِـي نـ ڇُـٽـِـيـنِ هـسامَ (١)
.............آيـاگُ كـي لـكـا لـسـبَ لـڳـامَ
اِنِ ۾ ڏِسَـنِ كـِيـتَـرا پـِـيـا پُـنِ گـهـٽـا خُـنـامَ
..........پُـجـهـنِ كـِـيـهـي مُـورا جِـي بـَدرامَ
شَـرَعَ نـ مَـڃِـيـنِ سُـجَ سِـيـن اوڏا نـ اسـلامَ
.........بَـكـيـو ظـالِـمِي مَـڃِـين نـ آحـكـامَ
وِرِسِيا كـَنِ وَڏايُون جـَرِيـا بـَكـِيَ تـامَ
..........تِـيـنـدنِ سامُها آجُـكِ كـالَ لـدامَ
هَـلاٿِـئـدَنِ ڏِيـهَ ڏِي كـارِي كـَري كـِيـمامَ
.........كُـورنِ ۾ نـبـيـئِـي مَـنـجِـهـ مُـقـامَ
پُـجَـهـيـاءِ كـَمَـنِ كـي سَـيـئـي آنـامَ
...............گُـزارِيـئِي هـيـكـلي هِـيـكـامَ
واءِ وِيـلـو تـنِ كـي ظُلْمُ جَنِي جو عـامَ

* هي سجو ورق زيون آهي .(١) اصل ائين

........... يـظـلمــونْ كـي جَــنِي وِڌا دامَ
ســي آجـارِئا آهـونْ........... ڪَسنِ........مـامَ
.................هِــنَ پَــرِ سِيــنْ اِڪـــرامَ
”لبيڪ لبيڪ يا عَبدڪ اِن لم احكم بَينڪَ وَبَينَ من“
..................هِــي اِينـــداسـي آيـــامَ
بـــولِــبا چَــوگـــانَ ۾ ظـــالِـــمَ ۽ آظــلامَ
..... تِيـندي تِـنِ سِيـن جـا يَـرِ سيـن آنـدامَ
هـــارِيَـــنِ حِــلمْ نـِ ڪِـــئو هُوئا گَڏ........
.................صـوابَ ۾ هُـوئـا گُرِئـا يَڳامَ

# وفات پیغمبر علیه السلام

## [٨]

# وفات پيغامبر عليه السلام

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

هوءَ هيڪوئِي هيڪ ڏَئي جَڏِهن جوڙَ نه ڪاءِ
ماڻڪ اُپايو مُون ڏِئيءَ پاڻ جي سَگهاءِ
نه سي تارا تَڏِهين چَنڊُ نه رَين چِلاءِ
آنبَرِ آڏِتُ نه هُوءُ، نه سا ڪَتِي ڪاءِ
جِنَ جياسَڻَ نه هُوئا نَڪي گهوڙا گهوٽَ گهَڙِياءِ
هئوءُ صاحِبَ سَگهه سين هوئڻُ جَنبهِ جُڳاءِ.
نه سي ڪاني ڪَنڌِ ڪِي نُڪي وَڻَ ويسَ
نَڪي بَحرَ بيدِيُون نَڪي ڏُونگرَ ڏيسَ
هوءُ صاحِبُ سگهه سين هوندو جو هَميش،
پِهرو پاڻُ ڪِياءِ، پرتِ نَبِيءَ جِيءَ پَڌرو
ماڻڪَ منجها مُون ڏِئي عالَمَ اُپاياءِ
دُرودَ پانهجي دوسَ اُتي پاڻهي پاڻِ چَياءِ
سَچَڻُ سو سَنياياءِ، جَنهِ تارِي مِ تَڪيوءِ.
آپَ رِءَ تَنيي تاهَريا، پُنُ سِرِ ڏانڊُ ڏناءِ (١)

---

(١) تاهري=ايهاريا، پکيڙيا (٢) زمين تي ڏاند، ڏناءِ جيڪو هر ڪيئي زمين کي پوک لاءِ تيار ڪري ٿو.

مُهِرَ مُحمَّدُ عَرَبِيَ ماٿِ داٿا مَندِرِياءِ
چَندُر تارا ۽ ڪَتِيُون اوبَرِ اُپاياءِ
سِجُ سَنباهِي سيگهه ۾ اُونِداهِي لاٿاءِ
تَه وَهائي نِيرَ جِي ڏونگرِ ڏيسِ وِڌاءِ
مِنِيءَ مَنجِها مُون ڏِٺِي آدَمُ اُپاياءِ
نُورُ مُحمَّدَ جامَ جو تَهِ ۾ رکاياءِ
ڪوڙين تان پِي ڪيترا جِنسا جِنِسَ ڪِياءِ (۱)
ماري سي مَحوُ ڪري دوري گهرياءِ (۲)
هوءِ صاحِبَ سگهه سين چوڏِسِ چِٽَر ڪِياءِ.
اللهُ عالِمَنِ ڏِٺِي مِيُونُ مِهرِبانُ
راڄِئِينُ سِرِ راڄِيو سُلطانين سُلطانُ (۳)
اُنَهءِ عِزرائِيلَ کي قَيرائِيَ فرمانُ (۴)
ڳِنهِنَ رُوحَ رسولَ کي وَنِهءِ پکاري پانُ (۵)
چوءِ تو ڪونائي راڄِيو رَه رِيڏو رحمانُ.
تان تُن آءِ آسان ڳري مُرسلا مَهندارَ
پِرين پاتا ڪارَڻِ تو جُورِهِ مُنهِجيءِ هارَ (۶)
قَسمُرَ ڪَوثَرَ قِبلا آنديَم تو آهسارَ

---

(۱) ڪٽين جنسون پيدا ڪيُنِ (۲) اصل اٿِي (۳) راڄِئِين سر راڄِيو =حاڪمن جي مٿان حاڪم، بادشاهن جو بادشاه (۴) اُنهءِ= چيائين (۵) پکاري= پک ڪولي، ڪنب پکيڙي (٦) جوره منهنجيءِ = منهنجين جورن

حُڪمُ اِيہُ ٿيو، جَسدِّهِ عِزرائيلَ ڪني
تہ تون وَنءُ حبيبَ ڏُونہُ مَولي پاڻِ چَيو
پَروَرِدگارَ پاتِشاهَ اُتو عِزرائِيلَ
صاحِبَ سَپاجِها ڏِئي رازِقَ رَبَ جَلِيلَ
جوڙِي جِيمِيوُ جَنّتُون، ڦِيءِ وَهايِئِي نِيرَ (١)
عَرشُ ڪُرسِي تو ڪِيا ڪارَڻِ مُحمدَ مِيرَ
جِيءُ هِنيُونْ قُلُوبَ ۾ سَاهُ آندُر سَرِيرَ
اِيءَ خَبَر خارِي ڪَنِي ڪِيءَ وَجان ڏُونہُ وِيرَ
مِهَرَ مُحمَدَ عَرِبيءَ ڪوڙين ڪوڏ ڪِياءِ
سَهْس اُپائي سُوهَٿا مَحَلي مَلڪَ مُڪاءِ
........عِزرائِيلُ چوءِ دِرجان تُنهجي دَراءِ
ڳِنهڻ رُوحَ رَسُولَ جو مِيانْ مُون نہ جُڳاءِ
دُرُود ڏِجُ دوسَ ڪي تون وَنْءُ ڏيج سَلامُ
چَوءُ جَنِ ڪَلِمُو واتَ ۾ مَگَرُ تَنِ حَرامُ
تو جا مُهِرُ تِي سُونْهَ سَنِي نَبِيَا
فانِي جو مَڪان ۾، دوسَ مُنهجا دُورِ ڪَرِ
..............۾ مورَ تي وَنْءُ وَهْلو آءُ (٢)
مَتي ڪَرِ سبي ڪَبِرّا جي نَبِيءَ جي نُوراءُ

---

(١)جيميون= جي مُيون= جيڪي موڪليون يا پيدا ڪيون (٢) ورق ڏيون

عَرشينْ أتان اَلهِي دَرَ سِرِ قدمَ ڌَرِياءِ
جو سِرُ سَياهِ نَبِيا مُحمَدُ سو مَنِياءِ
مَلڪُ مَديني ڏار،اَعْرابِي تي آيوءُ
مَديني جا مَجهِيا پُڇي پالڪَ پارَ
جو سِرُ سَيا نَبِيا پيغابرِ ڪِها پارَا
پالڪَنِ پيهارَ، ڏِنُس جوابُ جَتَنِ جو
مَنجها نُورَ نِسهُرِي تهِ ڏاڙهيءَ يَنيا وارَ
پَسِي مَلڪُ دَهْرِيا ڪَنبِيا سَي ڪندار. (١)
دُرِسُ دَرازِي پار، آوَ مَلڪَ حَبِيبَ جي
ڪندو سائِي ڪارِ، حُڪمُ جوءِ حَبِيبَ جو.
بِيِبِي ويڪيو اعرابي أيو آگَنَ پارَ
ڪَرِي اِيءَ تَوارَ، جه مُون آهي ڪَمُ رَءِ.
آعرابِي اوتاڪَ ڪَرِ، نَبِيءَ ڪِيو قرارُ (٢)
جاءَ تو گُهرَهَ وانْ ته صَبِرُ ڪَرِه ڏارِ.
صَبِرُ ڪِينَ ڪَندوس، پِيِبِي آهِيان تَڪڙو
هَتِمِ ڪَمُ رَسولَ سين لاهي...............
جابُ سُٹي جانْ آڪِيو، تِٹِي پيغابَرَ سارَ
ڪَهِ تِي ڳالهائي مڙدُ...............

---

(١) دهريا = دهليا (١) رَءِ = لئه، لاءِ (٢) هتم = أتم

بـــابـــا كـــوءِ اعـــرابـــي بـــيَ آدَبُ آهـــي
ســاعَــتَ صَـبِرُ نہ سَـهـي اُيو سِنـيءِ......
بِيـبِـي نہ آغـرابِـي، اِيُ كَـيـسَـريو كَنـدارُ (١)
مُـون رُوحُ گِـنَهِئَ آئيو تـوكي ڏِيَـئَ جـارُ
پِٽـنيـُون پُـٽـرَ چِنيـو بِينـُرِنِ يـارَ
چـورا كَـرِي گِـيَـرُو بـيـواڻن تَنِ مـارُ
......... آعـرابِـي اِيُ كَـيـسَرِ كَنـداروءِ
آؤ دَرِ آسـاهِـجـبـي آدَبَ مِ اُيـوءِ
..........رِكـجـي آرِي تـا نَہ اِهـوءِ
مُـحـكَـم ماگُ لهي، مَـوتـانْ لِكـي كـوءِ
"....يُدْ رِكُ كمُ المَوتُ وَلَو كُنتُم فِي بُرج مَشيندہ"
نِتائِين لَهندو
..............مَلَـكُ مَـهـنـدا هـو آيـو
عِـزرائِيـلُ آدَبَ سيـن تَـہ وِيـرَ گالهايـو
.............سين تـوكـي ڏَٿـيءِ جـو آيـو
......... يـا نُور نـوري وِيـا سَر سِرِّي وِيـا خَزائِنِ
....."افدَيتَ مُلكِي عَلَيكَ يا مُحمَدا ايئين فَرمانُ ٿِيوءِ
............. بِـيـبِـي پِـيَـٽُءِ..........

(١) كيسري = گهوٽ

پيڙي يَـجـي ۽ ڪـُري صَـدايُـون سِرجَـڻَ هار (١)
ڏَرُ........ مُـنْـجـي پـــاڻَ ڏي آيــڪـــار.
تُـون سُـڻِ عِزرائِـيلَ، عَـرضَ مُـهنجو هِـيڪَـڙو
تُون جا ميڙَ نـ مَـجِي.... آدب عـــرب جَـلِــيلَ
حُـڪـمَ سيـن حَڪِيـمَ جـي ڏُوجا ڪِها دَليــلَ.
.......... تَـــنِ سـيـنءَ تـيـنءَ ڪِـيـــاءِ
هُـــوا ڪـــو حَـڪِـيمَ جـو اَمُـر اورانگِهياءِ
آعـــرابـيءَ ......آيــو... ڪِـيـا پـــاتـــاءِ
شُـــڪُـرُ سَـــچِـا راڄِـيـا سِـــرَ اُتي سَناءِ
................ مَـجِـيُ مَـرِمَ مُـــڪـــاءِ
زَڪَـرِيا ڪـــي جـــانِ ۾ ڪَـــرَتُ قَهرِ وِڌاءِ
..................... سيـن قـوڙاؤ ڏِنـاءِ
يَعقُــوبُ يُـــوسَـــفَ کي لِڳِيـــنْ لُڇـــاياءِ
........... ۾ رَحْمَـــتَ مَنـــجهہ رکِــياءِ
اســماعِيلُ ٻَـــڪَـــرُ جيـنءَ ڪـــاتي ڪُهايــاءِ
......ڏيــڪـــاري ڪـــري قَـــهــرِ قَرِيـبَ ڪُناءِ
اُمَـــتَ مُـــهنِــجي ڏُيــرِي تـــان يَـــلا يـــاءِ
عِـــزرائيلَ رَسُـــولُ چوءِ، تُون وَنءُ واحِدَ سِيـــنْ

(١) پيڙي = ڏيءِ

اُمت مُنهجي ڪاهَري ڪَهِ پَرِ ڪَندي ڪيئن
جو آسين ايندا اِئين، تہ هِنَ خَليفو ڪَبيرُ ڪَهڙو.
اڳي ڪوڙين ڪيترا آدمَ اُپايا
سَهْسَ سَوا لکَ نَبِيءِ مارِيْ ڌَرَ مُڪاءِ
اُمتَ نا ڪَهين.......... مِروُ ڪِياءِ
عِزرائيلَ اللهَ دَرَ ڪِيج وينَتِي ڪاءِ
عِزرائيلُ اللهَ دَرِ....................وِئو
سو سَيوئي مُن ڏِئي ڳَرَهَڻُ ڪاڄُ ٿِيو
مُحَمدَ اِيءَ ..............مهَرُ اُمتَ جو.
خُدائِي جو رَسُولَ کي آؤ اِيهُ فَرمانُ
آهِيءِ آجهو بِيهارَڻُ سو هُئي آڳوانُ
آهَيءِ خود خَلِيفو اِنَ جو آهُيءِ سباجهو سلطانُ
مُون اُپايو آناجُ مَلڪُ رَهبہ ..................
عِزرائيلَ حَبِيبَ چَئو پوءُ مَ پِشيمانُ
اُمتَ تُنهجي ٿي ڪارِ.......وَناهِ زِيانُ
ڏُهارِيءُ جان نيئي ٿيندي جِت وِرُورَ
اُمتَ مُحَمدَ جامَ جي تِت نہ اِيندي ڏُورَ
مَلڪُ موٽي اِيءَ ڪَرين آءُ مُحمدَ مَلِ
سَقرُ ڪَندو سو پِرين..............

نَبِيءَ سَندِي نُور جَذِهِ لُوئَا لاڏاٿو ڪِيو
آيِينْ اوراچا ڪِيا وَرَ سِر..............
مَڪي مَديني جا گُنجِيا ڪَهِين گوڙُ
جِتي ڏِيندو دوسُ ساڳِي پُونْ پَواريءَ
نڪو راڻُرِ ڏِيهَ ۾ نڪا اُتي..........
پَردي اندر پوشَ ڪا گُجهِي آهي ڳالهڙِي
ڇَپَرُ تِيو شُعاعُ، رَهِئو راءِ رَهي
جِتي جامَنِ وِهَٺو، تِت مُردَنِ ماگُ ڪُواءِ
"وَمَاكَانَ اللّٰهُ لِيُعَذِبَهُمْ وَانتَ فِيهِمْ" مولي جِيُون چاءِ
وَجو تہ ايمانَ سين ڪَلِمو چَئُو مَهاءِ
لااله الا الله محمد رسول الله

بجاي

عمو بنا ديني كريه مصالحين تانا امر جي الله جابا ريه بريجات
جلمو جي زو زا بزيه ركيه جوتي مال زكعواه بجع جكريه
فلجا محمد بي باري كابنه ماو جوت ايانبي كلو باكي بزيه لا اله الا الله محمد رسول الله
جيتم كيره وبازنه بسم الله الرحمن الرحيم ه

نما لاجي سودني جيني نا وجبار نبي جبه خلقيو سوهار و سردار
زوتيا حو مهتمي دار زينيه با ما ابما نا ه اجي كني نا بنهي باكار
اجي بيدو مهتمي ربني جكيرو ما سد كي باه كني كهيو اي كنيدو
نبي مهجي كالري ديني سنجه كي اج مهجي مصطفي بنت بنيغو ان
بجاهتم تدرا اكم مجه ورني بزي مو بازبنو ويدي تن مني
بزي مو بازبنو سد زستر الو مو ماريد و غنغ سبي شيجانو
بني كهي زمكو سيتعو لو سا زني كي جيد ا لجرا جي مو كي ماري
ديدجي اده و زن سي كيرو كب تيام باجي هواري نجا وسيربام
مار نبهي كا بنير و تجي اه ابي بجي با زجي مو تعودني داه
كيرو و مو نيد بكي بري داه كري مو ن جديرو با زعي دسي دمركي
تا مهتيا زسكلمني اجي ابو باج بي ركم با ابكي دي مجعو كا

اليا

[۹]

## معجزو ڳيرو ۽ باز *

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيم

سَاراهِجِي سو ڏَڻي جِنِي نانءُ جَبّارُ
نَبِيُ جَهِ خَلِقيو سُونُهارو سَردارُ
وِينا هُوئا مِهْتِ ۾ ڌارِي نَبِيءَ يارَ (۱)
آسِماناءُ آچِي كِڻِي بابِيهي باكارَ (۲)
آچِي پِيو مِهْتِ ۾ پَٽي پَڇي ڳيرو
سُڏَكِي ساهُ كَٽي كُهيو ۽ كيرو (۳)
نَبِي مُهجِي ڳالهڙِي ڏِيئي سُڻِج كَنُ
آءُ مُهجي مُصطفي پيسِ نه پِيوءُ آنُ
ٻچا هَتِمِ ٽنڍڙا مُكَمِ مَنجهه وَٽِينْ (۴)
پُٺيءَ مُون باز پِيو وِيندِي تَنِ مَٽِينْ
پُٺيءَ مُون باز پِيو سَدَرُ سَنَرائو
مُون مارِيندو نِمُٽو پَسِي سِيچائو
نَبِيَ كِهين رَكُ مُون سَترائاءُ سارِي
كِيَنْ جِيَنْدا ٻچڙا جِين مُون كي مارِي
ڏِينْدِي آڏهْ وَكَنِ سَينْ كيرو كَنيَ تِيامِ (۵)

---

* اصل، قصہ کیرہ وباز

(۱) مهت= مسجد (۲) بابيهو= ڳيرو (۳) كهيو ۽ كيرو= ٿكل ۽ سائو (۴) مٽين= ڪانهہ
(۵) آنم= آڏون

پاھِجي ھولِ پَٽِي ٻَچا وِسَريامِ
ماڙِ نہ پَسانْ ڪا ٻِئِي رِءِ تُھُجِيءِ آنہَ
يَٽِي يَڃِي بازَ جِي مُون تو اِڳِيانْ ڏِني دانْہَ
ڳِيرو وِيو تَنِيءِ ڪِي سُرِي دانہَ ڪَري
مون نہ ڇَڏِيندو بازُ ھِيءِ ڏِسِي ڏَمَرِڪَرِي.
تانْ مِهْتِ دَرِ سِيگھہ ۾ آڇِي أيو باجُ (١)
تَنِي رَکْ مَ پاڻَ کِي ڏِي مُھُجو ڪاڄُ
اِيءَ آھيڙو مُھُجو ضايا ڪِج مَ تُون (٢)
سَھسين سَٿُونْ ڏِنيُون اِنھِي ڪارَڻِ مُون
آڄُ سَجُوئِي اُجھيو تانْ مُون اِنَ پُواءِ
اڇِي جانَ جَھبَتِ ۾ تا تن............واءِ (٣)
آھيڙو اُجھي ڪَري اِھو آڄُ ڪِيومِ
سَٿُون ڏِينندِي سِينْھُ جِيَنْ ھِيٺُو ھَڏُ تِيومِ (٤)
تَنِيءِ چَيو بازَ کِي ھِيڪَرَ آءُ اوري
ڏِيٺِينْ ٻاپِيھِي سَٿُونْ تَنَ مَنجھار توري (٥)
پَڪَڻَ ڇَڏِينْ پَدَ تي الله جي توري (٦)
پَرَ مارِئو، تُرَ تورِئو، آسِينْ ڪِيَھْونْ نہ مُولَ (٧)
................ڏِيارِ مُونْ تَنِي جامَ قَبُولَ

(١) باج= باز (٢) آھيڙو= شڪار (٣) ورق زيون (٤) سينہ= شينهن (٥) منجھار= منجھا (٦) پکڻ= پکي (٧) پرماريو= پرايو ماريل، تُرتورئو= تارازي ۾ تُوريل

پَرَ ماريو، تُرَ توريو، كِينَ لُوٺاٺا باجَ (١)
آسان واسُ وَڪنِ سِينُ مارَنُ اِها هاجَ
نَبِيءَ چَيو بازَ کي ماهُ مُھنجو جَھلِ
ٻَهَگُنَ ٻاپِيهي سَنُون تَنَ آٿُڙَندو تَلِ
ماهُ جو سَندو نَبِيانُ نہ سارِيندي پُونُ
آؤُن ڪِيَن چَوان واتَ سينُ سِيِني سِرُ ٿُونُ
سِرُ سَيِني نَبِيانُ مَٿي اُٿي مانُ
ڏي ٻاپِيهو پَڌَرو تہ سو کوهي کِيانُ
نَبِيءَ چَيو تَڏهين تِيلِبُوُ ڪِهڙو
بازُ نہ وٺِينُ ماهُ پِيو، ڏِٻو نہ ڳِيرو
ٽِريُ سَٺُ اَصحابَنِ جي چارِ سَٺُ وِيتر ڏار
ڳِيري بَدَرِ بازَ کي ڪارُونُ ڪَنِ اَپارَ
آٿِيو آلِي سَيڪو سِيچاٿي کي پانُ (٢)
ماهُ مُھنجو قَبُولُ ڪَرِ پَکَنَ کَرِ مَ سَترانُ
آؤُن آهِيڙو سو گهران جو مُونُ واتِ جُڳاءِ
ڳِيرو ڏِهُمِ تہ کِيانُ پِٽِي مَ ڪانُءِ ڪاءِ
ڪِٿي مُناجاتَ مُصطفيٰ ٻَٿِي هَٿَ ڪَٿِي
ماهُ مُھنجو بازَ کي ڪارِ قَبُولُ ڏَٿِي

---

(١) لوٺاٺاباج= لوهون ٺيندڙ باز (٢) الي= آچ

هِيُونْ كَرِينْهِيس ڪُونڻُرو هِهو واڌُ جَهِينْ
رِزقُ رَسَائِيِنْ راڄِيا سارِي سَيَڪَهِينْ
چَيائِينْ ڪِياءِ ٿُون چَوِين ڪاتي پايانْ تِياءُ
ڏِيان ڏيلُ اللهَ لَڳِ پِيو نہ مَڳِينْ جاءُ
سائِيس ڪارَڻ سَتُ تو جانْ ايڏو ڪِيوءِ
مُنہ وارو ماهُ گهرانْ وَنانِ ڪِينَ پِيوءِ
پَنجَ وَقتَ جُونڊوئِي ڪَرِين ڏِٿيءَ ٿناءُ
وَڏِي باپِيهي سَنڻُونْ توري ڏِينْهِ تِياءُ (١)
نَبِي ڪاتِي ڪَڍِئي تارازِي آڻِي
اَچِي وِينو بازَ وَتِ تانْ ڳِيرو تاڻِي
تِتِ ڳِيرِي ڳالهايو يا مُحمدَ آؤُنْ سو جَبرَئيلُ
سيچاڻِي جِيءَ صُورَتَ جو مَلَڪُ سو عِزرائِيلُ
ڏِٿيءَ مُڪاسُونْ پَرکَ کي سَچِي رَبَ جَبارَ
دِينُ ٿُهُجو مُصطَفيٰ ويران وِيرَ اپارَ
دِينُ ٿُهُجو مُصطفيٰ بُڌو ڏِسي ڏِيہَ
چَنڊِيهُونْ سا آکِنِ سِينْ جا تو لڳي کِيہَ
موڪِلائي موٽِيا مَلَڪَ ڪَرِي مَحضِرُ
سَيئِي يارَ رَسُولَ جا هُوئا سَڀِ حاضِرُ

(١) ڳيري جي برابر توري ڏينم

بَـــدَّنــدِيــنْ باجهـــاءِ تُون چُــوڽْــدِي سُـــٿِـيـسـدَنِ
مَـــرِهِ سَيِـــــنِي مومِنيـــنْ كَــلِمُــو چَيــو جَـــنِ،

لاآله الا الله محمد رسول الله

---

نبي فرمايو سچي واتاه بابجي محرش محمد امود ۾ دريا اُبا وڃ
مچي ته مِن هيکري اُبا ڃُ مَڪا اِيئي سهش ورهي ٻڌو ته مچي وڏيرو
وڏايون هتن تجلي جا الله ورهين ٻاره سهڻي ورهي ٻُوا جي ته اوڏي
تو ڀيٽ من ٿيري سو ست سهس ڪوٽ ڪيا سدا اُتائي تُرت
دت سڪو ٻڌو تا ستره سهس ورهي ته من باغ سنگهي ڪيا ترين سهس
رانپي نري سنگهي تري سو سهس وهن ڪيترائي ستر جهنگا قبار جهون
بيڪ نري سنگهي ايئي سهس ڪرڻ ونون تا تنگهي چڪيو جتون
جتر جبتر جلڪ براقه ڪيا قدرت بچا ۽ بيسر براق قدرت ڪيو ڪيا
اينا سچو ڪار نرار گن ناءِ مين ديه قيامت هوڏا جتون
.... .... تنهن جبت ٻوا جا ليه ورهي جڪي سچو ڪيا اٺون
داد ... سهش ٻو ته ڀا هيت ڪند قديا ه مين ماهي سچو ميت
تري سهس ورهي ترڪي پيئي هنوند ته ورم ست سهس ورهي نيا ڪري ڪيو اٺڪ
باره سهس ورهي ... سنو ڪيو ماه تاءِ تجو ڪي جو منافر ميلگ الله
جنهن تي دريا ۽ جو ڳار نبي ڪيو ۽ جو سري ... سو ڪرم سدو

[۱۰]

## صفت ماهي و دريا

نَبيءِ فرمايوءِ، سَچي واتاءَ پاڻ جي
عَرشَ مَهنداءَ مون ڏَٺيءَ دريا اُپايوءِ.
مَڇي تَنهِ ۾ هيڪَڙي اُپائي مُڪاءِ
آسِي سَهسَ وَرِهين پَنڌُ تَنهِ مَڇيءَ ويلَ ڪِٿاءِ (۱)
وَڏائي مُٿي تَهِين چالِيه سَهسَ ورهَينِ
بارَهَن سَهسَ وَرَهين پَنڌُ آهي تَنهِ آنڌَرِنِ
تَهِ پيٽَ ۾ ٽري سَؤ سَٽ سَهَسهِ ڪوتَ ڪِياءِ (۲)
سَدا سائينْ نُور سين ............ سينگارياءِ.
ڪوتَ سَيَڪوءِ پَنڌُ تاءَ سورَهَن سَهسَ وَرِهَينِ
تَهِ ۾ باغَ سَيَڪَهِين ڪِياءِ ٽري سؤ سَهسَنِ
تَنِ ۾ نَٽِن سَيڪَهِين ٽري سؤ سَهسَ وَهَنِ
ڪِيرُ پائي ماکي سَرُو ڇوڪيون چارِ ڇَوَنِ (۳)
ڪِياءِ نَٽِن سَيڪَهِين آسِي سَهسَ وَڻنِ
وَڻِ تاءَ سَيَڪَهِين ڇَڱ لَکَ نُورَ ڇَٽَرنِ.
ڇَٽِر ڇَٽِر ڇَڱ لَکَ بُراقَهِ ڪِيا قُدرَتَ مَنجهاءَ
پيرُ بُراقَ وَڏو ڪِيو سَتَ ٽوڪَ دُنياءَ

(۱) ويل = ڏيگهه(۲) ڪوت=؟ شايد ڪوٽ يا ڳوٺ(۳) سرو= مَڌُ

ايڏا.............. مومِنَـہِ ڪارَڻِ ڀَلارِن
ڪوسائِيءَ ۾ ڏِينـہِ قِيامَـتَ هونـدا جاءِ ڇَڱَرن.
هُوندو وِياهُ رَسُول جو تَتِي جَنِ پُوئاءَ (١)
چالِيہَ وَرهِين ڇَڪِي سو مومِنَ ڪِينڌا تاءِ.
ڏانـدُ اُپاٽيـو مُـون ڏٺي سَتَنِ پُوٺِن هيٺِ
ڪُسَنـدو وِياهَ ۾ ماهُس مِنو ميٺِ.
ٽري سَهسَ وَرهِين نَڙِي ڪِپِي هوندي تَہِ وِرَمَ
سَتَ سَهسَ وَرِهينُ پِيا وري ڪِپو انڪَ.
ٻارهَن سَهسَ وَرِهين تِيا سَنهَو ڪِبو ماهُ
تاءِ پوءِ ڪي مومِنا فَرمِينڌو اِلـهُ.
جہ نَهَرَ ۾ درياءَ جو ڪارَڻِ پرينءَ ڪيوم
وَچو سَيئِي مِڙِي پَسو ڪَرمُ سَندومِ
مومِنَ سَيئِي مِڙِي تَهِينُ ۾ وِينـدا
وِياهَ نَبِيءَ جو تِتِهِينُ سَرها تي ڪِينڌا.
تِتِ پَسَندا ٻيڙِيُون رَتِي سونَ مَنجهاءَ
پيتَ تَنِي جا ٻيڙِيـن سائي فِيروهاءَ (٢)
مَنجهہ مُهائا ٻيڙِيہِ سَندا تَنِ مَلڪَ
چاڙهِيندا ڪي مومِنَہِ ڪندا ڪاءِ نہ رڪَ.

(١) وياهہ = وهانءُ (٢) فيروهاءَ = فيروزاءَ

أهاريـنْدا ٻيـڑيُـون، ٻَـگَـهَ گَـٹـي تَـڑاءِ
مَـٹَـنـدا دريـاءِ، ٻَـسندا كـوڈٌ كَـنا.
تَـتِ دريـا ءِ هـيكَـڑي مَـچِـي نِـكرَنـدي
واتُ أٻـتِي ٻيڑِيـون هيكَـڑو گِـراهٌ كـندي.
ٻيهِـي وِيـنـدي ٻـاهَـرِئـي مَـچِي ءِ دريـا
مـومِـنَ تَـتَـهيـنْ وَچِئِـي كَـنـدا تَماشـا.
مَـچَ ٻيـتِ ءِ جِيـمِيـُو نِـري سـؤ سَـتَ سَـهسَ
لاهِيـنْـدا ٻَسِـي كـري مـومـن هَـتَ هَـوَسَ.
جِـيمِـيَ جيـمِيَ مَـنْبَرِهِ نُـري سـؤ سَهَـسَ سَتَ
سَـنـدا نُورَ فِـيروهي مـان سـي ٻَـسِي هَـتَ.
هـونـدا أتـي مَنْـبَرَهِ نَبِـيءَ مَـرسَـلَ تَـنِ
باجَـهـ تُـهـجِـي مُون ڈَٹِـي مؤمِـنَ مـانَ ٻَـسَنِ.
مَـچَ ٻيـتَ ءِ هيكَـڑو بـاغُ سُـونْهـارِي يَـتِ
آسِي وَٹِـنِ قَـرَنِ سيـن تَـهِ ءِ هـونـدا جَهـتِ
قَـرَ قَـرَ وَڈائِـي هيكَـڑي تَـنهِ ءِ هونـدي جـا
سَـتَ تـوكَ سَيكـو تَنِئُـون هِـنَ ڈُنِـيَ جِـهـا.
وَٹَ وَٹَ مَـهَنداءِ هيكَـڑي آسِـي سَهَـسَهِ كـوتَ
سَـندا نُـورَ سُفيـدَ سـي، مَتِـي مائِـكَ جـوتَ.
كـوتِ كوتِ آسِي سَهـسَ ڇَـتَرِسِ سَنـدا نُـورَ

چَـنْـرِ چَـنْرِ چَـہ لَــکَ بُراقَـہِ اي مِهـمانِـي مُــورَ.
چالـــيِہَ وَرَهيـنْ مـومِـنَ تِتِهيـن كـنـدا تَمـاشـا
خُـورُونْ مِـڙِي حضـرتَ ڏَٺِـيءَ كـنديـون ڳـاءِ ڳِلا (١)
آســان ڏِنــاءِ تــاهَ جـــي سـائِيـنْ تُسِـي پـاڻِ
پـــانـهـجِـي ٻـاجَـــهہ كـري پِرِيـنْ پِـرِيَـہِ رَسـاڻِ (٢)
فَـرمـانَ ٿِيـنـدو مَـچَ تَـــــہِ كَـنـدِيَ اوڏو آءُ
ٻـيـڙِيُـون ٻـاهَـــرِ كَـڍُ سـي پـاڻِ جـي پـيـٽـاءُ.
واتـــاءُ ٻــــاهَـــرِ ٻـيـــڙِيُـــون ڏَرِيـنـــــدو ڏارَ
مـومِـــــنَ ٻـــاهَـــرِ اَلـهِـي كـنـدا سُـورِہ ســارَ
وجِـــو تہ ايمـانَ سيـن كـلمـــي كَـــرِہُ پَـــچـارَ.
لا الـہ الا الله محمد رسول الله.

---

(١) اصل. كاءِ كِلا (٢) پِرِيہ= پِرِينءَ كي

[تعليمي سلسلو: درسي ۽ علمي
ڪتاب ۽ موضوعاتي سمجهاڻيون]

جڳايو جيت ڪري منٿ ڪيو ڀيڏو لڏو ڪيا بيٺي سو بڻ صحي پڻ سنيج

الاسلام هو الاتعيا ديلا وامر الله تعالى ولها اجتناب عن النواهي

ڪن انکي ڏيج ادنا ڪنڊ محن هيو ايه بوبولي اسلام تجهو ڪنهن نام جا بابي ڏئي

فرض واجب سنتو مستحب مکروه مباح جنين حرام تاريا تن ڪري آه

قيام ڏينها حسب لهڏا بو روق لا اله الا الله محمد رسول الله

توڪي مجيا تو ڏني هيا هيڪري جهنتو سنج خبر ملڪو

رک ٿهي راهيا ڪري بيٺوئي ڦڪر جي تو بابا ڪوتيا جوڪر تني جرک

مڻ تا اثر نوڪي رک مو ڏني شرڪ جي ڪالا عربا نهي ابها تو بڻ ڪيي سا

بلهيٿ مو جي رڪي مو ڏني سبا ڪا سوراه ڪمتيني ڪوا رو ڪفر ڪالا

وا الاسم سجو جان ٿهجو تو جاني تو جان عالمي وڃا رغمر ٿجا قرآن

ان تحت توبه تو را ڪيا تو بڻ ڏڃي جن بتي لڳا ڳاري بيو ويو

رساٿا ڏي ڪي تهجو تو جي جاني تو ڏي بيو ڪو عالم الغيب والشهادة جو

مرءغ مهن محبت ڪامي ڏجي قوت ابا هتا نبيا وتيا ٿين سنت

مير با مل جو عد تي تر ميزان جن اورا ڪي اتيين الله جي آن

ستار اهيو سجو ڏني جا ڪي ڪيتا سا ڪو مو تيا ڏنه ڪو بونما لا اله الا الله محمد رسول الله

[۱۱]

# توحيد جو اقرار

[دعا رد ڪفر]

اَللٰهُمَّ اِنِّي

توکي مَڃِيان مُون ڏِٺي هِيانْ هيڪُ ڪري
جَهِ تو سَچوءُ خَبَرون مُکوءِ مُحَمدَ ڪريمَ کي.

اَعُوذِ بِکَ

رکَ تُنهجي راڄِيا گُهري سَيوئِي جَڳُ (۱)
جي تو ٻاجها ڪوئِيا مُون ڪَرِ تَنِي وڳُ.

مِن اَنا اُشرِکَ

مُونکي رکِين مُن ڏِٺي شِرڪَ جي ڳالهاءُ
ٻاجَهه تُهنجيءِ اُبهان تو پَئِہ ڪَنٖي ساهُ.

بِکَ شيئا

مُونکي رکِين مُون ڏٺي سَباجها سُوراءُ
ڪِتيبيي ڪُوارِئو ڪُفرَ جو ڳالهاءُ.

(۱) رکَ= پناهه

## وَأنا أعلمَ

سَــچــو جــانُ ڻهنــجــو، ٿُون جــاڻيــن تو جــانُ
عــالِمَــنِ ويــچــارِئــو پــڙهــئــوجَــنِ قُــرآنُ.

## وَاستَغفِرلي

تــوبَــهِ تــوڙاڻِــي ڪِئِــي توبَــهَ ڊِرجِــي جَــنِ
ڀُڻِــيءَ لَڳَــا ڪــارِئِــيءَ ڀِــئُــون ڏِيــئِــي ڀَــنِ.

## مالا اعلم

ڳُجُهه ڻهجــو ٿُونهِي جاڻيــن، تــو رِهَ ڀِــيو نه ڪــوءِ
"عالِمُ الغيَــبُ وَالشهــادَة" تــو هِــي مَعلُــوم هــوءِ.

## وَأقُولُ

شَــرعَ سَــپِئِــي مَجيئِــي ڪَلمِــي جِــيءَ قُــوَةَ
آپــاهَــتــا نه پِــيــا، ويــنــا نَــبِــيءَ سَــتِ
مــيــڙِيــا "مُلــونُ"چــوءِ مَنــدِئِــي تُــر مِيــزانَ
جِـهِ نَ اورانِــگـــهِــي اُتِــيــئِــي اَللهِ جِـــي آنَ
ساراهيــو سچــو ڏئــي جــانــڪِي هَتِيــان ســاهُ (١)
وجــو ته اِيمــان سيــن ڪلمــون چــيــو مُــهــاءُ.

لا اِلــهَ اِلا الله محمد رسول الله

---

(١) هتيان= توهان کي آهي

# ایمان مفصل ۱

[illegible]

[illegible]

بسم الله الرحمن الرحيم

[illegible] ايمان اكرم الله [illegible]

[illegible]

[illegible] لم يلد ولم يولد ولم يكن له كفوا احد [illegible]

[illegible] ليس كمثله شيء وهو السميع البصير [illegible]

[illegible] معلوم [illegible] هو الاول والاخر والظاهر والباطن

[illegible]

[illegible] الليل والنهار [illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[١٢]

## ايمان مفصل -١

بسمہ الله الرحمٰن الرحيم

**آمَنْتُ بِاللهِ اَنَّہٗ اِلٰہٗ واحدٌ**

اِيمانُ آندمِ اَللهَ جي هيڪڙائِي اُتي بيچُونُ وبيچگُونَہ

وَبي شُبہٗ وبي نمونه

نہ ڪَهِين جِهو، نہ ڪو جِهُسِ

نہ ڪَهِين جائو نہ ڪو جِيندُسِ

"لَمْ يَلِدِ وَلَمْ يُولَدِ وَلَمْ يَكُنْ لَهُ كُفُوًا اَحَدٌ" پاڻهِي پاڻ هُئو

سُٺِي سَيَڪِي ۽ پَسِي آڳاهون اوڏو

"اَلذي ليسَ كَمثلِهِ شيءٌ وَهُوَ السَمِيعُ البصِير"

تِهَا ڪَين ڳُجهو

رِي اَکِينْ پَسي گهَٽو ري ڪَنِينْ سُٺي

جيڪي وَهي وُجُودَ ۾ سو مَعلُوم مِيئِي ڪري

"عالِمُ الغيب والشهادة ......." حاضِرُ آهي

"هُوَ الاولُ هولآخِرُ هُو الظَاهِرُ هُوَ الباطِنُ وَمَامِنِ

دابّةِ ولارضِ اِلاعَلي اللهِ رِزقُها" اِيَ مِيپِنْ جي واتِ (١)

ساراهيون صفات ڪي پوءِ هُئو جو ناهِ

(١) اصل ائين

تَـہ نِـهـايـات كـري پـــرواه ويــنـي نـاه
ورتَـرا رزقُ رازقُ هــت ۾ اتيئـي آرِيــداه (١)
ڳُـجـهـو ۽ پَـڌورو جُـ ڏئي سَـينـي ذات
حِكمُتون حَـكـيمَ جـون پسو كَـہ پَهـاتِ
"وَاختلافِ اللّيلِ وَالنّهارِ" راتِ منجها ڏِينهُ كري ڏينهان كري راتِ
جِـنَ پَـرِي ۽ آدمـي پائـو آئـيَ جـاتِ
پـارِيَ أتـي پَكيـنْ يَـتو يَـتـيـن لاتِ
پـاهِـنـجِيَ سـاراهَ كـي جِـپيَ ڏِنـائين واتِ
لالِينِ سَـپِ لكپيينْ پَڙهِـي پِيـئِي كـي پِـريـاتِ (٢)
سَدا سِكـي سَيـكـو سائيـن۽ سَنـدي جـاتِ
سـاري ڏي سَـيِكهِـيـنْ روزِي ڏِيـهـانْ راتِ
رازِقُ كُـلَ شـيء تـو ري كَـهِيـن نـہ تـاتِ
كو مُنهُ كَهِين نہ جِهَـرُو، كو مُنهُ كَهِيـنْ نہ تَـلُ
وَجِي چِكيـن واڙيِـن تَـن پـائُـو آئُـو قُـلُ
قُـرَ نـہ قُـرنِ جِهـرّا، پَنّـنِ جِـهـا نَـہ پَـنَ
مـيـونِ ۾ پـاتَـا مِيـۀ يَـتو يَـتيـن وَرَنَ
كـپـنُ كـي خَـلـقِـيـا آدمِيَـنِ كـي آنَ
وِسـارِهُ مَ كَـڏهِيـن مِيـونْ مـنجـهارا مَـنَ
"خَـلْـقَ الـسَّمٰـواتِ وَلأرَض" پَسـو اُپـايـاء

---

(١) اصل اٿين. (٢) لالين= ليلائين

ري تَنيِپن رِي ٿُوٽيبن پُونءِ آپَ ڪِياءِ
پُراڻا نہ ٿِيَنِ ڪَڏهِين اِنَ پَرِ اُپياريَاءِ
مُساهِرانْ موڪَ ڪري سِجُ ۽ چَندُر مُڪاءِ (١)
ڪاجُ ڪونهي تارنِ جو سينگارَ جي ڪارِياءِ
رِي ٿَنبِيِنِ رِيَ ٿُوٽِيبنْ جَهِين اُپايو آپُ
ڪِي ڳجهو ڪِي پَڌرو گهٽو گهرجي رَبُ
ڏِٺي سُڃاڻَ اِنَ پَرِ جِينْ مُلڪُ مِيِنْ جو سَبُ
قُدرتِ ۽ عجبَ اِي سُڃاڻو صاحِبُ
قُدرتِيِنْ ۽ عَجَبِين سُڃاتو سِين راهُ
اُپَيَڻ هارُ آسان ڏِٺي آهي هيڪُ اِلٰهُ.

و ملائِڪَتِه

اِيمانُ آندُم اللہَ جَنِ مَلڪَنِ اُتي سِريا جي نُوراءِ
راتو ڏينهان رَبُ کي سَدا ڪَنِ ثَناءِ
ڪي رُڪوع ڪي سَجدي ڪي جَلِسَ قِيامَ
ڪري ڪاهِرائي ڪَڏهِين وِيِنا تان نہ وَرِيامَ
سَهسين پَتين سَباجهو مَگَنِ رازقُ رَبُ غَفُورُ
وِيِري تارِ وَحَدتَ ۾ آهِينِ هِيءُ حُضورُ
نہ جوءِ مُرِسَ سي، نہ تَنِ سَدَ نہ سُورُ
سَچُ منجهان سَچو گُهرَنِ نہ ڳالهِينْدا ڪُوڙ

(١) مساهرن= مسافرن

أجَ نہ ٻُکَ نہ سَڌَ کا، تَکا نِندرَ کَرينِ
کا ساعَتَ نہ هيکَڙي واحِدُ وِسارينِ
قادِرَ سَندي کَمَ ۾ أياٺي آهِينِ
مُهڙُ مُقَرَّبُ سَڀِنِ ۾ وڏا چارِ چَوَنِ
کوڙينُ پَرينُ کَريمَ کي سَڀِ صِفتُون کَنِ
ليکو ميکائيل کي، رُوحُ ڳِنِهي عِزارائيلُ
اِسرافِيلُ حُکمُ صُورَ جو، ٻيارو جَبرَئِيلُ
کِراماً کاتِبِينِ چارِ مَلَکَ آهِينِ
ٻِن کي حُکمُ ڏِينہَ جو ٻہ راتِ آچِينِ
ٻانهنِ سندا کَمَ جي کُلٿي تِيانُ لِکَنِ (١)
تَندِيِ وَڏي ڳالهڙيِ قَلَمِ سَياڻي کَنِ
جَنِ کي چِت نہ ٻونِ سي وارٿو تن جَتَنِ (٢)
جِيَٽي لِکي چَڱايُون ڏاٻي وارو ڏوهَ
طَلَبَ کَرِهُ طاعَتَ جي گِهڙِي گهتِ آندوهَ
آڳي آٺي آنهجون کَندا سامُهيون
رويِو گهرو نہ رَبَ کي وِجهي ٻَنِ ٻيون.

## وَکُتُبِه

اِيمانُ آندُمِ اللهِ جَنِ کَتِيبَنِ أتي

---

(١) کلٿي= کُلهين، کلهن تي (٢) جتن= جتائين، ڀڏائين

**سَچا صَحِيَ تَورَيتُ مُوسيٰ، اِنجيل عيسيٰ، زُبورُ دائودُ،**

**فُرقانُ مُحمدُ صلعم آياڪي ڀَلَنِ**

صَحِيفا نَبِيَنِ کي وَدِي کي وَدَنِ (١)
صَحِيفا نَبِيَنِ کي آندا جَبرَئيلَ
سي سِيئي مَحِيئا جي مُڪا رَبَ جَليلَ
سَنِيها سيڻن جا سَچا سِيئي
مُڪا نَبَين کي ڀِياري ڏِيئي
هِجِي تَنِي مَجيا، آسان هي سيئي
پَنجاهَ صَحِيفا شِيشَ کي، ڪارَه کي اِدريسَ
جي ڪوئي اوڏا ڪيا تَنِ سين ڪِيهي رِيسَ
ڏه صحيفا آدمَ کي، پيا ڏه ابراهيمَ
ٽِريا ڏه مَهتَر موسيٰ کي، ويتر ڪَئي ڪَرِيمَ
سَئُ چَوڏهِن صَحِيفا اَلتا آياءِ
فَرمائِي ڏَئِيَ جي گَڏُ نه ڪَڏهُ ٽِٿاءِ
جيڪِي ڪِتابَنِ ۾ سو سَيوئِي سَچُ .
سو تون پُچِي پَڙهه، کَرِ پائا پِيَ مَرَجُ (١)
جيڪي ڪِتابَنِ ۾ پُجِي پارِ پَندِ
سو تون سِکِي صَحِيُ کَرِ پِي نه اِينديَ بَندِ

---
(١) اصل ائين

جيڪي ڪِتابَن ۾ سَچي هيپن سُٺيج
مَڃيج اَمُر الله جو بجا سو آئيجَ
خَرَنِ جو چَيو ڪري پِرِينْ مَ وساريج
مسِپڙي مَنجِهه مَهَنديئيَ پانَ ۾ تپلهائيج
جيڪي ڪتابنِ ۾ جيڪي تِئن ڪَرِينِ
سي پاهِنجي اوڏڙي پاڻهي پارِينِ
جاهِلَ چارئي وَتَنا وِنگِي يائِينِ سئيِنْ
خَرَنِ جو چَيو ڪري سَجَڻَ وِسارِينِ
آهي ڪِتابِنِ ۾ سَچي مِڙِيَ پَچارَ
ڪي وِسِئا نہ وِسَهو تہ تِيان واتانْ ڌارَ
مسِپڙي مَنجِهه مَهديئن پُڇِبا خُوارَ.

## وَرَسِلِهِ

اِيمانُ آندمُ الله جَنِ رَسُولَن اُتي
اولِ مِهتَر آدَمْ، آخِرَ محمَّد مُصطفيٰ جو نَبيئين راءُ
ڪَرِهيندي ڪُوڙن سيسن جيني تِيو نہ ڏِراءُ (١)
لَکُ چويہِ سَهسَ نَبِيَنِ سَبَيَ پِلا هُوئا
تَني سَندي دِينَ ۾ تُرَنِ تان نہ پِيا
دعوتَ ڪري اِسلامَ جِي پاري سَبِ وِيا

(١) ڪرهيندي= وڙهندي، جنگ ڪندي

جَنِي سي نہ مَجِيا مُنجهِئِي كَر مُوئا
جان كِي تان جُڳَنِ كي دوزخِي ٿيا
لک چويهَ سهس نَبِيَنِ مُرسَلَ ٿَري سَئُ تيرهَن تَتِ
دَعْوتَ كري دِينَ جي كانہ كِياؤن گهَٽِ
دَعوَت كِياؤن دِينَ جي دُنِي نہ ڏناؤن (١)
پارائيا پرِيَنِ جا سَچا ڏِناؤن
اواتا واتَ مَٿِي كُسهِئو كوٺياؤن
وَڙِ هوءِ واحِدَسين اِيهين چَياؤن
لکُ چويهَ سَهسَ نَبِيَنِ آرِڙَهَ آٿِ قَرِيبَ
ويتَر پاتي تَن ۾ ڏيئي ڏاتِ رَقِيب

**واليوم الآخر**

ايمان آندُمِ آخِرة جي ڏِينہ اُتي
صَحِيُ ٿِيندي قِيامَ مِيرَ مَلَكِينْ اُمرا وِيندا
سَپِ وَرِيامَ مِيرَ مَلَكِن اُمرا لَڏِيندا هِتاءُ
تِكَ ٿيندي ڏاكِڙي پُوندا چَٽَر مَتاءُ
لِڏو كِتابَنِ ۾ گهٽو لڳندو واءُ
جُهي سين جِجَندا اوپَرِ پُونٺِي اُتاءُ
جَنِي جيءُ جانِينِ ۾ كون تَڳندو تاءُ
صُورَ لڳندي جَڏِهين آتِ اڳائجهہ ڳرِي

(١) دُني= دنيا

سَهُس آڻارَه عالمينْ وِيندا سَڀ مَرِي
صُورَ لڳندي جَڏهين ڇڇَندا ڦُونْ ڪِيرَ (۱)
ڏُونگر لڳي ڏُونگرين وَڃَندا وَهَ سِيرَ
ڏُونگرَ لڳي ڏُونگرين ٽِيندا سَڀ ڀِڃي
اُڏامَندا اُنَ جِينءَ وِيندَنِ واءُ کَٽِي
آپ جِيئِين تاڪَ ڪَريندو، رَهندو پاڻِ ڏَٽي
"ڪُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ وَيَبْقىٰ وَجْهُ رَبِّكَ ذوالجلال والاكرام" پيو نہ رهندو ڪِي
پاڻِ رَهندو هيڪَڙي سَڀ لَڏي ويندا لوڪَ
خِلقاءُ خالِقَ جِيَ سَتَ تَڪَندا توڪَ
عَرشُ ڪُرسِي لوحُ قَلمُ پَنجانْ رُوحَ
دوزَخِي دِوزَخَ ۾، جَنَّتَهِ مَنجهہ وِرُوه
حُورون قَصرَ ميوا ماڙيُون ڦلان سُونهارِي ڦورَ
وِلدانَ، غِلمانَ، رِضوانَ مَنجهہ جُڙوءُ (۲)
تَعَلقُ جَني بِهشتَ جو سي نہ پَسَندا هورَ
سِگهي پُوندا سُپرين لاهي گهَنگرَ گهورَ.

**وَالقَدرِ خَيرِهِ وَشَرِّهِ مِنَ الله تعاليٰ:**

مُصيبتُون مِيپن پاراءُ، سوئي ڏي صِحتَ

(۱) ڦُون= ڪِير جيل (۲) اصل اٿيو

"ما اَصابَ مِن مُصِيبَةٌ اِلا بِاذْنِ اللهِ" مَنجهڻا اِيَ صَفَتَ
ڪِي وِسِئا ويَڄنِ ڪَرِ وَڄائِينِ ڳرَتَ
زَحَمتُون ۽ ذِلتُون لذي پوءِ آڇَنِ
اُوڻو آڳرِ نہ ٿِيي پويان پَسِئو ڇَوَنِ
"اِنَما اَمره اِذا اَراد شيا اَنْ يَقُول لَهُ كُن فَيكَوْن" اُڙهو قَلَمِ جَنِ (١)
اُوڻو آڳرِ نہ ٿِيي لِذو جو توڙاءُ
سي واٽانْ وِرسيئا جي پاٺِيِنِ پياءُ
اُوڻو آڳرِ نہ ٿيي لِذو جو قَلَمْ
صِحَتَ ذي ساعَتَ ۾ "رَبَ وَحِصَينا كَمْ"
مُوئا جِياري ڏِٺي جِيَرا ماري
سُوار پِيادا ڪري پِيادا سُوارَ ڪري
پَريا سَرَ سُڪَٽِي، سُڪا ساعَتَ پري
ڪي تَڙِيا شَيطانْ جِئن، ڪي پاڻِهِي ڳُهري
"مَنْ يَهديَ الله فلا مُضَلِلَهُ ومَن يُضَلِلَهُ فَلا هاديَ لَهُ"
سَنِئي سُونهائِي
خَيرُ خالِقاءِ پاياءِ جو آڇاوُ آهي (٢)
آواٽا واٽَ ڪري، مُوڙها موٽائِي
تَوفِيقُونْ تَنِ وُجودَ ۾ پاڻِهي پائِي

(١) اُڙهو وڙهو، وهيو (٢) آڇاوءِ= آڇ ڪندڙ، اٿين آڇيو آهي

پُڇَنِ آگهہَ پُستَ جا، آفِينُ نہ تارِينِ (١)
ڪي ڪُونا ڪَنينْ پَري مالُ لاپِرو ڏِينِ (٢)
ظالِمَ ظُلمُ ڪَنِ جي مومِنَ رَنجائِينِ
سندو هَتَ چَيو ڪري هادي حق پَچِينِ
غافِلَ ڪَدَہَ دُنيا صاحِبُ وِسارِينِ (٣)
هَتان ڏِٺو مُوزِيُون، سي دوزَخ ڳِنَهنِ
ري توبَہ مَرَنِ جي ڏِينہُ آياڳو تَنِ.

## والبَعثِ بعد الموت

ماڙي پُڇبا ڪَفِنَ کي تان پوءِ نہ مَرنداءِ
حاصل جي گهٽي جو مَهدِ پُورينداءِ (٣)
ويسلي ويندو وَهي هيءَ ماڙهُو ضباءِ
سَنباهي سهس کي ڪائينِ سِيہَ کاءِ
وَہ ڪُن توڙائي کوءِ جوابُ ڏُئي ڏِينداءِ
ماڙوهُو مَرنِ پُوئِاءُ چڳائي ساءِ
اُپِيَنُ جالَ نہ نِبَہ اسان گهٽو سُهاءِ
بَرِي بَرندِي ڪيتَرو پاڻِيءَ اُتي باءِ
"ڪُلِ نَفسِ ذائِقَة الموتُ" تَهان نہ ڇُٽنداءِ
جو لاڏائُو ساٿَرو صَحِيُ هُلندو ماءِ

(١) آنين= آنيہ (٢) ڪونا= ڪوندا (٣) هيءَ سٽ ۽ هن بعد حاشي بہ لکيل پنج سٽون اٿين

مُرَڻُ اچي مُنهَ سامُهون ڳالهه ڪَرِيندو ڪاءِ
هاڻِ آئُسِ تو مَتي آڳي نيڻُم ڀياءِ
پُٺَر ڏيِر ٻارَ ۽ ٻاٽِرڻا آتڻِ نہ اِينداءِ
..............ڪي وارِثن جي سَنداءِ
جِيَري عَمَلَ جي ڪِيَءِ نِبَهَندا سِيناءِ
حُبَ اُنِي سين ڪري ڀِهي سُورُ سَرِيرَ
ڏايا ڏُوٺا اِنَ طرحَ سندا جي قَديرَ
لِڳين تَنْبَڻ ڇَڏوُ سُٽِي خَبَرون ۾ مِيرَ
جِينْ ڪاسائِي ماهَ ڪي ڪَڍِي ڪاتِي چِيرَ
ٻانهَنِ ٻَرُ ڇَڏِوُ پيرَن.............. عزرائيلَ
روحُ رَڳُنُون نِڪِري حُڪمُ رَبِ جَلِيلَ
روحُ رَضا نہ نِڪَري ڳَرِجِيَ قَهَرُ مَنجهاءُ (١)
ڦوڙائي پرِبَنِ سين سُورَ ڇَڪائي ساءُ
جَسَدا جُدا ٿِيو وِسَرِئُس وِياءُ (٢)
ماڙُهو مِڙَيا هَلُ ٿِيو ڪِي ڪوسو چاڙِيهُ
ڪَفَنُ ڏوئي ڦِٽِرو سِگهائِي آڻِيهُ
ڪَرِهُ سانباهِي سيگهه ۾ وِهو تانْ مَ وَڙي
ويرَمَ وِلهامي تَهِرَ مَتان. ٻُت ڳَڙي

(١) اصل اٿيو (٢) جَسدا= جسد کان،جسم کان

أماڻيهُ عزيزَ کي تاڪِي ٻاهَرو پَري
ڦوڙايو پِرينِ سين ايندو گورِ ڳري
جنازو اُپاڙِوءِ سِگهو هَلائِينِ
مُٺو مِنتونِ ڄي ڪري ڪانڌيٰ سي نہ سُڻِينِ
مَيَتَ مَتان ڄِينْ تينءَ جي چِيرا چاڙِهينِ (١)
رَتِي رَتَ رَڱُنِ ۾ هوند نہ چاڙِهينِ
سُمَهارِهوسِ سَئِين قِبلي پَٽُيون ٽري ڇوڙي
وِجهوسِ بارُ پَنْجهُوءَ جو مٿان مَيَتُ نِهاري
ڪانڌِي اُتِي هَلِيا لِنْبِي لوڙهُ ڪري (٢)
ڪانڌِي اُتِي هَلِيا لِنْبِي لوڙهُ مَٿاءِ
تا تَهِين ساعَتَ ۾ پاتُسِ روحُ پُٺاءِ
"أدخُل الرُوحُ في العبد في القَبراء"
اُتِي وينو گورَ ۾ ناٿڳو سين سُيا (٣)
ٻہ مَلَڪَ پَيدا ٿِيا ڪَر ڏَمرِيا ڏُوئا
پَسِي پارَ سَندانِ ڄِي ڏُبيو ڏَرَ منجهاءِ
ٻاٿهونُ هُرلي جيڏيون مَٿَهِين..........
ٿِيُسِ واهيرو هيڪَلي ڪِيَ سَهِيِي سَٽَ
ٻہ مَلَڪَ پَيدا ٿِيا..........رآنُ بَرَنِ

(١) چيرا= ڪپڙا (٢) لوڙه= قبر (٣) سُيا= ٻڌو سان

........ چوٿدامَ ڪِي هِنيَڙو ناه سڌَيرُ
صالِحَنِ ڪَي....... جو پَسي آڙاهُ بارايَنِ
ڏُهاريَنِ ڪي ڏاڻي پارا ۽ ڪَرِ ڏُوٺا ڏمَرَ ڪَنِ
................. ياٺيان شَرٌ شَيطاناءِ
ڪِهڙو دِينُ تُهجو ڪِهڙو نَبِي مَڃِيندوءَ
ڪيهبي هُوءِ دِينَ ۾ ڪِهو رَبُ تِيوءِ
آللهُ ڏَٺِي مُنهنجو رازِقُ رَبُ غَفُورُ
دِينَ اِسلامَ مَڃيانْ ۽ محمَّد رسولُ
چَئِين جوابُ چِٽو ڪري پَلي جي پالبي
آجو تِٺي جَمَنَ ڪي آوتَڙ اوِيالبي
ڏُهارِي ڏوهَنِ جي ڪي ڳَرِي نہ ڪاءِ
جي واڳٺو هوءِ دُنيءَ ڪي چِٽو نہ ڳالهاءِ
ڏمَرِٺا ڏوهَنِ جي ڪَٺِوءِ هَٺَنِ ڪُرِنْج (١)
اُتِروءِ پُونءِ آڳاهِين منجها ميجالي مِڄَ (٢)
جِينْ پِيچارو پِچِينْ اُڏاٺي پَري
تِينْ ماهُ مَيت جو وَجي پِتِين وَري
سُجاتوءِ نہ سو ڏٺي جهِ اُپايو تو
ميڙيوءِ مالُ بٺن ڪي پانيوءِ آٿرِ اِيندو
مُون چِيو مَ تِٺا پايا، چِڏي سَپِ وِياءِ

(١) ڪرنج= گُرز (٢) مڄ= مِک

مَٽي آئِي ڏاڪَڙِيَ پائِي ٽانَ ٽِياءِ
مَٽي آئِي ڏاڪَڙِيَ پائِي ٽِيَن نہ مُورَ
سَپِي وِٿوءِ نِڪري ٿُو هي مَٽِي سُورَ
مَٽي آئِي ڏاڪَڙِيَ ٽِٽِي آهُڪِي وِيرَ
هُوءَ جا هُيَءِ اِڳئي ........ سُڳَنِ هِير
ڳَرِي ڪِلِٿو جَن سين ڇڏي وييسَ ڪبِيرَ
دَرَمانـدو دانـهون ڪري ويچارو تَهِ وِيرَ
وِينَتي واحِدَ کي آرَزوُ ڪري آپارَ
تورَءَ طاقتَ ناهِ ڪا سَپاجها سَتارَ
تون رحمانَ، رحيمُ تون، توئِي نالو غَفارُ
جي مُون ڏوهَ بخَشِئي تہ آؤُن ڪو پُڇان پارُ
مَرهِي ڏوکِي ڏِينه تَڏِه........... ربُ غفارَ
جُمِي راتِ جُو اُٿي پُرِئو روحُ بيهارَ
پِرَمِي گَهرِگهَرِ سکٿوَ نانگو جَه نِهارُ
آکِينْ پَسَنْ ڇَڏِئو سُئَنْ ڪَينَ ڪَنَنِ
جِيَ لَهلاتُ ڇڏؤ نہ سي ڪِئا دَرَ ڏِسَنِ
هِينْ فِڪرُ ڇَڏِئو پيرَ پَنڌُ نہ ڪَنِ
بانهِئين ٻَرُ ڇڏئو هَٿَ نہ ڪاجُون ڪَن
پيرَ مُنهُ گَڏِيا ڏُوڙِ ۾، ڏَڙُ نہ ڪَڏِهِ ڏَٿَنِ

ٻانڌو ٽِيو ٻَوارِئو ڦِڦڙ ٻورَ مُئِنِ
آدمِيَ جا اڱرا ”اَجرالله ترانِي“ ڪَنِ
جُسي ۾ ٽِٽِ ٻَئِي ڪَڙ ڪَڙ ڪِيو ڪِنئِنِ
رڳون رَتُ چَمُ ٽِرئو ٻِڇيءَ ڪاڻائُون ماهُ
چڙهِئو ٻُونِ هيِينْ تي ڪِرئو ڪَنڌِيَ ڏاهُ
رڳون رَتُ چَمُ ڳَرِئو جَهِرَ نہ لهندا
ڪِيانْ وري ڪِنئُنِ کي ٻاٽِهِي ڪِينڌا
مَقامُ مومِنن جو نَڪِي عِلتِيِنَ
ڪافِرُ ڪونِيَ ٻاٽِبا تَهِ نالو سِجِّيِن
جي واڳِيا بِهشتَ سين، هوءِ دوزخ مَنجِهينِ
قِيامَ ٽِيَندي ڪَڍِهين آسَرَ اِنَ آهين
قِيامَ ٽيندي ڪَڍِهين، آسَرَ اِنَ هُوندا
جي اڳِيان جي ٻويان سيَئِي اُٿِيَندا
جِيَندا جُڳن کي ڪَڍِهين نہ مَرندا
اُٻِيارِيا اُسَ ۾ وِهَڻُ نہ لَهندا
سِجُ ٽَپِي تاءُ ڪندو ٻَجِي نہ ڇُٽندا
کي ڇا ٿئِي هيٺ عَرشَ جِيَ، کي ٽِڙکِي ۾ ٽَپَندا
کي ڇَٽَر هيٺِ مُحمَد جي کي ڏُکَهِ ٻُوندا
سِپِجالا مُنافِقَنِ جا کَرُ چَڙهئو ٻَڙڪَندا

پَسِي هولُ حَشَر جو آسارا تِيَندا
دَوزخِي دَوزخَ ۾ هاكاريو هَجَندا
"فَباؤ بغضب عَليَ غَضَب والكافرين" هَميشهَ هُوندا
پَنجاه پَهرءِ جيڏوءِ ڏينهُ تيندو هيڪڙو تتي اُپِيَندا
"في يوم كان مقدار خمسين الف سنہ" آرتو اوتِيندا
تِتِ ڏُهارين جا فِي سي سَوديندا (١)
صالحَن كي سَجي هَتِ ساري صَحيفا ڏَبا
ڏُهارِيَنِ كي ٿِي پارا پُٺِياءُ پُوءِ كيبار (٢)
كونبا مِيزانَ ڏُونهِ جِتي تَسُو توريا
كَمِينا قادِرَ سين تِتِ كِها لركا كَندا
"قُل ياعبادي الذين اسرفو علي انفسهم لاتقنطوامن
الرحمة اِن الله يغضر الذبوب جمعيا اِنه هُوالغفور
الرحيم"مومن سبِ جُٺندا
شَفاعَتَ مُحَمدَ كي صِراطَ لايقَ لَنگهِيندا
پاڻي پاكُ حوضَ جو مِنو موكَ پِيَندا
لَذَتُون لكين مَنجهِيٺَي سَهسين سَوادَ پُجهندا
"وَسيق الذين اتقُوا ربهمَ الي الجَنّة" اُتي هَلندا
يهَندا تَهِين يِهشتَ ۾ جتي ڏُكَ نہ هُوندا

(١) اصل اٿين (٢) اصل اٿين

كــــوڙيــن پَريــن كَـــــريمَ جــا مومــن دانَ لهنــدا
هِيَ قِصَہ "كَنادَ" جوڙيٺو صالِحَ صَحُـي سٺيـنــدا
"آدَمَ" چوءِ الله كي هِـجِــي هِنـيا هيــكہ كَنــدا
پَسندا پــانَ پِـرِي، جــان كَلـمو شَـهادَتَ چُـونــدا
اشهد آن لا اِلـه الا الله وحده لا شريكـ لـه و اشهد آن محمد
عبده ورسوله
كاتب و مالكہ فقير حقير عزت بن مرحوم مغفور سليمان
تحرير في الا تاريخ ١٩ ماه شعبان سنہ ١٠٦٩

[illegible]

[illegible]

[illegible] بعض على غضب للكافرين [illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible] قل يا عبادي الذين اسرفوا على انفسهم لا تقنطوا

من رحمة الله ان الله يغفر الذنوب جميعا انه هو الغفور الرحيم [illegible]

[illegible]

[illegible] وسيق الذين اتقوا ربهم الى الجنة زمرا

[illegible]

[illegible]

[illegible] اشهد ان لا اله الا الله وحده لا شريك له

واشهد ان محمدا عبده ورسوله [illegible]

[illegible] شعبان سنة ١٠٦٦

## [۱۳]

# ايمان مفصل - ٢

### آمنة بالله

پهرائيـن الله مَـجِـيـان هِـيـانْ هِـيـکُ کـري
نہ تـہ جِـهـو تـوکُ کـو، نہ سٺو تـوکُ وري
آهـــي هُـونـسـدو سـو ڏٺـي هُـوٺ تہ جڳاءِ
سَـڀـي پَـرِيـنْ پـاکُ سـو پـانْ کـري جيـکـاءِ.

### و مَلائکتہ

مَلـکَ مِـڙيـاڻـي مَـجِـيا بَـندا سَـڀ سَـنـداسِ
مَنْجهـا نُـورَ خَـلقِيـا بـانهـپَ مَـنـجَهہ اُيـاسِ
نِـنـدَ نہ اُڃَ نہ بُـکَ کـا سَــدَ نہ آهـي تَـنِ
نہ نِـيشـانِـي جوءِ جِـي، تَـکـا جـا مُـڙسَـنِ .

### وکُتبہٖ

کِـتـيـبَ سَـپِيئي مَـجِـيـان آيـا جـي آيـاءِ
مُـکـا نَـبيـئـنِ کـي سـچـو اِيـهُ ڳـالـهاءِ
جـي نَبِـيَہ مــجـيـا آسـا هِـي سيئـي
آواڻـانْ وارِيـنِ جـي خَـبُـرون ڏيـئـي .

### ورُسُلہٖ

سَـڀ رَسُـولَ مـون مَجِـيـا سَـچـا ريہـارا

خَبر سَبِ خَلقَ کي ڏِيَنَ جي وارا
سَيوئِي سو مَجِيۀ جيکي چَياؤن
نِياپا نہ اوريان توڙانْ آنداؤن
جِينْ فَرمايو ڏِٺي تِيهِينْ چَياؤن ۔

## واليوم الآخر

ڏينۀ قِيامَتَ مَجِيان صَحِيُ تِينَدو ايۀ
ويندو جڳ مَرِي ڳرِي سُج تِينَدو ڏيۀ
صَحِيُ تِيَندو سامُهون سَندو ڏِينۀَ قِيامَ
تِکَ تِيَنِدي ڏاڪَڙِي دِرجَندا وَريامَ
جِنَ ديوَ ماڙهُو مِرونْ پَکَڙَ سَبَ خَلقَ
رَبُ رهندو هيکُ ڏِٺي ويندا مَرِي مَلَکَ
هُوندا مگر جَنَّتُو جيکي آهَلُ سَندَنِ
عَرشُ کُرسِي لَوحُ قَلَمُ ۽ پُڻِ رُوحَ چَوَنِ ۔

## وَالقَدرِ خَيرِهِ وَ شَرِّهِ مَنَ الله تعالي

خَيروءِ شَروءِ يايان پاهنجي ڏِٺياءَ تہ
واتاءَ وِهَرِي پُوئان جسي يانسيان پِياءَ
خَيرَ مِ راضِي مُون ڏِٺي ۽ شَرَّتا بيزارُ
تيهيءَ اِنَ صِفتَ مِ کَندو کونہ کُوارُ ۔

## وَالبَعثِ بَعدِ المَوتُ

جِيَاريا جَڏهِين مَرَڻَ پُڄاڻاءِ
ليکو ضَحِيُ ٿِيَندو جو تَڳو ڏِيَاءِ
نہ مارِيا ڪَڏهِين جِيئَڻُ جاڻَکِيتا
ميڙي مَنجهہ مَهِنديئي هُئو مؤمِنين سان
ڏِيَهُو توبَہَ توفيقَ سين ڏوهَنُون ڏاتارَ
سُوٿا شِرڪِئا ڪُفرَ ڪَلماءِ ٿِيَهُ تَنَ بيزارَ (١)
ڄاڻِي ٻُجهِي جي ڪِيَہُ نَنڍيا وڏا ڏوهَ
تَنِئُون اوباهو ٿِيئِي ربَ تُنهجي توهَ
رَبَ رکُ مون شِرڪَ ڳُجها پَڌِرا ڏوهَ
جي نَنڍيا وڏا ڪُفرَ ڪافِرَ ہِ ٿياءِ
آڇاڻندي ڪِيامِ جي تَنِي لَهان ياءِ
آڇاڻِندي جي ڪِيَهُ پَسَہُ ڏوهَ آپارَ
مَڳَندي مَرهِين تون سَڀاجها ستارَ
ڪي ڳُجها ڪي پَڌرا هِي جي ڏوهَ ڪِيوهُ
سڀاجها ٻاجَهہ ڪري مَرهِين سَڀ سَندوهُ
عَرِبياءِ سِنڌي ڪِئِي ” حاجي “ بَيتَ ڪري
تہ سِگَھُ سُهڪِي ٿِئي آبوجَهن وَڙي

---

(١) سوٿا= سُٺا، ڀَلا

سِـــنــــڌي آهــي سُـهڪِــي سِـــڪــڻُ اپوجَهــــن
پـــانـــهــجــي وائــيءَ پَـــروڙي سِگهــائِي سِـــکَنِ
مَــرهـي تَــنـي کي مُون ڏنــي ڪملــون چــيو جَـنِ.
لا الـه اِلا الله محمد رسول الله.

[۱۴]

# ايمان مفصل -۳

## آبڨعي يا تيد وصلاتي ٽَڪتا

پهرائين اللهُ مَڃيا تانْ ٿِيي پوءِ مَلِڪاسِ
أيا جي فرمانَ ۾ سَڀِ بَندا سَنداسِ.

### وَالكُتُبِهِ

ڪِيتبَ سَيئِي مَڃِيا ۽ مَڃِيا قرآنُ
مَٿي آيئو مُرسَلا اِيهُ سَچو فَرمانُ .

### وَرُسُلِهِ

صِدقَ مَنجها مَڃيا سَڀِ سنداسِ رَسُولَ
هُوئا بُزرِگوارَ جي چوڪِي مَنجها نُورَ.

### وَاليَومِ الآخِر

ڏِينهُ مَحشرُ ڪي مَڃِيا، مَڃيا ڏينهُ قِيامَ
ڪَسَ ٿِيَندي ڏاڪَڙي دِرجَنْدا وريامَ .

### وَلقدرِ خيرهِ وشرِّهِ مِنَ الله تعاليٰ

خَيروءِ شَرَوءِ پانيانْ ساٿيءِ پاراءِ سَڀُ
خيرَ ۾ راضي ٿِئي، شَرَ نه راضي رَبُ .

### وَالبَعثُ بَعدِ المَوتِ

جِيَنْ هَتوئِي پِري مَرَڻُ ٿِيَندو حَقُ

وِيَــــڙا وَهِـــــي سَــيڪَــهَيـــن اڳـــي لِــڏو ڏَڪُ

”سَـــڪَرَ ڏِني“ سِنـــــڏِي ڪِئي صِفَتَ هِـــيءَ ايمـــانَ

تَـــنِ سَـــيِئِـــي پُنـــيون جـــي ڪَـــلمـــي ســـانَ.

لا اِلـه اِلاالله محمد رسول الله

---

[١٥]

## عقيدي جو اقرار

### اللهُ رَبِّي

اَللهُ ڏِئي مُـهِـجـو جَهِين آپائينو ڏِيـهُ
صِفَتُنِ خـالِقَ جي نَـكو پانـدُ نـہ چيـهُ
ماڙهو مَلَـڪَ جِنَ پَـرِي ۽ جـي اُڏامَـنِ چـُـرَنِ
جَـرِ كوڙين لَـكَ پَدم وَرِي سَبِ صِفَـتون كَنِ
كَهِ صِفتاءَ هيكَـڙيءَ سَـاڙاهَ تِـئا نـہ پُـجَـهـنِ.

### وَ مُحَمَّدَ رسولي

مُحَمَّدُ رَسُولُ مُهجو جـوَ سـينـگـارُ سَـيِنِ
ڏِئيـو نَبـيَنِ ۾ خـاتَـمُ رَسُـولَـنِ
شَفـاعَتَ حَبِـيبَ جـيءَ مَـحـرُومَ كِـيمَ تِيَنِ
شَـفـاعَـتَ حبيـبَ جـي مـتي مؤمِـنَنِ
مُـٿي پُـجـاٿاءَ ڳورَ ۾ پِنيا پُـٺِ مـاڳَ چـُـوَنِ.

### وَالقرآنُ اِمامِي

قُرآنُ مَـهنـدارُ مُـهـجو تَـنهِ نـالـو فُـرقـانُ
نـازِلُ تِـيوءَ نبـيءَ كي خـداءِ جـو فَـرمـانُ
سُـئي جَـنِـي مَـجـئـو پُـورو تَـنِ اِيمـانُ
چَـگَـايـون قِـيـامَ جـون تِـشاءَ لَـهنـدا دانُ

جَنِـــي جـــو بَـــيانْ، چِيــانْ كِيـــو نہ ٿِـــي.

## وَالكَعبَةُ قِبلَتِي

كَعَبَةُ الله قِبلو مُهجو، جَـو جـو تَـكِـي مـاڳْ
جَـنِي كَهِــي ســو پيـئِوءِ وڏو تَنِ ســياڳْ
قـارُونـاءِ كـوڙيـن پَـريــن جَـنِي ڏوه كِـيـا
جُہ داخِـلُ تِـيـا تہ مَـگَرُ حَـرامُ مومِـنيـن.
"وَمَـنَ دَخَـلَهُ كـانَ آمَنا" جـانـكـيتا جِـيا .

## وَالمُؤمِنُون اِخوانِي

مـؤمِـنَ يـارَ مِـنـهـجـا جَـنِ كَلَـمو واتِ
نَمـازَ روزا زَكـواةَ حَـجَ پُـنِ كَنَـدا تـاتِ
خُـورُون قَـصَـر ميـوا مـاڙيُون خـداءِ ڏِيـنـدُنِ ڏاتِ
جُہ لِقاءِ حاصِـلُ تِيـو تہ سَـبِ وانـدايُـون واتِ.

## وَالاِسلامُ دِينِي

اِسلامُ دِيــنُ مُهـجـو ثـابِـتُ كـري سِـكـيجِ
سَنشِينِ واتُ جِڏي كري وِنگيءِ تانَ مَ هَليـسـجِ
چَــگَايُـون چِـتِ كـري مَنِــيءِ كَــنُ مَ ڏِيـجِ
لِـڏو كِـتابَـنِ ۾ ســو پُـنِ صَحـيُ سُئِـيجَ
"الاِسلامُ هُوَ الاِنقِيادُ الاَ وامِرَ الله تعـالِي وَلاِجتِـناب
عَنِ النَواهِي" كَنُ اِنَ كي ڏِيجِ

آنڈَنُ ڪَنڌُ مَحَبُ هِنيو اِيه پورو اسلام
تَهِ جو گُنهه مَ نامُ، جانئي ڏوهُ پرائين ۔
فرضَ واجِبَ سُنّتون مُستَحِبَ مَڪروهُ مُباحَ
جَني حرامَ ٿارِيا تَنِ گَرِ پرينْ آهَ
قِيامَ ڏينهَ مَنجهاءِ، جَهُ سَبُ لهندا پُورهوءِ ۔

لا اله الالله محمد رسول الله

[١٦]

# كلمات كفر

## [حرام كم]

بسم الله الرحمٰن الرحيم

خَبَرَ ڪتابَنِ ۾ لِکِئَل آهي
آنڌوهيجي مُصطفيٰ وينو مات ڪري
اصحابَنِ پُڇهئو اڄ آنڌوهيا آپارَ
هَتَ پَڌي آدَبُ ڪري اُبيتا چوڌارَ
اي سَباجهاسُپرين سَرَوَرَ سُونهارا
ڪِهي ويٺِ آنڌوهيِنْ سَچا پيارا
چَيائين گاٺُر پَري ڪارَڻِ اُمَتَيِنِ
پيهي ايندو هيڪڙو زَمانو ۾ تَنِ
راتيِنْ مومِنَ هُوندا ڏِينهَ ڪافِرَ ٿيندا
ڪُفرَ ڪَلِما تَنِ ڪانْءُ پيو نہ لهندا
ڪُفرَ ڪَلمي ڪُفُرَ ٿيئِي شال ڪري مَ ڪوءِ
توليِ ۾ اِسلامَ جي حُجَتَ جَهْلُ نہ هوءِ
ڪُفرَ ڪَلمو جَهِ پوءَ جوءِ حَرامُ چَوَنِ
تہ پَرِ تِني گَڏِيئہ ڪَرِ زِناؤنْ ڪَنِ
اِي جي تہ گَڏِجَٺاءِ حَملُ رَهي ڪوءِ

لِڌو ڪِتابَنِ ۾ حَرامِ زادو هوءِ
عِلمَ نہ ڪَندو توڙِئُون ٿِيندو جَهلُ اَپارَ
ٿِيئُون ڏِيندا ڪُفرَ ۾ هُوندِيَنِ سُڌِ نہ سارَ
نہ ڄاٿا حالِ ڪَهِينَ ڏِيندا رُوحُ ڳِڙي
مُون تَنَ گهَٽو آنِدو هِيو ڪارَڻِ تَنِ وَڙي
ڪُفرَ ڪَلِماءُ مومِناهُ ڊِرجِي رکو پاڻُ
راتِو ڏِينها رَبَ کاءُ مَگِّجاهُ اِيمانُ
هِنِ لَفظَنِ ڪُفرُ ٿِئِي سِکِي يادِ ڌَرِيہُ
جِينَ پاهِجي رَبَ سِين ڪو شَرِيڪُ ڪَرِيہُ
نَبِيَّنُونَ هيڪڙو ڪِ مَلڪَنُونَ ڪوءِ
مَجِهُ ڪِنَ ڪِتابَ سَڀِ ڪِ قِيامَ نہ پوءِ
خيرُ شَرَ ءِ سَڀِڪي ڀانيوءِ نہ تَنهِ ڏانهُ
ڪِ ڪو شَڪُ جِيَڻَ ۾ ڪَرِهُ جو مَرَڻَ پُواءُ
وَڄُ چَڱِي هاجَ ڪَرِ ڪو چوءِ ڪَهِين کِي
چوءِ توءِ نہ ڪندُسِ ڪَڏِهِينَ جِي رَبُ فرمائِي
ڄاٿِي ڏِٿِي ڪَمُ ڪِيئُمِ ڪِٿو نہ هوئِسِ
ڪُوڙِي ڳُواهِي رَبَ ڏِي سَچِي ڪُفرُ ٿِيوسِ
چارِ جوئِيُنَ مُڙِسَنِ کي رَبَ حَلالِ ڪِيوءِ
هُوءِ چوءِ مُونَ سِين ظُلمُ ٿِيو فَرمائِي پِيوءِ

کو چوءِ پاھِجي جوءِ کي اِيَ کافِرِ خُوارَ
ھُوءَ چوءِ اِيَھِين آھِيانْ توڙي ڏارِ مَ ڏار
کا مُصِيبَتَ کي کَھِينْ رَبي ڏُونھُ خُداءِ
ھُو چوءِ مُون سين ظُلمُ ٿيو ڪيو جو نہ جُڳاءِ
۽ پُڻِ کو چوي کي کَھِين کَرِ نِمازَ جَواءِ
ھُو چوءِ مُون کي ڏِٺي نِمازِيَ نہ کِٿاءِ
کِ وَرِي اِيَھِينْ چوي نہ سُگَنِ سُھامِ
نَمازَ کَرِيانْ کَنِ کي نہ جوءِ نہ وِيامِ (١)
کِ وَرِي کِينَ حَرامَ کي بِسمِ الله پَڙھي
کِ ڪافِرَ کي مومِناءُ چَڱو چوءِ کَري
کِ گَڏِجَڻُ تِھِينْ جوءِ سين جا تِرْيَ چَڏِياءِ (٢)
رِءَ ڏِني مُڙِسَ پِٺي حَلالَ کِين تِياءِ
کِ چَڏِي ھُوئِي پَيَڙَ کِي پِيْ سِي چَوَنِ (٣)
رِءَ نِکاح پِيْ مِڙي تہ کافِرَ لِگَنِ (۴)
مُھْڙُ مُسلِمُ آھِيان کو چوءِ کَھِين کِي
ھُو چوءِ لعنَتَ مُسِلمانِيءَ تُھجي اُتي
ھِنِ سَيِنِي لفظِينْ چَئي مومِنُ کافِرُ ھوءِ
کُفرَ پَئي نِمازوُن روزَا کَري قَبُوْل

(١) نہ زال اٿم نہ اولاد اٿم (٢) ترِي چڏياءِ= ٽي طلاقون ڏيئي ڇڏيل (٣) پيَڙ= زال (۴) مِڙي=
ملي، گڏجي

بازِي نَردِ کِ شِطرِنجَ کِ قُمارِ رَوَنِ
کَرِنْدِي هَٿَنِ سِيڻْ بِسمِ اللهِ چَوَنِ
کِ کَهِي پارِ خُداءِ کِي اِشارَتَ کَري
کِ تَهِ سَندِي ذاتِ ۾ صُورَتَ فِکرُ ڌَري
کِ چَوَنِ ڏَٺِي نَبِيءَ جانِدا آهِينِ
عِلمُ غَيبُ خُداءِ رِءَ ٻِي کِي کَهِينْ مَ ڏِينِ
کِ ڦُري اِسلامَ کِي پاڻا آڻِي مالُ
کافِرُ ٿِيو تائِينْ کِي ياڻِي کَري حَلالُ
هاجَ کَمُ تَهِ پاڻَ جِي کِ بيعِ سَندِي تَنِ
جِي ياڻِي حَلالُ کَري تَه کافِرُ لِکَنِ
کِ پُسِ آڻِي چورِئِي کِ وَرِي ٺراڻُ کَري (١)
جِينْ ياڻِي حَلالُ کَري تَه کافِرُ ٿِيو پَري
جوئِينْ ڏِيَرُ جَنِ جُون پاهَرِ ٿِيُون ٻِرَنِ
رِيسَ نَه هوءِ تَنِ کِي سڀِي ڏيُوسَ لِکَنِ
جانِدا ڏوهُ کَري ٿِي ڏيُوسَ کِيا (٢)
پَر جِي نَه جانِدا ڏوهُ کَري تَه کافِرَ ٿِيا
کِ شَرابُ کِ ڀَنگَ پَنگِئِي کِ پِيو اِهوءِ
ياڻِي جِي حَلالُ کَري تَه کافِرِ ٿِيوءِ

---

(١)ٺراڻ= ٺپ پاٽاري (٢) کِيا = خماريا

ڪِ غِيبَتَ حَسَدُ ڪِلَ چِتَرِ ڪِ آهَلِين ڪِيوءَ
ياٺِئِي جي حَلالُ ڪري تہ ڪَافِرَنِيُون ٿِيوءَ
گَنڌِجَڻُ حَيضَ نِفاسَ ۾ ڪِ ڪِيَءِ ڏُبِراءَ
ياٺِئِي جي حَلالُ ڪري تہ ڪافِرُ ٿِيو تِياءَ
ڪِ ڪري سَجِدو گورَ ڪي ڪِ وَرِي ڪِبي بُتَنِ
ڪُفَرُ ٿِيسُ اِنَ پَرِ جِينءَ ڪافِرَ ڪَنِ
سَبِاجها ٻاجَهہ ڪري مُون ڪُفُراءِ رکِيجِ
جانْ پَسانْ لِقاءَ تنو، نَبِيَ سين مِيڙِيجِ
ڪَلِمُو جَنِي واتَ ۾ سِبي سَيْ چُوتائِيجِ .

لا الـه اِلا الله محّمد رسول الله

## كلمات كفر كہ در بانگ نماز

بانگَ ۾ كُفُرَ بانگَهِ، ڏَهين ماڳين هوءِ
جنو چڱي اُستادَ رِءَ سِكي صَحِيُ نہ چوءِ
جي اَللهُ ماڳِ آلاهُ چَوءِ، اَكبرُ ماڳِ اَكبارُ
ايہ ٻنو كُفُرَ بانگَ ۾ چوءِ جي چُوٿِهارُ
ٽِرؤ اَشهدَ ۾ وڏِيَ شِيناءُ چُوَنُ نَنڍِي سِينَ
ايہُ كُفرُ بانگَنِ ٻن جائِنِ سِكہِ جِينُ نہ
ٻ اَشهَدُ ۾ هي سين مَٿي خَلِقي حَيُ
چوٿون كُفرُ ايہُ جانُ بانگو بانگَ چُنڊي چَٿي
پَنجون چوٿِينُ شدّ رِءَ ٻ جي اِلا اللهُ
ڇَهون اَشهَدُ اَلفُ رِءَ پِهرِينِ جي چُونداهُ
سَتوءُ مُحمّدُ مَدَّ سين مُحامَدُ جي چوءِ
بانگَ ۾ بانگن كي ايہُ پُنِ كُفرُ هوءِ
اَٺوءُ اَلفَ سين حايَ علي الصلواه حَيّ
نوؤن پُڻ ٽِئي چُوٿَنُ حايَ علي الفلاح
ڏهون حيّ شدَ رِءِ چُوتَنُ هَر پُئي جي حَيّ
آهي كُفرُ بانگَ ۾ خَطا كَرِهُ مَ كِي.

---

اسلامي شريعت جي سکيا لاءِ ڪتاب

## [١٨]

## ڪتاب شريعت

بسم الله الرحمٰن الرحيم

عِلمُ شَرِيعتَ جــو سِڪَـڻُ فــَرضُ سَـبِـنِ
توحِيـُد، نِمازَ، روزا، حَيضُ ۽ نـفاسُ چَوَنِ.
پـاڙهـايُوءُ جوئـِنِ کي، ڏيـئـُنِ پـيـئُـنِ ڏاهَ
جيُـتـا جن سيــکاريـو، بِي پـَرواهَ نــ آهَ
پـُڇائـبـا اِن لـَگِ گـهـڻو عِــتابُ ڪري
”کُلُّکم راعٍ کُلُّکُم مَسئولٌ عَن رَعِيَتـِہ“ نـَبِيُ فَرمائي.
جوئــيــن ڏيـــَرُ چَگيـَان پـَردي رکـــيـــجِ
تـــوڙي وِلــهــا ڏيــنــهـَڙا تــہ يـَرُ هــمـَت ڏيـــجِ
جوئـيــن ڏيبيـَرُ جَنِ جيـُون پــاهـَرِ ٿيون پــِرَن
رِيس نـہ پــوءِ تـَن کي سي ڏيُــوسَ لِــکـَن (١)
جي جاڻـَنِ ڏوهُ ڪَري، تـي ڏيُــوسَ ٿـيـا
جي نـہ جاڻـَنِ ڏوه ڪري، تـہ ڪافِـرَ ٿــيـا.
بِنهـِي پـَتـيـن پُڇِبَا نـَظـرُ ڪـري نِهـــارِ
جي مـَنجهان اِنِي هـُئين تہ نمَازَ مَ ڪـــارِ
ڪـائُـون، ڪارايـُہ حَلالُ، پـَڇُون ڪانءُ حَــرامَ
مـَتان لـُڏئـين لِکَ سـيـنءَ وِهاڻــيءَ وَربـامَ.

---

(١) ريس= غيرت، ساڙ

كوءِ سو هورو كَنڌُ سين كيوهُ آندرِ چاهِ (١)
وَرُ جان ماني رُڪَڙي جهِ كاڏي پئو ناهِ
پَرهايُهُ ٻانهن كي جين پَرَهُ خاصو پاڻِ
خَطا كَنِ، بخَشَ كَرِهُ، مرَ مارِيهسُهُ سَٽراڻِ
كَڙي ڏَٽيَسِ زَنجيرَ ۾ ڏِبو ٻانهي هَٿِ
هِتِ رَنجاڪُ تَنِ كي اِيَ نہ چَڱِي مَتِ
تو پِڻِ جيُتَڻَ آسَرو تَهين جي دَراءَ
بخَشِ خَطائُون هِتِ ٻِنَ، تہ هُتِ تُسي تو راءَ
پاڙو اوڙو تيسءَ كَرِ جين نہ ڏُكوئِجَنِ
پاٽاءَ چَڱو ٻنَن گُهرُ، اِي ڳالهين مُڙسَنِ.
ماءَ پِياٽي حَقَ ۾، پوڙهائي هوءِ جاهُ
رِءَ خوُشنودِي اِنِ جيَ جَنتين نہ مُيَداهُ (٢)
رَحمتَ گهٽي اُميدَ كَرِهُ دِرجُون عَذاباءَ
جي نہ جاٽي ڏوهُ كري توڙي نہ ڏوهوءِ
كافرَ تيئي، ٻاتِفاقِ مَنجهہ كتيبَنِ چوءِ (٣)
اَمرُ نَهي جَنِ كيئو بسابُ وَڏائي تَنِ
ڏُوٽِئو پَلَ كري چَڱَيَ آجِيُ هَسِنِ.
رَبُ فرمائي تين جو دِرجُ مرَ كيٽي دَراءِ
رِباٽِي مرَ ماٿِ كر توڙي سگو پاءِ (٤)

---

(١) هورو= پورو، گرانهہ (٢) مُيَداه= مُنجندا، موكليندا (٣) كتيبن كتابن
(٤) اصل آٿين

رکڻُ حقُ اللهَ جو ايندو ڏوهُ نہ ڪوءِ
سُٺہِ هيين ڪنَنِ سين مُخبرُ صادقُ چوءِ.
ڪُنجُ قناعتَ صبر ٻجهہ، رزقُ رازقَ ڏانہُ ياءِ
مُتوڪلُ وَس ڏٺيءِ، مَ واجهاءِ ٻئاءِ
جين ٺڪسڻ سين چيڏيءُ ننديا وڏا ڪاجَ
مَ يانشيجِ ڪسہ ٻئي ڏانہُ اللهَ جي هاجَ.
جيڪي رَسي رَبَ ڏانہُ تہ ۾ گهرُ آڏيجِ
هيهين جَهلُ ڪري پاڻَ مَ وجائيجِ.
پريتَ رکي رَبَ سين جي حسدُون اورانگهينِ
لکيوءُ آهي نَصَ ۾ پَڄُ تہ خَبرَ ڏينِ.
سَلامتَ ساري ڏجاهُ امانتَ ڏٺين
پرائي ڏُرهَنِ جي رَبُ نہ تُسي تَنِ (١).
عذابَنِ ۾ نِڪتُو ڪبو تنَنِ عذابُ
حَقُ پَرائو جي ڏُرهَنِ ڪوري ڪَن خرابُ.
ڏجاهُ قرضُ اللهَ لگِ سُودُ مَ مَجيجاهُ
تَنَ پانهجي پاٺيي مَگرُ مَ ڏيجاهُ
ڏجاهُ آنُ اگهہ ڪري ڪ حبہ جهو پوءِ
پوري ڪاسين ڦٽرو جو اگهہ بازار هوءِ.
جي ڏئي ڏهَ جُوارِ ڪو، اُتي ڏهہ گهُنِ (٢).

(١) ڏرهن= تڪين. تُسيُ= مرهي، بخش ڪري. (٢) گهُنِ= ڪٽڪ.

ڪِ تَه وَرِي ڏِئي ڏه جُوارِ ڪو اُتي ڏهَ جوَنِ.
بِنهِي پَتين مُجِرو ڏِيو اگهُه بسازارِ
جي نہ تہ جوَ جوَنِ سين، جُوارِ سين جُوارِ.
گَهٽِي چيتراڻُ ڪري هِي جي پوکِينِ پُون (۱)
ڪيترِيون خُواريون تَن ۽ لِکِئون ڏِٺُون مون
پُون جَنِي جِين پوکِيُون آهڙِي تَنِي ڏِيسهُ
پاهجي حَلالَ ڪي مرَ ضائِعا ڪرِيهُ.

[روزا]

روزا نِيَتُنِ سين ٽِري وِيهُون فَرضَنِ
واروآرَ سَيڪَهِين سنَياري نِيَتَ ڪَنِ (۲)
جي ٽِريهَن ۾ هيڪَڙي کو نِيَتَ ڪري
تہ روزي رِءَ هيڪڙي بِئَنوءُ پوءِ پڙهي.
ٽِري توڪَ روزو پَجي، ڪِيڻُ، پِيَڻُ، جَماعُ چوَنِ
اِنِ رِءَ بِئا مَڪرُوه حِيّاءُ روزو جي نہ پَجَنِ.
صُبحَ صادِقُ اُيرِي تا اُلهَندو سِيءَ
اِن وِچ ۾ روزو فرضُ هوءِ نَبِيَ فرمايو اِيئَ
زَحمتِي ڪِ سَفرِ، جو ٽِري ڏِينهين هوءِ
جي رکِي سگهي تہ رکي، جي نہ تہ موڪَلَ چوءِ.
مسوتي جُم گهرِ آيو ڪِ چڱو ٿِيئوءِ

(۱) چيتران= چدائي. پُون= زمين (۲) وارورآر= ڏينهون ڏينهن، هرهڪ ڏينهن

سوا تان قضا ڪري اُتس ڪونہ پئوءِ (١)
جان ننڍڙي ڪيرُ ڏي، ڪ ورِ حاملَ هوءِ
ڪ بنديخاني ڏاڪڙي، تن حق پُٺِ ايَ چوءِ.
مگر صاحبَ حيضَ جا، ڪ نفاسَ ورِي
سا مَ رکي روزا، مَ نمازَ ڪري
چُٽاءِ چڱي ٿيئي سوا تان سا ڏري
نمازون بخش ٿيون مسُورِ مَ گُذاري.
مڙي مَ مُڙسَ سين انِ پنهي حالتِ
جي پائينِ حلالُ سو تہ ڪافرَ ٿينِ.

[نماز]

پترہَ فرضَ نمازَ ۾، ٽري غُسلَ ۾ چونِ
ٽري تيممَ، چارِ مسحي، ساري ڪجاهُ تنِ.
سترہَ رڪعتون فرضَ، وترُ واجبُ ٽري
قضا حقِ وترَ ڪي، حُڪمَ فرضَ جيَ ڏي.
جہُ وترُ قضا ٿيو، جان جاڳندي ۾ سُتو
گذاروءِ نہ پري تہ تسہ رءِ وقتُ پئو.
جي وقتُ تنگ ٿيو ڪ وِسرِ ٿياسِ
جيَ وقتَ لڳ ويا ساقطُ ترتيباس.
ستَ فرضَ ايمانَ جا ۽ مذهبَ چارِ

(١) سوا= سوئي

پُنيوُن چارِ رسولَ جيوُن، پَنجَ قبلا سار.
(١) تَنديَ وَڏيَ شَهادَ جي معنيٰ فرضُ سڪيج
رءِ واحِدَ خُداءِ، شَريڪُسِ نہ ڪو بيو
جَہ پانهِپَ جُڳاءِ، تاهِ ذَتِيَ مَوجُودُ ڪو.
گُواهِيِ ڏيان ڪو ناهِ ذَتِي مَگرِ هيڪُ اَللهُ
مُحمدُ آيوءُ حَقِ ڳري ريبارو تہ ڏاهُ (٢).
مُسلمانِي پَنجَ توڪَ، جا بِناءَ چوَنِ
شَهادَ، نِمازَ، روزا، زڪواةَ پنجوءُ حَجِ وَجَنِ.

[زڪواة]

مالَ زڪواةَ حَجُ فرضُ آهي سَگهَ جَهِين
تان جي سَگهي نہ ڪري تہ ڪونهس ڪين.
مومِنُ ڪينِي هاجَ ۾ ڪو دَرماندو پوءِ
(٢). ياري ڏِهو ڪسي تَهِني جيڪا واڳِنا هوءِ
جي دَرماندا هيڪڙا، اُيا بيا ڪِلَنِ
گهَٽو ڪوجهي ۾ ڪُوڙي اِيَ پَرَ مومِنِ
هيڪ بِني جو اگرو، ٿُڙُ هيڪُ سَيِنِ
جِين ڪو تاءُ ڏُڪويو تہ وَجي سُڪُ بِتَنِ.
جي تو گُوندَرَ نہ تِيني ڪَني جي سُوراءُ

(١) شهاد= ڪلمر طيب (٢) ڳري= ڪان، وٺان (٣) ياري ڏهو= سات ڏيو، همراهي ڪريو. واڳناهوءِ= تعلق هجي، مصروف هجو.

تہ تنُون ياءُ نہ مسومنا، نہ آدَمَ وِياءُ (١)
ساهيٺي سان واٽَ ۾ ڪرين نفاقُ مَ ڪوءِ (٢)
ليڪي چوڪو پايَپي جيٺن سَوائي هوءِ.
عِلمُ سَيوٺي اِنَ ۾ ڳالهين جٺين لِڪَنِ
سِکي اُتنِ ڪمُ ڪَرِ، چَيو عسالِمَنِ.
هُشياري فرضَ ڪسِ، نَفلُ ڪَري تجارَ
بيٺي جاٺاءِ حَلالَ ۾ تييُ حراماءُ ڏار (٣)
ٽريٺي جاٺاءِ ڳالهاءُ سَڄُ، ڪُوڙُ مَ ڳالهائيج
چوٿين جاٺاءِ نَفعي لِڳُ، ڪوءِ مَ ڏڪوئيج.
فَرضُ ڪِفايَہَ تَنِ ڪي چَيو عالِمَنِ
جي ڳُذارينِ هيڪَڙا، اُناءُ لهي بيٺَنِ.
ڇِڪَ جَوابُ سَلامَ چوءُ پَرَ جيينَ هُٺي سُٺينِ (٤)
عيدَ نِمازَ مَيتَ پڙهِ اَمرُ نَهي ڪَرينِ.
عَزا ڪافِرَنِ سينِ، پُڇَڻُ رَنجُورَنِ
تان جين اُتي ڪافِرا مومِنَ چَڙهي وَڃَنِ
ڪجين اُتي مومِنا ڪافِرَ چَڙهي اچن
وِڙهڻُ فرَضُ عَينُ چوءِ جوئيين ۽ مڙسَنِ
پُڌٿو پاٺياءُ ڪَڌُ، وَاٽَ- مُوڙهي ڪَرڻُ هَٿُ
بُکيٺي کينُ، اُجيٺي پاٺي، نيهَرَڻُ مَيَتُ.

(١) وياءُ= اولادُ (٢) ساهيٺي= لهٺيدار (٣) جاٺاءِ= جاءِ، شمار ڪرڻ (٤) ڇِڪ= زور سان.

جڏهن مَرڻ اوڏو ٿيو مُنهن قبلي ڪَريج
سَچو پاسو يَرَ سُمهاري ڪَلمو شهادت چئيج.
پهرائين طهارتَ ڏيهِس جو فائدَ ڪري
مُنهن هَٿَ ڌوئي، پيرَ ڌوئس، پاڻي نَڪِ واتُ مَ ڏئي.
سَچو پاسو اڳ ڌوئي تاءِ پوءِ ڪَبو ڌوئس
جَهلي وهاري سَٿون پاڻي پاءِ هيٺس
آسَڻِ آسَڻِ پيٽ ڪي ڪي پُڻ آڻيس
جيڪي تائين نِڪري سوئي هنڌ ڌوئس.
موٽي مَٿاءِ ٽي ڀيهَر غُسلُ مَ ڏيهس
پاڻيَ پائي ڀيرَ ٻنَ، ڪي ڪوسو ڪجاهس.
اُوناهَرو ڪِ ضرورُ هوءِ تازو آڻيجاهس
سُرهائي نَڪَ ڪفَنِ سين ساري لائيهِس
لفافُ ازارَ پيراهَنُ سَريئي تہ ويڙهس
جي نہ تہ جهوني لَهين تهوئي ڏيهس
جوئنِ ڪي پَنج چَوي جي سَرَندو هوءِ
ٽري اهيئي، چوٿيون دامني، سينابند پَنجوءِ
ايندا رُوحَ مڙي ڪري سَندا مائِترن
پَسي پسانهجا ڪَپڙا مَرڪَندو مِ تَن
ويندا سي ايمانَ سين ڪلمو چَيو جَن.

لا اله الا الله محمد رسول الله

# چار عَلَم

[illegible]

لا اله الا الله محمد رسول الله

بسم الله الرحمن الرحيم

سارا اهي سو في جو فالق خلق ته سدي فرجان [illegible]

ته اور كي كيتر اكو ذري بدم لكا ات ابا يا بادشاه عالم كنا الك

[illegible]

## [١٩]

## چار علم

(علم توحيد، نماز، روزا، حيض نفاس)

ساراهِجي ســو ذَاتِــي جــو خالــقُ خَلــقَ
تــَـهِ سَندِي فرمانَ ۾ مــاڙُهــو، مِروُ، مَلکَ.
تَــهِ اوڙکَنِ کيتــرا کــوڙيــن پَــدَمَ لَکَ
اَتِ اُپايا پــاتِــشــاهَ عــالــمَ گــهـٽا آلــکَ
کي هَلـَنِ، سـُرَن کي، کَنِي ڏِنائِين پَکَ
کي عــالمَ، عاقِــلَ کي، کي کِيائين بَکَ.
کَنِي گُـندرَ گُــذري قــــوڙائـــو ۽ بــُـکَ
کي سَرَهـا سيـٺَنِ سين، کَنِي ڏنائين ڏُکَ.
کي کوجها، کي گورَڙا، کَنِي مُنهَ ۾ ڏِکَ
اِيَ پــَرِ پَسِي کيتَرا وَهَ چَڙهيا ۽ تــِکَ.
اسان واري واتَ کــَرِ، سائيـن لاهِين شــَکَ
مُـنجهــَنُ متان تِنهِيـن ٿِـيندي جِتِ پــَرَکَ.
مَــوَلــيٰ مُحتاجَنِ کي تــتِ تــُنــهـِجي رکَ
اَوکُٽِ کــِجِ مَ پــڌَرا واچايَءَ وَرَق.
مـُکــا نــَبِيَ مـُرسَلَ ريــبارا رَحــمانَ
خَبَرَ کَنِ خَلــقَ کي سُونـها مَتِ سـُجان.

سندا سايءَ سُپرين هُوئا مهربانَ
ڪَنبيا نہ ڪوڙنِ يَئي پَسي پَهلوانَ.
سَپِ چياؤن اُنِ کي مولي جا فرمانَ
کي اُپيا اِسلامَ ۾، ڪينءَ نَيا نہ نادانَ.
اَوتَڙِ ۾ اَياگيا جوڙيئي جُهگا ياڻَ
جيڪي وارين سي وَرَنِ، ڪونہ وَهيٺو پاڻَ
اِتِ اَندازو ناهِ ڪو اَسانهجي چاڻَ.
آهي ڪتابنَ ۾ خَبَرَ اِيَ ڪَري
جنہ پُڇيبا ڪَمنِ کي ماڙهُو، جِنَ، پَري
متان وِجهبہ وِچَ ۾ نَنڍي بَدُ پَري
اوڪارَٽو اُکري لَنگهيئين مانَ تَري. (١)
عِلمُ شَريعَتَ جو سِکُ ڪي، وَڃين جان نہ مَري
ڇوٽَڪي جي سيني ڏِسين اِيَ گَري (٢)
اِلاهي "عثمان" چوءِ تا ڪي ڏِيهُون چاڻُ
تہ اُتي اڳئين پَندَ جو پُڇُهون ڪو پَرياڻُ.
اَسان کي شَريعَتَ جو عِلمُ ڪَرِ آسانُ
تہ سِکَهُون ۽ پَڙهُون، توفيقَ ڏِيهُون ڏانُ.
ڪوهِ نہ سِکو ماڙهُوئا عِلمُ شَريعَتَ جو
تَہِ ۾ ناهِ ڏِکُ، غافِلَ مَ ٿيئو.

---

(١) اوڪارٽو= تڙ، لانگهو (٢) ڇوٽڪو= ڇوٽڪارو، نجات. گَري= ڳلي، وات

مُسلماني مُورُ جي سي ٿوڪائي پَنجَ
سِکو گهَٽي يقِينَ سين مَنجها لاهي رَنجَ
تان پِي وِيندي پِريَ ڏُونهُ وچان پوءِ نہ ڪَنجُ.
هيڪڙو شهادَه ڪَلِمو، ٻيو پَنجَ اَوقاتَ نمازَ
ٽِئو روزا رَمضانَ جا، چوٿِينَ مالَ زَڪواهٰ
پَنجوءُ هَلَڻُ حَجَ ڏُونهُ جيسن هوءِ وَهيا واٽَ.
زڪواه ڏِيڻُ، حَجُ ڪرڻ، مَٿي ياگِ پَرِيَنِ
فَرضُ نہ آهِينِ اِي ٻئو اُتي فَقِيرَنِ
سَبِيَتِ شهادَه ڪَلمو يقِينَ سين چَيوءُ
تَہ سَندي معنيٰ جَا، پُڇِي سَبِ سِکوءُ
"لا اِلہ اِلا الله" هِنَ پِرَ سا ٻُڌوءُ.
ناه ڏَٺِي ڪو ڪِيتَهِين رِءَ هيڪَڙي اللهَ
سِجُ چَندرُ تارا ڪَٽيُون پُونٿي اَيَ گُواهَ.
"مُحَمدُ رَسُولُ الله" موڪَليَو الله جو مُحَمدُ رَبارو
سَيِني سو ڪارَٽِي سانئِيَ پِيارو.
"اَشهَدُ اَنَ لاَ اِلہ اِلاَ الله" گُواهي ڏِيان سَچَ سين،
سَچِي سَچَ مَنجهاءُ
جين ڪونهي ٻيو اِلہُ، هُئو ۽ هُوندو، جو آهي سو اَللهُ.
"وحَدَهُ لا شَرِيڪَ لَہُ" واحِدُ ڏَٺِي سو هيڪڙو، تَہ ياٺِي
نہ ڪوءِ (١)

(١) ياٺي= ياٺيوار، شريڪ

نہ تہ سين وَزِيرُ ڪو، جيڪي ڪري سو هوءِ.
"وَاَشهَدُ اَنّ مُحمدُ عَبدُہُ ورسُولُہُ" ۽ پُڻ گُواهي ڏيان
سَچَ سين، سَچي سَچَ مَنجهاءُ
مُحَمدُ بانِهو اَللهَ جو مُڪائِس باجهاءُ
سَيني سو ڪارئي سَيني سو راءُ.
چارِ عِلمَ فَرضَ جي سِکڻُ سَيني کي
اِعانتَ اَللهَ جيَ بَيانُ ڪيا سي.
جيکي گُهري پاتِشاهُ تَنِ توفيقوُن ڏي
"يَهدِي مَنّ يَشاءُ" مُوڙها واتَ ڪري.
پَر مَنجها اِني سَيُکو کيو ڏارَ بَيانُ
تہ سِکَڻُ سُهکو تِني اَبوجَهنِ آسانُ.

[علم توحيد]

تَني مَنجها پِهرو عِلمُ توحيدُ جاڻُ
سَيي پَرين هيکڙو سائِينءَ کي سُجاڻُ.
جِيان چوءُ ڏَئي هيکڙو هِيين ۾ ڪرِ ويساهُ
اَللهُ آهي هيکڙو ڪونهي بِيو اَللهُ
تَہِ سين شَرِيڪُ ناہِ ڪو مُلڪَ تي سِواہُ.
يائِي هُئو تَہ سين جي ڪو بِيو اَللهُ
تہ پُونئي اَيَ ڏِرهي پيا، تِئُنِ پاڻَ ۾ ڪاہُ
"لوَڪانَ فِيهمُا آلِهَہ اِلاّ اللہ لَفسَدَتا" مگر هيڪُ اَللهُ.

نہ تَهِين شَرِيڪُ ڪوءِ، نَڪو پِنَ پَرِيانُ
"ڪُن" وِجَ ۾ سَڀڪو سَندو تنهِ فَرمانُ
"اِذا أرادَ شَيئا اَن يَقُولَ لَهُ ڪُنْ فَيڪُونُ" ايڏوئي سُلطانُ.
وَڻَ ٽِڻَ اوڀَرِ آپَ پُونسيءِ نَنڍِي نہ نِنڍُرون ڪَنِ
تَرَ ڏُونگرَ بَحرَ پيپٽِيون نڪو پانڌُ پَٽَنِ.
ڳاڃُ نہ لَڀيٿي پَڪَٿا، بَهُون بَهچڻَ ڪَن (١)
سُرَنِ سَهسين سُرُٿا، نَڪو جِيئُ مرُنِ.
خَلقَتُون خالِقَ جِيُون پَتو پِتَ ڏِسَنِ
اِي سَڀيٿي ذَٽِي ڪِي راتو ڏِينہَ گُهَرن.
سَڀِ اُپايا پاتِشاهَ، سَڀِني سنو مَنِ
هيڪَڙائِيَ اُتي ذَٽِيَ جِي سَڀِ دلالَت ڪَنِ
"وَدلّت عَليٰ وحَدانِيتهِ آياتُهُ" نيشانيون مُوڙَهنِ.

[علمر نماز]

پِيو عِلمُ نِمازَ جو چَئِجي، ڪِجي گُهٽي دَرِياءُ
نہ لَڀي سوٻَ سَڀِين پِرين مولي جي دَراءُ.
تَنہِ ۾ آهِينِ ڪيتَرا فَرضَ ۽ واجِبَ
سُنتون ۽ مَڪرُوه مُستَحَبَ اَدَبَ.
پُڇِي سڪو سَڀِڪي سَچِي ڪري طَلَبَ
نہ نِمازاءِ پُورِي تِشي جِين فرمائي رَبَ.

(١) ڳاڃ= ڳاڻيٽو، شمار. بهون= تمام گهڻا. بهچڻ= گهڻو وياءُ.

جاڻي نماز، هيڪڙي جين کو وڃائي
آسي حُقبہِ دوزخ ۾ وڃهبو تائي (۱)
آها ٿين ڪيترا نظرُ ڪري نهارِ
چہ هزارَ ۽ چارِ سنہ، ليکين ۾ شُمارِ
اِن پڄاڻاءِ ڪڏهين تيلا پُوندو پارِ.
جاڻي وقتُ هيڪڙو وڃايو جهين
عذابُ مُدتَ هيترِي هُوندو کي تهين،
جني وقتَ وڃايا قضا تا نہ ڪياءِ
کيَ جُتندا کہِ پرِ، واءِ تني کي واءِ!
جيکو موٽي سچَ سين ۽ توبہَ ڪري
ڏوہَ تہِ جا پاتشاہُ اڳيان سبِ مرهي.
پر نماز اُتائُسِ نہ لهي، قضا جا نہ ڪري.
گُواهي بي نمازَ جي سُجي نہ ڪيهين
پُڇو گهڻو پُڇڻَ ۾ جي ڪري تيهين
نمازُون ۽ مُستحب ساري جن ڪيا
سي ويندا جنّتَ ۾ رہَ حسابَ وهيا (۲)
[علم روزا]
ترئو علمُ رمضانَ جو روزا رکڻُ جاڻُ
نہ توسين توہُ ڪري، آرهو تئي شيطانُ.

(۱) تائي= ڪٿي، تہائي. (۲) وهيا= هليا

حَدَ روزي جبي ليکِ سا ڳاڙهائِي کِيڻَ سِيڻ
آسُورا ئِي ڏِينهُ سَپُ، سِجُ اُلهَندو سِيڻ.
کِيٺاءُ پِيٺاءُ، پَتَرِ سُمَهٺاءُ هِيَ جَهلجي پاڻُ
روزي ۾ سَيکَهِين نِيتَ فَرضُ ڄاڻُ
نہ رِهاءِ نِيتَ رِءَ، مَتان ٿِئي آڃاڻُ.
جيسِکو نِيتَ نہ کَسري ۽ روزا ڏَري (١)
سو پاڻَ کي پاٺهِي ڄَفا ڄارَ کري (١)
جي کَهِ کاوءُ ک پِيو ک پَٽَرِ سُتو
اِنِ ٽِرِنيائِيَ هيکَڙو جي ڄاٺِي کَهِ کِيو
سَبِنِ کِتابَنِ ۾ روزو تَهِ ڀَڳو
کفارَہ پِيِيسَ تہِ جي، جي نِيتَ سين هُئو.
کَفارَہ ناهِ نِيتَ رِءَ اِيَ پُٺِ ڳالهِہ ٻُجهو
مَتو کَفارَہ جو پُڇِي سو سِکو
جي هوءِ سو سَگهَہ سين تہ بانِهو آزادُ کري
ناهَ تہ روزا ٻہِ ماهَ لڳو لَڳِ ڏَري
تان جي ڀَڃي وِچَ ۾ کو روزو ڄارِ کري
تہ اِڳِيان سَندسِ نہ پَرَنِ، ٻِيهارَ سَڀِ ڏَرَي. (٣)
جوءِ کي جي وِچَ ۾ عُذرُ ڏُسائي
تہ بارِ ڄَٽِڻِ اڳِيان، پويَنِ ۾ ڀانئي

(١) ڏري= رکي (٢) جفاجار= سختي ۽ جٺ (٣) ڏسائي= ڏسي، ڏيکائي ڏئي.

جَٽَنَ نہ آهي اِنِ ڪي جُھ وِجهجَنِ لاهي
۽ جي روزا رکِي نہ سَگهي ڪَهِين عُذرِ ڪري
تہ سَٺِنِ فَقِيرَنِ کي کارائي وَري.
ڪَفارَہ روزي جي ڏِيڻي تان جي ٻيو پيڳاءِ
ٻيهارِ پوئِسِ اِنِ پَرِ، مه٦٠ٺو ڪَمِ ڪِياءِ.
پَرَ جي ڪَفارَہ نہ ڏَناءِ، روزا گهٽا ڪاءِ
تہ ڪَفارَہ هيڪڙِي ٻِي نہ پوئِسِ ڪاءِ
پَرَ قَضا سَبِ ڏَرِيندو جيڪي ڪي پيڳاءِ.
وِساري ۾ جي ڪَهِين کاوءُ ڪ پِيو ڪِ پَٽَرِ سُٺو
ڪَهِين گهاءِ نہ پَجِي روزو تہ سَندو (١)
ڪَفارَہ پوءِ نہ تَہ ڪي مَنجهِ ڪِتابَ لِڌو.
پَرَئو مُڙِسُ پِيندو جي ڪَهِين روزي ۾ ڏِٺو
پَرَ وِساري ۾ جي پِيئي هوءِ گهٽو اُجِيو
نہ چِٺِجي اُنَ کي، ”مَ پِيءُ تو روزو“
مَتان جيڏي اُجيو تِئي آتانگو (٢)
جي ڪو اُجِيو ڪِ ٻُکيو ڪِ آتانگو ٿِيو
سو مَ مَرِي، مَرُ پِئي هيءُ حيلو ڪيو.
ڪَکُ ڪِ ڪاٺِي ڪِ ڪَڙو ڪِ پَهَڻَ پورو

---

(١) گهاءِ طرح، سبب (٢) اتانگو= وياڪل، بيچين

اِنـِي مـَنجها هيڪڙو جي گِهي پهـرو
تـان پِي مَر ڪاءِ پـِئي، تَهِ ڪَفـارَه نـ پسوءِ مَنجهِ
ڪِتابَ لِڏو.
جي ڪَهِين جاٽِي هيڪڙو روزو جارَ پِگو
تَـهِ پـانَ ڪـي پـاٽـِهِي مـَگَرُ وِهـايـو (١).
[علمر حيض نفاس]
چوٿون عِلمُ ليڪِيان حَيضُ ۽ نِفاسُ (٢)
رَحِمَ مَنجها جوءِ جي، جُه رِڙهي رَتُ نَراسُ
رِءَ پَرهَڻِ ڏولَ سـيـن وَجِي ڏي مَ پـاسُ (٣)
وَرَ ويجِهي مَ سُمَهـي مـتـان ڪري گِراسُ
بـَئِي پـُونِ حـرامَ ۾ ڏُهلو تيئَنِ خلاصُ.
حَيضَ ۾ جي جوءِ سين ڪَهِين دُخُول ڪيو
وِڏاءِ هَـتُ حـرامَ ۾ ڏُهـارِي ٿـِـيـو.
توبـهَ زارِي مـَرَّ ڪـري ڪِي صَدَقو ڏي
تہ ٻاجِهيندُڙُ ٻاجههَ ڪري تُسي تَهِين ڪي.
مُڙسَنِ اوڏيُونَ مَ تِـيَنِ جان جان اِيءُ جالونِ
جي مِـڙَنِ مِـنـتَ ڪَـهِين تہ مَـگَـرُ ماڳونِ.
حَيضَ ٿـورائي ڏِينهَ ٽري، ڏهَ ڏِينهَ تَه مَـٿو
اِنا اُوٺو اَگِرو حَيضُ نہ چَئجي، مَنجهہ ڪِتابَ لِڏو (۴)

---

(١) وهايو= پرايو (٢) نراس= نَرن مان (٣) گِراس= ڪيس(۴) اوٺو= ٿورو. اگِرو= گهڻو، وڌ

جي ڏِنَاءِ ڏِينهِ هيڪڙي، ٻِئي ڏِينهِ ڪِينَ ڏِنَاءِ
تا پي پاهُون ئي وَرِي ٽِرئي ڏِينهِ پُٺِ ڏِنَاءِ
ٽرئي ڏِينهَ حَيضَ ٽيا مَنجهِ ڪِتابَ چَياءِ.
(١) تان جي اَجُ ڏِنائِين، صَباحَ پُٺِ ڏِنَاءِ
پُڇاٿاءِ ڏهنِ سين بِيهارَ ڪِينَ ڏِنَاءِ
تہ اِيُ حَيضُ نہ چَئجي مَنجهہِ ڪِتابَ لِڏاءِ
جي هُئو ڏِينهِ هيڪڙي بي ڏِينهِ نہ هوءُ
ڏِساياءِ ٽرِي ڏِينهِ، چوٿين پُٺِ وِيوءُ
پَنجين ڏِينهِ پَيدا ٽيو، ڇَهين نہ ڏِٺوءُ
وَجي ايهِيَ پَرِ سين ڏهنِ کي رَسيوءُ
ڏهئي ڏِينهَ حَيضُ ٽيا، پُڇي سَڀِ سِکو.
پَرَ جي هُئا پاڪَ ڏِينهَ اُني مَنجهہِ وَرِي
تَني ۾ غُسلُ ڪري ۽ روزا ڏَرِي
وَرَ وِيجهي مَ سُمَهيءِ ۽ جُہ نِمازَ ڪري.
ڏهنِ پُڇاٿاءِ جي ڏِنَاءِ تہ اِيُ حَيضُ نہ هوءِ
اِنَ وَهندي راتِ ڏِينهَ ٽوڙي وِچُ نہ پسوءِ.
(٢) گِڙَ چِڪي چاڪُ ٽيو، ڪِ نَڪيري هوءِ
جَہِ کي عادَتَ سَتَ ڏِينهَ حيضَ سَندي هوءِ
جي پَنجيَ پاڪَ ٽئي تہ مَرُ مَتَنو ڏوءِ

(١) صباح= سڀاڻي (٢) نکيري= ناڪيلي، نڪهيري

نِمازَ ڪري، روزا رکي، شَڪُ مَ پانئِي ڪوءِ.
اُوڻو ٿِئي عادَتَ ۾، جيڪي اڳَرِ پوءِ
مُستَحاضو چَئجي تَہِ ڪي جو رَتُ هِنَ پَرِ هوءِ.
ٽِرنِ ڏِينهَنِئُون ٿورڙو، ڪِ ڏَهنِئُون گهَٽوءِ
تَہِ ڪي حَيضُ نہ چَئجي، عُذر آهي ڪوءِ
دايَمُ وَهي جَہِ ڪي راتو ڏِينہَ ٿِيو.
بِئَنِ ۾ نِمازَ ڪري، حَيَضَ جا تارِوءُ
وَقتُ ڪري سَيڪو، نَئون مَسحو ڪِيوءُ
پَر ڏِينہَ حَيضَ جا وِسرِي تان جي تَهِين وِيا
تہ عَمَنِ سندا گوندرَين تَہِ سِرِ مِيتہَ ٿِيا.
وَقتَ سِين سَيَکهِين غُسلُ ڪري سا
پاسو ڏي مَ دِولَ سِين، وِيجهايا وِيا (١)
رِکي رَمَضاناءُ پسوءِ بِئا پڻ وِيہَ روزا
تہ ٽِريہَ ٿِينَسِ پاڪِيَ سندا، وِيہَ حَيضَ جا.
جيڪا جوءِ پاڪَ ٿِئِي ڏهين ڏِينہِ حَيضاءُ
جي سا سنُتِيَ دِولَ سِين اڳِهيَ غُسلاءُ
تہ رِهائِسِ اِنَ پَرِ بَنُدو ڪِتيباءُ.
پَرَ جيڪا جوءِ پاڪَ ٿِئي اڳِهي ڏهَنياءُ
نہ رِهاءِ غُسلَ رِءَ تَہِ سِين ڪَرڻُ جَماعُ

(١) ويجهايا ويا= ويم جي ڏينهن کي ويجهو.

جيڪي رکي تيترو پاڪيءَ پچائڻ
جنهن ۾ وهجي اُڪري، ڪ تسبيح چوءِ مُهاءُ
تان پڻ پُڻ رهاءِ سا اِڳهي غُسلاءُ.
توڪ نه رهين ڪيترا حيض واريءَ کي
متان ڪي غافل ٿئين، پُڇي سگهين سي.
نمازَ ڪرڻُ، روزا رکڻُ، تروءِ پڙهڻُ قرآنُ
مهت پهڻاءُ، مڙس ڳڏجڻاءُ، پُڻِ رکندي پاڻُ (١)
وڃي ڪعبه اللهَ کي متان ڪري طوافُ
حيض ۾ هتن سين پُڇي مَ مُصحافُ
پئي وينتي سيڪا ويني مسر ڪسري
آستغفارُ چوءِ، دُعائون پڙهي، ڪلمو پُڻ پڙهي.
حيضاءُ جڏ پاڪَ ٿئي تہ کيءَ ڪندي سا
نمازَ قضا مَ ڪري، پَرَ روزا ڌري قضا.
پن حيضن وچ جو سو پُڻ ياد ڪريہُ
تہ تورائي ڏينہَ پنرہ، ناہ گهٽائي ڇيہُ.
ڇهين يتاين ونڪُون حيضَ جيُون ڏسن (٢)
ڪارو، ڳاڙهو، ساوءُ، زردو، پنجوءُ ڦُلهارَ ونَ
ڇهين ونڪ خاڪِ جين منجهہ ڪتابَ لکن

(١) مهت پهڻ= مسجد ۾ گهڙڻ. رکندي پاڻ= پرهيز ڪندي(٢) ونڪون= (واحد ونڪ) رنگ، ورن.

جو آچو ٿــي نـِـڪري حِـيضُ سو نہ جڃَن.
نـفـاسُ جنهن جي رَتَ کـي چو جوءِ وِيـايَ هوءِ
تــہ مَٿو چاليہَ ڏِيـنـہَ، هِيَ سا حَدَ نہ ڪوءِ
جي پنهرَهين پاڪَ ٿِئي تہ مَرُ مـَٿو ڏوءِ
نِمازَ ڪري، روزا رکي، شَڪُ مَ پائنجي ڪوءِ.
رَتُ نِـفـاسَ جو جَہِ ڪي ڪِي ڪيتَرائِي ڏِيـنہَ
تان بِي پاڪَ هُوئي سا تورِي وِيہَ ڪ تِريہَ
تہ پُجاڻاءُ جي ڏنائِيـن وِيندي سِيءَ چالِيہَ
مِـڙِيـائِي نِفاسُ ٿِيا اِي سَـيِـئِي ڏِيـنہَ.
عادت هُـئي سَتَ ڏِيـنہَ نِـفاسَ مَـنجهہ جَهِين
جي پـَنجِيَ پاڪَ ٿِـئي وِئُس رَتُ وَهِـي
وِهنجِي سا نِمازَ ڪـري، رکَڻُ ناہِ تَهِين.
عادت هُئي ڏہ ڏِيـنہَ نِـفاسَ منجهہ جَهِين
چاليہ ڏينہ هُـوئا تَهِـين بـي پيري ڪَهِين
چالـِيهَئِي نِفاسَ ٿِيا، پـَڙهِـيا پُڄُ لَـهِي (١)
پـر جي چالِيهاءُ پوءِ رڙهِـئو رَتُ تَهِين (٢)
اِلهِي رَبَ سَبَاجِها رَحمَتَ مَگا جَهِ وِبرَ وَجِي ساهُ
اُجَ اُساتَ هِيُون دَرمانِدو آهَمُو ڪَٿِي پَساهُ
آڙَءِ جِيَ پُورَہَ پاڻهِي، مَلَڪُ پُڻ ڏَسائِي
ڪَرِڪا وِينَتِي ڪَرِيمَ ڪِي جَہَ ڪَلِمُو سو چائِي.
اِلهِي رَبَ سَبَاجِها رَحمَتَ مَگا چوڙِبنِ جِين گانو
رُوحُ جَسدان نِڪرِي مُحتاجُ ٿِيي بانُهو.
اِلهِي رَبَ سَبَاجِها رَحمَتَ مَگا غُسلُ ڏِيندا جَتِ
پاڻِي پاڪُ بانها صالِحَ رَبَ مِيڙِبهُون تَتِ.
اِلهِي رَبَ سَبَاجِها رَحمَتَ مَگا حَلالُ ڪَفَنُ ڏِيجِ

(۱) پرنان= سپرد ڪريان، حوالي ڪريان (۲) ورق زبون

آسِين ٻانَھا تُون ڏَنِي خَطائُون بَخشِيجِ.
اِلٰھِي رَبَ سَباجھا رَحمَتَ مَڱا تَنھ ڏُھلِي ويرَ
جِين ٻانھُون ٻَڌِي پِيرَ ھَلاڻَجِي قَبرَ مَٿِي.
جِتِي سَرگَس پاٽِئو، ٺَرِيَ پُڻ سيئِي سِيرَ (١)
جان جِيَرا ھُوئاسِ جُئِي پُڻِي سائِي پِيرَ.
اِلٰھِي رَبَ سَباجھا رَحمَتَ مَڱا گھران مَرِهَ سَيِنِ
جَنازِي پِوءِ جَھتَ ۾ جِين نِمازُون ڪَنِ
مُون ڪِي تَنِي مِيڙَئِينَ مُومِنَ جي چَئِيجَنِ
اِلٰھِي رَبَ سَباجھا رَحمَتَ مَڱا تَنھ ڏُھلِي ماڳِ
جِين رکجِي قَبرَ ۾ رُوحَ سِين ڇِڻِي لاڳِ
اِلٰھِي رَبَ سَباجھا رَحمَتَ مَڱا اَڏا جِين ڏِيندامِ (٢)
پَنجُھو وارِي دِهُ ڪري ڇَڏِي پَرِين وِيندامِ
مَنجھِ اونداھِي ڳوڙِهِيَ پُڇَڻَ ڪي اِيندامِ (٣)
اِلٰھِي رَبَ سَباجھا رَحمَتَ مَڱا تو ڳرھِيان حالُ
جِين ھِيڪلِي قَبرَ ۾ پُڇِبو سُوالُ
مَلَڪَ مُؤَڪَلَ ھَيبَتَ ھَٿان ھَيبَتَ پَرِ پُڇَنِ
جَھِين اڳِي جُدا جِيَ تہ وَھَي واتُ اُپَٽيوسِي
ڪِئا ڏَنـدَ ڏِسَنِ

(١) جنازو مقام ڏانهن هلي تہ سيراندي مقام طرف ۽ پير جيئرن ماٺهن ڏانهن ٿين
(٢) اَڏا= سامي کي ڍڪڻ لاءِ ڏڪ (٣) ڳوڙهي= قبر، گور

اِيهيَ ٻَرِ جو ضَعِيفُ ٻانهو ڪوهُ چُوندو تَنِ
فَضلِ تُهجي اُبَهي، تُون سَڀاجهو سَيِّنِ
اَکِين ڪَنَ سُوراخا نَڪَ جا، وِاتُ ٻِرَجِي ڪَيهَ
سَڀَ ٻَٿُونها ماڪُوڙِيُون اُهِڪي سُڄي ايهَ
آئُن سايَلُ سَيِّين ٻَرِين، تُون ڏاتارُ سَڀَهِين ڏيهَ.
اِلهِي رَبَ سَڀاجها رَحمَتَ مَڱا تَنهِ ڏُهلِي هَنڌِ
جِين مَيَتُ ڇِڏِي ڳورَ ۾ عَزِيزَ ٿِيَنِ ٻَنڌ.
اِلهِي رَبَ سَڀاجها رَحمَتَ مَڱا جِين ڦُوڙائنِ سيڻَ
ٻَسي حالُ مَيَتَ جو وَڃَهِ ٿِرمايُو نيڻَ
نِعمَتُون تَرڪِ ڪَرِي ٻَتو ٻَتين ڪيڻَ
ليڪنُ بَسِ ٿِئي ٻِتِ نہ ٻُوٽو وبڻَ.
اِلهِي رَبَ سَڀاجها رحمَتَ مَڱا جِين ٻِرِيَ نہ سُڄي نانءُ
ٻَيِرَ ٻُرِي ٻُڪُ ٿِئي ڳورَ نہ لَڀِي تانءُ
سَڙِي هَنڌ، ڳورَ ڏِرهِي، ٻِرِي ٻَچارَ نہ ٻوءِ
ڪيٿِهِين ڪوءِ نہ چوءِ، تہ ڪي هُيڙا ڪَڏهِين.
اِلهِي رَبَ سَڀاجها رحمَتَ مَڱا سَندي ڏِينهِ قِيامَ
ٻَلَہِ جِتِ ٻَيءُ ٿِيَندو ڊِرڄندا وَرِيامَ (١)
مُلا قاضِي سَما سُومَرا نَڪِي هُوندا ڄامَ
مومِنَ سَڀَ ڇُٽَندا وَٽِي مُحمدَ نامَ.

(١) ٻله = ٻَلن کي

الـهي رَبَ سَباجها رَحمتَ مـَگا جين آئبا ليهَ
چَگا مَنا ڪاگرَ ڪَئِي سـامهـان كـبـا ڏيـهَ .
الِهي رَبَ سَباجها رَحـمَتَ مَگا جِت ٿـيـَندي تانءَ
"فَرِيقٌ فِي الجَنه وَ فَرِيقٌ فِي النّارِ" وِيندا پاٿو آنءَ
الِهي رَبَ سَباجها رَحـمَتَ مَگا جين مَندِبو ميزانُ
عَمَلَ تورِيا تـهِ ۾ سَگهـَ تُهُجيَ سـانءُ
ڏوهَ ڏيهاٽِي مـون ڪـيا چَگو چِت نـه پـوءِ
جو تُـراڙي ۾ تُـرِي عَـمـَلَ نـه پَسان كـوءِ
جَنِي عَـمـَلَ نـه ڪـيا شـَرعَ چَڏيائـون پـيـرَ
سـي جِيارِجِهِ جَگَ ۾ ڪَهيِن مَ تِيَ ڪِي ويـرَ
"ڪـَنـدَرُ" چوءِ قـادِرَ ڏَنِي سـَپ پُجائـين مـان
بِـهِشـتَ ۾ لـِقاءَ تُهُجو پَسَهُون مُحـمـدَ سـان
وَجون تـه اِيـمانَ سـيـن ڪَـلِـمُو چَيو رَوان
لا اله الا الله محمد رسول الله

---

[٣١]

## قصو ڳورَ جو

پَڙ هوءَ ...... پار ، ڳالين سُٺوءُ ڳورَ جيوُن (١)
سُجي سوڙهي سَڳَرَي اُونداهي پَنوارَ
هوءِ هَڏهين ڏُورِ جين سَپَ پَٿوهَ ساجهارَ
ڏيهاڙي سَڏَ ڪري مِنا گهٽو موچارَ
پيٺي گهاريان پَٽَ ۾ آسَري اَپارَ
اَجهوءُ ڪو هِنَ مثون ڪري سَمرَ ڪري ساٿيارَ
جَهَرَ جوڙينديَس هَڪِئي سَنديِ وَرَ پَتارَ
ڏَڙَ اندرِ ڏُوڙِ ۾ هوڏاهُ وِيهون وَرِهَ نار
مُئي پُڄاڻاءَ ڪَڏهين ڪوءِ نہ لهندو سارَ
هيڪ ُ ڏهارئي ڏهلي ۽ مَرهياتَنِ موچارَ
هِنَ کي مَلَڪَ مانيٽا گهَٽو، هُنَ کي ڏَمَريدارَ (٢)
هِنِ کي سُوالُ جوابُ سُهُکو پُڇَنِ، هُنَ کي ڏِينِ مُحکَمُ مارَ
هِنِ کي چُونِ سُمُهُ سُکِ پَئي، هُنَ کي ڪئونسَنِ منجها ڪارَ
هُنَ کي جَرَ جيري جي اُيري هُن کي قُباسندا نورُ نبارَ
هُنِ کي دوزخ ديوارا ڪري، هِنِ کي ميوا گهٽو موچارَ
هوءِ پيا ڪامَنِ ڪَڏ ۾، هِي وِهُسَنِ وبري تارَ
هِي مَنَ چِندِؤ مائين ٿا ، هُنِ جيرو سَپَ چمارَ

---

(١) ڳور = گور قبر (٢) اصل اٿين

هِن سَهائِي "سَيدُ" چوءِ، هُنِ اُونداهِي اَپارَ
هُنِ جيئي پيئي ۾ پَسڻُ تِينءَ هِن اڱيان باغَ بهارَ
هُنِ کي ڏُونهون دوزخ جو، تِينءَ هِنِ کي ٿڌي جَنُ وَسڪارَ
هُوءِ هيڪُلا هورَ ۾، هِنِ کي وِندُرُون ويري تارَ
هُنِ ڳَرِسَپَ پَتُوها سَهڙَنِ، هِنِ کي حُورون پايو اَچَنِ هارَ
هُن سجدا کيا بُتَنِ کي، هِي ڪَنبيا پِئه قَهارَ
هِت پوکيندا هُتِ لُڻَدا، سَمَرُ سُهَندا سارَ
وينهِين وِيڙا ڪَڏِ ۾ ڪَندي سُورَ تَوارَ
وِهاڻِيءَ وِڳَر جَي تِيندي سَپَ سنيارَ
وجو تہ اِيمان سين ڪَلمو چيو جَبارَ
لا اِلٰه اِلا اللّٰهُ محمد رسول للّٰهُ

حشر نامه بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

سارا هجي سُڻو ذِڪر جو، اَيندڙ آب اول آهي تو ڏني بيو کنڊ سبب

وڏا ملڪ الله جا جڳا جار جُون، لِکي ڪتابن ۾ فرمايو ڏني

جتي ملڪن ۾ وڏو جبرئيل، ڪاغذ قلم هٿ جنهن، بيو سو ميڪائيل

ڪندي روح سڀڪنهن ترو سو عزرائيل، ٻيو ڏني صور هٿ جنهن جو سو اسرافيل فنا

متا صور ڦوڪيو آهي، درجي دراز ٻيو ڏني موا تانڪر آهي

جسم او جنتو ڪڏهين دوزخ ڪارائي جسم ڏيڻ جو رسيدي ٻڌو سو ڪاڪار

متا اچي موٽڻو ٻڌو سچ نه ڪاڻو ٻڌو، بيتي ڪارڻ وٺي آهي

عيش رسيدي ذاڪري بتر محمد دو جاءِ رکيا هڻ باج ڳري سائي وٺي

جاري خلق خدا ڪڍي بو هٿ ميدو ڏيڻ دوڪر لکيا دو ڪري سب سڀ تيار ڪيا

جي سا برف ٻيئي ڪارڻ سباري دو ڪرڪا ٻڌو بري ارحيق باري

دراهي ڪليو بدر سينو ميدان بابوا سا هنئي جي سو ڪيو ڳالهه

بود ٻڌي دو هنو جي شتو ڪا جور رحمتا جنين هڻن پيا تماشو سڀ

جاري وڙ صف ڪي ڪليو جي فرمان بابو دو بڌي دو هنو جن محمد

ڪني رهڻ ڪنهن هو دوان الله طلب بي فاطما ٻڌو جو دسياه

ٺٿرو

[۳۲]

## حشر نامو

بِسمِ اللهِ الرّحمٰنِ الرّحِيمِ

ساراھِجي سو ڏَڻِي جو اُپائِيندَڙُ اَپُ
اَوّلِ آخِرِ تُون ڏَڻِي ٻِيو ڪنبَندو سڀُ
وَڏا مَلَڪَ اَللہ جا چڱا چارِ چَوَنِ
لِڏو ڪِتابَنِ ۾ فَرمايو ڏَڻِيَنِ
چِٽِنِي مَلڪَنِ ۾ وَڏو جَبرَئِيلُ
ڪاغَذُ قَلَمُ هَٿِ جَهِين ٻِيو سو مِيڪائِيلُ
ڪَڍي رُوحُ سَڀِڪَهِين ٽِرِٽو سو عِزرائِيلُ
ڏِنِي ۡصُور هَٿِ جَهِين چوٿون اسرافِيلُ
مَٿان صُورَ مُنهِ ڪيو اُيو ئي آهي
دِرِجي دَراءِ پَئي ڏَڻِيَ واتان نہ لاهي
جِمَ اوچِتو ڪَڏهِين ڏُوڙِيو ڪارائي
جُمي ڏِينهِ جوڙَ ٿِيندي ٻُڌوسُون ڳالهاءِ
مَٿان آچِي موٽَندو ڏِيندو سِجُ نَڪاءِ
چِٽِي پُوندو پَٽَ ۾ ڪارو تِي قَهراءِ
وِيرَ ٿيندي ڏاڪَڙِي پُٽُر نہ مِڙَندو ماءِ
رڪِجاهُون باجَهہ ڪري سائِين تَنهِ ويراءِ
ماري خَلقَ خاڪِ ڪري پوءِ مُئِيندو رِبہَ

ڏونگرَ لَڳي ڏونگرين سَڀ تِيَندا ڪِيہَ
جِيسِن سا بـرِفَ وَسي ڳاري سِياري
ڏونگرَ ڳاريندو بَرِسن اِهِيئي پاري
ڊراهي ڪِبو پَڌرو سَيِوئي مَيدانُ
ٻُون اِينءَ ساهِبي جِين سو وِکو ڳاهُ (١)
ٻـون ڏَبندي ڏوهَنُو جِين سو ڪانجهو رَڃُ (٢)
مَانجِبي مِينهَن سِين اِيءُ تَماشو پَسُ
چاريہَ وَرِهَ مِينهَنِ کي ڪِبو جِين فَرمانُ (٣)
ٻُون ڏُبندِي ڏوهَنو جِتِ مُحمُد جامُ
ڪِينَ رَهندو ڪِيتِهِين، هُوندو پاڻِ اللهُ
طَلَبِبو پِيءُ فاطما، "ٻُيو" چوءِ سَباهُ
پِهرو جَبرَئِيلَ کي سائِين ڪوٺائي
سونهون اُتِيارِ ساٿَنِ جو اُمَتَ ميڙائي
نَظرَ اَڳِياءُ رَبَ جي آڻِبو بُراقُ
چاڙِهبو پِيءَ فاطِما جو نَبِيّان سُهاڳُ
چولُون ڏي سَمُوندُر جِين جَنہِ مُنہَ ۾ ياڳُ
بارَهَن هَزارَ مَلڪَنِ جا جُلهہ جَنہِ اَڳِياءُ
بہَ بارَهُون پاسَنِ ۾ پُٺِ بارَهن پُوئاءُ
چَئِين بارِهين اَئيتالِيهہَ سَهسَ هَلَنِ جِيڻي ساڻُ

(١) اصل ائين (٢) يعني جئن ڪنجهي جوٽانءُ وجي (٣) چاريہَ= چاليهہ

ڪوٺائـــِـبوَ ڪـارَڻـي واسـائـِـيو رَحـمــانُ
ٻُجهِي واڳَ بُــراقَ جي اِيـنـدو جَـبرَئــِـيـلُ
پُڇائِـبو ڀُــون ڪي ڪـيـتـي مُـحمـَـدُ مـــِـيرُ
ڀُــون ڪـَرِبـندِي دانـهَ ڀوءِ ته آڱُن لـَهان نه ڀاءُ
ڏونـگــَرَ لَڳِي ڏونـگـَرين ڪو.جو لَڳُنهِ واءُ
ڇُهي سِـين ڇِتُون ٿـِيا لڳِي صُــور مــٿاءُ
لَڳندي لـَـڪــَنِ سيـن وِٺُـمرِ هــَتُ وَهـــاءُ
تــان مُـون خَـبرَ نـاهِ ڪـا سـَچي مُـحمـّدَ ڪاءُ
خَبرَ ٻُــڌِوَ ڀُــون ڪـَناءُ اُبــِـيـنو ٻـاڏي
سائِـيـن خَـبَرَ نـه لـَهـــان آڱن وَڃان ڪـــاڏي
ڀَــيدا ڪَرِبـنهِس ڏيـهَ ڏَٽِي ڀاهِجي ٻاجَهـه ڪَري
وَنءُ جَـبرَئــِـيـلَ تـِـتهِـيـن جـِتي وَسـي نُـــورُ
تِـتي اُمـَـتَ ڪـارَڻِي ڀِيءُ فـــاطِمَـا رَسُـولُ
ٻـــِـيو ڀـــِـيرو بُـــراقَ کي آٽـــِـبو ڀـــِـيري
ســَـندا اُمـَـتَ ڪـارَڻِـي اُٿِـي ڇِڙُه گـهـوڙي
سَندا اُمــــَتَ ڪـــارَڻِي تــو ڪـــوٺـائي راءُ
اُٿِيَندي هِي اُمــَتَ ڪـــَرَ نـَبِيءُ پُڇائي
اي يــا جَـبرئــــِـيـلَ اُمـَتَ جِي ڪا خَـبرَ آهِي
اي يا جبرئيلَ اُمَتَ سين قــادِرَ ڪــوهُ ڪـِيو
تــوڙي تـُــرِ مـــِـيزانَ ۾ ڪـو حـِســابُ ٿــِـيو

يا مُحمدُ مُصطفيٰ چڙهي وَهلو آءُ
ليکو ڪَريهُون پانَ ۾ فَرمائي اَللهُ
سَيُ ڪاريُون پدّرو نَبيَ تو اڳِياءُ
مُبارَڪُ پيرَ يَري اوڏو جان ويوءُ
سرِي سَيِني گڏئو سَيا سَهنجائو
ويندو عَرشَ هيٺ پوءِ يَري مُبارَڪُ پيرَ
ڏينهِمِ ڏانَ وَڏا ڏٿي مُون وينتيَ ويرَ
حاجي غازِي عالِماَ ۽ تايبَ جُوآنَ
تنِي کي رکَ گهُران سَپاجهِا رَحمانَ
اِن چَئين تولَنِ سين جين عذابُ نہ هوءِ
تُون قادِرُ سچو ڏٿِي وڏو مُلڪُ سَندوءِ
خَبرَ آيسَنِ رَبَ جي نَبيَ بُڌي پانَ
تنِي سين توهُ ڪيو سَپاجهي رَحمانَ
تڏِهن صَحُي سَجِدي ۾ نَبيءُ پُوندو پوءِ
آؤُن وَجان آدَمَ کي جي مُون موڪَلَ هوءِ
خَبرَ آيسَنِ رَبَ جي وَنءُ وَهلو آءُ
ليکو ڪَريُهُون پانَ ۾ فَرمائي اَللهُ
مُبارڪُ پيرَ يَري وِيوءُ کي آدَمَ
ڏمَريو ڏيهُ ڏٿي وَڏا ڪري ڪَمَ
اُٿي آدَمَ اڳِي تِيُ تُون آسان وَڏيرو

مانَ تُسي توهُ ڪري پَسي تو پيرو
يا مُحمدَ مُصطفيٰ تُون پاٿِهي ڇاڻُ
ڏمرؤُ ڏيهَ ڏَٿِي ستَرائو ديوانُ
ڪِهَوءَ ڪَٽِي بِيراءُ جِين مُون ڪَڍِئائِين (١)
آسان ڪاڻِ اڪِينِ ۾ آهي تَتائِين
ڏمَرِ ڏاڍِي پَئي ڏَٿِي آڱُ ڍِرجان تِيان ني
نہَ چاٺان ڪِينءَ وَهي رَضا رَبانِي
نہ چاٺان ڪِينءَ وَهي رَباني پاراءُ
ڏِئي ڏوهَ بِئنِ ڪي ڪَرِي ڪَمَ اَللهُ.
وِيندو اِبراهِيمَ ڪي پِرَي مُبارَڪُ پيرَ (٢)
ستَرائِي قَضَ ٿِئي اَجُ تُهسنجِي ويسرَ
اُٿِي اِبراهِيمَ اَگِي تِي تون آسان وَڏيرو
مانَ تُسِي توهُ ڪَرِي پَسِي تو پيرو
يا مُحمَدَ مُصطفيٰ تُون پاٿِهي ڇاڻُ
ڏمَرِيسو ڏيهَ ڏَٿِي ستَراٿو دِيوَانُ
جَڏهِ مُون ڪي ڪافِرا وِڏو ۾ آڙاهَ
تَڏهِ پاڻَ ڏَٿِيءَ ڪي ڪِيَمِ ستَرائِي آهَ
جِين مُون ڪي آڙاهَ ۾ ڪَٽِي وِڌائِين
رکَ پاهِجي جِيءَ ڪي مُن گَهُرِي تيائِين

---

(١) اصل ائين (٢) اصل ، قصر

آسان ڪاڻِ اڪين ۾ آهي تنائين
نہ ڇاڻا ڪينءَ وَهي رَضا رَباني.
سُٺي ابراهيمَ ڪانءُ نَبيءُ موٽيو پوءِ
اُمتَ پسوءُ پاهجي رَتَ وَرَتُو روءِ
خَبرَ نيئي نُوحَ کي جَنهِ ويرَ ڏنائين
هَلُ وَڃَهُ ديوانَ ۾ جو سَيِن سائين
هَلُ وَڃَهُ ديوانَ ۾ پِرَ مُبارَڪَ پيرَ
سَتَرائي قَضَ ٿئي اَڄُ تُهنجي ويرَ
اُٿي نُوحَ اڳي ٿيءُ تُون آسان وَڏيرو
مانَ تُسي توهُ ڪري پِسي تو پيرو
يا مُحمدَ مُصطفيٰ تُون پاٺهي جاڻُ
ڏمرِوُ ڏيسهَ ڏٺي سَتَراٺُو ديوانُ
اُمتَ مَڱي پاهنجي مُون ڪاري غرقُ
آسان پاڻَ ڏٺيَ سين تان اِي ٿيو فرقُ
آسان ڪاڻِ اڪين ۾ تنائين تياءِ
تُون وُءُ يا مُحمَدا مُبارَڪَ پيراءِ.
واڳَ وَرائي موٽيو مٺيائين مُوسو
جَنهِ ڳالهايو رَبَ سين سُونهارو سَهجو
اُٿي مُوسيٰ اڳي ٿيءُ تون آسان وَڏيرو
مانَ تُسي توهُ ڪري پِسي تو پيرو

يا مُحمدَ مصطفيٰ تُسون پاَتِهي چانُ
ڏمرِئو ڏيهَ ڏَٿي سنرا ٿو ديوانُ
دَريا ۾ فرعونَ کي جين مون ٻوڙايو
اوپالو اللهَ جو تڏهِ مُون آيو
ٻُڌندي فرعَونَ پوءِ ٿري کيائي سَڏَ
"موسيٰ موسيٰ موسيٰ" مَتي آيئہ جڏَ
ترِنِ سَڏنُو هيڪڙو جي مُون کيائين
نہ ٻوڙايان فرعونَ کي فرمائي سائين
آسان کاڻِ اَکيتِ ۾ آهي تَتائيين
ڏمرِ ڏاڍي يَٿي ڏَٿي آوُن درجان تِپيائيين
نہ چاٿان کينءَ وَهي رَضا رَبانيٰ.
جَبرئيلَ چيو نَبيَ کي پُڄُ مَ کي پيا
جانئي چوتَکو ٿِئي پيٿي مَٿيئي نہ سا
بيبي پاڻَ پُٽرنِ جو اُپي مَگي دادُ
سُچندو عرش ۾ کَندي جو فَريادُ
جَني سَيدَ مارِيا خُوني مَگان سي
اَڄَ مرَندا جي مُوئا تَني دادُ ڏي
جَني سَيَدَ مارِيا رَبَ کهي ويٿاءُ
رَتَ وَرَني هَنجهہ وَهي بِيبيَ کي نيٿاءُ
ڏمروءُ ڏينهَ ڏَٿي پَسي بِيبيَ نال،

واسَٽِجي وَڏو ڏٽِي قادِرُ ڪَندو ڀالَ
مُبارَڪُ پيرَ پيَري وِيندو ٻِيبِيَ پارِ
اي فاطِمَہ اسانهاءَ ڪِ تو لاٽِي ڪارِ
تِت بِيبِيَ دانہَ ڪِٿِي پَسِي نَبِيَ پارَ
پِيا نَبِي سَپِ چانشُنِ ۾ تو ڪوءُ هِها هارَ
نَبِيَ سَپِ چانٺُنِ ۾ آوُن اُگهاڙي پيرين
تي ڏمرِئو ڏِيہَ ڏٽِي اُمَتَ ميڙائي
بخشِ خُونَ پُٽرَنَ جا سَچا گواہَ ڪَري
بِيبِيَ خُونُ بَخشِيا تِتِ نَبِيَ کي پاڻَ
اُمَتَ بَخشِي رَسُولَ کي سَپاجهي رَحمانَ
اَيُ تَتو پُون تَرامَٽِي تِٿِي سَٽراٽِي تِڪَ
سُنهاري پِيءُ فاطِمہ تِتِ تُهِجي رڪَ
ڏِينہُ تِيَندو هيڪَڙو بِٿِي سَيائِي راتِ
تِيندِي سارَ سَيڪَهِين وِهاٽِيَ پِرِياتِ
پِيوُن بَنِ ڏِيٿِي ڪَري ڪَرِيہُ تُنهجي تاتِ
اَمُرَ جي الله جا پارِيہُ پَرِ پَهاتِ
ڪَلِموُ ۽ نماز ساري روزا تِربہَ رڪِيہُ
چوتِين مالَ زَڪواہ جو پَنجُون حَجَ ڪَرِيہُ
فاتِحا مُحمدَ کي ساري رَساٽِيہُ
وَجُون تہ اِيمانَ سين ڪَلِمو پاڪُ پَڙِيہُ
لا اله الا الله محمد رسول الله

## [٣٣]

## قيامت نامو

آچي ڪِ آئِي، ڪونه شڪُ قيامَ ۾
سڀُ موٽَندو صُورَ لڳندِي، مَرنــدَا مِڙئِي
ٻيءُ نہ ٻُجَندو ڀُٽرَ کي، ڀائرَ نہ ڀائِي
مَا چُونَدِي ڀُٽَرَ کي آؤُن نہ اُهــائِي
نُو سين ٿِيـندِي نَفسِي اِهــڙِي اُهُڪائِـي
تَرَسِي تَهِين ڏِينهَ کي ڪَرِهُ سَمَرَ سانياهِي
عَرشُ ڪُرسِي لوحُ قَـلمُ هُونـدو ڀاڻِ ڏٺِـي
بهِشتَ دوزَخ رُوحَ ٻُـڻِ سَتِئي نہ فانِـي
واءُ لڳندو ويـرَ ته ڪندو ڀَهَڻَ ڀَٽِـي
ڏَرَ ڏُبَندي ڏَوُسَ ٿِيَندِي، ٻُوندا ڇِتَر ڇِٽِي
مِينهُ پوُندو ڀُون ڀِجندِي، ڀَجَندِي وَٽـراءِ
ڪونہ رَهندو ڪيتَهِيـن ڇَگو ڇُٽـي ڪـاءِ
ڇارِيهَ وَرِهَ ڇُونِ ڀَرِيا ڪَندِي صُورَ ڏَڪاءُ
ماڙهُو ايندا ٻَڏرِ تي، اُٿِي ڀوُن منجهاءُ
عَجَبُ ٿِيندُنِ اللهَ جـو تہ هوئا سُون ڪيـڏاهُ
هَلائِبا هَنڌِ تَهِين جِتي حَشَرَ گــاهُ
مَـهَندِ ماڙهُو، ٻِئِيَ مَلڪَ، ٿيندو هُلُ هُڳاءُ
سڀُ آٿـي ٿَنگِبو نيـزي پانَـدِ مَتاءُ

يـوُن تَـپَندِي ٿَرامِٽِي ٻَـنِـي مُوئَندِي تاءُ (١)
نو سـيـن ٿِيَـنـدي نَـفـسِـي وِسَـرَنـدو وِيـاءُ
پـانءُ كـَرِيـنـدو پَـڌرو سـائـين سـَچو راءُ
ڏِيـارِيـنـدو ڏيـهَ ڏَٿِـي آتُـو واڳــــراءُ
تـَـتِ دَڙِيـنـدو مـُصـطـفيٰ ڏُهـاربـَن وَٿَـاءُ
مَـولا اُمَـتَ مـُـهـُجـِي مـُون بَخشِ مِـهراءُ
واكــاٽِــسـؤُ وَڏو ڏَٿــي عــالـَـمَـنِ اَللهُ
اُمَتَ محمدَ مصطفيٰ كـي مَـولـي كـيءَ مُـباحُ
پَسـنـديـن پـِرِيَـنِ سـيــن لائِـقُ جـو لِـقـاءُ
مـاٽِـيـنديـن مـيـوا گـهـٽا جَـنِ سُـونـهـارو سـاءُ
وجــون نـہ ايــمـانَ سـين كَلـمـون چِيـو مُـهـاءُ
لااِلــه اِلا الله مـحـمـد رسـول الله

---

(١) مؤنندي= مٿيندي

## سزا ۽ جزا بابت مثالي قصا

### قصو جمجما بادشاھہ

ساراھِجي سو ڏَٺِي جوڙَ وڏي جوڙاءُ
مَرِي جي مَحوُ ٿيا تِن پُڻ ڏي ڳالاءُ
ڏِينهِ هيڪَڙي ڪَڏهين سائينءَ جي سَگهاءُ
مِهتَرِ عيسيٰ نبي آچي نِڱئو نَيءَ دَجلَہ ساءُ (١)
سِيِيَ هَڏو سَگَٺو ڏِنائين ڏُوراءُ
پِٺو آهي پَٽَ ۾ وِچڙوَ ڏِيلاءُ
نَہ تَہِ رَتُ نہ چَمُ ڪي، نَہ تَہِ وَهَ نہ ماهُ
ڪهُنو ڪَپارُ سو ڪَهِ اَکِيٺِين دُنياهُ
ڏَندَ ڪَنڊِنيوُن اُلٽِي پِيا پَٽِ چِٽِي
ميجالي مِڄ ڪَئِي ڳارِي ڏورُ ڪري
جِتي هُيو لنگهيو تِتِ ڪَڪَرُ ڪارو
ڪنَيؤُن ڪِيئُلِيوُن، سَپَنِ ساچارو
ماڪوڙِين مارا ڪِيا ڏِينَيوءُ رَهيا تَتِ
هَنڌُ بَرفان اُجَرو آچا پَلَيَ پَتِ

(١) نيءَ = ندي، نهر

عيسيٰ اَڳاهِيَ ٿِي سِسِي ڏِٺِيَ سَبَبِ
اُبَهِي اَدبَ ۾ دُعا مَنگِياءِ رَبِ
اُپائِيندڙَ مُون ڏَٺِي سائِينءَ تُون تونڙاءُ
ڪَبابُو ڪِيهَ ڪري تابِي تَهِ پُواءُ (١)
ناهِ ڏَٺِي ڪو تو جِهو هوءُ نہ هُوندو ڪوءِ
صِفَتين ۽ قُدرتين نہ ڪَهِ پَئِي پَروءِ
جُسِي جِسمَ پاڪَ تون سابَيءِ جي محتاجُ
تُسائيسِهِس مُون ڏَٺِي هِنَ..........
سَيائِي ڳالِ گُهران سِسِيَ هِنَ ڳراءُ
جِين مُونکي حالُ چوي مَتو سين پيراءُ
وَهِي جَبَرئيلُ آيو رَبَ سَندي فَرمان
عِيسيٰ پُڇُ جَهتِ ۾ ڪَڍو ڪاءِ نہ ڪانِ
عِيسيٰ اَڳاهُون اُسَرِي وِيو وَڏِيَ وِڪ
ڳالائيجِ مَ اَڳرو ڪا لاهِجِ مَ لِڪَ
سَلوءُ سِسِي سَچُ چوءِ ڪِهو حالُ سندوءِ
مُنهُ مونچارو تُهجو ڪِ ڪوجهو هُئوءِ
ڪِ تُون مَردُ بَخيلُ تو ڪِ ڪرُ خَيرُ ڪِئوءِ
ڪِ تُون هُوءِ مُسلِمُ ڪِ تون ڪافِرُ هوءِ
ڪِ تون هُوءِ اَڳوانُ ڪِ حِيجِبُ مِيرُ

---

(١) اصل اٿين

ڪِ تون هُوءِ بادِشاهُ ڪِ تون تَنِ وَزيرُ
تتِ سِسِيَ ڳالِ ڪِئي عيسيٰ اڳيان اِيئَ
آءُن هُئُو بادشاهُ هاٿي پَسِين هِيئَ
آءُ تِي سَيِکَهِين وَري پُڄِتِي باهَ (١)
جِيئَنَ سَنِدي دُنِيَ ۾ ڪَهِين نہ ڏِنِي آهَ
پاتاؤُن واتَ ۾ سَنِدو شربَتَ ساءُ
دارُو مَرَنَ مُقابلي آڇي ڪَمِ ڪُواءُ
سَتَرِ پيرا جِيَرو بَکرُ ڪُسي جِيَين
سا پَرِ مَتِي مون هُئِي ساهَ وِيندي سِيين
جي مونکي واتِي هُئِي تہ سا ڪرِيان دانہَ
سُڄِي جان آيَنِ ۾ پُوئِين ۽ بَحراهَ
ڇِهين پُڄاڻاءُ بَس تِيئي ڏِنو ڏِينہَ پَساءُ
جان صورتَ نِهاريان تان آڇي آئِنِياءُ
جان صورتَ نِهاريان تان ڇَهہَ مُنہَ چارَ هَٿاسِ
ڏِيلُ مُهجو ڏُبِوءُ پَسِي پارَ سَنداسِ
جان هَٿاسِ نِهارَيان تان سَندا سِينہَ پِلِنگَ
وَري وِجهندي مون مَٿي نہ تَهِ ڪِئي دِرنگَ
روحُ مُهُجو ڪَدِيُو نِڳِئو نَهَنِياءُ
عيسيٰ هوءُ حالُ جو ڳرهَنَ ڪاڄُ ڪُواءُ

---

(١)اصل اٿينَ

ڳَــرائِي مَــرَنَ جِــي جــانِ لَــڳِيـَمِ تـَهِ وِيرَ
ڏُرِي آهــي واتَ ۾ ســا ڪَرَ هاٿـِي هــيرَ
عــيسيٰ اُتـو جَمجمَ هــاٿــي ڳـرَهِ تِـروءَ
ســو مُون اڳِيـان نـه چَوِينِ جِـيڪي ڳورَ ڪڙُءَ
گهـوڙو آنداؤن ڪـانـوءُ مـونـڪي مَـرَنَ پُـواءُ
ڏَڙُ سينـگاري مُــهـُجــو رڪــوءُ اُنَ اُتـــاءُ
اُوپــاڙيائوُن سيـگـهِ ۾ مَنجـــو تَهِ ماڳِاءُ
نــجا ٿي مقــامَ ڏُونهُ جِينِي وَجــي واءُ (۱)
عـــالَــمُ سَــيُ آنـدوهِيــو پَرِيـا رُونِ جُــوانَ
مَـرَگِ پَسِي مُهُجِي سَــيِ تِـيا حـــيرانَ
مَـنجِهِ ڏَرِياؤن هِيتِ مون لِنبِي لوڙهه ڪري
گـورَ سَنباهي سِـيگهِ ۾ وِيــا پاڻ گهَري (۲)
سَـپِيــن پَٿُـوهِـيـن پَــرِنِي سوڙهي ڏِنِيَمِ سـيجَ
تـَهِرَ سارِيَمِ پاهجِي ماڙِي منجهـا هيــجَ
وَرِي وِڏائِين مامَرو چَـڙهِي ڏِنائِيـن چـوٽَ
ساءِ سَنِيـاهِي ڪِهَڙِي مُونـکي آنـدِيئي ڪـوٽَ
بِه مَـــلَـڪَ پَيدا ٿِيــا ڦــاڙِي پُـون پُٺا
ڏَمـــرَجِي ڏُوتَــنِ جِيــن دريجــارَنَ هُــوئـا
پــاٿُو آئِي ڳــالڙِي وَرِي پُــڇَــڻَ تِيــامِ

---

(۱) نجا ٿي = نياڻون ٿي. (۲) گهري = گهرين

سَپائِي چَئِي مُون جيڪي ڪَمَ ڪِيامِ
ڏَٺِي تُهنجو ڪِهڙو ۽ ڪِهڙو دينوءِ
نَبِي ڪِهڙو مَجيئِين سِگهو سَلوءُ سوءِ
نَجاٺان خُدائِي ڪي، نَڪِي ڪَهِ ديناءُ
راهَ جا رَسُولَ لَجِي خالِي هوسِ تِياءُ
جِيَ اُتَسلَنُ چَڏؤُ ڪري ڪونہ جوابُ
پِتو پَتِين تَنَ مُون ڪِياؤن عذابُ
گُرجَ مَگرَ پَرؤُ مون وِڏاؤُن اِيَ
پَجِؤُ هَنُ تَسُو تِيا خَس خَس داڻهِ جِيِيَ
وأرِئوُ سَئون سَجو ڪِيو مون ڪي پُچِياؤُن
ڪيهِي ڪَريان ڳالِڙِي عِيسيٰ اَجُ آؤُن
پاڻِي ڏِناؤنمِ دَوزَخِي ۽ زَقُومِي طعامُ
اِيَ پَرِ مَٺِي مون هُٿِي هَميشهَ مُلامُ
سَپَ پَٿُونهَا سَهسِين، سَئِين پَتِيِين جانارَ
ڏِينهاڻِي ڏاڙهِين مون چَنُ ڪُتا سِينهَ بگهاڙَ
نُو سَئِينَ پَنجاهَنِ سين پِئِي وَرِهَ تِيامِ
دايَمُ جي دوزخَ جا سَهَمَ سَپِ لَڌامِ
ڪَرَمُ مُهنجو وَڏوءُ تِيؤُ سَئون سَپاڳُ
جين تُون آؤُ مون ڳري جهاڳِي پَنڌُ اَجهاڳُ
عيسيٰ سُٺِي ڳالِ اِيَ آسارو تِيو

مَــرهِ گهُرِيــائِين مومِنهِ مُناجَاتَ ڪِيو
ڪـَنِ مَتي قَهرُ ڪَري سائيَ مرَ ڳائيـجِ
پـاهِجـي باجهہَ ڪَري مومِنَ سَڀِ رکيجِ
تـان عِيــسيٰ ساراهيو سَچو ربُ صَبوحُ
جـي ويــنو جَمجمَ سـائِيَ ڏِنُس رُوحُ (١)
مـومِـنُ مُسلمـانُ ٿِيو لاهي هِنيا وَنجهہَ
اُيو نَئي نمازَ ۾ وَڏِي ساجُهرَ سَنجهہَ
ڏِينهِ چارِيهين لَڏِوَ روزي مَنجهہ رَهِـي (٢)
پِسَهَنُو پِربَنِ سِين وِئُسِ ڏُکَ لَهِـيَ
وَجـي تـَني گَـڏِوُ جــي شَهيدَ ٿِيــا
اَهُڪـائِــي ۽ ڏاڪَـڙا چِـڏي سُــڪِ پِيـا
رکـياءِ دوسُ رَسُولَ ڪي هَلِيو سِين ايمـانَ
سَـيائِـي صافَ ٿِئِي جِيڪا هُيَس آنَ
سخاوت جِيـن رَسِنَسِ اِيَ بــرڪَتَ تَهِ سانَ
وجو تـہ ايمانَ سيــن ڪلمو چيو رَوان
لا اِله اِلا الله محمـــد رســـول الله

---

(١) چارِيهين = چاليهين (٢) جي وِيٺو = جيٺرو ٿيو

## [٣٥]

### قصوابو شحم

بسم الله الرحمٰن الرحيم

ساراهِجي سو ڏَڻي جو نَبيان راهُ
دُنيا وِيندي گُذَري مَنجِهس نه نِيباهُ
رَکُ سَيِني راڄيا مَتَن کَمَٽِياءُ (١)
آواتا واٽَ کَرِينءَ لَهي سَيِني پياءُ
اَکَرُ خَطا نه ٿِيئي لِڏو جو تورّاءُ
مِيرَ مُختيارَ اُمرا لَڏِيندا لُوئَاءُ
ڇَڏِيندا ڇِڄَنِ ڏَڻي وَڏايُون ۾ واءُ
ظُلمَ کَرِيندي دُنِيَ ۾ جَنِي ٿِيو نه ڊَراءُ
کِيَ کَرِيندو تَنِ سين. نَجاٿا اِڳياءُ
قِصو اَبُوشَحَمَ جو عُمَرَ جو وِياءُ
قِصو اَبُوشَحَمَ جو عُمَرَ جو فَرزَندُ
جَنِي سُوءُ کنَنِ سين جَنتَ تَنِي هَندُ
رُوءِ رِعايَتَ کَنِ جِسي بِنُڌو............
زانِي زِنا کَنِ جِسي کِبا سي سَنگِسار
جَنِي وارَ ڏيکارِيا پاسا پُنِيُون پيٽَ
هَلاٿِيُون هائِي مَٽي...............

---

(١) کمٽياءُ = ٻاجهه کري، بخش کري

مَري وِينداهُ ماڙُوئاءُ تان کو عَمل ڪَرِيهُ
سَرُ سَرُ آهيسُ ڏَٿيَکو چيتان ڪِيو پَرِيهُ (١)
عَمَلَ ڪِجاهُ ماڙُوئاءُ نِڪَڙَندي دُنياءُ
سَفَرُ هوءِ نہ سُهلو تو .... رِءَ توڙاءُ
لَڏي چُرِؤ لاڏکو نَبِي پَرڏيهاءُ
رُنو عَرشَ ڪُرسِيا لاهي پاندُ مُهاءُ
رُنو عرشَ ڪُرسِيا جِين نَبِيَ لَڏيو
تَهِيا پوءِ صديقَ پَلي ٿورو راڄُ ڪِيو
عُمرَ وينو خِلافَتَ ۾ دڙو هَتِ ڪِياءِ (٢)
جيڪي قولَ رَسُولَ جا پُڇِي پارِياءُ
جيڪي قول رَسُولَ جا پارَنُ ڪيهِيَ رِيتِ
نَهتَ وِهَنُ شرعَ ۾ نَهتَ مَنجِهہ مَسِيتِ
دِڙو عُمَرَ هَتِ ڪِيو ڪَنو عَلِيَ شَيرَ (٣)
گهَٽا وِيري ماريا تَہِ سُونهارِيَ ڪيڙَ
تَہِ سُونهارِيَ ڪيڙَ ۾ آبوشحمُ جُوئانُ
جَہِ پَرِ نَبِيَ پاڙِهيو تَہِ پَرِ پڙهي قُرآنُ
عُمَرَ وِيني مِهتِ ۾ عَدلُ ڪِيائِين
آبُوشَحم جَڏارُوءُ نِتي سُوائِين (٤)
توهُ تُهجو راڄِيا تَہِ وِيرَ مَڪِيائِين

---

(١) اصل ائين (٢) دڙو = دُرّو (٣) ڪَنو = ترار (٤) جَڏارئو = جڏو ٿيو، بيمار ٿيو.

صحبتَ اَبوشَحمَ کي ڏِينِين تون سائِين
صحبتَ اَبوشَحم کي پيو نہ مَگان گهَٽُ
نَبِيَ هاٿي لَڏيو اِيئُ پُٽِ سَڄَر ڦَٽُ
نَبِيَ لَڏي جِتِ چُرِئو سَيِنِ ميڙو تَتِ
ڪَرِيئُ عَمَل واٽَر سين تَن پَاهِنجي سَٽ
اَبُوشَحَمَ چَگو تِئو ڪِئي ماڙُسِ دُعا (١)
وِينا هُوئا مِهت ۾ مِڙِيا اَصحابا
سَيِئِي سَرَها تِيا جيڪي جِتِ هُوئا
اُٿِي اَبوُشحَمَ ڏي اُنِهي وِيرَ وِيا
اَچِي وِينا اَدَبَ ۾ اَبوءَ کي اَڱِياءَ (٢)
اُٿي عِلمُ نہ چَٽِين نَبِيَ پُڇاٺاءَ
آؤُن چوندو عِلمُ گهَٽو وَجَهُ نَبِيَ ڏي
ڪَرِٿُ تُسِي تِوهُ ڪري اللهُ اسان کي
مَنجها مَديني نِگيا ماڙُنِ گهَٽا سَهسَ (٣)
سوناؤُن سَرائِي سان لائيءَ چَڙهيا گسَ
اَعُوذ چَيائِين جَڏهين آهَرَ ڏَٺِيَ ڪري
وِينو روءِ سَيُڪو نَکو ماتِ ڪري
اَعُوذ چَيائِين جَڏهين رُنو اَصحابَنِ
آپِين آروچو تِيو اَنجُهہ رُنو مَلڪَنِ (٤)

---

(١) ماڙُسِ = ماڻهن (٢) ايوءَ = ابوشحم (٣) ماڙُن = ماڻهن (٤) آرچو = روچ راڙو ، انجهہ = هنجهون

نِمازَ ڪِياؤُن ٽرپَهَرِي آروَجُو لاهي
مَنِ مَدينيءَ نڪٽو اڳانجهو آهي
اَچي مِيرِ مَدينيءَ رَسِيا سَيِّيئي سُجانَ
اَبُوشحَمَ پوءِ ٿِيو هِيڪو هَتُ جُوانَ
مَنجهِ مَدينيءَ آيو سَيِوئي قُريشُ
اَبُوءَ سين ڪونہ هوءُ نہ خادِمِ نہ خويشُ
اڳِيان شيطانُ پِيدا ٿِيو هَرِيو ٿِي درويشُ (۱)
جِهو ٿِي رافِضِيا تہ ٿِهوئِي وِسُ
اَچي اُيو اَدبَ ۾ اَبوءَ کي اڳِياءُ
آؤُن توکي چڱو سُنها تون عُمَر جو وِياءُ
جَڏهِ تُون جَڏارُوُ سَيِّہَ ڏوهُنُوسِ
تہ ڏَرِيُ سَنباهي اَبوُشحَمَ کي ...........
آهان سَلِوءُ ڏَرِيُ سو جيڪو تو چِيو
سَرو پائي دارُونءَ ۾ سو مون سَنباهِيو (۲)
سَرو پائي دارونءَ ۾ چَڪِين جي هيڪارَ
سَگهو ٿِنِين ساعَتَ ۾ سَجِيَ سَپِ جَمارَ
دارو پائي تَنہِ ۾ هَلاياءِ سَرو
آؤُن چوُندو بابي کي جَهِين هَتِ دِرو
اَبوُشَحَمَ هَڪَلِئو پِيجي دِروزُ ٿيو

(۱) هُرِيو ٿي = هليو ٿي. (۲) دارُونءَ = دوار

اڳيان وَجي آبوءَ کي وَسوَسو پيو
گهَرُ پُڇائي گهوٽيو پيهي تَتَ ويو
پياريهم دريُ سو جيڪو تو ڇَيو
سَرو پائي دارُونءَ ۾ ڏِنائِس جَهِ وارَ
اَبوُشحمُ ڪيو ٿيو نہ تَهِ سُڌِ نہ سارَ
... ...هي بُجهي گهوٽيو وِهاريوءِ ۾ باغُ
جَتِ ڳجورين پِڪيوُن ميوا آت ... ... (١)
جَهين جو باغُ هوءُ تَہَ هيڪڙي ڏيِيَ
پاٽِي ڏِيئي باغ کي ويٺي رکي اِيِيَ
پاٽي ڏِيئي باغ کي رکي باغُ ڏِياسِ
نہ تَہِ اوڏو پياءُ کو نہ اوڏي ماياسِ
سُتي هُئي نِندرَ ۾ سوُنهاري صورَتَ
اَبوُشحمُ ڪيو ٿيو وِجَهڻَ لَڳس هَٿَ
نِينگرِ آبوءَ کي چَيو ... سَهمِ ٿيوءِ
عُمَرُ عادِلُ بادِشاهُ مَرَ تسان ماريندوءِ
نِينگَر آبوءَ کي چَيو اَللهُ نہ فَرماءِ
مَتان تو دِرا هٿي سُٽي ڳالِ پياءِ (٢)
تَهِيا پوءِ آبوءَ کي لَهي ڪيپُ ويو
پيرين پوءِ نِينگرِ کي دِرَماندو ٿيو

---

(١) اصل جَجوري (٢) پياءِ = تنهنجو پيءُ

هي گناهہ بخشيڻ جي مون وس هوءِ
تہ آءٌ گناهہ بخشيڻ جي بخشي راءِ
ايراضو الله جو ويو وهي وچاءِ (١)
ارهو ٿي اوتاڪ ڏونهہ روندو رت ويو
مرهہ مگيائيين ڏٺي ڪاءِ مناجات ميو
ارهو ٿي اوتاڪ ڏونهہ پيو پشيمانُ
ڏينهين روزا رکي راتين پڙهي قرآنُ
........... لکيءِ هئي سان پالڪ
حمل تيئس پيٽ ۾ وڏي وڃهي نہ وڪ
پوري پُني ماهئين پڏرا پيس تياس
ڪنو هڪلي ۽ جرلي اُبي پلسي ماس (٢)
جيني هئي ڪم ڪيو آها سال وري
عُمرُ عادل بادشاهُ نبو تہ گري
اساهجي باغ ۾ ايڏا ڪم ڪري
سو نہ چڏيان جيئندو ... عُمر اوري
سو ڪي سلان گهوتيو جيني ڪم ڪيو
ارهوني اوتاڪ ڏوهُ روندو رت ويو
سو ڪي سلان گهوتيو ... عُمر جو وياءِ
ڪيهي تي ڪمُ ٿيو ابوشحمَ هٿاءِ

---

(١) ايراضو = ارادو، آمر (٢) اصل ائين

نِينگرُ پائي ٿارَ ۾ سَنيُوڙِيو گَهراءُ
ڦُلُ مالَڻِ جي هَٿَ ۾ آيو عُمرَ اڳياءُ
پَلو عُمرَ مومنين پَلو عَدُلُ ڪِيوءِ
پائي آندو ٿارَ ۾ هِيُ سَڳو پوٽروءِ
تو چَيو سو مُون سُوءُ جِيئن پِيو نہ سُٽي ڪوءِ
تو پاهِجيَ ڏِيءُ وَجِي ڪہ اَبُوشحمُ ڏِنوءِ
پَلوءُ عُمرَ مومنين پَلا عَدُلَ سَنداءِ
ڳُجهائِي ڪاتَرَ هَٿِي ڳُجها نِبيرياءِ
ڏَمرِؤُ پَلُ مومنا فَتِحَ سَدُ ڪري
اَبوُشحمُ ڪُتابَ ۾ ڪو مُون ڪوني ڏي
اَبوشحمُ ڪُتابَ ۾ وِٺو پَڙهي قُرآنُ
ڪيرُ چُوندو تہِ ڪي ڪَہِ ايڏو فرمانُ
وَرِي چَياءِ فَتِحَ ڪي ڏَمَرجي ڏوني
اُتِي اَبوُشحمَ جو تو بابوءِ ڪوني
اَبُو چوءِ حَسَنَ ڪي آها آيَتِ قُرانُ
پُٽِ بابي ڪونايو آيوسُون فرمانُ
حَسَنَ قُرانُ اُپَٽِيو آهَرَ ڏَٽِيَ حمدَ
اڪَرُ خَطا نہ ٿِيئي لِکِئو تو......
دِري پَنجاهِي لَڳندِي اُيِؤن آءِ اِيَ حَدَ
حُورُون سَدَ ڪَرِينِ توءِ سامه.........

عَلِي آهيري وِيو طَلحَہُ ۽ زُبيرُ
اِنَ رءِ اَبُوشحمَ تسوءِ شَقَعَ کندو کيرُ
پاهين پُڇِي گهوتِيو کَڏِؤ کُتاباءُ
رَحِل پڙهَندا جي هُوئا وِسرِيَنِ حَرف مُهاءُ
موکلائي يارَنِ کاءُ نگوءُ اَبوُشحَمُ
بابو پَسِي پاهِجو کيائيين معلومُ
پُٽرُ مُهجو کونجين هيڏا کَمَ کَرِينيَ
سؤ دِري واجبُ تِيو ڏِيئي پُرسَ هِينيَ (۱)
نہ مُون کا چوري کِئي نہ مون کاٿرُ هَئوءُ
هَت بُجهِي شَيطانَ هِيُ مُون سين مکرُ کِئوءُ
شيطانَ جو چَيو کري هيڏا ظلم کَرِيَ
سَوءُ دِري واجبُ ٿِيو ڏيئي پُرسَ هِيِيَ
حُکمُ تِيو فَتحَ کي اُٿي تون هَٿِهِس
روءِ رعايَت تيتَرِي مَتان کا کَرِيهِس
اِي مُهجي ماءُ پُٽر، آؤن کِيَ وِجَهِس هَٿَ
اُتِياريءِ نہ کو بِئو وِيئين جَهِين پَتَ
جيکي چان بِٿَنِ کي کَنِ رِعايَتَ کاءِ
هائي دوزخَ ڏاکَڙو دِرجان تِينِي دَراءِ
دِرو فَتِحَ هَٿِ کَيو ڏُمَرَبو تسَهِ وارَ

---
(۱) اصل ائين

آبُ اَرَتـي اوتيو نيـٺين چِنا نارَ
چاڙهي هُن دِرِ سين ڪُلها ٻيئو ڏرناس (١)
تان ڏروڙندي آئي روُندي مائڙياسِ
پَلو عُمرَ مؤمنين مَ ماراءِ پُٽرُومِ
ڏِيَئي مالُ چَڏاءِ ڏوهُ مَرِهَڻَ هارُ ڏٺيومِ
تُهان پيارو پُٽرُ مون پَرَ شرعَ صَحيُ ڪندوسِ
اَمرُ ۾ اللهَ جي رُوءِ رَضا نه رکَندوسِ
پَنجاهَنِ دِرِن سين پاڻي مَگيائين
بابا جي پيارين مون تُسي تو سائين
....... پاڻيَ ڏِڪڙو بابا مون ڏيارِ
اَندرُ اُڄَ اساٽَر تان تَنُ ٿِئي قرارِ
پُٽَر دُنيائي پاڻيَ جو هاڻي تَعلقُ لاهِ
جِلوءُ جَنَهرَ ۾ نِتُ پيندو آهِ
دُنيائي پاڻيَ جو تَعلقُ لاٿائين
جيڪا رضا ربَ مَٿي مَڃيائين
پنجاهَنِ دِرِن ....... ڪِنُسِ روحَ وداعُ
پنجاهَ لَڳُسِ جيٿَري پَنجاهَ مُئي پُواءُ
رُوئڻ گَڏ ڪُتابِيا مِهتِ دَرَ اڳياءُ
ماٺِسُ جَرُ هارِيو پِٽُسِ گهَٽو تَهياءُ

(١) ڪلها ٻيو = ٻئي ڪلها

آچـــي اَبوُشَــحَـم كي خُورون ڏِكيُون
شَـربَتَ ڪَـٽـورا هَـٽِ ڪَـٽِي آچِي اُپِنيُون
هِــنَ هيلوٽـي جَـڳَ ۾ ڪونهي عُمَرَ سيـاءُ
پِيهـِروُ جَــه پِيءُ مارِيو تـاٿِين پوءِ وِياءُ
پِيءُ ڪَيـائِـين دِينَ لِڳي، پُٽرُ مارِياءِ زِناءُ
ســَـڪـر ۾ ... ...... ... لِـڏئوءُ تہ توڙاءُ
وَجِــو تہ ايـمانَ سيـن ڪلمو چوءِ مُهـاء
لا اِلٰـه الاالله مـحـمــدُ رسـول الله۔

---

# [عام مطالعو: نبين جي تاريخ ۽ قصا]

بُڌُو وَسِيلو جهڙين ڪيو مُلڪ مُقرب جن پئه سين سهڪار ابليس بلي
جهڙي پيه مثال ڏهر جي اِقرايه فرمان ڏجهين سين وتهڙي [illegible]
محمد عند آدم تيو ائي سنڌ هر ويا ڏيڻ دعا قبول ڪر ڏٺو ديه محمد جا

[illegible] محمد دما [illegible] سو سيپي سيوري جي ڪنهن [illegible]
آدم ڏنوح محمد سيپيا وڃا ڏهلت تن ڪڍيا به سهس سو [illegible] ڏهڪ
نوح جا ابراهيم سين مدد ڪري جا به سهس باري تال [illegible]
ابراهيم ڏموسي سين وهي ڪڍيا جي بڇ سنو اڏ بڇ هيت [illegible]
موسا جي داؤد ڏسين ڪڍيا وڃا ڏبڇ ست هيتر وهيڏ هيڪڙي [illegible]
داؤد ڏعيسي سين وهي ڪڍيا جي سهسي تري سنو سيا ڏ [illegible]
عيسيا ڏمحمد سين [illegible] بن جسو سنڌ وهيڏ [illegible]
محمد ڏهجرة سين تيره وهي تيا مرياڻي ست سهس بڇ سو [illegible]

[illegible] مناسب سو سنو ويو ليت [illegible]

الله هيڪ ڏئي ثاڻه بيو تاري لا اله الا الله هو يحيي و يميت [illegible]
بر سو باقي ڏئي مي هو ڏجي هو فلو ڪان في الدنيا نبيا لسابق لڪان رسول الله
[illegible] اتبع زهو [illegible] توبه ڏري بن تي سچي ڪري جتا

[٣٦]

(حضرت آدم کان حضرت محمد صلعم
تائين نبين جي درميان مدت)

تاريخُون هيِ آدماءُ ٽيُون مُحمّدُ سين
مُون سي سنڌيَ ۾ ڪيئون لِڏو ڏناء جين
آدَماءُ نُوحَ نَبِيَ سين وِچاءُ مُهلتَ تن
گُذَريا ٻَه سَهسَ ٻَه سَوءُ ٻائيتالَ ورَهيَن
نُوحاءُ اِبراهيمَ سين مُندَ گُذَرِئِي جا
ٻَه سَهسَ ٻائيتالُ سَوُ وِچين واري ٽِيا
اِبراهيماءُ مُوسي سين وَرَهي گُذَريا جين
پَنجَ سَوءُ ۽ پَنجهَتِ پُورا هوُئا تين
مُوسيٰءُ جي داوُد سين گُذَريا وِچاءُ
پَنجَ سَوءُ سَتَهَترَ وَرهِيَهَ هيڪَڙي سين پِياءُ
داوُداءُ عيسي سين وَرهي گُذريا جي
سهس ٽري سؤُ ساڍا پُورا هُوئا سي
عيسيٰءُ مُحمدَ سين مُندَ وچ ۾ ٻِنِ
ڇَه سَؤُ سَتَرِ ورِهيَه وِچ گُذرئي اِنِ
مُحمداءُ هِجرَةَ سين ٽِريه وَرِهي ٽِيا
مِڙِيائِي سَتَ سَهسَ پَنجَ سَؤُ ساڍاءُ وَرَهي گُذريا.

لا اِلـه اِلا الله محمد رسول الله

## [٣٧]

## مصيبت نامر پيغمبران

بسمر الله الرحمٰن الرحيم

كَرِ ساراهَ سُلطانَ جي وِنو وِري تارَ
دِرجِجي دَرپِ گهـَٽي قادِرَ پَئي قهـارَ
ڏاڍا ڏِيئي ڏاڪَڙا پِرتِ پَرکـي پارَ
نـايـائين كيٰ نَبِيَهَ اُهـڪـاهِيوُن اَپار
"اَنّ اَشدُّ البَلاعَلي الاَنبياء" سُڻِ كا تِيا پَچارَ (١)
اگهين آدَمَ كـي خَلِيفـو چَيـاء
"اِني جاعِل في الارض خَليفَه" پوءِ پُيدا .كيـاء
اُپائي سي ايترو‌ءُ آسَڻَ كِيـائـيـنِ (٢)
سَپِ سَجِدا كوڙِهو، مَلكين چَيائين
پِري پِهَاري جَـنَّـتـي مَٿي تاجَ بَنڌاء (٣)
"فكلا مِن حيث شِئتما" اُءِ اِنعامَ كيِاءِ
جَهِـيـن سـيـن پِـرِيَـتَـٿـو اِهـو كِـيائـين
هـَٽان پِيئيَ هيـكَڙيَ تَهِ نه كَنيائين
تـان ئِي پوءِ هابِيلَ سين سُڻِ جو كَمُ كِياءِ
مَـٿـي مِر مُرسَـلَ جـي حَـجَرُ هَٽاياءِ
هُـوءِ مـاءُ پِئُه گِـرَي سِرِيَ سُوَلَهُ وَٽُ
تـنـهِ مَـٿي ... جو كـيَ رَهـائي هـَٽُ
نه ويـسـارو تَنِهِ مِر نه كـو ڏوهُ كِـياءِ

(١) تن جي كا پچار سُڻَ (٢) اصل اٿين (٣) پِهاري = پَهرائي

هَتان دوسُ دُشمَنيِي مارائي وِڏاءِ
يُونسُ مَڇيَ پيٽَ ۾ وِڏوءِ ڪَنهِ ويٺاءُ
ڦوڙائي سين سَڄٽين ڳِنهي مالُ وياءُ
جَهين سين پريتٽو هُوءُ هوءَ سَندوءِ
بڄهيءَ ماهيَ پيٽَ ۾ ڪِهين ڏوهُ وِڏوءِ (١)
نُو سَوَ ورَهين نوحَ کي ڏنائين ڪتابُ
جَهين جو ڇَيو ڪري اَيَان وِڏاءِ آبُ
ڦاتِي اَيُ آڏَ تِيو سَندي جَهِ ڳالهاءِ
بِيءَ ڦوڙائي پُٽرَ سين بِسيءَ وِڏاءِ بِيَڙاءِ (٢)
نُو سَوَ وَرِهين تُنهجا پاريا جَهِ فَرمانَ
ڪِهين ڏوهه ڪَيِي ڪري وِڏوءِ ۾ طوفانَ
خِلافَتَ خَلِيلَ کي ڏيئي ڪارايِيءَ ڪارِ
آسانهِجو قِبلو اِبراهيمَ سَنوارِ
عالَمَ وِچانئي ڪَٽِي هيءُ جو دوسُ ڪِيوءِ
سوئي هَتِ دُشمَنين بُجهيِ ڪري ڏنوءِ
پانهجَنِ پرِيَنِ سَين اِيَهين ڪاريٿيَ
ڪِهو ڏوهُ خليلَ ۾ چائي چاڙهوءُ چيِيَ
جيڪي اُڙهو اَيُوبَ کي ڪيهي خَبَرَ لوڪَ
پِريان سَندي تيري ڪري ڪيءِ مَنجهِي جهوڪَ (٣)

---

(١) اصل. بُجَيِءُ (٢) بيڙاء = زال، عورت (٣) اصل اٿين

آڳهُ اَجهو جَنِ ۾ آهان پُوئـاءِ آهَ
جُو سي مارِيهِ سُپرين ڪيرُ سُڻيندو دانهَ
پرِيَتَڻو پِرِيَنِ سين سِڪو ڏَڪَرِياءُ
جيَنِي پاڻ نہ ڇوروءُ پُوندي ڪَرڻَ وِچاءُ
ڳهاءِ لڳندي ڳهَڻَ ۾ جيڪي تَنُ ڇورِؤءِ
اسان سين پريَتڻو تہ ڪَرِ ڪالَ ڇِنوءِ
مَ ڄُڙُ مَڃي ماٺِ ڪَرِ، سَنهُ جيڪي ڪَرِيُوهُ
جَهِ ڪي پاڻَ پَرِنيوءِ سو تو سين ڇِيرِبُوءِ
هَيَل هـَتا ...... ڪاني ڪيهي ڏوهِ (۱)
ڪُنوءِ ڪَڏِهين متان سَڄڻين اِيَ نہ ڪارين ڪوهِ
پِرين پانهجا ڪَڏِهي دَسئو دوسَ ڪُسَنِ
"نُودو" چوءِ نِيهُ جَنِ سين سي سالِڪَ سيسنگارِجَنِ
ڏُکين جو يعقوبَ کي ڇَکايائين چاڳُ
رُنا جَهِ رَتَ ڦُڙا پَسِي پُٽَر فِراقُ
پُٽَر پِيءُ کي پاڻَ ۾ ڦوڙاوءُ ڏِناءِ
پائين هَتان ياءُ کي ٻُجهَيءِ کُوهِ وِڌاءِ
يُوسِفُ ٻُجَهيءِ کوهَ ۾ وِجهايائي پاڻِ
هيڪَلو ۽ ڳايُرُو پائين وِڌو تـَرانِ
هُنوِ کوهُ اَنُجَهڙو اُونهو اُونداهوءُ

(۱) اصل ائين

خوفَ سَبيشي ۾ تهين، وينَر ڦوڙاوءُ
سُڻِ جا سُليمانَ سين تائي پوءِ كياءِ
مسلاءُ دوسَ مُلكَ جي مُندِري ڳنهاياءِ
مُصيبتَ مُلكَ جي ڦوڙاوءُ بلقيسَ
راجَ وَجَندي روحَ ۾ مورِ نہ آنداءِ ريسَ
وِهڻُ وِلها ڏينهڙا گوندَرِ گهَٽِ سَناءِ
پريَتَنو پريَ سين مُورِ نہ ڦوڙاياءِ
متي منجها ........ سَپَ سِكيج
كارَڻِ پَهڻَ پريَنِ سين كبو ڏاڍُ پَسيج
هنيڙا پَنڌِ نہ پچيئن حَبيبَنؤن هاڻِ
ڏنڌَ محمد مصطفيٰ پجاياءين پاڻِ
نَكو ڏوهَ رَسُولَ ۾ .... وَري خطا كاءِ
ويسارو پريَنِ ڏونهُ نِجَيو تا نہ جُڳاءِ
. . . . . . . پرين حَبيبَن حبيب
”نُودو“ چوءِ نيهُ جَنِ سين ... سي كونيو كُهي قريبَ
اوڏني سين ايهيُون ... سَچَڻ چاهُ كَرينِ
تہ وِهَ وانُورا سَپرين جَا نَلائي ڏينِ (١)
بندي كُچڻُ ناهِ كي جُہ سي ڏَني فرمائينِ
ويندا سي ايمان سين جي كلمو پاك پڙهين
لا اِله الاالله محمد رسول الله

---

(١) اصل اٿيو

[۳۸]

## قصو مهتر يوسف عليہ السلام

بسم الله الرحمٰن الرحيم

واكــائـيـہُ وَڏو ڏَٺـي هـتُـوَ هــيـكُ اللهُ
سَــبِ اُپــائـي انــگـڙا جَمـعُ جہِ كـيـاهُ
هَـنڌَ كَرنـگـهـرَ كـيـسَ گِرُ رَتُ رگُـون ۽ ماهُ (۱)
صُوَرتُون راسِ كري، جِيـنـي ڏِنـو سـاهُ
تہِ سَـنـدي فـرمـانَ ۾ اَچي وَجـي پـسـاهُ
تــوڙي تـرَ جيـتِرو جَنہِ نہ وِســارِيـاهُ
اُپـائـي نـرَ ماديُون جِيـنِـي جـوڙيـاهُ
داتـا ڏيـئـي ڏُنـيَ ۾ رَهِي جيـسِ رَهِيـاهُ
ڏِيهين پُني پاهِـنـجـي سـگـها نِـكَرنـداهُ
وَرہُ زمـانـا كـيـتـرَا تِـتـهِـيـن رَهـنـداهُ
پُون ۾ گهَـٽِي بِنـوبُـر پـيءُ پـٽَرَ ويـنـداهُ (۲)
لَـكِي صُـورَ سـڏِتي پَـيدا تـيـن تِـيـنداهُ
صِـراطَ ۽ مِـيـزانَ سـرِ هـيـكـائـي......
جيـن جَنـي كـي لِكـئـو صـحِـي ســو اِسـارِيـنـداهُ
كَمائي جيُون پَاڻِ جـي جيـئيُون سـجي پَرنـداهُ
مُسـلـمانَ جيـن مَـرَتُون تہ وَڏا كـاج كـنـداهُ

---

(۱) اصل اٿين (۲) اصل اٿين

خُوشيُون جَنَهرَنِ ۾ جانڪيتان پَسَنداهُ
دِرچو تَنهِ .............. پَرِ جتهين جُهرَنداهُ (١)
ساراهيو سَچو ڏَٺي ..........................
.................. اَيمَنَ ۾ سَيُ سَچو ڳالهاءُ
دِرچي جَني مَجيو تَنِ نہ هُوندو دِراءُ
وَجو تَه اِيمانَ سين ڪَلمو چَيو مُهاءُ
لااِلٰـه اِلااللهُ مُحَمدُ الرسول اللهَ
................ پَسي جَہ مُڪاءِ رَبُ جَليلَ
لِڌا ڪتابَنِ ۾ آندا جَبرئيلَ
توسين چَڱي مُصَطفيٰ قِصَہ ڪَريندا سُونءُ
پِيءُ پُٽرَ سين جا ٿِئي خَبَرَ ڏيندا سُون
جِهويءَ ........ مُرِسَنِ ۽ يُوسُفُ سُونهارو
...........................................
حَسَنُ ۽ حُسين سين واڪو تَيئُہ وري
جين يَعقُوبَ نِهاريو آهِرو مُنہ ڏَري (٢)
پَريا ڏَئِييءَ پانِ جا رُناءِ ڳُلَ پَري
تِنِ چِيائين چِتَ ۾ جي مُون ٿِئي وِياءُ
تہ فَقيرَ چَڪايانِ ڪوٺي پانَ ڳَراءُ
تان مُون پُٽَر نَہ پاتروءُ گَهٽِنِ گهٽا وِيا

---

(١) ورق زبون، اصل جُرَداهَ (٢) آهرو = آئينو

(۱) لَنہ پانہِجي راڄئي قادِرَ ڪَمَ ڪِيَا
يَعقُوبَ نَبِي تَڏهِين چَہ گهَرَ جي هُوئاسِ
جَتِيا ٻہ ٻہ سَيِڪهِين ٻارهُ پُٽَر تيِاسِ
جَتِيا مِاء هيڪڙي يُوسُفُ ۽ يامِينُ
(۲) ٻارَهِني يانُنِ ۾ پوء هُوئا چِينُ
ٻارَهِني پانُنِ ۾ يُوسُفُ جوڙُ نہ ڪوء
يَعقُوبَ گهٽو سنُهاء سو سَچو صِديقوء
يعقوب پوء سَڏ ڪَري ميڙايا فَقِيرَ
رَڌا ڪينُ رَڃَنِ ۾ ڪوٺايا اَمِيرَ
....................................... مَتَان تَنِ
تان تہ ميڙي ۾ تَنان ٻہ فَقِيرَ وِڙهنِ
....................... اَچي ڳاٺُر ڪَٽِي
(۳) جِيَن ڪَرِهجي پانَ ۾ نہ فَرماء ڏَٺي
هِيجي نَبِيَنِ گهرِ اَچِي ڪاجي ڪِينُ
جِيَن ڪَرِهجي پانَ ۾ اِيہ نہ چَڱو وِينُ
پُڇي فَقِيرَن ڪي تہ ڏهاري ڪِيرُ
اَڳهي ڪَہ ڪيو ڪَرِهنَ سَندو قِيرُ
چَياؤن يعقُوبَ کي سَيان پُڇوسوء
جَنہ لِڳا رَتُ وَهي.................

(۱) اصل رَء = لَنہ (۲) چِينُ = چِمر (۳) ڪرهجي = ڪرہ ڪجي، جهيڙو ڪجي

جَنهِ وبسرَ اُٿي پاڻَ ۾ وڙهيا ٻئي فقيرَ
پوئِتم پاتا ڪپڙا ۽ پهري نڪهيرَ
ڳچيَ ڳِنهي .............................. تنِتِ
ٻُڪَ مرندو نِگوءُ نَڪِ وهَندي رَتِ
......... آزيون ۽ وينتيونءُ سچا رَب سٽيين
اُپيي آؤن ڪَڏهِؤ ڳچيَ ڏيسئسي هَٿُ
يا رَبَ تِيءَ سِڪاءِ سو ڪَهي ...............
اُپيي آؤن ڪَڏهِؤ رُوندوءُ رڙي ڪيڻَ
يا رَبَ تِيءَ سِڪاءِ سو ڪَهين سُهِندي سيڻَ
ڏِسي ڪتابن ۾ لِڌو ڳالاوسِ
ڦوڙاوُ يُوسُفَ سين اِنهي وينَ ٿيوسِ.
پڻ آٿي تَفسيرَ ۾ اِيهين لِڪُٿهَارُ
تَڏِهِ هُيءَ هاجُرَ جا تَسهِ تَنِ لَڳي پارُ.
بانِهيَ اُٿي ڪوٺِئو يَعقوبَ نَبيَ پاڻِ
تَهِ تَنِ هُوءِ ڪوٺِيو وِڪِيائي سو ٿَراڻِ
ڦوڙائيندي پُٽَر سي بانِهيَ ڪِئي دُعا
جِيتَرا تُون مارِيسيءُ ۽ جِيارِيءَ مُوئا.
ڦوڙاياءِ وِيا سي مُون ڪي جِيئَهِين
پاڻَ سُهِندِيَ وَتُ ڪي سِڪي تِيَهِين
سَڏُ سُوڻائِين هيڪَڙو رُوندِيَ وِٽَجَ وَٽي

سي قرَ ڪاڏا ماڙوئين سَهسين جي مِڙيا
مونکي سَڀِ ويرَ تهِ نَئي سلامَ ڪيا.
أيرَنِدي پاهاءُ جو گهٽو سو ڏونڏارُ
سو مون سُڪٽوءِ پانيو بابا ڪرِ ويچارُ.
پِين ڏارين وَٽُ هيڪڙو سُنهٽي مَنجهہ ڏِنوءِ
سُڪو ڏيلُ ڏِنو مُون هَريو تَہِ جو هوءِ.
تَہِ ۾ توري ڪِ گهٽي ڦورائي ويندوه
مُون هيڙي آر بي پاٽِهي آويندوه.
............ مُهِي جَہِ ويرَ وِچيڙندوهِ
وَري نہ جاٽا ڪَڏهِي لِڏيَ تسي مِڙنندوه.
..............اَبَلِ تونَ پائُنِ مَ گرهيجِ
تاپُڻ گهٽو ريسارُئا.......................
..............ڏِنوءُ ڏِرجِي رڪَي يارُ
ويڙهي وَهِي وِچ ڪوءُ ......................
"اِنَ الشيّطانَ لِلانسانِ عَدُو مُبِينَ" لِڏو ايہُ فرمانَ.
جان تيهَين پاڻَ ۾ مِڙيا ڪَنِ پَچارَ
تان عَورَتين پُڇِيا ڳالڙهيرا تہ وارَ (٢)
عَورَتين أجاڙيا پائُرَ ويئيءِ سَنداسِ
ڦوڙائيندا پاڻَ ۾ يُوسُفُ اَبلُ پسياسِ

(٢) اصل ڪاليلا ٿهوارَ. ورق زبون. ڳالهہ سَٽايان سَيُ ... پُوريَ پائين سين ڪيان ڳالي ڪج ڪر سَيَ

مِڙهِ ڪِيائون ياءُ ڪي پِيا سي سوچاءَ
.......... اِنَ، پَر ڏِيهُ سو گُذَرِ..........
..............ڪڏهين اسان هِهڙيءِ هارِ (۱)
يوسف ۽ يامين رهَ بابي بي نہ ڪارِ
پائُنِ پُلي پاڻ ۾ مِڙيءِ ڪِياءُنس ڪوڙُ
ڪُوڙ هَٿِي ڪِنُهُس هيڪڙو جو دِل پائي دوسُ
جو سَپنيائين سپرين جُہ سو وِڇڙيوسِ
..........ماڏاهُ ٿيئي هاوِي هيو سندوس.
جيڪي ڪو هجي ڪيهِي وقت نِيهَس ڏُور
يوسف سَهَهُ نہ سَنَرو هاٿي پيءُ حُضور
.هي جا نِبِر نگيء بدلو زاست آسار
چيائون يعقوب کي پٹ پُڇڻ هار
اسين آهيڙو مَٿي ويندا وڏي وار.
آهيڙي کي اگِري اسان تي اُڪير
يوسف ڏيهو پاڻ سين سوره جت سڏير.
يوسف ڏيهو پاڻ سين سُرها سي تياه
سِگهائي سِر ڪري وهلا وري اچاه.
تان يعقوب دانہ کني ڪنبيو سٽي ڳال
آئين وڏا هي نڌيڙو هوندو ڪهين حال.
آئين وڏا هي نڌيڙو مر هتهين هوء

مَنائِي سين ڪنَهِين پڪارئو ڪوءِ
اسان هوندي اُن کي مِرُو ماريندا ڪيءِ
ياءَ پانهجو پاڻ سين اسين نيندا سِنِيءَ
هن وير هاڻي اُسَهو صباح اچيجاه
يوسف نيٺي پاڻ سين ڪِهو ڪاج ڪنداه
اُٺلي گَهر آئِيا پاڻو آڻي ماڳ
وري صباحَ نڱيا ................ وهاڳ
ابيننا اَدب ۾ سبي سونهاري..............
چيائون يعقوب کي ....................
يوسف آءِ يعقوب جو سر سٺايو جَنِ
ڪني چيو ڏاهِ ساڳي عورت چوَنِ
ڪني چيو ڏاهِ ساڳي سليو ٻيَڙ چَي.
سڄِ اُلَٽي پاڻَ ۾ پَڪاؤن پَريانُ
ڏِيندا يَعقوبَ کي .... تيرِ ڪَمانُ.
راتِ وِهاڻي اُٿِيا اُبِينا پِيُ پارِ
سَپي آچي جا ڪِئي پارَ ڪِنَنِ نِهارِ
چَياؤن يَعَقُوبَ کي سُڻِ بابا پَرِيانُ
يوُسُفُ ڏيهو مَگوءِ جَ آچي آسان سانُ.
جان پُٽڙين پَچارئو يَعقُوبَ چَيو تانهَ
ڦوڙائيندي پُٽَر سين مُون تَنَ آچي دانهَ.

تان جي سَچو ٿئي جو مُون لڌو خوابُ
حالُ مُنهجو ٿيندو يوسُفَ رهُ خرابُ
پيءُ پُڇياؤُن پاهنجو سُهڻو ڪيَ لڌوءِ
جان ڪَر ٻَڪِهياڙي مِصري يُوسُفَ ڪي ڪاڏوءِ
بابا آسين پُٽَر تو يُوسُفُ آسان پاءِ
آسِنهي يُوسُفَ ڪي هَٿين ڪٺندا چاءِ.
ڪَري تماشو ويڙهه ۾ ٻَڪَريُون چاري
اچِيندا سُون تو ڳَري آهيڙو ڪاري.
آسِيهي يوُسُفَ ڪي ڏيڪاريندا ڏيهُ
وَري سِڪهائي تو ڳري ايندا سُون ايهُ
يَعقُوبَ چَيو ويرَ تهِ تان مُون هِنيو نه ڏي
ڦوڙائيندي پُٽَر سين مُون تَن.......
وبِڻُ ڪارو يُوسُفَ سين مَتان ڪو ڪَربهُ
گُرڪ وِلاڙي ويڳَ م ڪائي...........
چَيائُون يَعقُوبَ ڪي آسان پيءُ ڪيرَ
مارِيهَن مُهتَ ۾ تسوڙي سوڙهي.....
ڪا ڪيٿهين سُجهَئي اسان جيهي ڪيرَ
پسي هَٿَ پَٽَرِن جاجي سا نه سَرِيرَ
تنه ويرَ يعقُوبَ مَجيوءُ ڳالهائون وَرِي

هيءَ كياؤن سَڪيَا وَڃي آهُ سَرِي (١)
منڌريڌهي پاڻَ ۾ وَرِي وهاڻيَن رات (٢)
بات ڪيائون هيڪڙي بِئِي وِڏائون وات.
وَهاڻيَ يَعقُوبَ سين أيا ڪَن پَچارَ
آهيڙي جي سُنهَ سين وبنداسون بِهارَ
يعقوبُ چَيو پُٽَرن ڪي آدج ديڪيائُون (٣)
هَن ڪي سڏيندئي پُٽَر تو گَرِ لڱائُون (٤)
هَلايائين يوسف سين ڪيئُ پاڻي تَيارُ
آهي ڪَلهو گهوٽيو جِمَ بُڪجي پارُ.
يوسف پائين هَتَ ۾ ڏِڪِي ڏنائين
مون آن ڪي پَرنيو اِيَهين چَيائين
مون آن ڪي پَرنيو آهي ڪَلهو بار
سَيئي يوسف سين هُئيجاه هشارَ
مون آن ڪي پَرنيو چيو تہ يعقوب
سيئي ڏيندس ڏاڪڙي جي پايائين خوب.
مون الله پَرنيو جي اِيَ چيائين
ڦوڙائو يوسف سين هُوند نہ لڌائين.
موڪَلائي پُٽَرنِ ڪاءُ موٽي آؤ جت
رُوندي ڏِنائين گهَٽو يَوسُفَ پِيَنَ تِت

(١) اصل ائين (٢) اصل مددي دهي (٣) اصل ائين (٤) اصل ائين

پُٽَرا ڪوهُ روئيس ايترو ٻائين ڪي ٻَرنيومُ
مُونهان تون رُوندهِ ڪَلُر بابا جي ..........
جان ڳرهيا هَلي ڪري جَتري منجهه بيرَ
دَنيو آوءِ ڪِينَ تَنهِ درماندو تيو
آزارو آهُون ڪري پِيءُ نہ پَسيهءُ پاسِ
جَنهِ سين ڳَرهي ڏُڪَڙا سَيَّٺي سَنداسِ
............ وَجي وبرَ تَهِ پِيءُ پيرين پيوءُ
وري وِئو وِرِڪَ جو اُبِيٺا تَهِ جهَلَ
ڪريو............... چُمَڻ لَڳُوسِ ڳَلَ
هُوئا تَهِ وِرِڪَ ۾ پَڪَڻَ ٻيا تِتِ
رُنو سَيِّنِي وبرَ تَهِ پِيءُ لڳو چِتِ
روئِي چَيو پَڪَٽِي يُوسُفُ مَ مَوڪَلِ
تَنِ ٻائين ڊِروهُ ڪِيوءِ پُٽَر پاهِجو جهَلِ
پُٽَر منهجا سُپِرين تان مون لَڳُ ڳري
ٻِري اَچِيندهِ ڪَڏهين نہ چاٽا وَري
پُٽَر مُنهَجا سُپِرِين تان مون ڏيج سَهَتَ
جي تون وِچِين نِڱِئو تہ مون گهَٽِي وِرِتَ
يعقوبُ چَيو پُٽَرِن ڪي جيهُو جا سُٺِيهُ
گهوڙو پَلاٽي ڳرِ ۾ يوسُفَ تَهِ چاڙِيهُ
خاصو پَلاٽي ڪَري يُوسُفُ ڪِياٺون سوارُ

ڳاڙهي جهٽ ورِ ٽيو ڏٽي چڙهيا بارُ
..............ٽيا پَنجَ مَهَند پُوٺاءِ
تون سَيِنِي وِچَ ۾ يوسُف چَڙهئي آءِ
يعقوبُ پاڻَ پُٽَرنِ کي پِروُ سيکائي
گهٽو اکِيهِين وبرَ تهِ بانهون ڳرِ لائي
پُٽَر چڙهيو ڳرِ لَڳيو ڦوڙائيندا روُنِ
وِڃُڙَندا وَرهَنِ کي هَنجهڙُئين مُنهُ ڏُونِ
يُوسُفُ کَٽِي هَلِيا سَرَها هِيان ٿِيانِ
موکلائي موٽِيو تَنهِ وبرَ تتِ پِيانِ (١)
جَسهِ وبرَ اُٿي هَلِيا آڳاهان ڳوٺاءِ
پائُرَ جَڏِئي پَلِيُون پُلي اُيا بَهاءِ
چَيائُون يوسُفَ کي اُلهُ تون گهوڙاءِ
کَرِ پيرَهين پَنڌُڙو اَسانهجِيَ آءِ
جو يعقوبَ هَلايو کِينُ پاڻِي لَئي پُٽُر
اُسَ تِرِڪو نه سَهان جِينِ مون پيرَ ڏَريِنهُ
کِهو مون ڏوهُ کِيو مُهَ ڏمَرِينوءِ کِيهُ
ڏمَرِيا يُوسُفَ کي گهَٽو سَراٽِيَ پَتِ
اَسين کانَ وِجاهُ جي وَجُ وِلاڙِسي تَتِ (٢)

---

(١) پِيان = سندن پيءُ (٢) يعني : اسان جيکي کانَ (تير) هٿون ترن اهي ڳولي اچ * حاشيه ۾ عربي عبارت: قائِل منهم تَقتلوا يوسف والقوة في غيابت الجب يلتقته السيارة أنكنتم فاعلين

نَرِهِ نَنڍو گهوٽيو پارَ وَهِ نہ ڪاءِ
ڏمَرِ ڪانَ هَٿَنِ جي تتِ وِلاڙؤُ چاءِ
جيسهي وِڪَنو گهوٽيو روئِي ٽيو نِهَتَ
اَکِيَنئُون جَرُ وَهي ۽ پيرنيئُون رَتَ
روئِي وِڪَنو گهوٽِيو وِيٺو چان وِرِڪَ
ڦُٽا پيرَ رَتُ وَهي پائُرَ رڪو لِڪَ
ڪَهِ ويرَ پائُرِ هيڪڙي وَجي لَتَ هَڙُ
واري پُجي ويرَ تَهِ مَتُ مَنِ ڪِڙ
آسدي بُجِي گَدڙُ ڪينهرِي جُرِياسِ (١)
پُنِيَ ڪلَ وَجِي گُري پاسَا رَتُ ٽِياسِ
ڪجه جي يُوسُفَ سي پَسِي تَنَ پِياسِ
هيَ جا اڳي لِکِئِي وِيرَ سا اُماياسِ
.......... ويرَ تَبَه مُون عذابُ مَ ڏِيسهُ
سَنِي ڏُکَنِي آگِرا مُنه سي.........اِيهُ
........... پُٺُر تُسون پا تِيِنَدہِ ڪَنِ
تُون آن بابي وَلَهو اسان مَنجهه سَيِنِ
ڪُوڙائِي سُهُٺَا لَهِي بابي سين گِرهِيي
ڪِہ تون اسان پاهِجا پائُرَ نَہ پائِئي
ڪِي چُونِ گهوڙِي چاڙهِيءِ ڪي چَونِ گَڏ ڪِيءِ

(١) اصل آئين

پيءُ پَسي يوسف کي پائين اِيَ نيو
جَان پيءُ ڏِٺا پنڌ ۾ تا نہ، هُونِ گَڏ
آکِنيان اَرکِ ويا جاَن هَلِي کَنهِ هَنڌِ
اَکِنيان اَرکِ ٽِيا پيٺا جهَجهي جَهنگِ
ڇَپائون يوسف کي آسان آيَهِ پِنگِ
کُلهي اُتان اُڇلي پِڇاڙيائُسِ پَٽِ
آسانهساءُ اوڏو ٽِيهُ پيءُ پاهجي
گهوڙا سيَر اسائي پاهجا پيءُ کي
ڪارَہ تارا سِجُ چَنڊُر ڪيٽي. سندي سيءُ
ڇَياؤُن وير تَنهِين جيڪي مارِيهُسِ
ناهَٽَ نِيءِ ڪيِتهِين بَرَپوُن وِجاهُسِ
آهي جَهِسُ وَلهُو تَہِ نہ آڃُهُسِ
آسان سين نہ وَري ڪَري مُورو پَساهُيسِ
پِيَئِي بابي وَلَها يُوسُفَ ۽ پاياسِ
پِيا ..... نہ پائي گَهَٽو ٽِيي سُپِرِياسِ
تاءُ پو وکَرُ پِهُون ڪري صالِح سَپ ٽِياءُ (١)
صَدَقا سَنپائي پيءُ سپ .... اِنيَ وَيَاءُ.
پاٺُر ڇَيو هيڪڙي يوسُفَ مَ مارِيہُ
ڪٽي وِجُهِهُسِ کوهَ ۾ مَري مَنجِهي اِيہُ.

---

(١) اصل تيي

جي ڪِ ماڙهو ڪِ مرُو نا هَتَ ڪو بَگهڙوءِ
ڪَڏي نيسِ پَرِ ڪَهِين جِين نہ لَڪي ڪوءِ
وَجو تَہ اِيمانَ سين ڪَلِمون پڙهڪُ چَيوءِ.

لا اِلہ الاّالله محمد رسول الله

سُجَهندو هُؤنِ جو وِيا ڪُوهَرَ ڏارَ
مَنجِهہ وِجهَندا هِنَ مُون رُناٿِين تَهہَ وارَ.
دِريجارَڻَ هُوئاسِ تِين مَٿني نِيڻِي ڪسُوهَ
مَنجِهہ وِجهَندا هِنَ مُون رُناٿِين ہِہ روحَ.
چَياٿون يُوسُفُ ڪي .............لاهِ
آسِين وِيندا ماءِ مَٿي تُون هِتِهِين آهِ.
لاٿائين پِهراٺي دِرجي يسانَ ڳِراءُ
ڏِناٿِين ياڻُنِ ڪي تَرَسِي تَہِ ويراءُ
چَياٿون يوُسُفَ ڪي ڪُوهَرَ مَنجهہ نِهارِ
جان يوسُفُ نِهارِوءُ تان ڪارِي آنڌارِ
............. مَنجِهہ آنڌارو اِيہُ
آوّن دِرجان اِنَ پِسَيءِ مُون ڪَنڌِيَ مارِيہُ
ڪَٿيِ مَنجِهہ وِهارِوءُ ياٿين آٿيِ مَسَ
لوڏي لوئِيَ ہِہ ڏري پَوائُسِ پَهُسَ
لوڏي لوئِيَ ہِہ ڏَري دِريجارَڻَ هُوئاسِ

ڪَٿي وِڏائُسِ ڪوهَ ۾ پيائُن ۾ ناهِ پِياسِ
وَڃي وِسارو ڪوهَ ۾ رَبَ واڪانَ ڪري (١)
اَڪِينِشُون جَسَرُ وَهي رويسو ڳَلَ يَسري
تِتِ نہ پَسي پاڻَ سِين نہ پيءُ ما نہ ياءَ
جي ڪي پَسي وير تہ ڪُوهَرَ سَندي .....
يوُسُفَ ڪي اَندرِ جهَلِئو تِتي جَبرَئيل
ڪِتو آهَرَ جهَلِهو آئِيو رَبَ جَليل
ماڳِ جَهِين ۾ رَسوءُ... وَرِهَه سهَسُ
توڪي پَسي تِيان مون وِڌو پاڻ پَهس
تہ تُن هاٿي ڏارَ تِيُ ڪانگا جَبرَئِيلَ
تان مون پاڻُ پَرنئوءَ سَچِي رَبَ جَليلَ
پيو هوءُ ڪُوهَ ۾ اڳُهِين پَهانُ (٢)
يوُسُفُ تِيني جَهَلوءُ لَڏائِيس نَرمانُ
هَٿِ جِبن تي آيو پَهَنُ پاتاراءُ
جَهلِيائِين يوسف ڪي سنونهاري سَهجاءُ
چَڙهي وينو مٿي تہ سَچو سَچِي ڪانڌِ
هُوءُ پاٿِي ڪُوهَ ۾ اُونهو نيزي پاندِ
سَپَ يَتُونها ڪوهَ ۾ هُنا تہ اَپارَ
پاهِنجي باجهہ ڪري سانَيوءُ تِت ستارَ

---

(١) شايد : وجي وِساٿو. (٢) پهاڻ= پهڻ

.......... هي يوسُفُ کي جاڻ سو ڏِنو راءِ
جيني پيءُ پَرَنيهُ پائُرَ سيڻَ تِياءِ
مُون هِتِ نہ رکيُہِ پاڻا باجهہ کَري
تہ گهٽو ڏُکويُہِ ڏِيلَ ۾ لَڳي کوهَ تَري
....... کِيائِين زاريُون تون مُون رکَٽهارُ
جي هو رَبَ نہ رکيو تہ مُون کِهوءُ وِهارُ
پاهَڻُ مَنجِهہ سوجُهرو سائِنيَ سَپُ کِثوسِ
جيني مَنجِهہ وِجهايو سو واهَرُو تِئُوسِ
يَوسُفَ وِجهِي کُوهَ ۾ وِيا اُتَلِي پاڻِ
چَيائون يعقوبَ سين کوهُ ..........
پيراهَڻُ پَلِيَ کري پيائين کِيونِ هَتُ
بسي ساري بَکرُو رَتاؤن ۾ رَتُ
چارايانون جَهنگَ ۾ جتي گور چَري
سومَهٽِيَ تي ڳوٺَ ۾ پيتا دانه کري
آئِين نہ پَسو جا تِنِي کُوڙَ کيائُون کَتَ
روئِي پيتا ڳوٺَ ۾ مَتي ڏيئي هَتَ
يَعقوبُ نَبِي اُٿِيو تَهِ وير دانهَ سُٽِي
دلِ ۾ دَرمَاندو ٿيو رکي تاءُ ڏَٿي
پُڇهي پاڻَ پُٽَرنِ کي يُوسُفَ کيرِ مُهاڙِ
جَهِين پيرِ اکيئُوءِ ڏَٿيَ سَندِي ماڙِ

پَسان پاڻَ پِرِي جو مُون اکين پَهاڻُ
هِيون مُنهجو پاڻِ سِين نِيو جِندِ جُواڻُ
اُبِيهِي آماجَ ۾ ڪانَ وِڌاسُون جِتِ
يُوسُفَ ڏِيٺي .......... آسِين وِيا تِتِ
وَجِي ڪانَ وِراهُ جِي چُندَڻ هُوئاسُون (۱)
پِيا گُرگَ پَسَهَنُ ۾ ..... تَلا سُون (۲)
پائُرَ سَپِيئي پِريَ مَٺِي مِڙِياسُون
وَرِي سِگهائِي .............. آياسُون
بابا آسِين پاءُ ڪي چَڏي وِيا جِتِ
اسان گهٽو نِهارئو تان نه لَڌو تِتِ
گُرگَ ماري ماگِ جِين کائِي ڪَٺِيُ وِياسِ
ڏِٺاسُون پَتِ پِيا رِيلا رَتَ سَنداسِ
آسان جا اَنَ وِسِهِي نه پَيراهَنُ پَسُون
صَحِيُ گُرگِي مارِوءُ تَنَ ۾ ڪِيمَ تَرسُون
پيراهَنُ پَسِي ڪري يعقوب ڏِنِي آهَ
قوڙاؤ پِرِيَنِ سين جو مون ڪِيو آهَ
جِتي يوسُفُ مارِؤ رِيلا رَتَ سَنداسِ
تان ڪو سِر نِهارِيان پَسان جا پيراسِ
.......... پيٽرو مون هِنيَڙو اُڪيراسِ

---

(۱) اصل اٿين (۲) اصل اٿين

تَه ڪَرَ جاڻي مُون ڏٺي ڏکي جِيءُ ڪيڏاسِ
.......... تِهي گَدِيا ڏَڻَ بُکا بِيراسِ
سا ڪُوڙي ڪِيَ تِنِي لَڌِي جا وِبَراسِ
پَرِنياءِ پُٽَرَن کي جي يوسُفُ بَگهياڙاءُ
ياراءُ سو حِيلو ڪري آيا پيءُ اڳياءُ
يعقوب چَيو وِيرَ تَه ڪِ مُون دعويٰ ڪاءِ
ڦوڙاڦ پريَن سين سَپِي رَبَ سُهاءِ
ڦوڙائي پريَنِ جي ٻاروهيءُ تُر تَرَنِ
تِهي *سَندي ڪوڙ رِي سُوري سَڌَ ٽيٽَنِ
پيراهَنُ مُه ڪري رُوئَنَ هُوءُ پاڻِ
ڳَنڍُ ڪَتُوري جيئن مُئي پِريا سَندي کهاڻ
رُوندِهي يوسُف کي نَبِي جُه نِهَتُ
اکِيَنُوءُ جَرُ وَهي رُوئَنَ هُوءُ رَتُ
رُنائين ريلا ڪري لئي سندي سيٽين
وِوءُ نُورُ نِڌَرِ کِسي ........ رُنو نيٽين
بَگهاڙيَ جِيَ لايو لَئي نِڪُون نيٽين
تَنُ بَنِي جِيَ تاسُئُوءُ سَتَ پيٽي سيٽين
يُوسُف يُوسُف جِيَ ڪَري جَرُ تيسن تَنِ پٽو
سا پَرِ سٽِي بِيءُ جي پيائيسن پَٿُر تَٿو
چَياڙُن يعقوب کي گُرگ سي آٽِيُهُ هاڻ

جيهين يوسف کي ٻُجهي ڪاڏو تراڻ
يَعقُوبَ پُٽرهِ تَڏهي نہ چاتاؤن پاڻ
جڏ بگهياڙ يعقوبَ سين ڳالين ڪندو هاڻ
يعقوب چيو ويرَ تہ سو آئيہ بگهياڙ
جيني ڪاڏو واتَ سين جو مُون اڳي تہاڙ
تہ ويرَ اُتي نِگيا وَجي پينا جَهنگ
نہاربندي ماگِ ڪنہ گُرگ آئسِ پَنگ
ٻُجهي تہ بگهياڙ کي ڏندَ پَڳاؤن تَتِ
ڳچيءَ پائي سنگهرُون آنداؤن پيءَ وَٽ
سو گُرگُ پَسِي ڪري يعقوبَ دانہ ڪيئي
جيهين ٻُچي تو ڪئي تيهين ڪانہ ٻئي
سو مَہ ڪاڏوئين سَپاجهو چوڏهيينءَ چَندراءُ
جَہ سين قُورِئاسي تِسي ووءُ مون هنيَڙاءُ
باجهہ نہ تِيئي نَنڍڙي نہ پيءُ وَڏي..........
جَہ سين قُورِئي تِي ويئي ستَر.........
تان بگهياڙَ يعقوب سين تہ ويرَ ڪيو ڳالاءُ
ماڻُ جو سَندو نَبيَہ آسين ڪيڏ ڪُواءُ
ماڻُ سَندو نَبيَہ نہ سا ڏيندي پسُون
هنَ پاڻِ جي واتَ سين سو ڪيَ ڪاڏو مُون
جاءِ تُنهجي بَکري اوڏو آءِ نہ تيسان

تہ پيغمبر پُٽَر تُنهجو ٻُجهي ڪِيَ ڪِيان
جي مون ڪاڌو وات ڏند سڀ ڇَڏِنِ مان
آخِير زماني ڏَٽي تِيڻِ قَبولَ ڪَچِا
"فقال السلام عليک يا نبي الا انَ مُحرم الانبياء
مُحرمه عـلـينا" آءُ بيزار اناءُ
تبو پُٽرِهِ وِجَ ۾ حُڪمُ ڪَندو راءُ
ڪُوڙيون ڳالهي ڪَنِ جِي تَنِي لَهان ياءُ
